# سھسين ٿيا سارنگ



عنايت بلوچ

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سهسين ٿيا سارنگ

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سهين ٿيا سارنگ

آسٽريليا، نيوزيلنڊ، هانگ ڪانگ ۽ جپان
جو سفرنامو

SHER ALI MAHAR LIBRARY CHANDIA GOTH QASIMABAD SINDH

عنايت بلوچ

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1995ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



# INAYAT BALOCH

## A Genuine Professional & Broadcaster

It was at St. Helena's Cricket Ground in Swan Sea, Wales (U.K) in the year 1983 when Inayat Baloch was first introduced to me. When our Team beat Sri Lanka in our first match in the third Prudential World Cup Cricket, Mr. Inayat Baloch suddenly appeared in our Dressing Room, and askd me to express my views on Radio Microphone for our first success against Sri Lanka. I did offer my comments over Radio Pakistan which not only made Mr. Baloch happy but I too became very happy. After then we kept on meeting in different matches of the Third World Cup.

I was pleased to find Inayat Baloch again amongst us after 9 years when we were together in the 5th World Cup in Australia & New Zealand. Again he gave me a pleasant surprise at Lancaster Park Ground in Christ Church when he came to me to offer my comments over Radio Pakistan after we had won a crucial match against Kiwis. This was New Zealand's first defeat in the field matches. I told Mr. Baloch that I was tired and was not feeling like giving comments but Inayat Baloch would not let me off. He insisted that our whole Nation would be eager to listen to my views for the triumphant victory. So I decided not to disappoint Inayat Baloch and our people in Pakistan. I gave my views over Radio Pakistan which indeed were very well received by a large section of

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

population in our Country as confirmed to me later on by a number of telephones receivd from Pakistan. Again it was 21st March, 1992 when Almighty Allah gave our team the spirit & Courage to win a Semi-Final against heavy odds by beating New Zealand at Eden Park Ground in Auckland. After winning the match, the moment I was thinking of Mr. Inayat Baloch when he suddenly appeared and took me to the Commentary Box from where Radio Pakistan was broadcasting running commentary of the match. I talked to my people in our country over Radio Pakistan.

I really appreciated the spirit, dedication and professional competence of Mr. Inayat Baloch who used to rub shoulders in the unruly mob & managed to reach our Dressing Room for getting our comments. I think this is a job what a broadcaster ought to perform. Inayat Baloch is indeed a Broadcaster in true sense.

Even after winning the final match at Melbourne he managed to reach our Dressing Room but the over-enthusiastic crowd did not allow me to reach the commentary box of Radio Pakistan.

The very fact that Mr. Inayat Baloch is the only Broadcaster in Pakistan to have been nominated twice to manage the running commentary over Radio Pakistan, speaks volumes for his alertness, suitability and professional competence.

I sincerely wish that Inayat's travelogue in Sindhi language would be well received by the lovers of cricket in particular and the public in general.

LAHORE
September 1, 1994.

**IMRAN KHAN**
Ex-Captain,
Pakistan Cricket Team

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



# INAYAT

## *UNBEATABLE PROFESSIONAL & A WONDERFUL COMPANION*

I have the fondest memories of the 1983 World Cup in England. The only disappointment was that Pakistan did not win it! But it was not for want of trying from the commentary box. I have rarely had a trouble-free cricket tour. More often than not my typewriter has packed up midway through it. Even the commentary has been botched up. I have arrived at matches to find that the lines had not been booked. Not so in 1983 and I think the man most responsible for such a smooth tour was our producer Inayat Baloch. Professionally he was unbeatable. He never lost an argument with the BBC engineers. But most of all, he was a wonderful companion and his cheerfulness was infectious.

We travelled throughout England by car and when our spirits were low, there was always Inayat Baloch showing us how incredibly beautiful the English countryside was.

I was to team up with Inayat Baloch again in Fifth World Cup in Australia & New Zealand in 1992; though the circumstances were slighty different. Cricket commentary too had fallen victim to "politics" and there wasn't the same harmony in the commentary box. Inayat Baloch did his best to smooth the ruffled feathers. He could hardly be held responsible for the "conspiracies" hatched at other levels. Still he did his best and we were able to get through the broadcast without any hassle. Still we won the World Cup and that allowed us to forget all difficulties.

I have valued Inayat's friendship. I wish him every luck with his book.

KARACHI
26.12.94

**OMAR KUREISHI.**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



# INAYAT

## *AN EXCELLENT PROFESSIONAL*

I am delighted to have been asked to write these few words for Inayat's book. Inayat is, I believe, the only person who has taken part in covering two World Cups. Needless to say, in his second World Cup assignment he brought to the listeners the joyous news of victory.

A producer's job although unsung and in the background is the most difficult. The nerve-racking half an hour to forty five minutes before the start when they become breathless shouting "Hello, Hello Karachi" in order to make contact, is an excruciating experience. In addition the producer has to cater to the innumerable tantrums, needs and the moods of the Commentators. It goes to Inayat's credit that he managed these problems with Consummate ease.

In both the World Cups, he showed what an excellent professional he was and ensured that inspite of the many difficulties with telephone links etc, the commentary always went through. I enjoyed every moment of the broadcast with him.

Now of cour se he has moved on to the higher echelons of the Radio Pakistan hierarchy and I am sure with his talent and professional abilities he will go even further.

I wish the publication of his book a success, further success in his future career and look forward, may be one day to teaming up with him again to broadcast another World Cup triumph for Pakistan.

HONG KONG
August, 1994

**IFTIKHAR AHMED**
FCA(Eng & Wales).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



# AN AMIABLE SOUL

I am extremly delighted to learn that Mr. Inayat Baloch has written a book on the 1992 cricket World Cup in the Sindhi Language.

Rich in heritage and in diction, the Sindhi language in which Inayat Baloch, himself a scholar, has ventured to write a book on this game will add a new dimension to the game which has been passionately followed by the inhabitants of Sindh.

With his wealth of experience as a journalist and broadcaster and as a Producer of Radio Pakistan on his travels with the teams, Inayat has an indepth knowledge and an insight into the game which he has witnessed from close quarters in the World Cup in England and in Australia and New Zealand and surely his account of events, incidents and anecdotes during a cricket tour with the Pakistan team will be of immense value for the present and future generations of young and old who would like to read and know about the game in their own language.

As a person belonging to his profession, I have known Inayat for long and have always found him one of the most efficient, articulate and an amiable soul, and a professional through and through.

May I wish him all the best with his book and wish those who are able to lay a hand on his book, a happy reading.

Qamar Ahmed

QAMAR AHMED
Nov, 12, 1994

LONDON
Nov 12.1994

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



# عنايت بلوچ

## ٻن ورلڊ ڪپس
## جو ساٿي

پنهنجي هن شوق سبب، منهنجي سڄي زندگي "سفر" ۾ گذري آهي. ڪڏهن انگريزي وارو سفر ۽ ڪڏهن پنهنجي ٻوليءَ وارو سفر.

سڄي دنيا جي ڪرڪيٽ جي ميدانن ۾، منهنجي ملاقاتون اُنهن ماڻهن سان ٿينديون رهيون آهن جيڪي وقت به وقت مون کان ڪرڪيٽ جي غير يقيني راند جي لاهين چاڙهين جو حال احوال پڇندا رهيا آهن. پنهنجي زندگي ۾ جن چند ماڻهن کي مون ويجهو کان ڏٺو ۽ پسند ڪيو آهي، اُنهن ۾ هڪ "عنايت بلوچ" به آهي، پر مان کيس "عنايت ڀائي" ڪري سڏيندو آهيان.

يورپ ۾ ڪرڪيٽ هڪ اهڙي راند آهي جتي ڏسندڙن جو وڏو تعداد ميدان ۾ ايندو آهي، ۽ هڪ وڏو هجوم انهيءَ وقت جمع ٿي ويندو آهي جڏهن مئچ جي پڄاڻي ٿيندي آهي ۽ انهيءَ وقت رانديگرن کي ڪمينٽري باڪس تائين وٺي وڃڻ هڪ ڪارنامي کان گهٽ نه هوندو آهي. هڪ براڊ ڪاسٽر جي حيثيت سان ڀاءُ عنايت کي مون اڪثر بي چين ۽ بي قرار ڏٺو آهي. هو چاهيندو هو ته "عمران"مان يا سليڪشن ڪميٽيءَ جو سربراهه يا ٽيم جو مئنيجر ڪوئي نه ڪوئي هن سان گڏ وڃي ۽ ريڊيو تي اسان جا تاثرات، پاڪستان جي عوام تائين پهچندا رهن.

هي واحد براڊ ڪاسٽر آهي جنهن کي ٻن ورلڊ ڪپس ۾ انهيءَ حالت ۾ مون ڏٺو ۽ اِها به ڏاڍي خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته ٻنهي ورلڊ ڪپس جي مئچن ۾ هن جو ۽ اسانجو ساٿ رهيو. جو ته عنايت بلوچ براڊ ڪاسٽر کان وڌيڪ اسان کي

ڪرڪيٽ ٽيم جو هڪ فرد محسوس ٿيو.

1983ع ۾ انگلنڊ ۾ ٿيون ورلڊ ڪپ هو ۽ اسان سمورين ڪوشش جي باوجود فائنل جي لاءِ، ڪواليفاءِ نہ ڪري سگهياسين.

پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جو ڏک عنايت بلوچ صاحب جي چهري تي صاف نظر اچي رهيو هو ۽ هو بار بار چئي رهيو هو تہ:

"ڪاش! اسين ڪٿي وڃون ها." دل تہ منهجي بہ اهوئي چئي رهي هئي پَر، چَپَ خاموش هئا.

....... ۽ پوءِ آسٽريليا ۽ نيوزيلنڊ ۾ کيڏيل 1992ع جو پنجون ورلڊ ڪپ هڪ هنگاما خيز فائنل جي صورت ۾ پڄاڻيءَ کي پهتو. پاڪستان جي فتح تي گرائونڊ ۾ هڪ شور ۽ هنگامو هو ۽ لڳو ٿي تہ سڄي دنيا هن گرائونڊ ۾ جمع ٿي ويئي آهي. هر طرف پاڪستاني جهنڊا، هزارن جي تعداد ۾ پاڪستاني ۽ مقامي ماڻهو گڏ ٿيل، آتش بازي، تماشو، موسيقي، ماڻهن جي داد ڏيڻ جو گوڙ، لڳو ٿي دل تان چهرن تي اچي ويو آهي. مون کي ماڻهن ڪُلهن تي کڻي ورتو هو، عمران کي بہ ڪُلهن تي کنيو ويو هو، ڪئمرائن جي فليش چمڪي رهي هئي ۽ مون کي ياد نٿو پوي تہ اُهي کهڙا ماڻهو هئا، جن جي هزارن هٿن منهنجي پٺي ٺپي هئي ۽ آٽوگراف لاءِ سوين هٿ اڳتي وڌيل خاص ڪري، ٻارَ ڏاڍا اُتاولا ۽ هر طرف ماڻهن جو هڪ سيلاب ۽ هر طرف ماڻهو ئي ماڻهو، رستو ملڻ مشڪل ۽ "ياءِ عنايت" هو جنهن جو هٿ منهنجي ٻانهن ۾ هو.... "توکي وٺي ٿي ويندس. توکي تاثرات ضرور رڪارڊ ڪرائڻا آهن."

مون ڪڏهن هجوم ڏانهن پئي ڏٺو تہ ڪڏهن وري ٻي وسيءَ مان ياءِ عنايت ڏانهن، پر هُو ڪنهن بہ صورت ۾ فرار جو موقعو ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو. پاڻ ڪيترن ماڻهن سان ٽڪرائيندي Sorry چوندي، Sorry ٻڌندي اڌ ڪلو ميٽر ڪان وڌيڪ فاصلي تي موجود، ڪمينٽري باڪس تائين مون کي وٺي وڃڻ، ياءِ عنايت جو ئي ڪمال هو. پوءِ ڪمينٽري باڪس ۾ پهچي مون کي هوش آيو تہ مان انسانن جي هجوم مان ٻاهر اچي چُڪو آهيان. پوءِ سوال شروع ٿي ويا.... پر هن دفعي سوالن جا جواب ڏيندي منهنجي آواز ۾ اُها خوشي هئي جيڪا منهنجي پوري زندگي جو سرمايو آهي، ۽ جيڪا هميشہ ياد رهندي: هن دفعي منهنجا لفظ هئا تہ: خدا جو شُڪر آهي تہ اسين آخرڪار ڪٽي وياسين! الله تعاليٰ! اسان کي انهيءَ وقت سُرخرو ڪيو جڏهن دنيا، اسان کي حقارت سان ڏسي رهيا هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ياءُ عنايت ۽ مان هڪ ئي انداز سان سوچي رهيا هئاسين.

...... 1983ع جي ڏک جو ازالو 1992ع ۾ ٿيو. شايد 83ع ۾ منهنجي ۽ هنجي ملاقات ان لاءِ ٿي هئي ته جيئن اسين 1992ع ۾ هڪ ٻئي کي واڌايون ڏئي سگهون. سنا ماڻهو هميشه ٻين لاءِ سٺيون خواهشون رکندا آهن. مون کي خبر آهي ته ياءُ عنايت اديب آهي، ۽ هاڻي ڪرڪيٽ جو سفرنامو لکي رهيو آهي. منهنجو انداز ڪجهه ٻيو آهي. مان ادب لکندو ناهيان، مان ڪرڪيٽ کيڏندو آهيان، پر ادب سان. هي سفرنامو هڪ دفعو وري سونهري يادن جي دؤر ۾ وٺي ويو آهي. ”ڪاش! اسين اهڙا هزارين ڪارناما سر انجام ڏيئي سگهون ۽ هزارين دفعا عنايت بلوچ اسان سان گڏ هجي.“ مان هن سفرنامي جي تمام وڏي حصي جو اکين ڏٺو شاهد آهيان. منهنجون سموريون دُعائون ”عنايت ياءُ“ لاءِ، هنجي ڪتاب لاءِ ۽ حيدرآباد جي اُنهن ماڻهن لاءِ جن جا سنهيا مونکي ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ به ملندا رهيا. حيدرآباد سان منهنجو هڪ دلي رشتو آهي،اِ تان ئي منهنجي ابتدا ٿي هئي. الله توهان سڀني کي خوش رکي، ياءُ عنايت! شال توهان سدا سلامت رهو آمين!

جاويد مياندار

ڪراچي
نومبر، 1994ع



# عنايت بلوچ

## هڪ باغ و بهار شخصيت

جناب عنايت بلوچ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اسٽيشن ڊائريڪٽر جي اعليٰ عهدي تي فائز هجڻ سان گڏوگڏ پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن به آهي، ته نهايت ئي باغ و بهار شخصيت جو مالڪ به آهي. مان کيس پيار ۾ سدائين ”سائين بلوچ“ ڪري سڏيندو آهيان. يارن جو يار، دوستن جو دوست، محبت ۽ پيار جا گُل وڏي فراخدليءَ سان نڇاور ڪرڻ وارو، انتهائي درجي جو انصاف پسند ۽ ڳرو انسان آهي.

ڪرڪيٽ سان سندس وابستگي جو هڪڙو منفرد پهلو اِهو به آهي ته پاڻ شايد دُنيا جو اُهو واحد براڊ ڪاسٽر آهي، جنهن ڪرڪيٽ جا ٻه ورلڊ ڪپ، يعني ورلڊ ڪپ 1983ع ۽ ورلڊ ڪپ 1992ع جي ڪوَريج ڪئي آهي. هِن پاسي مون کي اِهو به اعزاز حاصل آهي ته، مون سائينءَ جا ڪيترائي رُوپَ ڏٺا آهن، هر روپ ۾ هو صاف، سهڻو، سچو ۽ کرو انسان نظر آيو آهي ۽ مون سندس هر روپَ جو لطف ماڻيو آهي.

سندس انصاف پسندي ۽ هڪ کري انسان هئڻ جي ناتي سندس هڪ مثال هي آهي:

هڪڙي زماني ۾ جڏهن ريڊيو پاڪستان جي هڪڙي اڳوڻي ڊائريڪٽر جنرل مون تي ڪجهه گهڻي مهرباني ڏيکاريندي، مون تي ڪرڪيٽ ڪمينٽري جا دروازا بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، تڏهن ”سائين بلوچ“ پنهنجي راءِ تي اٽل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بينو رهيو، ۽ بنا ڪنهن هٻڪ جي چيائين تہ پاڻ مونکي سينٽر ڪمينٽيٽر جي حيثيت سان هر قيمت تي اُهوئي مقام ڏيندو جنهن جو مان مستحق آهيان. اتفاق سان ورلڊ ڪپ بابت لکيل پنهنجي ڪتاب ۾ بہ مون سائين عنايت بلوچ جي شخصيت جي ڪيترن ئي دلچسپ پهلوئن بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي، ايستائين جو ڪجهہ دوستن تہ اهو بہ چئي ڏنو تہ منهنجي ڪتاب ۾ بس ٻہ ئي تہ شيون آهن "عمران خان يا عنايت بلوچ".

عنايت صاحب جي هڪڙي بي خوبي اِها آهي جو، ڪيس پنهنجي ڳالهہ نهايت پُر اثر ۽ خوبصورت انداز ۾ بيان ڪرڻ ۽ تحرير هيٺ آڻڻ جو وڏو فن اچي ٿو، ۽ انجو ثبوت هي آهي تہ، ٽئين ورلڊ ڪپ جي باري ۾ بلوچ صاحب، سفرنامي جي انداز ۾ جيڪو ڪتاب لکيو هو، ان پڙهندڙن ۾ تمام گهڻي مقبوليت ماڻي هئي ۽ هاڻي پنجين ورلڊ ڪپ جي باري ۾ وري سندس هي بيو دلچسپ سفرنامو پڌرو ٿي رهيو آهي. ڏٺو وجي تہ اِها سندس ٻِٽي خدمت آهي، هڪ تہ ان حوالي سان جو پاڻ ورلڊ ڪپ جي واقعن کي پنهنجي مخصوص ۽ دلچسپ انداز ۾ تحرير هيٺ آندو آٿس ۽ ٻي اِها تہ هن اسانجي سنڌي ٻولي جي پڙهندڙن تائين اِن راند بابت دلچسپ معلومات پهچائڻ جي بہ ڪوشش ڪئي آهي. مان "سائين بلوچ" جي هن ٻِٽي ڪاوش جي ڪاميابيءَ جو متمني آهيان ۽ دعا ٿو گهران تہ:

"الله ڪري زور، عنايت جي قلم کي."

منير حسين

ڪراچي.

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



# ڪجهه قربدارن سان

منهنجي سفرنامي ”پرديسي ڪهڙا پرين“ جي مهورت جيءَ موقعي تي مون پنهنجن مهربانن سان واعدو ڪيو هو ته: منهنجو آمريڪا جو سفرنامو، 1988ع جي آخر ۾ اهانجي هٿن ۾ هوندو. 1989ع جي آخر کان، منهنجي مهربان پڙهندڙن طرفان خطن ملڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو جيڪو وقفي وقفي سان اڃا تائين جاري آهي. محبت جي زبان ۾ ڏاڍيون ميارون، مِٺا ۽ طعنا مليا آهن.

”واهه عنايت صاحب، اوهانجو واعدو .... وغيره وغيره“

واعدو پورو ٿي نه سگهيو ۽ هاڻي جڏهن 1994ع جو سال به اچي پڄاڻي تي پهتو آهي ته مون اڳ ڪيل واعدو ته پوءِ به نه پاڙيو آهي البت هڪ سفرنامو، هن سال جي آخر ۾ اوهانجي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جهڙو ضرور ٿيو آهيان. عين ممڪن آهي ته ڪتاب اوهانجي هٿن تائين ايندي ايندي 1995ع جو سال شروع ٿي چُڪو هجي.

منهنجن مهربانن مونکان ڪيترائي سوال پڇيا آهن، پر هيٺيان ٻه سوال تمام گهڻن خطن ۾ پڇيا ويا آهن:

1- مون پنهنجي سفرنامي اُڻ ۾ هيترا سارا سال دير ڇو ڪئي آهي؟

2- وري جيڪو سفرنامو ڇپجي اچي پيو ته ڪيل واعدي موجب آمريڪا جي بجاءِ ورلڊ ڪپ جو سفرنامو وچ ۾ ڪيئن اچي ويو؟ (اخبارن ۾ خبر ڇپي هئي ته منهنجو ورلڊ ڪپ جو سفرنامو جلد مارڪيٽ ۾ اچڻ وارو آهي، ان خبر جي بنياد تي هي سوال پڇيو ويو آهي).

مٿين ٻنهي سوالن جو سچو ۽ کرو جواب ته هي آهي ته مان جيترو گهٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مصروف رهان ٿو اوتروئي گهڻو ڪاهل ۽ سُست به ٿي ويو آهيان. تنهنڪري ڪتاب ڪي ايترو دير سان ڇپرائڻ جو وڏو سبب، "مصروفيت، سستي ۽ ڪاهليءَ" جي، منهنجي خلاف گڏيل سازش جي ڪاميابي آهي.

بيو ڪجهه سچو ته ڪجهه هيرا ڦيريءَ وارو جواب هي آهي ته 1988ع کان وٺي 1991ع تائين حيدرآباد ۾ دهشت گرديءَ واريون حالتون ۽ وارداتون جيڪڏهن اوهان کي اڃان تائين ياد آهن ته پوءِ ايتري رعايت ضرور ملڻ گهرجي ته اهي ڏِيلَ ڏڪائيندڙ حالتون گهٽ ۾ گهٽ ڪتاب لکڻ جهڙيون نه هيون. جڏهن گهر کان آفيس يا آفيس کان گهر پهچندا هئاسين ته پاڻ تي يقين نه ايندو هو ته صحيح سلامت ڪيئن پهچي وياسين. چئن سالن تائين اهو روزانو جو معمول هوندو هو.

بهرحال مان ڪتاب لکي نه سگهيس. هاڻي اهو منهنجن مهربانن تي ڇڏيل آهي ته فيصلو ڪن ته جي مون سچ ڳالهايو آهي ته ان ۾ ڪيتري هيرا ڦيري شامل آهي.

فيبروري 1992ع ۾ پنجين ورلڊ ڪپ ڪرڪيٽ لاءِ رننگ ڪمينٽري نشر ڪرڻ جي انتظامن جي سلسلي ۾، ريڊيو پاڪستان جي نمائندي طور آسٽريليا روانو ٿي ويس. اتان واپس اچڻ تي سوچيم ته ورلڊ ڪپ بابت ڪتاب، خاص طرح ان حوالي سان ته پاڪستان پنجين ورلڊ ڪپ جو عالمي چئمپن بڻجي ويو آهي، جلد مارڪيٽ ۾ اچڻ گهرجي، نه ته جيتري دير ٿيندي، موضوعاتي لحاظ سان اُهو ڪتاب اوترو ئي بي وقتو ۽ پراڻو ٿي ويندو. توڙي جو هينئر به احساس اٿم ته هي سفرنامو به ايترو جلد ته مارڪيٽ ۾ نه آيو آهي پر پوءِ به هرو ڀرو ايڏي دير به نه ٿي آهي. اهوئي سبب آهي جو آمريڪا جي سفرنامي کان ورلڊڪپ بابت ڪتاب اڳ ۾ پڌرو ٿي رهيو آهي.

آمريڪا جو سفرنامو به سال 1995ع ۾ ئي اوهانجي هٿن ۾ هوندو. انشاءالله! اهو واعدو آهي.

منهنجي هن سفرنامي کي ڳهَ ڳنا پارائي وڌيڪ سهڻو بنائڻ ۽ سينگارڻ ۾ هيٺين مايه ناز شخصيتن جا قرب ۽ عنايتون شامل آهن:

1- عمران خان: پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جو هيرو، اڳوڻو ڪپتان، اسٽائلش فاسٽ بولر ۽ بيٽسمين ۽ ڪرڪيٽ جي دنيا جي مقبول ترين ۽ پُر ڪشش شخصيت.

2- جاويد مياندادؔ: پاڪستان جو با اعتماد ۽ ماسٽر بيٽسمين ۽ پاڪستان لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ڪاميابيءَ جي ڪنجي“ جي علامت.

3- عمر قريشي: انگريزي زبان ۾ ڪرڪيٽ ڪمينٽري جو آبو، باڪمال ڪمينٽيٽر، منفرد ڪالم نويس ۽ صحافي.

4- افتخار احمد: انگريزي زبان جو هڪ خوبصورت ڪمينٽيٽر ۽ هانگ ڪانگ ۾ مقيم، سنگر ڪمپنيءَ جو ورلڊ پريزيڊنٽ.

5- منير حسين: اردو جو مايه ناز ڪمينٽيٽر، پاڪستان ۾ اردو ڪمينٽري جو پايو وجهندڙ، اخبارَ وطن جو ايڊيٽر ۽ صحافي.

6- قمر احمد: ڪرڪيٽ جو بين الاقوامي ڪالم نگار، ڪمينٽيٽر ۽ صحافي.

جيئن ته مٿي ڄاڻايل دوستن منهنجي لاءِ لکيو آهي ته مان، الله جي مهربانيءَ سان، پاڪستان جو واحد براڊ ڪاسٽر آهيان جنهن کي ٻه دفعا ورلڊ ڪپ جي ڪوَريج لاءِ چونڊيو ويو هو. تيئن شايد سنڌي توڙي اردو جي سفرنامن جي ليکڪن منجهان اهو اعزاز ٻه فقط مونکي ئي مليو آهي ته ايترا سارا، تمام وڏا نانءَ، ڪنهن جي باري ۾ محبت مان پنهنجي راءِ جو اظهار ڪن.

مٿي ڄاڻايل مهربانن، دوستن ۽ ڪرڪيٽ جي دنيا جي بين الاقوامي شخصيتن جو بيحد ٿورائتو آهيان جن منهنجي لاءِ محبت ۽ خلوص وارا جملا لکي عنايت تي خاص عنايت ڪئي آهي.

سهڻن اکرن لکڻ واري نوجوان عرفان علي انصاري جو ٻه ٿورائتو آهيان جنهن منهنجي ڪتاب جي ”پريس ڪاپي“، صاف ۽ سُٺن اکرن ۾ لکي ڏني، جنهن سبب ڪتاب کي ڪمپوز ڪرڻ ۾ آساني پيدا ٿي وئي. عرفان هاڻي ٻه منهنجي آمريڪا جي سفرنامي جي ڪاپي لکڻ ۾ مصروف ٿي ويو آهي. سندس قربن جي نتيجي ۾ آمريڪا جو سفرنامو ٻه جلد ڇپرائڻ ۾ آساني ٿي پوندي. هيو ته سفرنامن ڇپرائڻ جي سلسلي ۾ اڳ جيڪا گهڻي دير ٿي وئي هئي، اُن جو ازالو ٻه هاڻي ممڪن ٿي سگهندو. انشاءَ الله!

ڊي- 19
جي- او- آر ڪالوني، حيدرآباد
ڊسمبر 1994ع

چڱو الله نگهبان!نيازمند:
عنايت بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| .1 | مونجهارا، مشڪلاتون ۽ ڪاميابيون. | 21 |
| .2 | آسٽريليا جي سفارتخاني ۾ ماڻهن جو هجوم. | 28 |
| .3 | ڪراچي کان بئنڪاڪ. | 37 |
| .4 | بئنڪاڪ کان هانگ ڪانگ. | 39 |
| .5 | هانگ ڪانگ کان ميلبرن. | 43 |
| .6 | ميلبرن – آسٽريليا جي سرسبز رياست. | 44 |
| .7 | آسٽريليا جون مندون ۽ موسمون | 47 |
| .8 | پاڪستان – ويسٽ انڊيز، پهرين مئچ ۾ آمهون سامهون. | 50 |
| .9 | ميلبرن کان هوبرٽ. | 53 |
| .10 | هڪ مهذب بار. | 58 |
| .11 | افتخار (انتي) سان ڪچهريون. | 60 |
| .12 | پاڪستان ۽ زمبابوي جي وچ ۾ مئچ. | 63 |
| .13 | هوبرٽ کان ائڊليڊ. | 63 |
| .14 | ميلبرن ايئرپورٽ تي دورا سان ڳالهيون. | 64 |
| .15 | ايڊليڊ ۾. | 66 |
| .16 | قمر احمد جا مفت مشورا. | 67 |
| .17 | سَر ڊان برئڊمئن، شيڪسپيئر ۽ لطيف. | 70 |
| .18 | ائڊليڊ ۾ آسٽريلين فيملي سان رات جي ماني. | 72 |
| .19 | پاڪستان ۽ انگلنڊ آمهون سامهون. | 76 |
| .20 | ائڊليڊ کان سڊني. | 77 |
| .21 | سڊني- هڪ خوبصورت شهر. | 78 |
| .22 | مونوريل. | 79 |
| .23 | سڊني ٽاور. | 81 |
| .24 | نثار ميمڻ جي مِٽن سان ملاقات. | 84 |
| .25 | پاڪستان ۽ هندستان آمهون سامهون. | 89 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | | |
|---|---|---|
| .26 | سڊني کان برسبين. | 93 |
| .27 | جنگ ڇو؟ (نظم). | 95 |
| .28 | برسبين جو سير. | 100 |
| .29 | گولڊ ڪوسٽ جو سير. | 104 |
| .30 | ويرونيڪا طرفان دعوت. | 107 |
| .31 | پاڪستان ۽ سائوٿ آفريڪا جو مقابلو. | 110 |
| .32 | ڪئينسلئنڊ جو چيپي وليج. | 114 |
| .33 | برسبين کان پرٿ. | 117 |
| .34 | پيار جا پيچرا ۽ پرٿ. | 120 |
| .35 | هيلن سان ملاقاتون. | 121 |
| .36 | عمران خان جو فيصلو. | 124 |
| .37 | پاڪستان ۽ آسٽريليا آمهون سامهون. | 132 |
| .38 | پرٿ جو شاهي پارڪ. | 144 |
| .39 | پاڪستان ۽ سريلنڪا جي وچ ۾ مئچ. | 153 |
| .40 | پرٿ کان ڪرائيسٽ چرچ. | 159 |
| .41 | ڪرائيسٽ چرچ ۾. | 156 |
| .42 | پاڪستان ۽ نيوزيلئنڊ آمهون سامهون. | 163 |
| .43 | رمضان جو مهينو ۽ دعائن جو اثر. | 165 |
| .44 | خوشيون ۽ شادمانا. | 167 |
| .45 | ڪرائيسٽ چرچ کان آڪلئنڊ. | 168 |
| .46 | پهرين سيمي فائنل. پاڪستان- نيوزيلئنڊ آمهون سامهون. | 170 |
| .47 | آڪلئنڊ کان سڊني. | 177 |
| .48 | ٻي سيمي فائنل. انگلنڊ ۽ سائوٿ آفريڪا آمهون سامهون. | 178 |
| .49 | آسٽريليا جي وزير اعظم پال ڪيٽنگ جو انٽرويو. | 181 |
| .50 | سڊني کان ميلبرن. | 183 |
| | ورلڊ ڪپ فائنل پاڪستان - انگلنڊ آمهون سامهون. | 187 |
| .51 | پاڪستان جي فتح جو راز. | 189 |
| .52 | فائنل مئچ شروع ٿي وئي. | 191 |
| .53 | ميلبرن کان هانگ ڪانگ. | 210 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | | |
|---|---|---|
| 54. | ائن ڪلاڪن جو سفر- دلچسپ اتفاق. | 212 |
| 55. | هانگ ڪانگ ۾. | 215 |
| 56. | ڪليڪٽ ڪال. | 217 |
| 57. | هانگ ڪانگ کان ٽوڪيو. | 221 |
| 58. | جڳ مڳ جوت جپان جي. | 222 |
| 59. | ماضيءَ ۾ جهاتيون. | 225 |
| 60. | گوشت، گرام ۽ مهانگائي. | 228 |
| 61. | مائونٽ فيوجي جو سير. | 230 |
| 62. | ياءُ انور جو ساٿ. | 231 |
| 63. | مائونٽ فيوجي. | 236 |
| 64. | قصو هجڪو ڪتي جو. | 239 |
| 65. | ماضيءَ جي ياد (نظم) | 241 |
| 66. | ٽڪيٽن ۾ رُوٽ جي تبديلي جو مسئلو. | 243 |
| 67. | اڪيابارا. | 245 |
| 68. | اوڪاچي ماچي بازار. | 245 |
| 69. | وينو پارڪ جو سير. | 246 |
| 70. | شِنجُوڪو. | 250 |
| 71. | ٽوڪيو ۾ عيد نماز. | 252 |
| 72. | زلزلي جا جهٽڪا. | 254 |
| 73. | ٽوڪيو ۾ مفت ٽيليفون جا مزا. | 256 |
| 74. | ٽوڪيو ڊزني لئنڊ جو سير. | 257 |
| 75. | رات جو ٽوڪيو جو سير | 262 |
| 76. | بُليٽ ٽرين. | 265 |
| 77. | ٽوڪيو ٽاور. | 266 |
| 78. | ٽوڪيو ۾ آخري رات. | 268 |
| 79. | ٽوڪيو کان هانگ ڪانگ. | 269 |
| 80. | هانگ ڪانگ ۾ طارق سومري جا قرب. | 270 |
| 81. | پئسفڪ پليس ۽ سٽي پلازا. | 273 |
| 82. | هانگ ڪانگ کان بئنڪاڪ | 276 |
| 83. | بئنڪاڪ کان ڪراچي. | 277 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مونجهارا، مشڪلاتون ۽ ڪاميابيون

تاريخ - 25، مهينو - جون، سال - 1983ع، هاڻي ٻه
تاريخ - 25، پر مهينو - مارچ ۽ سال - 1992ع.

9 سال اڳ ملڪ هو اسانجن اڳوڻن صاحب لوڪن، گورن ۽ منڍمن جو، انگريز مائي باپ جو يعني انگلنڊ، ۽ شهر لنڊن.

9 سال پوءِ ملڪ هو، انگريزن جي پٽن، پوٽن، سئوٽن، ماساتن ۽ ڏوهٽن جو يعني آسٽريليا ۽ نيوزيلنڊ ۽ شهر ميلبرن.

9 سال اڳ گرائونڊ هو لارڊز، دنيا جو بيحد حسين ۽ چنچل گرائونڊ.

9 سال پوءِ وينا هئاسين دنيا جي وڏي ۾ وڏي ڪرڪيٽ گرائونڊ ايم سي جي (MCG) يا ميلبرن ڪرڪيٽ گرائونڊ جي بيحد خوبصورت پئويلين جي ڪمينٽري باڪس ۾.

25 جُون 1983ع تي ٽئين ورلڊ ڪپ جي مئچن جي سلسلي ۾ فائينل مئچ جو مقابلو هو، ويسٽ انڊيز ۽ انڊيا جي وچ ۾. اسان ريڊيو پاڪستان تان رننگ ڪمينٽري تڏهن به نشر ڪري رهيا هئاسين، پر دل جي ڌڙڪن ٺيڪ ٺاڪ ۽ نارمل هئي. اُن ڏِن ۽ آنڊمانڊ جو نالو نشان به ڪونه هئو. انتظار ۽ اوسيئڙو ايڏو نه هُئو. "هِينئن به سچِ واهه واهه، هُونئن به سچِ واهه واهه" وارومعاملو هو. ويسٽ انڊيز کٽيو ته به ٺيڪ، جي انڊيا کٽيو ته به بهتر، پر دل تڏهن چيو پئي ته انڊيا کٽي ته چڱو. پلي اسان هڪ ٻئي جا سالن کان وڏي سياسي حريف ئي سهي پر پوءِ به ٻئي پاڙيسري ملڪ آهيون، هڪ ٻئي سان لڙيا وڙهيا به آهيون ته جنگيون به جوٽيون اٿئون. پر پوءِ به آهيون ته ايشين (ASIAN). آس پوري ٿي ۽ انڊيا، فائنل مئچ ويسٽ انڊيز کي هارائي، ٽيون ورلڊ ڪپ کٽي دنيا وارن کي حيران ڪري ڇڏيو. ويسٽ انڊيز جيئن ته پهريان ٻه ورلڊ ڪپ کٽي چڪو هو، ان ڪري گرائونڊ تي سڀني بازن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ جُوارين جا لاھ نڪري ويا ھتا جن ڀيڻ ٽيڻ تي شرطون ويسٽ انڊيز جي ڪٽڻ جي حق ۾ لڳايون ھيون.

بهرحال جڏھن انڊيا ٽيون ورلڊ ڪپ کٽي چُڪو ھو تہ مون لارڊز گرائونڊ جي ڪمينٽري باڪس مان نشر ٿيندڙ رننگ ڪمينٽري ۾ ھي اعلان ڪيو:

"سامعين! لارڊز ڪرڪيٽ گرائونڊ تي انڊيا، ويسٽ انڊيز کي فائنل ۾ هارائي، ٽيون پروبيئنشل ڪرڪيٽ ورلڊ ڪَپ کٽي ورتو آهي."

اعلان ڪرڻ کان فوراً بعد دل ئي دل ۾ ھڪ آسَ ڪَرَ موڙي جاڳي پئي:

" جا ايئن ٿئو تي سگهي تہ چئن سالن کان پوءِ چوٿون ورلڊ ڪَپ جتي بہ کيڏيو وڃي، مان ڀيھر ريڊيو پاڪستان طرفان پاڪستان جي نمائندي طور اُتي وڃان، پاڪستان اُھو ورلڊ ڪَپ کٽي وٺي ۽ پاڪستان جي فتح جو اعلان بہ پرڏيھ کان مان ئي ڪريان."

1987ع ۾ چوٿين ورلڊ ڪَپ جي ميزباني لاءِ پاڪستان ۽ هندستان گڏجي ڪوششون ڪيون تہ چوٿون ورلڊ ڪپ اسان وٽ ٿئي. ICC (انٽر نيشنل ڪرڪيٽ ڪنٽرول) اِها درخواست قبول ڪئي ۽ چوٿون ورلڊ ڪپ پاڪستان ۽ هندستان جي مختلف شهرن ۾ منعقد ڪيو ويو. ان ورلڊ ڪَپ ۾ عجيب اتفاق اھو ٿيو جو چوٿين ورلڊ ڪپ جي پهرين مئچ پاڪستان ۽ سريلنڪا جي وچ ۾ 8 آڪٽوبر 1987ع تي "نياز اسٽيڊيم" حيدرآباد ۾ کيڏي وئي. اھڙي طرح چوٿين ورلڊ ڪَپ جي رننگ ڪمينٽري جي نگراني بہ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اسٽيشن ڊائريڪٽر جي حيثيت سان خود بخود مون کي سونپجي وئي.

پنجين ورلڊ ڪَپ جو مرحلو آيو. بہ چار مهينا اڳ ئي ڊُڪَ ڊوڙ شروع ٿي وئي. مائٽن چنيون چيائيون، پرچيون ۽ سفارشون مٽي وارن تائين پهچائڻ شروع ڪري ڏنيون، بنھ تمچر مچي ويو. مونکي حيدرآباد ۾ ويٺي اھي سڀ خبرون پئي پيون. سفارشن جي انهيءَ گوڙ گهمسان ۾ ھڪَ ڏينهن اسلام آباد مان ڪنهن مهربان ٽيليفون تي مونکي ٻڌايو تہ،

پنجين ورلڊ ڪپ لاءِ منهنجو نالو منظور ڪيو ويو آھي ۽ هيڊڪواٽر مان منهنجو نالو پروپوز ٿي منسٽري ۾ پهتو آھي، جتي آخري منظوري ملڻ بعد مان آسٽريليا روانو ٿي ويندس. هوڏانهن منهنجي پراڻي مهربان ۽ دوست مُنير حسين صاحب بہ ڪراچي مان ٽيليفون ڪري مبارڪباد ڏني ۽ چيائين "بلوچ صاحب انشاءالله تعالي! گڏجي آسٽريليا هلنداسون." مونکي ڏاڍي خوشي ٿي. هر انسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ڪانه ڪا ڪمزوري ضرور هوندي آهي. مون ۾ ۽ منهنجون هونئن ته هڪ به زوردار ڪمزوريون آهن پر ٻاهرين ملڪن جو سير سفر منهنجي سڀ کان وڏي ڪمزوري آهي، جو ته هر سفر ۾ مون سفر(Suffer) گهڻ ڪيو آهي پرحاصل گهڻو ڪجهه ڪيو آهي. ڪجهه ماڻيو اٿم، ڪجهه سکيو ۽ پرايو اٿم.

هر هنڌ ۽ هر ملڪ جا ماڳَ، مڪان ۽ ماڻهو مختلف، چانڊاڻ چهرا، مُهاندا نِت نوان نوان، زندگيءَ جا طؤر طريقا پنهنجا پنهنجا، عادتون، رسمون رواج ڪٿي ملندڙ جلندڙ ته ڪٿي صفا نرالا، رُتون ۽ مُندون مختلف، قدرت جا ڪرشما هر جڳهه تي حيرت انگيز، هر نقطي تي جيترو غور ڪجي اوتروئي وڌيڪ غور ڪرڻ جي دعوت ملي. تنهنڪري هر نئين ماڳ مڪان تي پهچي بيحد خوش ٿيندو آهيان، پوءِ اهو هنڌ توڙي پنهنجي مُلڪ ۾ هُجي يا ٻاهرين ملڪن ۾.

پنهنجي ديس ۾ تُربت (ڪيچ مڪران) هڪ سال لاءِ ويس. تربت توڙي جو ڏاڍو ڏکيو ڏيهه آهي. گرمي برداشت ڪرڻ کان ٻاهر آهي. دوزخ جي وجود جو يقين ڪرڻو هجي ته اونهاري ۾ تربت جو چَڪر لڳائجي. سوين ڪوهين صفا سُڃ آهي، پر پوءِ به خوشيءَ سان وڃڻ قبول ڪيم. فقط انڪري ته ان بهاني سان 'سسئي پنهونءَ' جي ڪيچ مڪران وڃي، اُتي جي دڳن، رستن، پيچرن ۽ پهاڙن تي بيهي خلا ۾ گونجندڙ سسئي پنهونءَ جا سِڪ جا سڏڙا ۽ پيارَ پُڪارُن جا پڙلاوَ ٻڌي سگهندس.

اُتي وڃي جڳ مشهور "پنهونءَ جو قلعو" ڏٺم، جيڪو هينئَر برباد ٿيل کنڊر کان سواءِ ڪجهه به نه آهي. ڪيچ مڪران ۾ ميلن تائين پکڙيل ڪجين جا باغات ڏٺم، گوادر ۽ پسني جا بندر ڏٺم. مطلب ته نئين ماحول ۾ نوان منظر ۽ نوان ماڻهو ڏٺم، پر ٻاهرين ملڪن جي ته وري ڳالهه ئي ٻي آهي. خاص طرح انهن ملڪن جي جتي منهنجي نصيبَ مونکي ڇِڪي کان وٺي گهمايو، ڦيرايو آهي ۽ من مُهَٽا منظر ڏيکاريا آهن ۽ ديدار درشن ڪرايا آهن.

جيئن منهنجي آسٽريليا وڃڻ جو ٻُڌو منهنجي گهرواريءَ جي ڪَن تي پهتو ته مونکي زندگي ۾ پهريون ڀيرو زوردار فرمائش ڪندي چيائين:

"اللهڪندو ته تنهنجي آسٽريليا وڃڻ جو پروگرام پڪو ٿي ويندو. مون سان هڪ واعدو ڪر ته مونکي ٽوڪيو (جپان) ۾ ادا فيض (منهنجي گهرواريءَ جو ڀاءُ ۽ منهنجو ماروٽ ڦِقات) وٽ ڇڏيندو پوءِ آسٽريليا ويندين. ورلڊ ڪپ جي مئچن ختم ٿيڻ ڪانپوءِ واپسي تي وري ٽوڪيو اچجانءِ ته اتان گڏجي وطن واپس

ايندا سون." (فيض* ٽوڪيو ۾ پاڪستان جي سفارتخاني ۾ ڪائونسلر آهي. آهي ته منهنجو ماروٽ ڦقات پر اڪثر دوستن کي ڄاڻ اها آهي ته مان، هدايت ۽ فيض نيئي سڳا ڀائر آهيون)

هونئن به گهرواريءَ طرفان روز پيون. مياروں ملنديون هيون ته "ڪڏهن لنڊن پڳو بيٺو آهين ته ڪڏهن فرانس، ڪڏهن آمريڪا ته ڪڏهن مليشيا ۽ ڪڏهن ڪٿي پر مونکي ڪڏهن به پاڻ سان گڏ نه وٺي وئين."

وري الله ڀلو ڪري سائين قاضي عبدالمجيد عابد صاحب جن جو جنهن 1987ع ۾ منهنجي سفرنامي "پرديسي ڪهڙا پرين" جي مهورت جي وقت پنهنجي صدارتي تقرير ۾ خوش طبعي ۽ کل ڀوڳ واري مُوڊ ۾ چيو هو:

"عنايت بلوچ جي سفرنامن "پرين جي پرديس" ۽ "پرديسي ڪهڙا پرين" ۾ "پرين ۽ پرديس" جو ڏاڍو تڪرار آهي ۽ سندس ٻئي سفرناما عشق و محبت جي داستانن سان ڀريل آهن، تنهنڪري آئنده مٿس هڪ پابندي وجهي ڇڏبي ته هو اڪيلو سفر تي نه اُسهندو ۽ پرديسي پرينءَ جي بجاءِ، ديسي پرين يعني پنهنجي گهرواريءَ کي به ساڻ ورتيون ويندو." سندس انهيءَ فقري تي ماڻهن ۾ ٽهڪڙو مچي ويو هو ۽ ڏاڍيون تاڙيون وڳيون هُيون، شايد منهنجي گهرواريءَ سيني ڪان گهٽيون تاڙيون وڄايون هونديون. (سائين قاضي عبدالمجيد عابد صاحب ان وقت حڪومت پاڪستان ۾ اطلاعات ۽ نشريات جا وزير هئا.)

منهنجي گهران اهو ته سوچيو ئي نه ويو هو ته:

1- جپان جو ويزا ملندو به الائي نه.

2- ايترا ڏوڪڙ به سندس مسڪين مڙس وٽ هوندا يا نه.

3- ايترو وقت مونکي ڪيئن ملندو ته ڀيريون جپان وڃان ۽ آسٽريليا کان واپسيءَ تي به اُتي ڀيچان ڪيس وٺي اچڻ لاءِ.

بس سندس طرفان هاڻي جپان وڃڻ جون تياريون زور شور سان شروع ٿي ويون. ڪڏهن بازار مان ڪپڙن جا جوڙا ورتيون اچي ته ڪڏهن پنهنجي پاءُ ۽ ڀاڄائيءَ لاءِ سوڪڙيون پاڪڙيون وٺي اچي توڙي جو اڃان رڳو شروعاتي اطلاع هئا ته منهنجو نالو نقط تجويز ڪيو ويو هئو. اسان جي ملڪ ۾ ته جيستائين هوائي جهاز اُڏامي نه وڃي تيستائين منظور ڪيل نالو به رد ڪري، ٻيو نالو فوراً منظور ڪري، عين ٽائيم تي ڀيرين ماڻهوءَ کي چيو ويندو آهي ته "ٻچا تون هن ڪُرسي تان اُٿي ته ٻيو ويهي ۽

* فيض، ٽي –چار مهينا اڳ، ٽوڪيو مان فارين آفيس اسلام آباد ۾ پهچي ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون وڃي گهر آرام ڪر." هڪ ڀيرو دفعا ته جهاز ۾ سوار ٿيل ماڻهن کي به پوئتي موٽايو ويو آهي، پر منهنجي گهرواريءَ کي ڪير سمجهائي. هاڻي ته هوءَ ظاهري طرح حيدرآباد ۾ هئي پر اصل ۾ ٽوڪيو ۾ ويٺي هُئي. صبح جو ننڊ مان اُٿي مونکي ٻڌائي، " ادا فيض وارن سان ڏاڍيون ڪچهريون ڪيون اٿم خواب ۾."

ڪيس چيم ته دُعا ڪري ته سندس خواب سَچا ٿين. سمجهايومانس ته ڪيس وٺي وڃڻ ۾ هي مسئلا هيا:

اول ته منهنجو آسٽريليا وڃڻ جو پروگرام پڪو ٿي وڃي،"

ٻيو، جپان جو ويزا به ٻنهي کي ملي وڃي جو ته اڄڪلهه جپان جو ويزا تمام مشڪل سان ملي ٿو."

"ٽيون، هوائي سروس جو اهڙو ڪو انتظام ٿئي ۽ مونکي ايتري مهلت ملي جو مان توکي ٽوڪيو ڇڏيندو پوءِ آسٽريليا وڃان."

پانيان پيو ته منهنجي ڪابه ڳالهه ڪيس نٿي وڻي ۽ ڪو سبب اسباب سندس سمجهه ۾ صفا نه پئي آيو. ڪيس جيڪڏهن ڪا ڳالهه سمجهه ۾ آئي پئي ته فقط اِها ته:

"جهاز پلا ٽوڪيو پهچڻ ۾ ڪيتري دير لڳائيندو."

"ڪهڙي وقت جهاز پهچندو وغيره."

جڏهن پنهنجي دل ۾ جهاتي پاتم ته محسوس ڪيم ته ٻنهه اِها ساڳي واردات مون سان به ٿي چڪي هئي، جڏهن 1974ع ۾ مان پهريون ڀيرو لنڊن وڃي رهيو هوس. تڏهن مان ڪوئيٽا ۾ پروگرام مينيجر هوس. رات جو خوابن ۾ لنڊن ۾ هُجان، ڏينهن جو گهمندي ڦرندي هر ڳالهه ۾ لنڊن نظر اچي. پر هاڻي جڏهن ته ڪوڙ سارا ملڪ ۽ دنيا جا ڪيئي خوبصورت شهر ۽ ماڻ مَڪان ڏسي پسي آيو آهيان ته هر ڳالهه نارمل ٿي لڳي ۽ ڪابه تڙپ ۽ بيچيني اندر ۾ پيدا نه ٿي ٿئي.

22 فيبروري 1992ع تي آسٽريليا ۾ پنجين ورلڊ ڪپ جي پهرين مئچ شروع ٿيڻي هُئي. اسان جي ٽيم جي پهرين مئچ 23 فيبروري 92 تي ايم سي جي (ميلبرن ڪرڪيٽ گرائونڊ) تي ويسٽ انڊيز سان فِڪس ٿيل هئي. اڄ 10- فيبروري هئي، پر ڪوبه اطلاع ڪونه پهتو هو ته مونکي ڪڏهن روانو ٿيڻو هو. ان وچ ۾ هڪ ٻئي مهربان مونکي ٽيليفون تي هڪ چرڪائيندڙ اطلاع ڏنو ته:

"جڏهن ته تنهنجو نالو منسٽري ۾ آخري منظوري لاءِ پهتل آهي، ان موقعي تي هڪ ٻيو صاحب وچ ۾ ڪاهي پيو آهي جيڪو چور دروازي کان داخل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي سچو معاملو ڊانوان ڊول ڪرڻ وارو آهي، تنهنڪري ڪا همت ڪر.“

ان موقعي تي پهريون خيال ادي عابده پروين ۽ غلام حُسين شيخ ڏي ويو جيڪي ڪجهه سالن کان اسلام آباد ۾ رهن ٿا. قربن جون ڳنڍيڙيون، محبت ڪرڻ وارا، پريت ونڊڻ وارا ۽ پيار جا پانڌيئڙا. بس جڏهن به اسلام آباد پهچان جتي هر دفعي اسلام آباد هوٽل ۾ رهندو آهيان اتي فوراً پهچي وڃن. ملڻ شرط جهيڙو ته ”توهان، اسان جي هوندي هوٽل ۾ چو رهيا پيا آهيو، بس هلو ته گهر هلون.“ وڏي مشڪل سان کين سمجهايان ته ”سرڪاري خرچ تي آيا آهيون، ڀاڙو ڀتو ۽ خرچ پکو سرڪار نامدار ڀري ته پوءِ چو نه هوٽل تي رهون.“ ”چڱو ڀلا ته پوءِ رات جي ماني گڏجي کائينداسون ۽ خوب ڪچهري به ڪنداسون.“ ائين چئي زوريءَ گهر وٺي وڃن. جيڪي گهڙيون به گڏجي ويهون ته روح کي راحت اچي ۽ سرور حاصل ڪري هوٽل تي موٽان. ادي عابده گاڏي پاڻ ڊرائيو ڪري ۽ سنڌس ڊرائيونگ به ذري گهٽ اوتري پرفيڪٽ ۽ خوبصورت جيترو سندس ڳائڻ. غلام حسين ته شايد سائيڪل به نه هلائي ڄاڻندو هجي. صفا لا اُبالي ماڻهو، درويشي خيالن جو. ڪڏهن ڪڏهن ته ڳُوڙهن خيالن ۽ سوچن ۾ گُم. هڪ دفعي پاڻ ادي عابده سان گڏجي ڪراچيءَ ۾ منهنجي گهر آيو. رات جي ماني گڏ کاڌيسون. غلام حسين کي باٿ روم ۾ هٿ ڌوئڻا هُئا. کيس باٿ روم ۾ وٺي ويس. بجاءِ واش بيسن جي، ٿوهاري وارو نل کولي بيهي رهيو. سنڌس ڪپڙا پِچي ويا. هاڻي وري نلڪو سنڌس پاران ڪير بند ڪري. ”بلوچ صاحب ڪپڙا پِچي ويا.“

دانهون ٻُڌم ۽ ڊوڙندو وڃي نلڪو بند ڪري آيس.

ادي عابده ۽ منهنجا گهر وارا ڪلي ڪلي ڪيرا ٿي پيا. جڏهن به غلام حسين جو اُهو واقعو ياد ايندو اٿم ته بيهر کِلَ اچي ويندي آهي.

غلام حسين شيخ ريڊيو پاڪستان مان پروگرام مئنيجر جي عهدي تي پهچي رٽائر ٿيو. ادي عابده ۽ پاڻ گڏجي تمام گهڻن ملڪن جو سير سفر ڪيو اٿن. هر جڳهه تي ماڻهن جون بي پناهه محبتون، عقيدتون ۽ عزتون سندن استقبال ڪنديون رهيون آهن. مگر مجال آهي جو ادا غلام حسين شيخ ۽ ادي عابده پروين ڪڏهن ڪنهن هڪ موقعي تي به هٺ، وڏائي، يا وڏ ماڻهپائيءَ جو رتيءَ جيترو به ڪنهن کي احساس ڏياريو هجي. سيني سان ٻانهنُ ٻڌڻ جي واٽ، نياز نوڙت، قرب ۽ محبت سندن شيوو رهيو آهي.

ها سو ڳالهه پئي ڪيم ته جڏهن بهشت ۾ هڪ خَچَر ڪڏي کاهي پيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ فوراً ياڻ غلام حسين شيخ * ۽ ادي عابده کي ٽيليفون ڪري سڄي ڳالھ ٻڌايم. ان کان پوءِ مان تہ آرام جون ننڊون ڪرڻ لڳس مگر شيخ صاحب ۽ ادي عابده جن جي ننڊ ڦٽي ويئي. الائي ڪٿي ڪٿي وڃي پھتا. مونکي فقط تڏھن خبر پئي جڏھن هيڊ ڪوارٽر مان نواب علي يوسف زئي جيڪو ٻاهرين ملڪن جي سير سفر ڪرائڻ جو متعلقہ آفيسر آهي مونکي ٽيليفون تي مبارڪباد ڏني ۽ چيائين تہ مان فوراً اسلام آباد پهچي وڃان ۽ آسٽريليا وڃڻ لاءِ ويزا، فارين ايڪسچئنج ۽ ٻين گھربل ڪارروائين جو اُتي وڃي پورائو ڪريان. اِهو بہ چيائين تہ "اردو ڪمينٽريٽر مسٽر منير حسين کي بہ ساڻ ورتيون اچجان."

جناب منير حسين سان ٽيليفون تي ڳالهائي کيس مبارڪباد ڏنم ۽ جمع 14 فيبروري تي حيدرآباد کان ڪراچي پھتس. ساڳي تاريخ تي شام جو ڇئين وڳي جي فلائيٽ ۾ سوار ٿي منير حسين سان گڏ اسلام آباد پهچي سڌو اسلام آباد هوٽل پھتاسين. نواب علي يوسف زئي صاحب ٽيليفون تي ٻڌايو هو تہ فقط ٻن ڏينهن ۾ سڀ ڪم ٿي ويندا تنهنڪري ڪپڙن جو هڪ وڳو جان تي ٻيو بريف ڪيس ۾ کڻي اسلام آباد پھتو هوس. 15 فيبروري تي براڊ ڪاسٽنگ هائوس هيڊ ڪوارٽر پھتاسين، جتي پهرين حاضري نواب علي يوسف زئي وٽ وڃي لڳائي سين. نواب علي چڱِ پناڻ آهي ۽ سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو لهجو بہ ٺُپ پناڻن وارو.

پهرين ڏينهن تي ئي تسلي ڏنائين تہ فڪر ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانہ هئي، ٻن ڏينهن ۾ سڀ ڪم ٿي ويندا پر خبر پئي تہ ويزا وٺڻ لاءِ جيڪي گهربل فارم هيا اُهي بہ وٽس ڪونہ هيا. ان ڪري پهريون ڏينهن تہ اسانجو ضايع ٿي ويو سواءِ ان جي تہ اسٽيٽ بئنڪ وڃي فارين ايڪسچينج جي منظوري ملي. ان تي بہ شڪر ڪيوسين. مگر مونکي اسٽيٽ بئنڪ واري ڪم جو ايترو اونو ڪونہ هيو. مان ڪيترائي ڀيرا اڳ بہ ملڪ کان ٻاهر ويو آهيان پر منهنجو تجربو آهي تہ اسٽيٽ بئنڪ وارن ڪڏهن بہ مونکي پريشان نہ ڪيو آهي. فرض ڪريو جيڪڏهن سيائي مونکي پرڏيهہ روانو ٿيڻو آهي ۽ مان اڄ شام جي وقت 4 وڳين تائين بہ اسٽيٽ

---

* زندگيءَ تي ڪھڙو ڀروسو. غلام حسين شيخ ۽ مان 28 نومبر1994ع تي لنڊن جي ڪامن ويلٿ هال جي ميوزڪ فنڪشن ۾ گڏ هئاسين جيڪو محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جن جي اعزاز ۾ منعقد ڪيو ويو هو. مان وزيراعظم پاڪستان محترمہ بينظير ڀٽو جي لنڊن جي دوري جي ريڊيو ڪوريج جي سلسلي ۾ لنڊن ۾ هوس. 3 ڊسمبر تي مان وطن واپس وريس ۽ غلام حسين شيخ ۽ ادي عابده پروين 7 ڊسمبر تي واپس ٿيا پر موت جي فرشتي شيخ صاحب کي گهر پهچڻ جي بہ فرصت نہ ڏني ۽ هو هوائي جهاز ۾ ئي رباني راهہ ڏي روانو ٿي ويو. اِنا لله و اِنا اليہ راجعون•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بئنڪ پهتو هوندس ته به مونکي مايوس نه موٽايو اٿائون. فوراً ڪم ٿي ويندو آهي. اڄ به بلڪل اُميدن جي مطابق ڪم ٿي ويو ۽ اسٽيٽ بئنڪ وارن دير ئي ڪونه ڪئي فارين ايڪسچينج منظور ڪرڻ ۾.

## آسٽريليا جي سفارتخاني ۾ ماڻهن جو هجوم

آچر 16 فيبروري تي ريڊيو جي گاڏي ڪٺي آسٽريليا جي سفارتخاني پهتاسين. سندن سفارتخانو اسلام آباد کان صفا ٻاهر ۽ آخري ڇيڙي تي آهي جتي پهچڻ ۾ ذري گهٽ اڌ ڪلاڪ لڳيو ويو. ڇا ويو ڏسون ته هڪ انبوهه ماڻهن جو آهي جيڪو ويزا وٺڻ لاءِ قطارن ۾ بيٺو آهي. اسان رسيپشن / سيڪيورٽي روم ۾ هليا وياسين ۽ کين ٻڌايوسين ته، "اسان عام ماڻهو نه پر خاص الخاص مخلوق آهيون يعني ريڊيو پاڪستان جا نمائندا آهيون تنهنڪري اسان کي فوراً اندر وڃڻ جي اجازت ڏيو."

شڪر ٿيو جو ايتري ڳالهه سندن سمجهه ۾ آئي ۽ اسان کي اندر وڃڻ جي اجازت ڏنائون. گهربل ڪائونٽر تي پهچي پنهنجا پاسپورٽ جمع ڪراياسين. ڪائونٽر تي بيٺل ڇوڪريءَ کان مون پڇيو "اسان جا ويزا اڄ شام تائين لڳي ويندا؟" ڇوڪريءَ حيرانيءَ مان پڇيو، "ڇا مطلب آهي اوهانجو؟ اوهان اڄ پاسپورٽ جمع ڪرايا آهن ۽ اڄ ئي اوهان جا ويزا لڳندا؟ هتي ورلڊ ڪپ ڏسڻ لاءِ شوقينن جي ايڏي رش آهي جو اسان کي ٻنهه هوش ئي ڪونهي." اتي منير حسين به اوچتو منهن ڪڍيو ۽ محترمه کي سمجهايو ته "اسان ۾ ۽ عام ماڻهن ۾ فرق محسوس ڪريو. عام ماڻهو تماشبين بڻجي فقط ورلڊ ڪپ جو مزو ماڻڻ لاءِ وڃي رهيا آهن جڏهن ته اسان ملڪ جي لکين ڪروڙين ماڻهن لاءِ ريڊيو پاڪستان تان رننگ ڪمينٽري نشر ڪرڻ جي سلسلي ۾ وڃي رهيا آهيون." محسوس ڪيم ته ڇوڪريءَ تي ڪوبه اثر نه پيو ۽ چيائين، "You will have to wait." ("توهان کي انتظار ڪرڻو پوندو.") "How long"? ("ڪيترو انتظار ڪرڻو پوندو؟") ڪاٿس پڇيم. چيائين، "مان ڪجهه نٿي چئي سگهان. ڇو ته اسان وٽ سوين درخواستون پهتيون آهن ورلڊ ڪپ ڏسڻ وارن جون". پيلو منهن ڪري واپس براڊ ڪاسٽنگ هائوس موٽي آياسين جتان اصغر محمود، يوسف زئي صاحب جي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ هڪ برجستي ماڻهو کي ساڻ ڪري آمريڪن ايڪسپريس جي آفيس ۾ اچي ڊالر ۽ ٽريولرز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چيڪس ورتاسين. منير حسين ڪلندي چيو "بلوچ صاحب مال تہ مليو پر لڳي ائين ٿو تہ ڪٽي واپس نہ ڪرڻو پوي." وڌيڪ چيائين، "هاڻي مان ايترو وقت ترسي نٿو سگهان، اوهان يلي رهي پئو. ڪم ٿيو تہ ٺيڪ آ نہ تہ واپسيءَ تي مونسان ڪراچي ۾ گڏجي ماني ضرور کائجو."

"منير صاحب جي ويزا نہ مليا تہ نہ طعام مزو ڏيندو نہ ڪلام. باقي جي ملي ويا تہ اڳوپوءِ آسٽريليا ۽ نيوزيلئنڊ ۾ برگر ۽ فاسٽ فوڊ خوب گڏجي کائينداسين."

16 تاريخ جڏهن آسٽريليا جي سفارتخاني خاطر خواهہ جواب نہ ڏنو تہ اسان برٽش هاءِ ڪميشن هليا وياسين جتان نيوزيلئنڊ لاءِ ويزا حاصل ڪرڻو هو. انگلنڊ جي سفارتخاني ۾ انڪري وياسين جو نيوزيلئنڊ جو سفارتخانو پاڪستان ۾ ڪونهي. انگلنڊ وارا انهن پاران ويزا ڏيندا آهن جيڪي جهڙا ٻاهران خوبصورت آهن تهڙا اندر جا.

مسٽر مارڪ ڪائونٽر تي موجود هئو. هن چيو "جيئن تہ نيوزيلئنڊ جو سفارتخانو تهران (ايران) ۾ آهي، ان ڪري اوهان جي لاءِ ويزا جي اجازت اتان وٺڻي پوندي."

هُن وڌيڪ چيو تہ "اوهان فڪر نہ ڪريو. اڄ ئي اسان (Fax) فيڪس ذريعي پيغام اماڻيون ٿا. اُميد تہ اڄ ئي، نہ تہ سڀاڻي تائين ضرور اجازت ملي ويندي."

البت اها وضاحت ضرور ڪيائين تہ "پهريائين اوهان کي آسٽريليا جو ويزا اَٽو پوندو ان کان پوءِ ئي نيوزيلئنڊ جو ويزا ملندو."

اسان سندس خوش اخلاقي کان بيحد متاثر ٿياسين.

هن دفعي سيني ماڻهن کي حيرت هئي تہ آسٽريليا جي سفارتخاني اڳ ڪڏهن بہ ماڻهن کي ايترو پريشان نہ ڪيو هو جيترو هن دفعي ڪري رهيا هُئا. بعد ۾ ڪيترن ئي صحافين، جن سان سفارتخاني وارن بدتميزي وارو سلوڪ پڻ ڪيو، وڏا وڏا ڪالم اخبارن ۾ لکيا ۽ صدر ۽ وزير اعظم کي پڻ آسٽريلين هاءِ ڪميشن جي ناروا سلوڪ خلاف تارون ڪيائون.

نيٺ 19 تاريخ اربع ڏينهن نواب علي ٻڌايو تہ خوش قسمتيءَ سان سندس ڳالهہ ٻولهہ "ڊئوڊ هينلي" سان ٿي هئي جيڪو ويزا سيڪشن جو انچارج هئو. اڳ نواب علي سائنس ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو هو پر هينلي ٽيليفون تي اصل نہ


Scanned with CamScanner

ايندو هو. نواب علي ٻڌايو تہ جڏهن 19 فيبروري تي هن آسٽريلين هاءِ ڪميشن کي ٽيليفون ڪيو تہ رسيور ٿي ڊئوڊ هينلي کنيو. پوءِ تہ ويچاري نواب علي ٽيليفون تي ڪيس ٻاڏائڻ ۽ لِيلائڻ کان ڪجهہ نہ گهٽايو. آخر هينلي چيس ”سڀاڻي يارهين وڳين اوهان پنهنجا پاسپورٽ کڻي وڃجو، ويزا لڳائي ڇڏينداسون.“ توڙي جو اِن ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ ڪجهہ خوشي ضرور ٿي پر پنجن ڏينهن جي مسلسل ناڪام ڊُڪ ڊوڙ کان پوءِ جيڪا نا اُميدي ۽ نراسائي طبيعت ۾ پيدا ٿي چڪي هئي، ان ايترو تہ بيزار ڪري ڇڏيو هو جو ڇڻ يقين ئي نٿي آيو تہ ڪو سڀاڻي اسان کي ويزا ملي ويندا.

ان وچ ۾ مان هڪ چڪر برٽش هاءِ ڪميشن جو لڳائي آيو هوس جن خوشخبري ٻڌائي تہ تهران کان نيوزيلنڊ جي سفارتخاني طرفان ڪين (Fax Message) ملي چڪو هو تہ اسان کي فوراً ويزا لڳائي ڏين پر شرط اِهو هو تہ پهريون آسٽريليا جو ويزا پاسپورٽ تي لڳل هجي.

مسٽر مارڪ وڏيڪ تسلي ڏياري تہ ”اسان اوهان کي ويزا ڏيڻ ۾ 10 يا 15 منٽن کان وڌيڪ ٽائيم نہ وٺنداسين.“

گهر واريءَ جو پاسپورٽ بہ کنيو ويو هئس تہ جيئن ئي ٻيا ويزا ملن تہ پوءِ جپان جو ويزا هٿائجي. پر هاڻي تہ آسٽريليا جي سفارتخاني طرفان نارَوا سلوڪ جي مظاهري کان پوءِ سڀ تجويزون ڌرهم ٻرهم ٿي چڪيون هيون.

پاسپورٽ آسٽريلين ايمبسيءَ وٽ ڦاٿو پيو هو. اُهو اُتان آزاد ٿئي تہ پوءِ جپان جي سفارتخاني سان رجوع ڪجي. عجيب پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿي ويو هئس. ان وچ ۾ خيال آيو پنهنجي پياري دوست امجد سيال جو جيڪو اسلام آباد ۾ فارين آفيس ۾ آفيسر هو ۽ هاڻي هراري (Harare ) ۾ پاڪستان جي سفارتخاني ۾ پهچي ويو آهي.

خوبصورت ماڻهو، رلڻو ملڻو ۽ بيحد قربائتو شخص آهي. جڏهن ڳالهہ سمجهائي مانس تہ چيائين ”يار اڄڪلهہ جپان وارا بہ ويزا ڏيڻ ۾ ڏاڍا ڏکيا ٿي پيا آهن، پر رک الله تي، ڪيون ٿا ڪوشش پوءِ ڪٿائين ڀاڳ“. امجد صاحب پاڪستان فارين آفيس طرفان هڪ تعارفي خط (Note verball) ٺاهي ڏنو. پر ان نوٽ ۾ وري ڪنهن غلط فهميءَ کان هڪ وڏو مونجهارو اهو پيدا ڪيو ويو تہ عنايت بلوچ ۽ سندس گهر واري آسٽريليا گهمندا پوءِ جپان ويندا. (امجد سمجهيو تہ مان پنهنجي پتنيءَ کي آسٽريليا بہ وٺي ويندس). امجد صاحب کي سمجهايم تہ ”صرف مان آسٽريليا ويندس، منهنجي گهر واري فقط جپان ويندي. تنهنڪري هي مونجهارو دور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرائي ڏيو.“ پر امجد صاحب چيو تہ هن ڪافي ڪوشش ڪان پوءِ ئي اِهو ليٽر ان ڊائريڪٽر کان حاصل ڪيو هو جيڪو جپان ۽ ڪن ٻين ملڪن سان لاڳاپيل هئو. ٻڌايائين تہ هاڻي هو اِهو ليٽر بدلائي ٻيهر ڪونہ لکي ڏيندو. تنهنڪري مان اُهو ليٽر جپان جي سفارتخاني ۾ پيش ڪريان يا نہ ڪريان اِهو فيصلو مونکي ڪرڻو هو.

اربع 19 فيبروري تي بِسم الله ڪري صبح جو ڏهين وڳين فقط گهرواريءَ جو پاسپورٽ کڻي جپان جي سفارتخاني ۾ پهتس جيڪو خوش قسمتيءَ سان اسان جي براڊ ڪاسٽنگ هائوس ۽ فارين آفيس جي سامهون آهي.

اُتي وڃي فارم ڀريم ۽ پاسپورٽ جمع ڪرايم. فارين آفيس جو Note Verball ڪين ڏنم. پراڻي ٽيٽ سنڌي چوڻي آهي تہ ”پِير جي پُٽ نہ ڏيندو تہ زال تہ ڪونہ کسيندو“ مونکي اڄ ايئن لڳو ڄڻ اها چوڻي منهنجي لاءِ ٺهي هئي. دل ۾ چيم توڙي جو فارين آفيس جو نوٽ مونجهارو پيدا ڪندڙ هو پر پوءِ بہ هيو تہ پاڪستان فارين آفيس جو، تنهنڪري جڏهن روبرو انٽرويو ڪندا تہ مونجهاري بابت وضاحت ڪندس. اُتي جپان جي سفارتخاني ۾ هڪ پاڪستاني آفيسر مليو ويو جيڪو ڏاڍو ڀلو مانس شخص هو. ان چيو ”عنايت صاحب اوهان هاڻي ڀلي هليا وڃو، 2 وڳي موٽي اچجو، مان پنهنجي طرفان پوري پوري ڪوشش ڪندس.“

هيڏي هوڏي گهمي ڦري ٺيڪ 2 وڳي جپان ايمبئسي پهتس، ڏهن منٽن کان پوءِ مونکي انٽرويو لاءِ گهرايو ويو. اُتي اُهو مهربان پاڪستاني آفيسر ۽ جپان جي سفارتخاني جو ڪونسل جنرل بہ موجود هو. اليڪ سليڪ ڪرڻ کانپوءِ جپان واري صاحب ڀريون ئي سوال اهو پڇيو جنهن جو سورنهن آنا خدشو هو:

”اوهان جو پاسپورٽ ڪٿي آهي؟“

”آسٽريليا جي ايمبئسي ۾ پنجن ڏينهن کان سوگهو آهي.“ وراڻيم. ”پوءِ جڏهن اوهان جو پنهنجو پاسپورٽ اسان وٽ آهي ئي ڪونہ تہ اوهان وائيف جو پاسپورٽ ڇو جمع ڪرايو آهي؟“

ٺڙي صاف ڪيم ڇو تہ هاڻي ڇتي ڪوري واري ڏيکھ ڪرڻ جي مهل اچي وئي هُئي. عرض ڪيم:

”اسان جي سفارتخاني وارن غلط فهميءَ ۾ ”نوٽ وربال“ ۾ اِهو لکي ڇڏيو آهي تہ منهنجي گهر واري ڪي بہ آسٽريليا وڃڻو آهي، حالانڪ اُها فقط پنهنجي ياءُ ۽ سندس ٻارڙن سان ملڻ جپان پئي وڃي ۽ مان آسٽريليا ۽ نيوزيلنڊ ۾ ورلڊ ڪپ جي مئچن ختم ٿيڻ کان پوءِ جپان ويندس، اُتي ياءُ وٽ ڪجهہ ڏينهن گذاري

پوءِ اسان گڏجي واپس ورنداسون.“

ان موقعي تي پاڪستاني آفيسر قرب ڪندي ڪونسل جنرل سان جپاني ٻوليءَ ۾ ڪجھ ڳالھايو پر سندس لهجي مان صاف لڳي رهيو هو تہ منهنجي لاءِ سفارش تي ڪيائين.

ڪونسل جنرل وري پڇيو ”تنهنجي روانگي آسٽريليا ڪڏهن ٿيندي؟.“

”سڀاڻي شام جو هتان ڪراچي ويندس جتان رات جو اڍائي وڳين THAI جي فلائيٽ ۾ روانو ٿيڻو آهي. مونکي آسٽريلين ايمبئسي وارن سڀاڻي صبح جو 11 وڳي پاسپورٽ کڻي وڃڻ لاءِ چيو آهي.“ ڪونسل جنرل مون ڏي غور سان ڏٺو، ائين محسوس ٿيو جڻ پَڪ ڪري رهيو هجي تہ مون سورنهن آنا سچ تي ڳالهايو الائي نسورو ڪوڙ. نيٺ مونکي چيائين ”وديڪ ڪا وضاحت؟“

وراڻيم: ”وديڪ وضاحت اوهان کي سڀاڻي منهنجي پاسپورٽ ڏسڻ شرط خود بخود ٿي ويندي، جڏهن اوهان ڏسندا تہ مان نري گهٽ الله سائين جو اڌ جهان ڏسي چُڪو آهيان ۽ ڪيترن ملڪن جا ويزا منهنجي پاسپورٽ تي لڳل آهن. تنهنڪري هينئر مان فقط اهو عرض ڪندس تہ اڄ منهنجي گهرواريءَ جي پاسپورٽ تي ويزا هڻي ڏيو. سڀاڻي ساڳي مهرباني منهنجي پاسپورٽ تي ڪندا تہ اوهان جا ڳڻَ ڌُهل شرنايون وڄائي پيو ڳائيندس.“ اتي پاڪستاني آفيسر چيو:

”پر اسان تہ صبح جو 11 وڳين ڪانپوءِ پاسپورٽ وٺندا ئي ڪونہ آهيون.“

مون کيس چيو، ”ڪي اسپيشل ڪيس هوندا آهن، ڪي ويري اسپيشل هوندا آهن، منهنجو ڪيس ويري ويري اسپيشل سمجهي مونکي مهرباني ڪري سڀاڻي ويزا لڳائي ڏجو.“ وري پاڻ ۾ ڪجھ جپاني ۾ ڳالهايائون ۽ پوءِ جپاني ڪونسل جنرل چيو، ”چڱو تنهنجا ٻئي ڪم ڪريون ٿا. پر سڀاڻي 2 وڳين تائين هتي ضرور پهچي وڃجان، اسان 2 وڳين تائين تنهنجو انتظار ڪنداسين.“ مان 2 وڳين جو ٻڌي بيحد خوش ٿيس، پوري اُميد هئي تہ ٽيسٽائين مڙيئي پهچي وڃبو توڙي جو خدشو تمام گهڻو هو تہ خدانخواستہ پوري ٻارهين وڳي پاسپورٽ نہ مليا تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ يا برٽش ايمبئسي بہ نيوزيلنڊ جي ويزا ڏيڻ ۾ ڪجھ دير ڪرائي ڇڏي تہ پوءِ؟

بهرحال مان ٻنهي صاحبن جون تمام گهڻيون مهربانيون ۽ ٿورا ورجايا. ان ڪانپوءِ چيائون تہ آئون ٿورو ٻاهر انتظار ڪريان.

فقط ڏهہ منٽ انتظار ڪرڻو پيو ۽ مونکي گهرواريءَ جو پاسپورٽ مليو ويو جنهن تي ٽن مهينن جو ويزا لڳل هو. دل ۾ چيم، پنجن ڏينهن جي ناڪامي ڪانپوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مشڪل ۽ منجهائيندڙ مسئلي ۾ ڪاميابي حاصل ٿي آهي، ته انشاءَ الله هاڻي هر معاملي ۾ فتح نصيب ٿيندي."

هاڻي دل ۾ خيال آيو ته ٻيا مسئلا ته سڀ حل ٿي ويندا پر ڏوڪڙن جو مسئلو ڪيئن حل ٿيندو؟ يعني اُهي ڏوڪڙ جيڪي منهنجي ٻن مهينن جي غير حاضريءَ دوران ٻچڙن جي خرچ پکي لاءِ رکي وڃڻا هئا ۽ ان ڪانسواءِ گهرواري جي ٽڪيٽ لاءِ هدايت (منهنجي ياءُ) کي به پئسا ڏيڻا هئا. اهو مسئلو ان ڪري پيش آيو ته شروع ۾ ته هيڊڪوارٽر وارن چيو هو ته فقط ٻن ٽن ڏينهن ۾ ڪم ٿي ويندو تهنڪري مون کي پَڪ هئي ته واپسيءَ تي به چار ڏينهن حيدرآباد ۾ ٻچڙن سان گڏ گذاري، گهريل خرچ پکو ڪين ڏئي پوءِ ڏورانهين ڏيهه روانو ٿيو. پر هاڻي ته معاملو ئي بنهه اُلٽو ٿي ويو. انڪري مون اربع 19 فيبروري تي حيدرآباد ۾ پنهنجي گهروارن کي ٽيليفون ڪري ٻڌايو ته "سڀاڻي ڪراچي پهچي وڃجو، جي ويزا لڳي ويو ته ملاقات به ٿي ويندي ۽ موڪلائي به ڇڏبو، نه ته گڏجي حيدرآباد هلنداسون." ڪجهه ڪپڙا لٽا ۽ گهربل سامان سرڙي لاءِ به ڪين چيم ته ڪراچي کنيو اچن.

20 فيبروري خميس جو سج اُڀريو. الله – نبيءَ کي ياد ڪري هوٽل تان نڪتس. اجوڪي ڏينهن – فقط اجوڪي ڏينهنَ ۾ مون کي هيٺيان ڪم ڪرڻا هيا:

1- هيڊ ڪوارٽر وارن کان اٽڪل ٽيهه هزار روپيا بطور اڊوانس وٺڻا هيا.

2- آسٽريليا جي سفارتخاني مان پاسپورٽ ڪٽي اچڻا هيا.

3- ان ڪانپوءِ برطانيه جي سفارتخاني وٽي نيوزيلئنڊ جو ويزا وٺڻو هو جن لاءِ ايمبئسي وارن واعدو ڪيو هو ته فقط ڏهن – پندرهن منٽن ۾ ويزا هٿي ڏيندا سون.

4- جپان جي سفارتخاني وٽي مون کي پنهنجي لاءِ جپان جو ويزا وٺڻو هو.

5- انهن سڀني ڪمن ٽيڻ ڪانپوءِ والجيز ٽريولز (Walji's Travels) وڃڻو هو جتان آسٽريليا ۽ نيوزيلئنڊ جي سفر جي ٽڪيٽ ڪٽڻي هئي.

6- مون کي پنهنجي ذاتي ٽڪيٽ "هانگ ڪانگ کان ٽوڪيو جو بندوبست پڻ ڪرڻو هو.

7- جڏهن مٿي ڄاڻايل سڀ ڪم ٿي وڃن ته پوءِ اج ئي شام واري فلائيٽ ۾ ڪراچي پهچي پئڪنگ ڪرڻي هئي ۽ اڄ رات واري فلائيٽ ۾ آسٽريليا روانو ٿيڻو هيو. ايڏو ته ڏچن ۽ مونجهارن ۾ وڪوڙيل هوس جو ذهن چڱي خاصي پريشانيءَ (Tension) ۾ مبتلا هو پر پوءِ به الائي ڇو دل ۾ يقين هُيو ته سڀ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪم ٿي ويندا. لطيف سائين جي هڻ بيت دل کي تمام گهڻو آٿت پئي ڏنو:

سـيـيـئي سـبـحـان جي ڪـر حـوالـي ڪـم،
تـي تحـقـيـق تـسـلـيـم ۾ لاهـي غم وَهـم،
قـادر ســاڻ ڪـرم، حـاصـل ڪـري حـاج تـو.

صُبح جو سادي نوين وڳي هيڊ ڪوارٽر پهتس ۽ اچي نواب علي يوسف زئي جو سلام ڪيم. سائس ڏوڪٽرن واري ڳالهه ڪيم ته فوراً همت ڪندي چيائين "اوهان بس درخواست جلدي لکو ۽ اهو ڪم منهنجي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن مختلف سفارتخانن مان ويزا وٺي هتي پهچو ته اچي پئسا وصول ڪجو."

سادي يارهين وڳي آسٽريليا جي سفارتخاني پهتس. ڪائونٽر تائين پهچندي وهم وسوسا وڪوڙي ويا. اڄ به ويزا نه مليو ته پوءِ ... سوچي سوچي بور ۽ بيزار ٿيڻ لڳس. انهن ئي خيالن ۾ رڙهندو رڙهندو وڃي ڪائونٽر تي پهتس. پنهنجي آمد جو اطلاع ڏنم. ساڳي ڇوڪري ظاهر ٿي جنهن اڳ مون کان پاسپورٽ ورتا هيا. مون کي ڏسندي ئي پوئتي موٽي. دل ۾ ڪجهه سرهائي آئي ته ڇوڪري تڪڙ ۾ پوئتي جو موٽي آهي ته پڪ پاسپورٽ ڪڍڻ وئي هوندي. ڇوڪري ٻن منٽن ۾ واپس موٽي آئي.

ٻئي پاسپورٽ، هڪ منهنجو ٻيو منير حسين جو آڻي سامهون رکيائين ۽ مرڪندي مبارڪباد (Congratulations) ڏنائين. مون به رسمي طرح کيس Thank You چيو. بيحد خوشي ٿي. فوراً ٻاهر نڪري آيس ۽ ڊرائيور کي برٽش سفارتخاني هلڻ لاءِ چيم. مون سان گڏ مسٽر جليل به هُيو جيڪو نواب علي يوسف زئي سان گڏ ڪم ڪندو آهي. اُهو ڏاڍو خوش ٿيو. ايتري تائين جو ڊرائيور به اڄ بيحد خوش هيو جو ويچارو روزانو بيسود خالي گاڏي ڀڄائي ڀڄائي اُهو به جڻ بيزار ٿي پيو هو. اڄ جڻ کيس اهين ٿي محسوس ٿيو ته صحيح ڊرائيونگ فقط اڄ ڪئي هئائين. ٿوري ئي دير ۾ برٽش ايمبئسي پهچي وياسين. اُتي مسٽر مارڪ اسان جي انتظار ۾ هو. وڃڻ شرط پڇيائين "آسٽريليا جو ويزا لڳي ويو؟" منهنجي ها چوڻ تي فوراً ٻئي پاسپورٽ مون کان ورتائين ۽ پنهنجي آفيس ۾ هليو ويو. ڏهن منٽن جي اندر نيوزيلئنڊ جو ويزا هڻي ٻئي پاسپورٽ اچي هٿن ۾ ڏنائين. هن صاحب اسان جو ڪم بيحد قرب ۽ خلوص مان ڪيو هو تنهنڪري دل جي گهرائين مان سندس شڪريو بجا آندم.

برٽش ايمبئسي مان نڪرڻ مهل وقت ڏنم. منجهند جا ٻارهن لڳي

پنجيتاليهہ منٽ ٿيا هئا. مون کي جپاني ڪونسل جنرل جي ڳالهہ ياد هئي تہ ”ٻين وڳين کان اڳ اچجان.“

تنهنڪري ڊرائيور کي ”ڊبل مارچ“ جو سگنل ڏئي گاڏي ۾ ويهي رهيس، جنهن وني گاڏيءَ کي اُڏاريو ۽ فقط پندرهن منٽن ۾ اچي جپاني سفارتخاني پهچايائين. سفارتخانو بند ٿي چڪو هو. پر گيٽ تي منهنجي لاءِ هدايتون ڏنل هُيون تہ مان 2 وڳين تائين اندر وڃي سگهيس ٿي. اندر پهتس، پاڪستاني دوست انتظار ۾ هو. پهچڻ شرط ساڳيو سوال پڇيائين، ”آسٽريليا جو ويزا ملي ويو؟“ ها ڪيم تہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خوشخبري ڏنائين تہ ”اڄ تنهنجو ڪوبہ انٽرويو نہ ٿيندو، تون رڳو پاسپورٽ ڏي تہ توکي ٿيا هٿي ڏيون.“ دل ۾ چيم، ”قسمت ۽ مقدر جي سلسلي ۾ ڪونہ ڪو چڪر ضرور رکيل آهي. جڏهن ڪم نہ ٿيڻو هو تہ پورا پنج ڏينهن بنهہ بيڪار وينو هوس، سڄو معاملو منجهائيندڙ بڻجي چڪو هو. پر جڏهن چڪر جو چرخو ٽورو ڇُريو تہ اڄ ٻن ڪلاڪن جي وٿيءَ ۾ مختلف ملڪن جا ٽي ويزا لڳي ويا. واهہ منهنجا مولا واهہ! سوچن ۾ هڪ ٽڏو ساهہ پريم تہ ڪائونٽر تي سڏ ٿيو ۽ پاسپورٽ منهنجي هٿ ۾ ڏنائون. پاڪستاني دوست جنهن پاسپورٽ ڏنو، جا ٿورا ۽ مهربانيون مڃيم. ڪاٿس پڇيم تہ جيڪڏهن ڪونسل جنرل موجود هجي تہ اُن کي بہ ”اوهان جي مهرباني“ چوندو وڃان. ٿورو ترسڻ لاءِ چئي اندر هليو ويو، جلدي موٽي آيو ۽ مون کي اندر وڃڻ لاءِ چيائين. ڪونسل جنرل جو سلام ڪيم ۽ کيس چيم، ”مون سان اوهان خاص مهربانيون ڪيون آهن جنهن لاءِ مان دل جي گهرائين سان اوهان جا ٿورا مڃان ٿو.“ اخلاق جو مظاهرو ڪندي ورائيائين، ”اُميد تہ تنهنجو سفر سٺو گذرندو ۽ ٽوڪيو ۾ تنهنجو پاءُ ۽ سندس ٻارڙا بہ اُميد تہ خوش و خرم هوندا.“ کيس ٻيهر Thank you very much چيم ۽ پاڪستاني دوست جو بہ شڪريو ادا ڪري ٻاهر هليو آيس. سڌو هيڊڪوارٽر آيس جتي نواب علي يوسف زئي صاحب ڏوڪڙ منهنجي حوالي ڪيا. دل ۾ چيم تہ هاڻي شايد وقت هو سيني ڪمن جي خودبخود ٿيڻ جو ۽ منهنجي طرفان سيني جي ٿورن ۽ مهربانين ڳائڻ جو.

اسلام آباد هوٽل مان سامان کڻي والجيز ٽريولز ويٺو هو جتان ٽڪيٽون ڪٽڻيون هيون. ڇهين وڳي تائين ايئرپورٽ پهچڻو هيو جو ستين وڳي واري اُڏام ۾ ڪراچي پهچڻو هو. هوٽل مان سامان کڻي والجيز پهتاسين جتي ٽڪيٽ تہ تيار هئي پر آسٽريليا جي اندروني سفر لاءِ ڪجهہ هنڌن جي (Confirmation) اڃان ڪانہ ٿيل هئي. مون کي جپان لاءِ جدا ٽڪيٽ وٺڻي هئي. پورو ڪلاڪ لڳو تڏهن وڃي

ڪنفرميشن ٿي ۽ ٽڪيٽ تي O.K لکيائون.

هاڻي مسئلو هو جپان وڃڻ جو ۽ ٽڪيٽ ۾ تبديلي ڪرڻ جو پر پورين ڪوشش وٺڻ کان پوءِ به جڏهن اهو مسئلو حل نه ٿيو ته هڪ ٽريول ايجنٽ مون کان 12 هزارن روپين ۾ ڪيٿي پئسفڪ (Cathy Pacific) جي فلائيٽ ۾ هانگ ڪانگ جي ٽڪيٽ ناهي ڏني ۽ والجيز واري مون کي يقين ڏياريو ته آسٽريليا ۾ڪوبه ڪئنٽس (Qantas) جو ٽريول ايجنٽ مون کي آسانيءَ سان ميلبرن - سينگاپور روٽ جي بجاءِ ميلبرن - هانگ ڪانگ جي تبديلي ڪري ڏيندو ۽ ڪوبه مسئلو پيدا نه ٿيندو. بهرحال ٽڪيٽ وٺي ايئرپورٽ لاءِ روانو ٿيس. ستين وڳي جي فلائيٽ نوين وڳي ڪراچي پهتي. گهر پهچڻ تائين ڏهه وڄي ويا. منهنجي نيملي ڪراچي پهچي چڪي هئي. مشڪل سان پندرهن منٽ ڪن سائن ڪچهري ڪري پئڪنگ ۾ لڳي ويس. منهنجي گهروارن منهنجو گهربل سمورو سامان آندو هو جو ته ڪين خبر هئي ته مان چاچا پاڻ سان گڏ ڪٿي ويندو آهيان. تنهنڪري اهو اونو ۽ اُن تڻ نه رهي ته ڪو ضروري سامان پوئتي رهجي ويو هوندو. رات جو ساڍي ٻارهين وڳي گهران موڪلائي ڪراچي ايئرپورٽ تي هڪ لڳي پهتاسين. منيرحسين به بلڪل انهيءَ وقت پهتو. سندس پاسپورٽ ان جي حوالي ڪيم ته فوراً چيائين. ”سائين اوهان جي طرفان آسٽريليا جو ويزا حاصل ڪرڻ ۾ جيڪا اوهان کي تڪليف پهتي آهي ان جو ڪجهه نه ڪجهه ازالو (Compensation) اڄ تي ويندو.“ مون ڪانئس وضاحت گهري ته چيائين. ”اڄ سائين ۽ مان اڪنامي ڪلاس جي بجاءِ فرسٽ ڪلاس ۾ سفر ڪنداسون.“ مون آهستي ’منيرحسين زنده آباد‘ جو نعرو لڳايو. دراصل منيرحسين تمام رلڻو ملڻو ۽ ياري دوستي وارو ماڻهو آهي. ڪسٽم جا وڏا وڏا آفيسر سندس آتر ياءُ لاءِ بيٺا هئا.

هن تائي ايئر ويز وارن سان ڳالهائي اسان جا بورڊنگ ڪارڊ فرسٽ ڪلاس جا وٺي ڇڏيا هئا. جڏهن اسان کي جهاز ۾ ويهڻ لاءِ سڏ ٿيو ته هدايت مون کان موڪلايو جيڪو اميگريشن ٿيڻ تائين مون سان گڏ هيو. پرويز، ڪامران ۽ فياض (منهنجن ۽ هدايت جي ٻارڙن) کان ته ٻاهر جنرل لائونج ۾ ئي موڪلائي آيو هئس.


Scanned with CamScanner

# ڪراچي کان بئنڪاڪ

## Karachi To Bangkok

جهاز ٺيڪ 3-30 وڳي صبح جو روانو ٿيو. ٿوري ئي دير ۾ هوسٽيسون مختلف قسمن جي رَسُن (Juices) جا گلاس ڀري ڪٺي آيون. مون ۽ منير حسين (Apple Juice) پسند ڪيو. ايپل جوس اڳ ۾ الائي ڪيترا ڀيرا واپرايو هيوسين پر اڄوڪي جوس ايترو ته لطف ڏنو جو صفا غنودگي طاري ٿي وئي. غنودگي ڪي ختم ڪندي هوسٽيس کي ٻي گلاس آڻڻ لاءِ چيم. فوراً کڻي آئي ته منير حسين چيو "سائين باقي مون گناهه ڪيو." پوءِ منير صاحب پاڻ هوسٽيس کي چيو پر ٿوري دير ڪانپوءِ هوسٽيس اچي معذرت ڪئي ته وٽانئس (Apple Juice) جو اسٽاڪ ختم ٿي ويو هو. ڪنهن ٻي جوس جي طلب هجي ته هوءَ اهو آڻي ڏئي، پر منير حسين چيس ته ڪيس ٻيو ڪوبه جوس نه گهرجي. جوس پي، سيٽن کي پوئتي ڪري، منهن تي هڪ خاص قسم جو ٽوال رکي سمهي پياسين. گهري ننڊ مان اوچتو تڏهن ڇرڪ ڀري اُٿياسين جڏهن پاڪستان جي وقت مطابق صبح جي 7 وڳي ۽ ٿائلئنڊ جي وقت موجب صبح جو 00-9 وڳي جهاز ۾ لائٽون ٻري ويون. جن ننڊ ڪرڻ جي شوقينن ۽ نه جاڳڻ جي ماهرن جون اکيون اجا به نه کليون هيون انهن کي ايئر هوسٽيسن ڌونڌاڙي جاڳايو.

گرم گرم ۽ خوشبوءِ ۾ ٻڏل ٽوال اچي ويا جن کي منهن تي گهمايوسين ته ننڊ جا نشا چور چور ٿي رمندا رهيا، تازا توانا ۽ نوبنو ٿي وياسين. ناشتو ڪيوسين ته اعلان ٿيو، "سيٽ بيلٽ ٻڌو، چند منٽن ۾ بئنڪاڪ جي هوائي اڏي تي لهڻ وارا آهيون." منير صاحب چيو. "بلوچ صاحب بئنڪاڪ تائين ته فرسٽ ڪلاس پئسينجر جي حيثيت ۾ پهتا آهيون. پر اصلي پنڌ ته اڳتي جهاڳڻو آهي. دُعا ڪر ته ڪو داءُ لڳي وڃي ته آسٽريليا تائين فرسٽ ڪلاس ۾ هلون." ڳالهين ڳالهين ۾ پاڪستان جي وقت موجب پوري 30-7 جهاز لئنڊ ڪري ويو. ڪراچي کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بئنڪاڪ پهچڻ ۾ پورا چار ڪلاڪ لڳا. بئنڪاڪ ۾ صبح جا 30-9 ٿيا هئا. اسان بئنڪاڪ جي ايئرپورٽ جي ٽرنزٽ لائونج ۾ هليا وياسين. بئنڪاڪ جو ايئرپورٽ بيحد خوبصورت ايئرپورٽ آهي. صفائي سٿرائي مثالي آهي. هڪ چيزي ڪان ٻي چيزي تائين وڃڻ ۾ ماڻهو صفا ٿڪجيو پوي، تمام ڊگها رستا آهن. مون کي تہ ائين لڳو تہ خواه مخواه مسافرن کي ٿڪائڻ ۽ پريشان ڪرڻ لاءِ ايڏا وسيع ۽ ڊگها رستا ٺاهيا اٿن، پر پوءِ هيٿرو (لنڊن) شڪاگو ۽ ٻيا وڏا ايئرپورٽ جڏهن تصور ۾ آيا تہ پنهنجي راءِ تان هٿ ڪڍڻو پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# بئنڪاڪ کان هانگ ڪانگ

## Bangkok To Hong Kong

بئنڪاڪ ايئرپورٽ تي فقط منو ڪلاڪ ترسئو هو پر اڌ ڪلاڪ مس ويناسين تہ سڏ ٿيو تہ هانگ ڪانگ وڃڻ وارا مسافر پنهنجا بورڊنگ ڪارڊ حاصل ڪن. ڏسيل گيٽ، جتان جهاز روانو ٿيڻو هو، جي لائونج ۾ اچي ويناسين. مشڪل سان ڏهہ منٽ مس ويناسين تہ جهاز ۾ سوار ٿيڻ لاءِ سڏ ٿيو. هتان بہ Thai جي فلائيٽ هئي پر فرق اهو هو جو هاڻي اسان اڪانامي ڪلاس ۾ سوار هئاسون. فرسٽ ڪلاس جون سيٽون تمام ڪشاديون ۽ آرامده ٿين ٿيون، خدمت چاڪري، خوشامد برآمد بہ خوب ٿئي ٿي. ننڍڙا ننڍڙا تحفا بہ ملن ٿا. مطلب تہ ماٿهو فرسٽ ڪلاس ۾ VVIP جو درجو ماڻي وٺي ٿو. اڄ سال اڳ 1986ع ۾ جڏهن مان انٽرنيشنل وزيٽر پروگرام تحت آمريڪا ويو هوس تہ آمريڪا ويندي توڙي آمريڪا کان واپسيءَ تي مون کي ايمبئسيڊر ڪلاس (Ambassador Class) جنهن کي بزنس ڪلاس بہ چوندا آهن، ۾ اچڻ وڃڻ جو موقعو مليو هو. ائمبئسيڊر ڪلاس ۽ فرسٽ ڪلاس جي سيٽن ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي. ٻنهي ڪلاسن کي ساڳي اهميت حاصل آهي.

پاڪستان جي وقت مطابق صبح جو ٺيڪ 30-8 وڳي جهاز اڏامئو ۽ فقط ٻن ڪلاڪن کانپوءِ يعني پاڪستان جي وقت مطابق 30-10 وڳي هانگ ڪانگ جي مٿان اسان جو جهاز لامارا ڏيڻ لڳو. هانگ ڪانگ جون اوچيون اوچيون عمارتون هر طرف نظر اچڻ لڳيون. جيئن جيئن ويجها ٿيندا وياسين تيئن تيئن آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ بلڊنگن جو هڪ ٻيلو نظر آيو. وري جڏهن جهاز صفا هيٺ لئنڊ ڪرڻ تي هو تہ مون منير صاحب کان پڇيو. "يلا هانگ ڪانگ جو رن - وي (Run Way) سمنڊ مٿان ٺهيل آهي ڇا؟"

منير حسين ٺهڪ ڏيندي ورائيو "جڏهن پهريون ڀيرو مان هانگ ڪانگ آيو هوس تہ ائين ئي تو وانگر محسوس ٿيو هو." رن وي تي جهاز جي ڦيٿن ڪُهڻ ۾ فقط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻہ چار منٽ وڃي بچيا هيا تڏهن ٻہ هر طرف سمنڊ ئي سمنڊ ٿي نظر آيو. دل جي ڌڙڪن تيز ٿيڻ لڳي، نري ڳهٽ الله صمد پڙهڻ جهڙو ٿي ويو هوس جو ساهہ ۾ ساهہ پيو ۽ رن وي نظر آيو. پاڪستان جي وقت مطابق صبح جي 11 وڳي ۽ هانگ ڪانگ جي وقت مطابق منجهند جو ٻہ وڳي هانگ ڪانگ جي هوائي اڏي تي لٿاسين. ان حساب سان ٿائلينڊ پاڪستان جي ٽائيم کان ٻہ ڪلاڪ اڳتي ۽ هانگ ڪانگ ٽي ڪلاڪ اڳتي آهي. ايئرپورٽ تي آياسين، هتي اسان کي پورا 6 ڪلاڪ ترسڻو هو. منير حسين ۽ مون اڳ ۾ ئي صلاح ڪري ڇڏي هئي تہ اهي 6 ڪلاڪ افتي (افتخار احمد) سان گڏ گذاريندا سين جيڪو هانگ ڪانگ ۾ سنگر ڪمپني جو ورلڊ پريزيڊنٽ آهي. سنگر ڪمپني جي پريزيڊنٽ جي حيثيت سان صرف سنگر وارا ڪيس سڃاڻن ٿا پر انگريزي زبان ۾ ڪرڪيٽ جي ڪمينٽيٽر جي حيثيت سان سڄي دنيا ڪيس ڄاڻي سڃاڻي ٿي. پاڪستان مان منير حسين ۽ مون ساڻس ڳالهائي ڇڏيو هو ۽ طئي اهو ٿيو هو تہ هانگ ڪانگ ايئرپورٽ تان اسان ڪيس فون ڪنداسون ۽ پوءِ هو اسان کي وٺڻ ايندو. هانگ ڪانگ ايئرپورٽ جي گرائونڊ فلور تي ڪوبہ پبلڪ ٽيليفون بوٿ نہ هجي جتان ڪٿي اسان افتخار کي ٽيليفون ڪريون. هلندي هلندي ماڻهن جو هڪ هجوم نظر آيو. هجوم جي وچ ۾ هڪ 6-7 سالن جي نينگري روئي رهي هئي ۽ سڏڪا ڀري ڀري ساٿي تي پئي هئي. دراصل سندس ماءُ ڪانئس وڇڙي وئي هئي. ڪيترا ماڻهو سندس همدرديءَ ۾ نينگري وٽ موجود هئا. اسان کي جيئن تہ تڪڙ هئي تنهنڪري فوراً اتان تڪڙ ۾ نڪري هليا وياسين. ڳولي ڳولي ۽ پڇائون ڪري ڪري ٿڪجي پياسون. ڪلاڪ ڏيڍ هيڏي هوڏي واجهائيندي گذري ويو. اسان کي هانگ ڪانگ مان Qantas جي فلائيٽ ۾ ميلبرن وڃڻو هو.

سوچيوسين تہ ڪئنٽس جي ڪائونٽر تي ڪو رابطو ڪجي. پيٽوءَ واريون ڦيريون پائيندي ۽ هيڏي هوڏي واجهائيندي نيٺ هڪڙي جڳهہ تي تمام گهڻين ايئر لائنن جا ڪائونٽر نظر آيا. ٻين ايئر لائينز جا نمائندا تہ موجود هيا پر ڪئنٽس وارن طرفان "نہ بنده نہ بندي دي ذات هو وي" وارو معاملو هو. نيٺ فلپائن ايئرلائن جي هڪ اهڙي ڇوڪري ڏٺم جيڪا منهن مهانديءَ ۾ ڏاڍي ماناتي ۽ مروت واري نظر آئي. سچ چيو هو ڪنهن ڏاهي تہ: "Face is the Index of Mind" (چهرو انسان جي اندر جو آئينو آهي.) سُرندو سُرندو ڏانهَنس وڌي ويس. ڇوڪري بہ محسوس ڪري ورتو تہ مون سان ڪو وڏو پرابلم هو. جڏهن ٻڌايو مانس تہ هڪ دوست کي تمام


Scanned with CamScanner

ضروري ٽيليفون ڪرڻو هو پر ڪٿي ڪو ٽيليفون بُوٿ نظر نٿي آيو. ڇا هوءَ ڪا اسان جي مدد ڪري سگهي ٿي؟ ڇوڪري ڏاڍي مهذب ۽ تعاون ڪندڙ لهجي ۾ ٻڌايو ته ”ٽيليفون يا ٻيون سهولتون اوهان کي هن ايئرپورٽ جي فرسٽ فلور جي ڊپارچر لائونج (Departure Lounge) ۾ ملي سگهن ٿيون پر اوڏانهن وڃڻ لاءِ اوهان وٽ بورڊنگ ڪارڊ هجڻ ضروري آهي.“ اسان وراڻيو ته جڏهن ته Qantas جي ڪائونٽر تي ڪوبه موجود ڪونهي تنهنڪري بورڊنگ ڪارڊ ڪير اسان کي ڏئي ها. ڇوڪري جنهن جو نالو به نه پڇي سگهيو هوس، اسان کي ٿورو انتظار ڪرڻ لاءِ چئي ڪيڏانهن هلي وئي. انتظار جو هڪ منٽ به ڪلاڪن ۾ بدلجي ويندو آهي پر ڇوڪري سچا سارا ويهه منٽ غائب ٿي وئي. منير صاحب چيو ”بلوچ صاحب هاڻي پيو هانگ ڪانگ ايئرپورٽ جون هوائون کاءُ، ڇوڪريءَ کي جيڏانهن وڃڻو هيو هلي وئي.“ منير حسن جي چپن ۾ مسڪراهٽ هئي ۽ مون سمجهيو ته مڙئي وقت گذارڻ لاءِ مذاق ڪرڻ جي موڊ ۾ هو. اڃا وڌيڪ پنج منٽ انتظار ڪيوسين ته ڇوڪري پري کان ئي ٻهڪندي نظر آئي. اچڻ سان اچي خوشخبري ٻڌايائين ته اسانجو ڪم ٿي ويو هو ۽ اسان هاڻي ڊپارچر لائونج ۾ وڃي سگهياسين ٿي. مان دنيا ۾ ڏاڍو سفر ڪيو آهي، هر ايئرپورٽ جي ڊپارچر لائونج ۾ ماٺهو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ۽ ڪڏهن ته سڄو ڏينهن يا سڄي رات به گذاريندو آهي مگر زندگي ۾ پهريون ڀيرو هانگ ڪانگ ايئرپورٽ تي هڪ عجيب مونجهارو هو ته ماٺهو ڊپارچر لائونج ۾ بورڊنگ ڪارڊ ڪانسواءِ نٿي وڃي سگهيو. اسان ڪوشش به ڪئي پر هر دفعي اسان کان پڇيو ويو، ”اوهان جو بورڊنگ ڪارڊ ڪٿي آهي؟“

ڇوڪري دراصل وڃي اميگريشن وارن سان ڳالهائي آئي جن اسان کي ڊپارچر لائونج ۾ وڃڻ جي اجازت ڏني. اسان فلپائن جي ڇوڪري جو تمام گهڻو شڪريو ادا ڪندا، ڪيس هيلو هاءِ ڪندا ڊپارچر لائونج ۾ پهچي وياسين. هتي ته دنيا ئي نرالي هئي. هيٺ گرائونڊ فلور تي ته صفا سُڃ لڳي پيئي هئي، پر فرسٽ فلور جي وڏي ۽ وسيع ڊپارچر لائونج ۾ ڇاڇا نه هو. ڪيئي ٽيليفون بوٿ، ريسٽورنٽ، شاپنگ سينٽر، ڊيوٽي فري شاپس، وڏا وڏا ڊپارٽمينٽل اسٽور، بوڪ اسٽال مطلب ته تمام گهڻي گهماگهمي هئي. افتخار کي ٽيليفون ڪرڻ جي چڪر ۽ ڊپارچر لائونج تائين پهچڻ جي جنجهٽ ۾ اسانجو پورو ڏيڍ ڪلاڪ ضايع ٿي چڪو هو. بهرحال پوءِ به افتخار کي ٽيليفون ڪيوسين. هن چيو ته ”يار هاڻي ٽائيم ضايع ٿي ويو، جو ته پورو ڪلاڪ ته مون کي ايئرپورٽ تائين پهچڻ ۾ لڳندو ۽ اوهان کي هانگ ڪانگ به نه ڏيکاري سگهندس. تنهنڪري هاڻي ميلبرن ۾ ملاقات

ٽيندي.“البت افتخار چيو ته ”اوهان لاءِ هڪڙو ڪم ڪري سگهان ٿو ته جي اوهان پاڪستان ۾ پنهنجي گهر ٽيليفون تي ڳالهايو ته ان جو انتظام ٿي سگهي ٿو.“ اسان ڏاڍا خوش ٿياسين. افتخار پنهنجي ٽيليفون تان منهنجي گهر ٽيليفون ڪري هانگ ڪانگ ايئرپورٽ جي بوٿ ۾ لڳل ٽيليفون تي ڳالهرايو. آواز اهڙو صاف هو جهڙو ساڳي شهر ۾ هوندو آهي. ٻچڙن سان ڳالهايم ڏاڍا خوش ٿيا، ۽ مون کي به بيحد خوشي ٿي. ان کان پوءِ منير حسين به پنهنجي گهر ڳالهايو. منير صاحب ۽ مون ايئرپورٽ تي ٺهيل باٿ رومن ۾ وڃي شيو ڪئي ۽ مون ته شاور به ورتو ۽ تازو توانو ٿي ويس. ريسٽورنٽ ۾ ڪجهه هلڪو ڦلڪو ڪاڏو ڪائي ڪافي پيتيسون ته موج اچي وئي ۽ سفر جو ٿڪ صفا لهي ويو. اجان اسان جي روانگي ۾ ٽي ڪلاڪ ڪن هئا تنهنڪري شاپنگ سينٽر ۽ وڏا وڏا ڊپارٽمينٽل اسٽور گهمڻ شروع ڪياسين. مون ڪي هڪ ڪئمرا وٺي هئي ۽ هڪ ڪئلڪيوليٽر.(Calculator) ڪئمرائون ته ڪجهه مهانگيون لڳيون، البت هڪ ڪلڪيوليٽر ورتم جيڪو اڳتي هلي ورلڊ ڪپ جي مئچن ۾ رن ريٽ (Run Rate) ڪڍڻ ۾ ڏاڍو ڪم آيو. منير صاحب هر هر، پنهنجي ڪمينٽريءَ دوران چئي رهيو هو ته، ”جي بلوچ صاحب هانگ ڪانگ مان ڪئلڪيوليٽر نه خريد ڪري ها ته اسان کي رن ريٽ ڪڍڻ ۾ ڏاڍي دشواري پيش اچي ها.“

هانگ ڪانگ ايئرپورٽ تي 6 ڪلاڪ گذارڻ جنجال ٿي پون ها جيڪڏهن منير حسين مون سان گڏ نه هجي ها. هي ٻهريون دفعو هو جو منير حسين سان گڏ سفر ڪرڻ جو موقعو مليو هو. اڳ 1983ع ۾ ٽئين ورلڊڪپ جي موقعي تي به منير حسين اسان سان گڏ هو پر فقط ڪمينٽري جي وقت. ان کانپوءِ مان، افتخار، ماجد خان ۽ عمر قريشي هر جڳهه تي گڏ هوندا هئاسين. سڄي انگلنڊ ۽ ويلز جو سفر به باءِ روڊ ڪيو هيوسين ۽ گڏ گهميا ڦريا هياسين. تڏهن منير صاحب پنهنجي منهن هوندو هو توڙي جو رهندا به ساڳئي هوٽل ۾ هياسين. هن دفعي سندس سنگت ۾ احساس ٿيو ته هو صاحب بيحد اعليٰ اخلاق جو مالڪ، خنده مزاج، سنگت جو سٺو، خرچ ڪرڻ ۽ ڪسُ ڪسرَ ڪائڻ وارو شخص آهي. سندس سنگت ۾ ماڻهو بور هرگز نه ٿيندو. اڳ مان سمجهندو هوس ته منير حسين هڪ سوبر ۽ رُکي قسم جو ماڻهو آهي، پر هاڻي سڌ پيم ته هو اندر جو ڪيڏو نه صاف ۽ سٺو انسان آهي، وڏي ڳالهه ته خوش خلقي ۽ خنده مزاجي ۾ هو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ٿورو ڪو لطيفو يا کِلڻ جهڙي ڳالهه ٻڌايوس ته سچو ڏينهن پيو وڏا ٽهڪ ڏيئي کلندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# هانگ ڪانگ کان ميلبرن
Hong Kong Melbourne

گهمندي ڦرندي ڳالهيون ٻولهيون ڪندي، کلندي ٽهڪندي وقت جي گذرڻ جو احساس ئي ڪونہ ٿيو. خبر تڏهن پئي جڏهن سڏ ٿيو تہ سڊني وڃڻ وارا مسافر بورڊنگ لاءِ گيٽ نمبر 14 طرف وڃن. هانگ ڪانگ جي وقت مطابق رات جو 8-45 ۽ پاڪستان جي وقت مطابق 5-45 تي جهاز روانو ٿيو. هي پهريون ڀيرو هو جو Qantas جي پرواز ۾ ڊگهي سفر ڪرڻ جو موقعو مليو. جهاز جيئن اُڏاڻو تہ ڪئپٽن اعلان ڪيو "هي پرواز سڌو سڊني ۾ هلي لئنڊ ڪندي ۽ اسان کي سڊني پهچڻ ۾ پورا اٺ ڪلاڪ لڳندا."

اڌ ڪلاڪ کن ڪانپوءِ هڪ پُر تڪلف ڊنر ڪارائي وئي. اسان اڳ ئي مسلم مِيل (مسلمانن جي ماني) جو آرڊر ڏئي ڇڏيو هو پر هتي جدا مانيءَ جي ضرورت ئي ڪانہ پئي ڇوتہ سيني لاءِ ساڳي ماني هئي. چڪن، بيف (ڪڪڙ ۽ ڳائو گوشت) پلاءُ، آنا، فروٽ، سئيٽ ڊش وغيره. ماني لذيذ ٺهيل هئي ۽ ڏاڍي وڻي. منير حسين بہ اوڳرايون ڏئي مانيءَ جي ڏاڍي تعريف ڪئي. ماني کائڻ ڪانپوءِ جلد ئي اوٻاسيون اچڻ لڳيون. سيٽن کي پوئتي ڪري سمهي پياسين ۽ ٿاهوڪي ننڊ اچي وئي. صبح جو مقامي وقت مطابق 7 وڳي جهاز ۾ بتيون ٻري ويون. سڀ جاڳي پياسون. ساڳيا گرم ٽوال اچي ويا پر هنن ۾ اُها خوشبوءِ ڪانہ هئي جيڪا ٿائي ايئر وارن ڪراچي کان بئنڪاڪ پهچڻ وقت اسان کي ڏنا هيا. شايد ان ڪري جو هاڻي اسان فرسٽ ڪلاس پئسينجر نہ هئاسون. بهرحال خوب تازا توانا ٿي، سيٽن کي سڌو ڪري ويهي رهيا سين. ٿوري دير ڪانپوءِ جوسز (Juices) اچي ويون. ان ڪانپوءِ پندرهن منٽن جي اندر ناشتو ڪٺي آيا. ناشتي ختم ٿيڻ شرط ئي اعلان ٿيو تہ اسان بيلٽ ٻڌون جو سڊني ايئرپورٽ تي لهڻ وارا هئاسون. پورن 8 ڪلاڪن ۽ 15 منٽن ۾ هانگ ڪانگ کان سڊني پهتاسون.

سڊني ائيرپورٽ تي اڌ ڪلاڪ ترسي آسٽريليا جي انٽرنيشنل ايئرلائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنٽنس (Qantas) کي ڇڏي، سنڌن ڊوميسٽڪ ايئر لائين ائنسيٽ (Ansett) ذريعي سڊني کان روانا ٿياسون ۽ فقط هڪ ڪلاڪ ۾ ميلبرن ايئرپورٽ پهچي وياسين.

لهڻ شرط ٽيڪسي ۾ سوار ٿياسون جيڪا هنڊا اڪارڊ گاڏي هئي، مڪمل ايئر ڪنڊيشنڊ، ڊرائيور جو ڇا ته شان هو. جيڪڏهن اها خبر نه هجي ها ته ٽيڪسي ڊرائيور آهي ته اسان ڪيس آسٽريليا جو وزير نه ته سهي ڪو بالا آفيسر ضرور سمجهون ها. بهترين پينٽ شرٽ ڪيس پيل هئي ۽ ٻانهن ۾ زبردست واچ پاتل. پر مجال جو ڊرائيور سڪٽي شو بازي جو مظاهرو ڪري. پاڻ گاڏيءَ جي ڏِگي کوليائين، اسان جون وڏيون وڏيون ٻگون پاڻ کڻي ڏِگيءَ ۾ اهڙي طرح مانائتي نموني ۾ رکيائين جيئن ٻگن کي ڪنهن ڪنڊ پاسي کان ڪا رهڙ نه اچي وڃي.

## ميلبرن - آسٽريليا جي سرسبز رياست

## Melbourne - Garden State of Australia

ميلبرن شهر، جيڪو سڊني کان پوءِ آسٽريليا جو ٻيو نمبر وڏي ۾ وڏو شهر آهي جو سرسري نظارو ڪندا سڌو هوٽل هلٽن اچي پهتاسين، جتي پاڪستان جي ڪرڪيٽ ٽيم اڳ ۾ ئي رهيل هئي. پاڪستان ٽيم جي مئنيجر انتخاب عالم اسان جي بوڪنگ اڳ ۾ ئي هلٽن ۾ ڪرائي ڇڏي هئي. هن فائيو اسٽار هوٽل ۾ رهڻ جو لطف ان ڪري وڌيڪ هو جو هوٽل جي بلڪل سامهون دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڪرڪيٽ گرائونڊ M.C.G (ميلبرن ڪرڪيٽ گرائونڊ) هو، جتي سيائي پاڪستان جي ٻهرين مئچ ويسٽ انڊيز سان ٿيڻي هئي. سڀ کان پهريون ڪم اهو ڪيم ته سڊني ۾ A.B.C (آسٽريلين براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن) جي اسپورٽس پروڊيوسر، مسٽر آلن مارڪس (Allan Marks) کي ٽيليفون ڪري ڪانٽس سٽلائيٽ سرڪٽ جي بوڪنگ ڪنفرم ڪرڻ چاهيم. آلن مارڪس سان ٽيليفون تي ڳالهايم. اعليٰ اخلاق جو مظاهرو ڪندي هن لفظن سان مخاطب ٿيو، ”سڀ کان پهريون مان اوهانجي آسٽريليا ۾ آمد تي اوهان کي آڌر ڀاءُ چوان ٿو. وغيره وغيره.“ ڪانٽس جڏهن مون سٽلائيٽ بوڪنگ جو پڇيو ته چيائين، ”سؤ في صد ڪنفرم آهي پر تنهن هوندي به مان ميلبرن ڪانسواءِ ٻين جڳهن جو به سڄو پروگرام، وقت ۽ ٻيون جيڪي به تبديليون ٿيون آهن، اوهان کي اوهانجي هوٽل تي Fax ڪري ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موڪليان.“ مان سندس ٿورا مڃيا. فقط هڪ ڪلاڪ ۾ هن جو فيڪس ڪيل پيغام ملي ويو. جنهن ۾ هڪ ٻن هنڌن تي مئچ جي وقت ۾ ڪجهه تبديلي ٿيل هئي. هوٽل ۾ ڪمرا وٺي هڪ ٻه ڪلاڪ آرام ڪيوسين. منجهند جو ٻي وڳي ڌاران شاور وٺي نڪتاسون گهمڻ ڦرڻ. اسان جي هوٽل جي بلڪل سامهون ٽرام جو اسٽاپ هو. پنج منٽ مس ترسياسين ته ٽرام اچي وئي، جنهن ۾ چڙهي ويٺاسين. آرام ڏيندڙ ۽ نئين نڪور ٽرام هُئي جنهن ۾ چڙهي هڪ ته ڏاڍو مزو آيو ٻيو تصور ۾ ڪراچي پهچي ويس جتي ڪنهن زماني ۾ بندر روڊ تي ٽرام هلندي هئي ۽ ڪياماڙي تائين ويندي هئي. 68-1967ع ۾ جڏهن مان ڪراچي آيس ته ٽرامون پوين پساهن ۾ هيون. سندن پرخچا ۽ جنازا نڪري چُڪا هئا. ڪيئي پيرا ويچارا بدنصيب مسافر حادثي جو شڪار ٿيا هيا، جڏهن تختي تي بيٺل ماڻهو تختي جي ٽٽي پوڻ سبب هلندڙ ٽرام مان هيٺ ڪري پوندا هيا.

پر ميلبرن جي ٽرام ۾ چڙهي ڪري ڏاڍو مزو آيو. نه ڏڪو نه جهٽڪو، فقط ڏهن منٽن ۾ اچي ڊائون ٽائون پهتاسين. وڏا وڏا ڊپارٽمينٽل اسٽور، ڪشادا رستا، ويڪرا فٽ پاٿ ۽ رنگين بازارون ۽ ان ڪانسواءِ ٻيا به ڪيترائي خوبصورت ۽ دلڪش منظر هيا. منير حسين چيو ”بلوچ صاحب هتي جي هڪ مشهور شاپنگ اسٽريٽ آهي جيڪا ڏسڻ وٽان آهي پر هن وقت مون کي ان جو نالو ياد نه پيو اچي.“ ڏاڍو ذهن تي زور ڏنائين پر ڪيس ياد نه آيو. اُتي ڪيس هڪ شرارت سُجهي آئي. سامهون ٻه چار ڇوڪريون پاڻ ۾ ڪچهري ڪري رهيون هيون، مون کي چيائين، ”تون انهن کان وڃي پڇ ته هتان جي سڀ کان مشهور شاپنگ اسٽريٽ ڪهڙي آهي ۽ ڪٿي آهي؟“ چيو مانس ”تون ڇو نٿو پڇين؟، ورائيائين ”مون کي محسوس ٿو ٿئي ته ڇوڪريون تون سان وڌيڪ تعاون ڪن ٿيون.“ پوءِ ياد ڏياريائين ته ”هانگ ڪانگ ايئرپورٽ تي جي تون فلپينو ڇوڪريءَ سان نه ڳالهائين ها ته اسان جو مسئلو حل ٿئي ئي ڪونه ها.“ مون ڪيس چيو، ”منير صاحب لڳي ٿو ته تون شرارت جي موڊ ۾ آهين.“ واقعي منير حسين ڪڏهن شرارت جي موڊ ۾ هوندو آهي ته پوءِ ننڍن ٻارن کان به گوءِ کڻي ويندو آهي.

ولايت ۾ خاص طرح انگريزي نسل جتي به آهي، ڪوبه منجهيل ماڻهو ڪو رستو، دڳ يا ڏس پتو ڪنهن به ماڻهوءَ کان پڇندو پوءِ اهو ڇوڪرو هجي يا ڇوڪري، ڪيس مڪمل تعاون ملندو ۽ ڪنهن به قسم جو مونجهارو دور ڪرڻ ۾ جي اڳٿين جي وس ۽ معلومات ۾ هوندو ته ڀرپور مدد ملندي. بهرحال منير حسين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ضد ڪيو تہ مان ٿي ڪانئن وچي پچان سو، سُري ويس چوڪرين ڏانهن جن ڪان جڏهن مشهور شاپنگ اسٽريٽ جو پڇيم تہ فوراً وراڻيائون، ”اوهان شايد ڪولنس اسٽريٽ (Collins Street) جو پڇي رهيا آهيو.“ تہ منير حسين اِهو ٻڌي پري ڪان ئي رڙ ڪئي، ”بلوچ صاحب ڇوڪرين ڳجهارت ڀڃي ڇڏي، واقعي اسان ڪي ڪولنس اسٽريٽ جي تلاش هئي پر مون ڪان نالو وسري ويو هو.“ منير جي آواز تي ڇوڪريون ٽوريون هڪيون ٻڪيون ٿي ويون تہ هي غيبي آواز ڪٿان آيو پر مون کين ٻڌايو تہ هو صاحب منهنجو دوست هو.

وڌيڪ وضاحت ڪندي هڪ ڇوڪريءَ چيو، فقط ٽي گهٽيون ڇڏڻ ڪانپوءِ چوٿين ڪولنس اسٽريٽ هئي. مون کين بہ ٽي ڀيرا Thank You چيو ۽ منيرحسين کي چيم، ”توري دير اڳ تون منهنجو رهبر هئين ۽ هاڻي مان تنهنجو گائيڊ آهيان.“ ”مسٽر بلوچ! بجاءِ ڇوڪرين کي ٿئنڪ يو چوڻ جي تون منهنجو شڪريو ادا ڪر جو منهنجي ڏسَ تي عمل ڪيئي تہ هاڻي منهنجو بہ گائيڊ بڻجي ويو آهين.“ مون ڏانهس نهاريو، مُرڪي ڏنائين، ڪيس چيم، ”اوهان جي وڏي مهرباني.“ ڏهن منٽن ۾ ڪولنس اسٽريٽ پهچي وياسين. واقعي هي سچو علائقو ڏسڻ وٽان آهي. بيحد خوبصورت بازار آهي جتي وڏا وڏا ڊپارٽمينٽل اسٽور ۽ شاپنگ سينٽر آهن. فوٽ پاٿ ڪافي ڪشادا ۽ ڏاڍا خوبصورت ٺهيل آهن. هن ئي اسٽريٽ تي بہ وڏا فائيو اسٽار هوٽل (Regent Hotel) ۽ دي هيئٽ (The Hyatt) ٺهيل آهن. هن ئي اسٽريٽ تي هڪ ننڍڙو علائقو پئرس اينڊ (Paris End) آهي جيڪو پڻ بيحد خوبصورت ۽ ڏسڻ وٽان آهي. افسوس جو اسان وٽ في الحال فقط اجوڪو ڏينهن بچيل هو نہ تہ ڪولنس اسٽريٽ ۽ ان جي اردگرد وارو شاپنگ مال ايترو تہ وسيع، ڪشادو ۽ خوبصورت هو جو دل پئي چيو تہ بہ ٽي ڏينهن هتي مسلسل ايندو رهجي ها ۽ اطمينان سان بازارون ۽ وٽج واپار جا ماڊرن مرڪز ڏسي سگهون ها. جڏهن اڍائي ٽي ڪلاڪ ڪن گهمياسين تہ منير صاحب مان سخت ٿڪجي پيو آهيان، ننڊ ٿي اچي، هل تہ جلد هوٽل تي موٽي هلون.“

.... ها، هوٽل تي واپس ٿيڻ ڪان اڳ اوهان کي ڪولنس اسٽريٽ جي تمام وڏي شاپنگ سينٽر The Shop of Shop جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌائيندو هلان. هي هڪ تمام وڏو شاپنگ سينٽر آهي جنهن جي اندر وري ننڍڙا ننڍڙا ۽ بيحد سهڻا سهڻا دُڪان ٺهيل آهن. شيون ڪيڏي خوبصورتي، ترتيب ۽ فنڪاريءَ سان دڪانن تي سجايون ويون آهن ان جو تعلق ڏسڻ سان آهي، شايد بيان ڪرڻ سان حق ادا نہ


Scanned with CamScanner

ٿيندو يا وري اسان جي محترم ۽ مهربان علينواز وفائيءَ چواڻي تہ "ان ڳالهہ کي بيان ڪبو تہ دفتر درڪار ٿي ويندا."

هوٽل تي موٽي وياسين، ماني کائي رڳو وهاڻي تي سر رکڻ جي دير هئي تہ گهري ننڊ اچي وئي. پورا ٽي ڪلاڪ آرام ڪري شام جو ڇهين وڳي ڌاران اُٿيس. منير حسين کي ٽيليفون ڪيم پر هو ڪمري ۾ موجود ڪونہ هو، ان ڪري مان اڪيلو فٽز راءِ گارڊنز (Fitz Roy Gardens) گهمڻ هليو ويس. لنڊن جي ڪينزنگٽن گارڊن جون سِڪون لاٿائين. البت لنڊن جو هائيڊ پارڪ يا ريجنٽ پارڪ اجا وڌيڪ سهڻا ۽ ڪشادا آهن پر فٽزراءِ گارڊن جي وسيع لان مون کي تمام ڇهچ سائي نظر آئي. وچ تي ننڍڙا ننڍڙا روڊ رستا ٺهيل آهن جيڪي ساوڪن ۽ رنگ برنگي گلن ٻوٽن جي وچ ۾ ڏاڍو دلڪش منظر پيش ڪن ٿا. لان ۽ گلن ٻوٽن کي پاڻي ڏيڻ لاءِ ٿورن ٿورن مفاصلن تي گول ڦرندڙ ڦوهارا فٽ ٿيل آهن جيڪي آٽوميٽڪ طريقي سان ڪجهہ وقت لاءِ ڇهرائن ۽ گلن کي پاڻي ڏيڻ کانپوءِ خودبخود بند ٿي وڃن ٿا. فٽز راءِ گارڊن ڪانسواءِ بہ ميلبرن ۾ ننڍا ۽ وڏا خوبصورت پارڪ ۽ گارڊن تمام گهڻي تعداد ۾ آهن. ان ڪري ميلبرن کي سڏيندا ئي آهن. "گارڊن اسٽيٽ آف آسٽريليا".

## آسٽريليا جون مُندون ۽ موسمون
## Seasons in Austalia

ميلبرن وڪٽوريا اسٽيٽ جي گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ يارا ندي (Yarra) جي ڪناري تي آهي. ميلبرن، آسٽريليا جي ڏکڻ - اوڀر طرف آهي. آسٽريليا ۾ چارئي موسمون، سيارو- بهار - اونهارو - سَرءُ، اسان جي موسمن کان بلڪل متضاد ۽ مختلف مهينن ۾ اچن ٿيون. جون، جولاءِ ۽ آگسٽ سياري جا مهينا آهن جن ۾ چڱي خاصي سردي پوي ٿي ۽ ٽيمپريچر 10 کان 12 ڊگري سينٽي گريڊ رهي ٿو. هُونئن مئي کان وٺي سيپٽمبر تائين يعني پنج مهينا سياري جي موسم رهي ٿي پر وڌيڪ سرد مهينا جون، جولاءِ، آگسٽ ئي ليکيا وڃن ٿا، جيڪي اسان وٽ وڏ ۾ وڏ گرم مهينا آهن.

بهار جا مهينا سيپٽمبر، آڪٽوبر ۽ نومبر آهن، جن ۾ گرميءَ جو درجو 15 کان 17 سينٽي گريڊ رهي ٿو. اونهارو.... ها! اونهارو نومبر جي 15 کان شروع ٿي وڃي ٿو ۽ ڊسمبر، جنوري ۽ فيبروري، هتان جي حساب سان سخت گرمين جا مهينا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن جيڪي اسان وٽ سخت سردين جا مهينا آهن. ڊسمبر کان فيبروري تائين گرمي جو درجو 25 ڊگري سينٽي گريڊ تائين وڃي ٿو. سرءُ جي موسم جا مهينا مارچ، اپريل ۽ مئي آهن جن ۾ 16 کان وٺي 18 ڊگري سينٽي گريڊ تائين ٽيمپريچر رهي ٿو.

آسٽريليا جو وقت لنڊن ۽ آمريڪا جي مقابلي ۾ به وڌيڪ مونجهائيندڙ آهي، يعني مهيني ٻن جي وقفن سان مختلف علائقن ۾ وقت مختلف ٿي وڃي ٿو. ان صورتحال کي انگريزي ۾ (Days Saving Time) سڏين ٿا. بهرحال فيبروري ۽ مارچ دوران آسٽريليا جي ٻن وڏن شهرن سڊني ۽ ميلبرن جو وقت پاڪستان جي وقت کان 5 ڪلاڪ اڳتي هو. پرٿ جو شهر جيئن ته آسٽريليا جي مغرب ۾ آهي ته اُتي وري ٻه ڪلاڪ ٽائيم پوئتي ٿي وڃي ٿو. ٻين لفظن ۾ پاڪستان ۽ پرٿ جي وقت ۾ فقط 3 ڪلاڪن جو فرق آهي.

22 فيبروري جي رات جو دوستن سان ڪچهريون ڪيونسين. خاص طرح جاويد ميان داد جي ڪمري ۾ دوستن جي ڏاڍي رش هئي. جڏهن منير حسين کي اُتي ڏٺم ته ڪانئس پڇيم ته هو شام جو ڪيڏانهن ويو هو جڏهن ته مان سندس ڪمري ۾ هڪ ٻه دفعا ٽيليفون به ڪيو هو. وراڻيائين، ”بلوچ صاحب منهنجن ٻين دوستن به شڪايت ڪئي آهي ته هنن مون کي ٽيليفون ڪيو هو، پر مون کي ايتري ته گهري ننڊ هئي جو ٽيليفون جون زوردار گهنٽيون به مون کي جاڳائڻ ۾ بري طرح ناڪام ويون.“ وڌيڪ ٻڌايائين ته هو 4 وڳي سُتو هو ۽ رات جو 30-8 وڳي ننڊ مان سندس اک کلي هئي. ان هوندي اڄا رات جو ڪيس ننڊ جو ٻيو دؤر به ماڻڻو هو.

رميز راجا به جاويد جي ڪمري ۾ هو ته سليم ملڪ ۽ اقبال سڪندر پڻ اُتي موجود هئا. جاويد مياںداد کي بيحد ڏک هو ته ڪيئن نه عمران خان (ڪپتان) ۽ انتخاب عالم (مئنيجر) ڪيس پاڪستان ۾ ڇڏي پاڻ ورلڊ ڪپ لاءِ روانا ٿي ويا هيا ۽ مشهور اهو ڪيو هيائون ته جاويد مياںداد فٽ ڪونه هو، حالانڪ هن ويچاري کان پڇيو به نه ويو هو ته هو فٽ هيو يا نه. پوءِ جڏهن سڄي ملڪ ۾ عوام جي طرفان وڏو شور ٿيو ۽ اخبارن جاويد مياںداد سان ٿيل زيادتيءَ تي تمام گهڻو لکيو، تڏهن سليڪشن ڪميٽي وارن جاويد مياںداد کي بعد ۾ آسٽريليا موڪلي ڏنو هو. جاويد مياںداد وچڻ شرط گروم اپ (Groom up) مئچن ۾ اها شاندار ڪارڪردگي ڏيکاري جو عمران خان به اعتراف ڪيو ته جاويد مياںداد زبردست فارم ۾ هو. ان ڪانسواءِ مياںداد جا ڪيترا دوست ۽ مداح الائي ڪٿان ڪٿان اچي نڪتا هيا. ويچارو جاويد مياںداد منهن جو ڪُونڙو، سو ڪنهن کي چوي ته ”يارو هاڻي روانا ٿيو

جو مون کي سياڻي نہ رڳو ورلڊ ڪپ جي بهرين مئچ کيڏٽي آهي پر سڄي مئچ کي سنڀالڻو ۽ ڪنٽرول بہ مون کي ئي ڪرڻو آهي.“ تنهنڪري منير صاحب ۽ مون صلاح ڪئي تہ ماڻهن کي چلتو ڪجي. سو هن دفعي منير کي مون اڳ ۾ ڪيو ۽ چيو مانس تہ اهڙو موضوع ڇيڙي. منير حسين تمام ذهين ۽ دنياداري جي معاملن ۾ ڏاڍي عقلمنديءَ واري ڊپلوميسي سان هلندو آهي. ان فوراً اعلان ڪيو، ”اڇو تہ پلا پنهنجن ڪمرن ۾ هلي ٽا ڪچهري ڪريون جو سياڻي پاڪستان جي بهرين مئچ آهي تنهنڪري ٽيم کي ڪجهہ آرام ڪرڻ ڏجي.“ جاويد مياندار ۽ ٻين دوستن جي تہ جان ڇُٽي، هاڻي اسان کي خطرو نظر آيو تہ جي 10-15 ماڻهو هتان اُٿي اسان جي ڪمرن ۾ هلن ٽا تہ پوءِ تہ لاهہَ نڪري ويندا. تنهنڪري ڪوريڊور ۾ اچڻ شرط ٻيو اعلان مون ڪيو. ”منير صاحب اسان کي بہ ڪمينٽري ۾ سڄو ڏينهن ڳالهائڻو آهي ۽ ٻيا بہ ڪيئي انتظام ڪرڻا آهن تنهنڪري هاڻي آرام ڪرڻ گهرجي.“ تارَ وڃي سيئي سُر کي سمجهي ويا ۽ ڪوريڊور مان ئي اسان کان موڪلائي روانا ٿيا. منير حسين مون کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويو ۽ پنهنجي شرارت (activity) تي خوب کلياسين. چياٽين ”بلوچ صاحب توکي تہ مان ٻارهين وڳي تائين ڪونہ ڇڏيندس، ويهي ٽا ڪچهري ڪريون.“

# پاڪستان - ويسٽ انڊيز پهرين مئچ ۾ آمهون سامهون
# ميلبرن ڪرڪيٽ گرائونڊ

## Pakistan V/S West Indies in the First Match At MCG (Melbourne Cricket Ground)

اڄ 23 فيبروري هئي. منير حسين سان رات جو ئي طئي ٿيل هو ته مان سادي اٺين وڳي گرائونڊ ۾ پهچي ويندس ته جيئن اڳ ۾ ايم سي جي گرائونڊ کان ڪراچي ڪنٽرول روم تائين لائنون وغيره ٽيسٽ ڪرائي وٺان ۽ ٻيو به ڪو مسئلو هجي ته ان کي ڪمينٽري شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي منهن ڏئي وٺجي. منير حسين کي البت مون تاڪيد ڪري ڇڏيو هو ته 9-30 وڳي تائين ضرور پهچي وڃي. آسٽريليا يا نيوزيلنڊ ۾ پوءِ جتي به رهياسون ته سيني کان وڌيڪ اسان جي هوٽل کي ويجهڙو MCG ئي هو. اسان هوٽل هلٽن ۾ رهياسون ۽ فقط روڊ ڪراس ڪري يارا باغيچي (Yarra Garden) ۾ پهچڻو هو جتي دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڪرڪيٽ گرائونڊ پنهنجي خوبصورتي، رنگ، رونق ۽ رعنائين سان اسان جي استقبال ڪرڻ جو منتظر هو. هن گرائونڊ جي تاريخ ۽ جاگرافي لکبي ته قصو ڊگهو ٿي ويندو. اوهانجي دلچسپيءَ ۽ معلومات لاءِ MCG جي باري ۾ مختصر طور تي نوٽ ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون هي آهن:

1- ايم سي جي (M.C.G) يا ميلبرن ڪرڪيٽ گرائونڊ دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڪرڪيٽ گرائونڊ آهي.

2- هن گرائونڊ تي سرڪاري طرح 86,000 ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش آهي. مگر 25 مارچ 1992ع تي سرڪاري انگن اکرن موجب =/87,000 کان وڌيڪ ماڻهن ٽڪيٽون خريد ڪيون. پنج - ڇهه هزار ماڻهو اهڙا به هيا جن وٽ پاسون هيون ته اهڙي طرح سان هن گرائونڊ ۾ ويهڻ جي گنجائش 90,000 ماڻهن کان به وڌيڪ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

3- دنيا جي پهرين ون ڊي مئچ (First One day Match) به هن گرائونڊ تي کيڏي وئي ۽ سڀني کان زياده ون ڊي مئچز به ايم سي جي (M.C.G) تي کيڏيون ويون.

4- 23 فيبروري 1992ع تي پاڪستان ۽ ويسٽ انڊيز جي ٽيمن جي وچ ۾ ٽينڊڙ مئچ (74) چوهترين هڪ روزه بين الاقوامي مئچ کيڏي وئي.

ٺيڪ ڏهين وڳي بسم اللهڪري مون پهرين مئچ جي آغاز جو اعلان ڪيو جيڪا هاڻي پاڪستان ۽ ويسٽ انڊيز درميان شروع ٿيڻ واري هئي. ان ڪانپوءِ دستور موجب مائڪرو فون منير حسين جي حوالي ڪري ڇڏيم. 23 فيبروري 1992ع آچر جي ڏينهن ايم سي جي تي صبح جو ڏهين وڳي پاڪستان ۽ ويسٽ انڊيز جي وچ ۾ پنجين ورلڊ ڪپ جي مئچ شروع ٿي. اسان جو ڪپتان عمران خان ڪُلهي ۾ سور هئڻ سبب ورلڊ ڪپ جي پهرين مئچ نه کيڏي سگهيو. ٽاس ويسٽ انڊيز کٽيو ۽ پاڪستان کي بيٽنگ ڪرڻ لاءِ چيو ويو. اجوڪي مئچ ۾ ڪمينٽري ڪرڻ لاءِ مون وٽ فقط منير حسين موجود هو چو ته افتخار احمد (افتي) هانگ ڪانگ مان پيغام موڪليو هو ته ميلبرن ۾ پهرين مئچ لاءِ ۽ سڊني ۾ چوٿين مئچ لاءِ هو موجود نه هوندو. ڪيس لاس اينجلس ۾ ڪنهن اهم ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻي هئي، تنهنڪري مون منير حسين کي ذهني طور تي تيار ڪري ڇڏيو هو ته سڄو ڏينهن ڪمينٽري سان ڪيس ئي منهن ڏيڻو هو. توڙي جو مون ABC جي پروڊيوسر آلن مارڪس (Allan Marks) سان ڳالهائي سندن ڪمينٽري بوٿ مان لائين پنهنجي بوٿ ۾ فٽ ڪرائي ڇڏي هئي. چو ته هڪڙي ڪمينٽيٽر لاءِ سڄو ڏينهن ڳالهائڻ ڏاڍو تڪائيندڙ مسئلو هو. اها ڳالهه مون منير کي ٻڌائي ڪانه هئي ۽ چاهيم ٿي ته ڪيس اچرج ۽ خوشي جو اوچتو احساس ڏياريان. جڏهن منير حسين پورو ڏيڍ ڪلاڪ ڳالهائي چڪو ته مان ABC جي ڪمينٽري بوٿ مان هڪ ٽيڪنيشن مسٽر رابرٽ کي وٺي آيس ۽ اوچتو منير حسين کي اشارو ڪيم ته هو ڳالهائڻ بند ڪري. جيئن منير حسين ڪمينٽري ڪرڻ بند ڪئي ته اي بي سي جي ٽيڪنيشن رابرٽ، بوٿ ۾ ٽينڊڙ انگريزي ڪمينٽري جي لائين کولي ڇڏي. منير حسين پهريون ته عجب ۾ پئجي ويو پر پوءِ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين، ”بلوچ صاحب! تو ته هي ڪم ايڏو زبردست ڪيو آهي جو ان خوشي ۾ هاڻي توکي مئڪڊونلڊ ۾ وٺي هلندس ۽ چڪن نگٽس ۽ ائپل پاءِ کان علاوه فاسٽ فوڊ جون بيون شيون به تو کي کارائيندس. تون ائين نه ڪرين ها ته منهنجا ته لاهه نڪري وڃن ها.“ اجوڪي مئچ

جي خاص ڳالهه، رميز راجا طرفان سينچري ٺاهڻ جو اعزاز هو جنهن 102 رنس ٺاهيون ۽ ناٽ آئوٽ رهيو. 50 اوورز جي راند ۾ ٻن وڪيٽن جي نقصان تي، پاڪستان 220 رنس ٺاهيون. صرف ٻه کيڏاري عامر سهيل 23 رنس ۽ انضمام الحق 27 رنس ٺاهي آئوٽ ٿيا.

جاويد مياندا 57 رنس ٺاهيون ۽ ناٽ آئوٽ رهيو. وسيم حيدر ۽ اقبال سڪندر هن ميچ ۾ شرڪت ڪري پنهنجي ڪيريئر جي پهرين ون ڊي انٽرنيشنل کيڏي. ويسٽ انڊيز جي ٽيم تمام بهتر راند جو مظاهرو ڪيو ۽ 46.5 اوورز ۾ بغير ڪنهن نقصان جي 221 رنس ٺاهي ڏهن وڪيٽن تان ميچ کٽي وئي.

ويسٽ انڊيز وارن هن ميچ ۾ ٻه اعزاز حاصل ڪيا. هڪ ته سندن ڪوبه رانديگر آئوٽ ڪونه ٿيو ٻيو ته هڪ بال ۽ 3 اوورز بچائي ويا. ويسٽ انڊيز طرفان ميچ کٽڻ جو اعزاز فقط ٻن رانديگرن ڊيسمنڊ هينز ۽ برائن لارا کي حاصل ٿيو. هينز 93 رنس ٺاهيون ۽ ناٽ آئوٽ رهيو. جڏهن ته ڪارن ۾ سهڻن مهانڊن وارو اسٽائلش بيٽسمئن برائن لارا جنهن کي ويسٽ انڊيز جي ٽيم جي اڳتين ڪپتان ۽ ماسٽر بيٽسمئن ووين رچرڊس جو صحيح جانشين چئي سگهجي ٿو، چوڪن تي چوڪا هڻندو، اسڪور ۾ اضافو ڪندو ڏوڪيندو ٿي ويو ته سندس بدقسمتي جو وسيم اڪرم جي بولنگ تي بال سندس پير تي زور سان لڳو ۽ لارا زخمي ٿي پيو. ان وقت لارا جو اسڪور 88 هيو. سندن ٽيم جي ڊاڪٽر سندس علاج ڪيو پر ڪيس ايڏو ته زور جو ڌڪ لڳو هو جو نيٺ ڪيس اجوڪي ڏينهن لاءِ راند مان رٽائر ٿيڻو پيو. راند رڪجي وئي ۽ پنج منٽ ڪن گرائونڊ تي لارا کي ٽريٽمينٽ ڏنو ويو پر ڪوبه فرق نه پيو. نيٺ ويچاري کي اسٽريچر تي ڊريسنگ روم ۾ ڪٺائي ويا. سندس پاران رچي رچرڊسن کيڏڻ آيو جنهن 20 رنس ٺاهيون ۽ آئوٽ نه ٿيو. توڙي جو ڊيسمنڊ هينز لارا کان وڌيڪ رنس ٺاهيون هيون پر لارا جيئن ته وڌيڪ خوبصورتي ۽ اسٽائل سان راند کيڏي رهيو هو ۽ ويچارو زخمي به ٿي پيو تهن ڪري "مئن آف دي ميچ" جو اعزاز برائن لارا کي مليو. هن ميچ جا امپائر هيا اسٽيورينڊل (آسٽريليا) ۽ اِئن رابنس (زمبابوي). فتح ۽ شڪست راند جو ڪم آهي. ٻه کيڏندا ته هڪڙو ضرور هارائيندو ۽ ٻيو کٽندو پر پاڪستان جي پهرين ميچ ڏاڍي بري شگون سان شروع ٿي، يعني مخالف ڌر جو هڪڙو رانديگر به آئوٽ نه ٿئي ۽ گهربل اوورز جي پوري ٿيڻ کان اڳ ئي ڪم پورو ٿي وڃي. بهرحال اسان سيني کي ڏاڍو صدمو رسيو پر همت نه هارڻي هئي تنهنڪري رات جو ڪمرن ۾ اچي دوستن کي ڏاڍيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تسليون ڏنيونسين.

## ميلبرن کان هوبرٽ Melbourne to Hobart

صبح جو هوبرٽ وڃڻ لاءِ ڏهين وڳي هوٽل ڇڏي ايئرپورٽ آياسين جتان ANSETT ايئر لائن ذريعي پوري 12 وڳي منجهند جو روانا ٿياسين ۽ نقط هڪ ڪلاڪ ۾ اچي هوبرٽ پهتاسين. هوبرٽ ايئرپورٽ صفا درويشي هوائي اڏو نظر آيو. اسان کي گِهلي اچي هڪ کليل ميدان تي بيهارياٿون ۽ چيائون، " 5- اسٽار هوٽلن ۾ رهي رهي توهان جا عضوا ڪُڙي ويا هوندا ٿنهنڪري ميدان تي ٿورو ليفٽ رائيٽ ڪريو ته توهان جا لِڱَ کُلن."

10-15 منٽ اسان جي چڱي ورزش ٿي وئي ۽ خبر تڏهن پئي جڏهن سامان سان پريل گاڏيون آئي اسان جي آڏو بيهاريائون. پر شڪر ٿيو جو گاڏين مان سامان پاڻ لاهي قطار ۾ رکيائون نه ته شايد ڪُولين وارو ڪم به اسان کي پاڻ ڪرڻو پوي ها. پوءِ اسان کي فرمايائون ته اسان پنهنجو سامان سڃاڻي کڻندا وڃون. هن قسم جو طور طريقو مون دنيا ۾ ڪٿي به نه ڏٺو. مون کان به رهيو نه ٿيو سو ايئرپورٽ جي هڪ اعليٰ آفيسر کان هن ايئرپورٽ جي اعليٰ ڪارڪردگي بابت پڇيم. هن صاحب ٻڌايو ته "هوبرٽ ايئرپورٽ ڪافي ننڍو ايئرپورٽ آهي، اڄ ڪلهه اسان هن ايئرپورٽ کي گهڻو وڏايون به پيا ۽ جيڪو ڪجهه اوهان جي سامهون ٺهيل آهي، ان جي مرمت ۽ ڪجهه تبديليون (Repair & Renovation) به ڪريون پيا. انڪري اوهان کي هتي بيهڻ جي زحمت ڏني سون." دل ۾ چيم ته اخلاق (Courtesy) جي تقاضا اها هئي ته ان ڳالهه جي وضاحت هو اڳ ۾ اسان سان ڪن ها ته بهتر ٿئي ها. بهرحال عجيب ماحول هو. ٽيم جا سڀ رانديگر به اسان سان گڏ ميدان ۾ بيٺا هئا ۽ ڏاڍا وندرائيندڙ لمحا هيا. هر طرف اهو چوڻول هيو ته ڪٿي پهچي ويا آهيون. وسيم اڪرم مون ڏي وڌي آيو ۽ چيائين "سائين ڪٿي اسان کي ڪو هتي اغوا ته نه ڪري آيو آهي." وراڻيم، "اوهان ٽيم وارا اسان ريڊيو وارن کي اغوا ڪري آيا آهيو." وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي کليو ۽ مان ۽ منير حسين به ڏاڍا کلياسين. چو ته هتي کلڻ، ٽهڪ ڏيڻ ۽ وقت گذارڻ کانسواءِ ٻيو ڪو اسان جو وس به نٿي هليو. سليم ملڪ ته ائين به چيو ته "يلا اسان کي بئٽ بال آڻي ڏين ته هتي ئي راند شروع ٿي وڃي." خاص طرح اسان جو ڪئپٽن عمران خان جيڪو ڪنهن سان ملڻ به پسند

نہ ڪندو آهي سو بہ اج ڪليل ميدان ۾ صاف آڪسيجن مان مستفيض ٿي رهيو هو. ٿوري دير ۾ سامان پهچي ويو. سامان ڪٽي ٽيڪسيون پڪڙي هوبرٽ شهر روانا ٿياسين.

هوبرٽ شهر ڏانهن ويندي رستي تي ننڍڙيون ننڍڙيون ٽڪريون ۽ ڇهچ ساوا وڻ نظر آيا جهڙا ڪوهہ مري ۾ ڏسبا آهن، پر ڪوهہ مري وارا وڻ وڏيڪ ڊگها آهن، هتي ڪجهہ ننڍي قد جا وڻ هيا، مٿان اهڙي طرح ويڪرا ۽ ڦهليل جيئن ڇٽي (Umbrella) هجي. رستي تي هڪ ندي آئي جنهن کي ڊروينٽ ندي (Derwent River) چوندا آهن. نديءَ جي مٿان خوبصورت ۽ ويڪري پل ٺهيل آهي ۽ نديءَ جي ڪپر تي هڪ طرف هوبرٽ جو شهر آهي تہ ٻي طرف ڪلارينس سٽي (City of Clarence) آهي. هونئن تہ ٻنهي کي گڏي هوبرٽ ئي چئبو آهي پر ڪلارينس سٽي جا رهاڪو هاڻي پنهنجي آبادي واري علائقي کي ”سٽي آف ڪلارينس“ چوندي وڌيڪ خوشي ۽ فخر محسوس ڪن ٿا. سکر ۽ روهڙي جي وچ ۾ جيئن سنڌو درياهہ آهي تيئن هوبرٽ ۽ ڪلارينس سٽي جي وچ ۾ ڊروينٽ ندي وهي ٿي. اهي نظارا ڏسندا هوٽل شيريٽن پهچي وياسين. واهہ شيريٽن واهہ!! ميلبرن ۾ هوٽل هلٽن بہ 5 اسٽار هوٽل آهي پر شيريٽن جي مقابلي ۾ جڻ اسان کي 4 اسٽار لڳو. هوبرٽ جو شيريٽن تمام خوبصورت ۽ جديد کان بہ جديد ترين آهي. اڳتي هلي اسان ٻين هنڌن مثلاً برس بين (Brisbane) ۽ پرٿ (Perth) ۾ بہ شيريٽن ڏٺا پر شيريٽن هوبرٽ جو جواب ناهي. انهيءَ جي سهولتن، آرام ۽ آسائش (Comforts) کي بيان ڪبو تہ ڊگهو بيان ٿي ويندو. بهرحال اهو يقين اٿم تہ جڏهن بہ ڪو سنڌ جو وڏيرو يا ڊِنگ زميندار ڪنهن سيهي سانگي سان تسمانيہ اسٽيٽ جي هن خوبصورت شهر ۾ ويندو ۽ منهنجو هي ڪتاب پڙهيو هونداين تہ پڪ سان شيريٽن هوبرٽ ۾ ضرور وڃي رهندو. ان صاحب کي منهنجي هڪ گذارش آهي تہ جڏهن هو صاحب وطن واپس موٽي اچي ۽ مان جتي بہ هجان تہ مون کي ڳولي لهي ۽ ڪَن ۾ هورڙيائين ئي ڀلي رڳو ايترو چوي تہ ”عنايت بلوچ تو سورنهَن آنا سچ لکيو هو.“

هوبرٽ آسٽريليا جي تسمانيہ اسٽيٽ جي گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ ڏکڻ، اوڀر ۾ آسٽريليا جي آخري ڇيڙي تي آهي. تسمانيہ اسٽيٽ سڄي آسٽريليا کان سفا ڪٽيل هڪ حسين ٽڪرو آهي ۽ ائين لڳندو نہ جڻ هڪ الڳ ملڪ آهي. تسمانيہ کي ٻيٽن جي رياست (Island State) بہ ڪوٺيندا آهن.هر جڳهہ تي ٽڪريون، پهاڙ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڻي ۽ ڇُهچ ساوڪ نظر ايندي. هوبرٽ هڪ ننڍڙو شهر آهي جنهن جي آبادي ادائي لک ماڻهن جي لڳ ڀڳ ٿيندي، جنهن ۾ ڪلارنس سٽي جي آبادي 50 ڪان 60 هزار ماڻهن تي مشتمل آهي، باقي ٻن لکن جي لڳ ڀڳ ماڻهو هوبرٽ شهر ۽ ان جي آس پاس آباد آهن. هتي ڪافي سردي هئي ۽ اسان کي پنهنجا گرم ڪپڙا هتي ٻئگن مان ڪڍڻا پيا. منهنجي ڪمزوري گهمڻ ڦرڻ، ڏسڻ وائسڻ ۽ قدرت جي حُسن کي ڏسي لطف اندوز ٿيڻ ته وري منير حسين جي ڪمزوري به ذري گهٽ ساڳي پر وڌيڪ اهميت هن وٽ ننڊ ۽ آرام ڪرڻ جي آهي. سائس طئي ڪيم ته هو ٻلي شام 4 وڳي تائين آرام ڪري ان ڪانپوءِ نڪرنداسون هوبرٽ شهر جو چڪر لڳائڻ. ها ڪيائين پر 5 وڳي تائين مس اٿيو ۽ شڪر ڪيم جو جڏهن پنهنجي ڪمري مان سندس ڪمري ۾ ٽيليفون ڪيم ته گهنٽي تي جاڳي پيو ۽ چيائين ته فقط 15 منٽن ۾ تيار ٿي منهنجي ڪمري ۾ ايندو. واقعي پورن پندرهن منٽن ڪانپوءِ منير صاحب آيو ۽ گڏجي گهمڻ نڪتاسين. ننڍڙو شهر، پر رستا ڪشادا، صاف ۽ سنا. شهر ۾ ان جڳهه تي آياسين جتي بلڪل بازار جي وچ ۾ ماڻهن جي ويهڻ ۽ ٿڪجڻ ڪانپوءِ گهڙي ڪن ساهه پٽڻ (Just to Relax) لاءِ خاص جڳهون ٺهيل آهن. هي جڳهه لِورپول اسٽريٽ ۽ مال اسٽريٽ جي بلڪل وچ تي آهي ۽ هر طرف کان خوبصورت شاپنگ سينٽر آهن. اُتي پيئڻ لاءِ ٿڌو پاڻي به موجود آهي پر رڳو ماڻهوءَ کي ڏُونڊڙو تي پنهنجو ٻوٽ نلڪي ۾ وجهڻو پوندو ۽ ٻٽڻ دٻائڻو پوندو. اردگرد گل ٻوٽا به آهن. مون کي حيرت تڏهن ٿي جڏهن سڄي آسٽريليا جي مختلف شهرن ۾ مون اهڙي قسم جا انتظام ڏٺا. سڊني جهڙي وڏي شهر ۾ پڻ وچ شهر ۾ هڪ خوبصورت جڳهه ٺهيل آهي جتي گهمي ڦري شاپنگ ڪري، ٿڪجي ماڻهو هتي اچي گهڙي ڪن ساهه پٽين ٿا ۽ ٽِڪُ ڀڃن ٿا.

هوبرٽ ۾ ته وري ان جڳهه تي ننڍڙن ٻارڙن جي کيڏڻ ڪُڏڻ لاءِ ڪاٺ جون غارون به ٺهيل آهن جتي ٻن سالن کان وٺي ڇهن سالن تائين وارا ٻارڙا لِڪ ڇپ راند کيڏن ٿا. مائرون پنهنجن ٻارڙن سميت هتي خاص طرح انڪري اچن ٿيون جو سندن ٻارڙا لِڪ ڇپ راند مان بيحد لطف اندوز ٿين ٿا. مون ڏٺو ته هڪ ٻارڙو ٻي کي چئي رهيو هو ته، "مان لڪي ٿو وڃان، تون مون کي ڳولي ڏيکار" پوءِ ٻارڙا هڪ ٻئي کي ڳولڻ شروع ڪن ٿا. جڏهن هڪ ٻار ٻي کي ڳولي ٿو وٺي ته هو ٻئي ايڏا ته معصوم ٽهڪڙا ڏيئي کلن ۽ خوش ٿين ٿا جو معصومن جو اهو منظر ڏاڍو وڻندڙ لڳي ٿو. مون کي پنهنجي ڳوٺ ۾ گذاريل پنهنجو ٻالڪپڻ ياد اچي ويو جڏهن اسين هڪ جيڏا پلال ۽ ٻِنڊُن* ۾ پنهنجن هڪ جيڏن سان لِڪ ڇپ راند کيڏندا هئاسين ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خوب خوش ۽ گڏ گڏ گذاريندا هئاسين. ٻالڪپڻ جو دور هجي يا ننڍپڻ جو وقت، انهيءَ دؤر جي ياد جڏهن بہ جنهن کي ايندي هوندي تہ سندس ڳچ ڳري ۽ ڇهَ ڇڄي پوندا هوندا ۽ خودبخود حال مان بيحال ٿي ماضيءَ جو حصو بڻجي ويندو هوندو. ٿوري دير لاءِ هوبرٽ شهر جي ڇڙواٽي تي، بئنچ تي ويهي مان پنهنجي ڳوٺ پهچي چڪو هوس. ضلعي خيرپور ۾ احمدپور جي لڳ پنهنجو اُهو ڳوٺ جتي ان زماني ۾ نہ روڊ هيا نہ رستا، نہ بجلي هئي، نہ ڪو ويجهو اسڪول هو ۽ نہ ئي وري اسپتال، ڏيئن ۽ چمنين جي روشني ۾ پڙهياسين. اڄ ڪلهہ جو ٻار، چمني ۽ ڏيئا يا موم بتيون تہ ڇڏيو پر فانوس تي بہ نہ پڙهي سگهندو.... ها تہ مان پنهنجي ڳوٺ پهچي چڪو هوس ۽ ان وقت جي پيارڙن ۽ پرت وارن سان ڪيڏي رهيو هوس تہ منير صاحب تصور جي خواب مان جهنجهوڙي جاڳائي وڌو جڏهن چيائين، ”بلوچ صاحب هل تہ ڪجهہ اڳتي هلون ۽ شاپنگ سينٽر هلي ڏسون.“ جڏهن مون واقعي ڇرڪ ڀريو تہ منير حسين پڇيو ”بلوچ صاحب ڪٿي آهيو؟“ ڪيس سڀ ڪجهہ ٻڌايم تہ فوراً چيائين، ”چند منٽن کان مان محسوس ڪري رهيو هوس تہ تون تصور ۾ ڪنهن ٻي دنيا ۾ غائب ٿي ويو آهين، انڪري مون توکي جاڳي واڳي جاڳايو تہ موٽي وري هوبرٽ ۾ اچ تہ هاڻي هتي جي جاين جڳهين ۽ ماڻهن کي ڏسون وائسون.!!“

متي لکي آيو آهيان تہ هوبرٽ جو شهر تمام ننڍو آهي پر ان هوندي بہ هتي ڪافي وڏا ڊپارٽمينٽل اسٽور ۽ ڊيوٽي فري شاپس آهن. هڪ ڊيوٽي فري شاپ تان مون هڪ ڪئميرا خريد ڪئي جيڪا هوبرٽ ۾ ٻين اسٽورن جي مقابلي ۾ تمام گهٽي سستي ملي. منير حسين کي بہ رِيس آئي ان وري دوربين (Binocular) ورتي جيڪا مڇن ۾ منهنجي ڪئلڪيوليٽر وانگر ڏاڍي ڪم آئي. جڏهن ميدان وڏو هجي ۽ رانديگر پري ڪنهن ڪُنڊ ۾ فيلڊنگ ڪري رهيو هجي تہ پوءِ ان کي دوربين ڪانسواءِ سڃاڻڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي، تنهنڪري منير صاحب جي ورتل دوربين ڪيس ۽ ٻين ڪمينٽيٽرز کي رانديگرن جي سڃاڻڻ ۾ ڪافي مدد ڏني. هن ڊيوٽي فري شاپ جو هڪ پوڙهو مرد ۽ هڪ عورت بيحد دلچسپ هئا ۽ جيئن اسان کين ٻڌايو تہ، ”پاڪستاني آهيون ۽ مڇن جي رننگ ڪمينٽري براهِ ڪاسٽ ڪرڻ جي سلسلي ۾ هتي آيل آهيون،“ تہ اسان ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺڻ لڳا. اسان کي

* شهر جي رهندڙ ٻار کي پلال ۽ ٻندڻ جا لفظ شايد سمجهہ ۾ نہ اچن. سارين جي پوک جو جڏهن ڳاهہ ڳاهبو تہ سارين جي اَنَ يعني چانورن نڪرڻ ڪانپوءِ جيڪو گاهہ باقي بچندو ان کي پلال چئبو آهي ۽ جڏهن پلال کي ٻڌي وڏا، تمام وڏا ٻنڊل ٺاهبا تہ ان کي ٻندڻ چئبو آهي.

ڪئميرا ۽ دوربين بہ تمام رعايت سان ڏنائون.

عورت جنھن جو نالو مورين ھو اسان کان پڇيو، ”ڇا ھوبرٽ واري مئچ ۾ عمران خان کيڏي رھيو آھي؟“ ”اڃان پوري خبر نہ آھي. جو تہ سندس ڪُلھي ۾ اڃان سور آھي، جيڪڏھن ٺيڪ ٿي ويو تہ ضرور کيڏندو.“ مون وراڻيو.

مورين چيو، ”عمران کان سواءِ مئچ جو مزو وري ڪھڙو ايندو. ھوبرٽ وارا چاھين ٿا تہ عمران خان سندن شھر ۾ ضرور کيڏي.“ اسان کي حيرت ٿي تہ عمران خان ٻاھرين دنيا ۾ ڪيڏو نہ مقبول آھي.

اڄ 25 تاريخ ھئي. منير رات جو ئي ڇٺي ڇڏيو ھو تہ اڄ جي لاءِ ھو گھمڻ ڦرڻ ۾ سنگت نہ ڪري سگھندو جو ڪنھن ٻي دوست سان سندس ڪيڏانھن وڃڻ جو پروگرام ھو. مان شروعاتي صفحن ۾ ٻڌائي چڪو آھيان تہ آسٽريليا ۽ نيوزيلئنڊ ۾ ورلڊ ڪپ جي مئچن ختم ٿيڻ کانپوءِ مون کي ھانگ ڪانگ رستي جپان وڃڻو ھيو پنھنجي پاءُ فيض ڏانھن. ھن سلسلي ۾ آسٽريليا کان منھنجي واپسي جي سفر ۾ ھڪ رخنو اھو ھو جو منھنجي ٽڪيٽ ميلبرن - سينگاپور رُوٽ جي ھئي، جڏھن تہ جيئن پوين صفحن ۾ ٻڌايو اٿم، مون کي ٻھريون ميلبرن کان ھانگ ڪانگ پھچڻو ھو جتان وري جپان وڃڻو ھيو. ھانگ ڪانگ - جپان ۽ جپان - ھانگ ڪانگ رُوٽ جي ٽڪيٽ مون اسلام آباد مان ئي ٺھرائي ڇڏي ھئي. جڏھن مون اسلام آباد ۾ والجيز ٽريول ايجنٽ کي پنھنجي ٽڪيٽ جي مونجھاري بابت ٻڌايو ھو تہ ھن وراڻيو ھو تہ اھو مسئلو آسٽريليا ۾ ڪنھن بہ Qantas ايئر لائن جي ڪائونٽر تي آساني سان حل ٿي ويندو ڇو تہ جيترو مفاصلو ميلبرن کان سينگاپور جو آھي تقريباً اوترو ئي مفاصلو ميلبرن کان ھانگ ڪانگ جو آھي، تنھنڪري ڪوبہ مسئلو پيش نہ ايندو. مون کي ان وقت ھڪ تہ تمام گھٽي تڪڙ ھئي، ٻيو ايجنٽ جو اھو دليل مون کي ان وقت مناسب لڳو ھو، ٽيون مون کي ٻاھر جي ماڻھن خاص طرح انگريز نسل جي ماڻھن جي ڀرپور تعاون جو ڪيئي ڀيرا عملي طرح تجربو ھو، تنھن ڪري دل ۾ اطمينان ھو تہ اھو مسئلو آسٽريليا ۾ آسانيءَ سان حل ٿي ويندو.

سو اڄ جيئن تہ ٻيو ڪوبہ ڪم ڪار ڪونہ ھو، ان ڪري پنھنجي ٽڪيٽ کڻي ھليس ڊائون ٽائون. Qantas ايئر لائن جي آفيس بلڪل اُتي ئي ھئي جتي ڪالھ ويا ھئاسين. ڪائونٽر تي سڀ ڇوڪريون وينيون ھيون. چڱي خاصي رش لڳل ھئي. جڏھن منھنجو وارو آيو تہ مون ھڪ سيلز گرل جنھن جو نالو ڪيٽ (Kate) ھو، کي سڄي رو داد ٻڌائي. ھوءَ فوراً پنھنجي ڪمپيوٽر تي ٽڪ ٽڪ ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ مصروف ٿي وئي. فقط ٿن منٽن اندر مون سان مخاطب ٿي چوڻ لڳي. "اوهان کي پنهنجي ٽڪيٽ ميلبرن – سينگاپور جي بجاءِ ميلبرن – هانگ ڪانگ ڪرائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 200 آسٽريلين ڊالر وڌيڪ ڏيڻا پوندا." مون ڪان ڇرڪ نڪري ويو ۽ ڪيس سڄي ڪهاڻي ٻڌايم ته اسلام آباد ۾ مون کي ٽريول ايجنٽ هينئن چيو هو وغيره، پر چيائين ته منهنجي ٽڪيٽ اڳي ئي تمام رعايت واري (Discounted) ٽڪيٽ هئي جنهن ۾ ذري ماتر به وڌيڪ رعايت ڏيڻ جي گنجائش موجود ڪانه هئي. جڏهن مون مٿس زور پريو ته هوءَ ڪونه ڪو طريقو ڪڍي ته جيئن مان بجاءِ سينگاپور جي هانگ ڪانگ پهچان. منهنجي زور پرڻ تي ڪيٽ چيو، "فقط هاڻي ٻه طريقا آهن، ٽيون ڪوبه رستو نه آهي. يا ته اوهان پنهنجي طرفان وڌيڪ پئسا 200 آسٽريلين ڊالر(لڳ ڀڳ 4 هزار روپيا) ڀريو يا وري اسلام آباد جو ٽريول ايجنٽ اسان کي اهو اختيار ڏئي ته اسان ٽڪيٽ ۾ ردوبدل ڪريون." ڪيس چيم ته Qantas وارا مهرباني ڪري اسلام آباد والجيز ٽريولز کي پيغام موڪلين ته جيئن هو اتارٽي فيڪس Fax ذريعي موڪلي ڏين. ڪيٽ وراڻيو ته اهو ڪم هوءَ بنا دير ڪري ڇڏيندي ۽ مان ڪائنس وري سياڻي پيچا ڪري وٺان ته اسلام آباد ڪان ڪهڙو پيغام پهتو. ٿورو ترسي وري چيائين ته مان ڪائنس پڇڻ جي تڪليف نه ڪريان پر ڪيس پنهنجو ٽيليفون نمبر ڏئي ڇڏيان. جيئن ئي ڪو اسلام آباد ڪان پيغام پهتو ته هو مون کي پاڻ اطلاع ڏئي ڇڏيندي.

## هڪ مهذب ٻار

مان پنهنجي ڪمري جو ٽيليفون نمبر ڪيس ڏئي ۽ سندس شڪريو ادا ڪري روانو ٿيس. ٻه چار ڪلاڪ هوبرٽ شهر جو اڪيلو چڪر لڳائيندو رهيس، ذري گهٽ سڄي هوبرٽ شهر جو چڪر لڳائي آيس. جڏهن گهمي گهمي ٿڪجي پيس ته وڃي هڪ پارڪ ۾ ويٺس جتي پڻ ساوڪ ئي ساوڪ نظر آئي. اُتي ٻارڙا ڪيڏي رهيا هيا. ننڍا وڏا سڀ موجود هيا. ننڍڙن ٻارڙن فوٽ بال راند پئي ڪيڏي. هڪ 8-9 سالن جي ٻارڙي فوٽ بال کي وٺي جو پير سان ٺوڪر هڻئي ته بال زور سان مٿي ڪجي وڃي هڪ پوڙهي عورت جي نراڙ تي لڳو. سيئي ٻارڙا بيحد مايوس ٿي ويا. ڪراڙي عورت ٻارن ڏانهن حسرت ڀريل نظرن سان نهارڻ لڳي. چند سيڪنڊ خاموشي طاري ٿي وئي. مون پارڪ ۾ پيل بئنچ تي ويهي اهو تماشو ويٺي ڏٺو. ٿوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي دير ۾ جنهن ٻار بال کي نوڪر هنئي هُئي، اهو پوڙهي مائي وٽ ويو، مان بہ سُرندو سرندو وڃي اوتري مفاصلي تي بيٺس جتان ٻار ۽ پوڙهي جي وچ ۾ ڳالهايل لفظ ٻڌي سگهان.

ٻار پوڙهيءَ جي سامهون وڃي بيٺو ۽ هن طرح سائس مخاطب ٿيو. "مان بيحد شرمندو آهيان پر مون هرگز ڄاڻي واڻي اوهان کي نشانو نہ بڻايو آهي، مان اهو ڪم هرگز نٿو ڪري سگهان. پليز اوهان کي جيڪڏهن اها غلط فهمي ٿي هجي تہ مون اوهان کي نشانو بڻايو آهي تہ ائين ڪڏهن بہ نہ سوچجو، پر تڏهن بہ مان بيحد شرمسار آهيان." پوڙهيءَ جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا ۽ هن جُهڪي ٻارڙي جي پيشانيءَ ۽ ڳلن تي چميون ڏنيون ۽ ٻار سان هن طرح مخاطب ٿي، "تنهنجي والدين پڪ توکي سٺي سِکيا ڏني آهي ۽ مون کي يقين آهي تہ تون وڏو ٿي هڪ سٺو انسان ٿيندين ۽ ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون ماڻيندين، خدا خوش رکيئي. (God Bless You)."

سوچيم تہ 'خلق اخلاق اسان ماڻهن کان موڪلائي شايد هنن ماڻهن وٽ اچي دائمي ديرا ڄمايا آهن. ڇا تہ معصوم 8 سالن جي نينگر طرفان شرمندگي ۽ ندامت جو سچو اظهار هو ۽ ڇا نہ وري پوڙهيءَ طرفان ننڍڙي ٻار کي خوش رکڻ جي ادا هئي. پوڙهي رواني ٿي وئي ۽ مان وري بئنچ تي وڃي ويٺس. ٻيا بہ ماڻهو پري پري کي ڇيڙائن تي تہ ڪي بئنچن تي ويٺا هيا. ٻنهي ٻارن راند ٻيهر شروع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ان ٻارڙي کين سمجهايو تہ اڳتي هو ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ ڪڏهن بہ راند نہ ڪيڏندا جو ٻيهر بہ ساڳيو واقعو دهرائجي سگهي ٿو. گهمي گهمي ٿڪجي پيس ۽ هوٽل تي پهچي پنهنجي ڪمري ۾ اچي سمهي پيس تہ سِگهو ئي ننڊ اچي وئي.

شام جو منير حسين جو ٽيليفون آيو ۽ اج سندس وارو هو مون کي ڇيڙائڻ جو. چوڻ لڳو "سائين سڄي دنيا پئي گهمي ٿري، اوهان ننڊ پيا آهيو." وراڻيم "اوهان جي طرفان ڏنل امانت جي حفاظت پيو ڪريان." "ڪهڙي امانت؟" منير حسين پڇيو. "ننڊ." وراڻيم، ۽ منير حسين وري ٽهڪن ۾ پئجي ويو. چيائين تہ مان فوراً تياري ڪري وٺان جو ڪٿي ماني جي دعوت تي وڃڻو هيو. هڪ پاڪستاني فيملي اسان جي دعوت ڪئي هئي ۽ بہ گاڏيون ڪاهي اسان کي وٺي ويو، جاويد مياناداد، اقبال سڪندر ۽ سليم ملڪ اسان سان گڏ هيا ۽ ڪجھ ٻيا دوست پڻ. پاڪستاني کاڌا، ٻوڙ ماني، برياني، ڪوفتا، مطلب تہ هر شئي ديس جي نظر آئي. گهڻن ڏينهن کان بغير لوڻ مرچن جي کاڌا کائي کائي وات ڇيتو ٿي پيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان کري اڄ ڪاڏو ڏاڍو وٽيو ۽ خوب ڪاڏوسين، رات جو 12 وڳي تائين ڪچهري ڪري هوٽل تي موٽي آياسين.

## افتخار (افتي) سان ڪچهريون

اڄ 26 فيبروري هئي. ڪالهه هانگ ڪانگ کان افتخار احمد جو ٽيليفون آيو هو ته هو اڄ هوبرٽ پهچندو. تنهنڪري منير حسين ۽ مون کي انتظار هو ته افتي اچي ته ڪچهري ڪرڻ جو اچا وڏيڪ مزو ايندو. افتي ڏاڍو پيارو شخص آهي. دوستيءَ جو پڪو، ڪلٽو، رلٽو ملٽو توڙي جو اهڙي مٿانهين مرتبي تي پهتل آهي جتي پهچي چڱن ڀلن، ڏسٽن وائسٽن ماڻهن کي به نشو چڙهي ويندو آهي ۽ اکين کان انڌا ٿي ويندا آهن ۽ ڪنهن دوست يار کي سڃاڻي نه سگهندا آهن. سندن دماغ انساني دماغ مان بدلجي صفا سُوئر تي ويندو آهي، پر مجال آهي جو پياري دوست افتخار ۾ ڪا رتيءَ ماتر به تبديلي آئي هجي. هو هن وقت سنگر ڪمپنيءَ جو ورلڊ پريزيڊنٽ آهي ۽ سندس ماهوار پگهار پاڪستاني حساب سان ٻن ادائي لک روپين جي لڳ ڀڳ آهي. "رولس رائس ۽ ڪئڊلڪ" گاڏين کان هيٺ پير نه پائيندو آهي، مگر آهي يارن جو يار ۽ اندر جو فقير انسان. ڪرڪيٽ تي ڪمينٽري ڪرڻ سندس شوق نه پر سندس چواڻي ته 'ڪمينٽري سان ڪيس عشق آهي.' ڪيڏو به مصروف هجي، ميٽنگون هجنس يا ٻي ڪيڏي به مصروفيت، مينهن هجي يا طوفان پر افتي کي ڪمينٽري لاءِ دعوت ڏيو ته بيحد خوش ٿيندو ۽ پنهنجا سڀ ڪم ڪاريون ڇڏي اچي پهچندو.

اڄ اسان وري فاسٽ فوڊ ڪارنر تي وياسين ۽ خوب ماني ڪاڌيسين. ماني کائي گهمندا گهمندا هوٽل تي آياسين جتي رسيپشن تان خبر پئي ته افتخار احمد ڪلاڪ ڏيڍ اڳ ۾ پهچي چڪو هو ۽ هاڻي آرامي هو چو ته اسان جڏهن سندس ڪمري تي وياسين ته سندس ڪمري جي ٻاهران پوسٽر لڳل هو ته، "Please don't Distrub" (مهرباني ڪري پريشان نه ڪجو) گهڻو ڪري اهو بورڊ ماڻهو ڪمري جي ٻاهران ننڊ ڪرڻ وقت لڳائيندا آهن. بهرحال وڌيڪ ڪمري جي مالڪ کي خبر ته اهو بورڊ هن چو لڳايو هو.

شام جو 6 وڳي منير حسين ۽ مان افتخار جي ڪمري ۾ وياسين. هينئر، "Please don't disturb" وارو پوسٽر لٿل هو تنهنڪري اطمينان ٿيو ته هاڻي يار ننڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان اٿيو آهي. دروازي تي هلڪي ٺڪ ٺڪ ٿي سون تہ فوراً دروازو کولي وڏا ياڪر پائي مليو. سندس ڪمري ۾ ويهڻ شرط پهرين مئچ جيڪا پاڪستان M.C.G گرائونڊ تي ويسٽ انڊيز کان بري طرح هارائي ويو هو، تي تبصرا شروع ٿي ويا. افتي اسان جي ٽيم جي ڪارڪردگي کان مايوس نظر آيو، چيائين، "يارو! بسم الله ئي برغلط ٿي آهي، خبر ناهي اڳتي ڇا ٿيندو."

ڳالهين ڳالهين ۾ ساڍا ست ٿي ويا تہ افتي هڪدم پڇيو، "جي اڄ اوهان ڪٿي بوڪ نہ آهيو تہ ڊنر گڏجي ڪائڻ جو شرف مون کي بخشيو؟" منير حسين چيو، "اوهان اڄ اسان جا مهمان آهيو، اوهان سان ڊنرون پوءِ پيا ڪائينداسين، اڄ اوهان اسان جي ماني ڪائو." پر منير صاحب ۽ مون کي خبر آهي تہ افتي ماني ڪارائڻ ۾ دل جو تمام ڪشادو آهي. قدرت سندس کيسو بہ ڪشادو ڪيو آهي تہ هٿ بہ، ٺهنڪري هن سلسلي ۾ بي ڪنهن جي بہ نہ ٻڌندو آهي. وراڻيائين، "اها پڪ ٿي ويم تہ اوهان ڪٿي بوڪ نہ آهيو، بس توهان ٿوري ڪچهري ڪريو تہ مان ڪپڙا بدلائي وٺان."

شيريٽن جي وڏي ۽ ڪشادي هال ۾ وڃي ويناسين. ڇا تہ شيريٽن جو ڊائيننگ هال نفاست، نزاڪت ۽ خوبصورتيءَ سان سينگاريل هو. ڌيمي ۽ هلڪي روشني، ٽيبل تي گلدستا رکيل جن ۾ طرحين طرحين رنگ برنگي خوشبودار گل سجايل، چئو طرف نکريل نکريل ۽ ٽڙيل ٻهڪيل ڪنول گل هر ٽيبل جي پرسان گلدستن کان وڌيڪ خوبصورتي سان سينگاريل، سنواريل ۽ سجايل . گلدستي ۾ گل بہ جدا جدا تہ هرهڪ جي خوشبوءِ بہ نرالي، ڪرسين تي سجايل گل بہ طرحين طرحين پر سيني جي خوشبوءِ هڪجهڙي، نشي آور، خمار ڏيندڙ ۽ ورغلائيندڙ، جاڏي نهار تہ حُسن، جوبن ۽ جوانيءَ جا جلوا پيا جرڪن.

ٽيبل تي سنواريل ۽ ڪرسين تي سجايل گلن جي پيٽ ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويس تہ اوچتو (افتي) افتخار احمد ان سڄي طلسمي ماحول کي هڪڙي ڌڪ سان ٽوڙي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. "عنايت! مون کي لڳي ٿو تون اسان وٽ ناهين، جنابِ من! ڊنر ۾ اسان سان شريڪ آهين تہ اسان سان ڳالهاءِ ٻولهاءِ بہ ۽ ڪچهري بہ ڪر، نہ تہ مان پنهنجو احتجاج ريڊيو پاڪستان تان نشر ڪرڻ جو حق رکان ٿو. چيم، "اوهان پنهنجون نظرون هيڏي هوڏي ڊوڙائي ڊوڙائي شايد هينئر واندا ٿيا آهيو جو مون کي ياد ڪيو اٿو." مرڪي ڏنائين ۽ منير حسين بہ مرڪي ڏنو. هاڻي وري موضوع هيا ڪرڪيٽ، عمران خان، جاويد مياندداد، سياڻي ٿيندڙ مئچ تي رايا وغيره وغيره. ٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪلاڪ ڪن حال ۾ ويٺا رهياسين. اج منير حسين جي ٻه ننڍ ڦٽي وئي هئي، مجال آهي جو اٿڻ جي ڪري. نيٺ اٿياسين ته ڏٺوسين ته رات جا سوا ٻارنهن ٿيا هئا. ٿوري دير ۾ ئي پنهنجن ڪمرن ۾ پهچي وياسين.

اڄ 27 فيبروري جو ڏينهن هو. مان، منير حسين ۽ افتخار احمد 8-30 وڳي صبح جو هوٽل ڇڏيو ۽ روانا ٿياسين ڪلارينس سٽي، (City of Clarence) جتي بلِرِو اووَل (Bellerive Oval) ڪرڪيٽ گرائونڊ تي پاڪستان جي مئچ زمبابوي سان ٿيڻي هئي. ٻه ڏينهن اڳ اسان گرائونڊ ڏسي ويا هئاسين ۽ پنهنجي ڪمينٽري باڪس جو معائنو به ڪيو هيوسين. هر شهر ۾ پهچڻ کانپوءِ منهنجو پهريون ڪم اهو هوندو هو ته مان ABC (آسٽريلين براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن) جي نمائندي سان رابطي ۾ ايندو هوس ته جيئن سڀ کان پهريون سٽلائٽ جي بوڪنگ ڪنفرم ڪري وٺان. ان کانپوءِ گرائونڊ جو چڪر به لازمي هوندو هو ته هڪ يا ٻه ڏينهن اڳواٽ ماڻهو ڏسي وٺي ته گرائونڊ ڪٿي آهي ۽ ڪمينٽري باڪس ۾ ڪهڙا انتظام آهن. ڪيئي ڀيرا ائين به ٿيو ته ڪمينٽري باڪس اهڙي جڳهه تي هوندي هئي جتان اليڪٽرانڪ اسڪور بورڊ نظر نه ايندو هو تنهنڪري ان ۾ اڳواٽ ئي ڦير ڦار ڪرائي وٺبي هئي ته جيئن عين موقعي تي اسان جي ڪمينٽيٽرز کي اسڪور ڏسڻ ۾ دشواري نه ٿئي.

بروينٽ ندي کي پار ڪندا، سٽي آف ڪلارينس جي Bellerive Oval ڪرڪيٽ گرائونڊ پهچي وياسين.


Scanned with CamScanner

# پاڪستان ۽ زمبابوي جي وچ ۾ ميچ

## بلرِو اووَل هوبرٽ

## Pakistan v/s Zimbabwe
## Bellerive Oval (Hobart)

10 وڳي پاڪستان ۽ زمبابوي جي وچ ۾ ميچ شروع ٿي. زمبابوي ٽاس کٽيو ۽ پاڪستان کي کيڏڻ جي دعوت ڏني. اڄوڪي ميچ ۾ اسان جو ڪپتان عمران خان به شامل هو، توڙي جو سندس ڪُلهي ۾ اڃا به سور هو. بهرحال نه سندس بيٽنگ جو وارو آيو ۽ نه بولنگ جو، ڇو ته زمبابوي جي ڪمزور ٽيم هئڻ سبب پاڪستان کي کٽڻ ۾ ڪابه تڪليف ڪانه ٿي. اڄوڪي ميچ جي خاص ڳالهه عامر سهيل جي شاندار سينچري هئي جنهن 114 رنس ٺاهيون. جاويد ميانداد 89 رنس ٺاهي پنهنجي مسلسل ٻي نصف سينچري پوري ڪئي. پاڪستان 50 اووَرز ۾ 4 وڪيٽن جي نقصان تي 254 رنس ٺاهيون ۽ زمبابوي 50 اووَرز جي پوري ٿيڻ تي پنهنجون 7 وڪيٽون وڃايون ۽ مشڪل سان 201 جي اسڪور تي پهتو. اهڙي طرح پاڪستان هيءَ ميچ 53 رنس تان کٽي ورتي. توڙي جو زمبابوي جي ٽيم ايتري سُٺي ڪانه هئي جنهن جي شڪست تي اسان کي اطمينان يا خوشي ٿئي ها پر پوءِ به اها دلجاءِ ضرور ٿي ته گهٽ ۾ گهٽ 2 پوائنٽس ته ڪمايونسين. هن ميچ جا امپائر هيا رينڊل (آسٽريليا) ۽ بوالجينز (سري لنڪا). شاندار سينچري ٺاهڻ تي مئن آف دي ميچ جو ايوارڊ عامر سهيل کي ڏنو ويو. عمران خان، معين خان، اقبال سڪندر، مشتاق احمد ۽ عاقب جاويد کي بيٽنگ جو وارو نه مليو.

## Hobart to Adelaide هوبرٽ کان ائڊليڊ

اڄ وري پئڪنگ ڪرڻي هئي جو صبح جو نڪرڻو هو ائڊليڊ لاءِ. ڪجهه ٽڪل به هئاسون، سو جلدي ماني کائي، پئڪنگ ڪري سمهي پياسين. ٽئونڪري ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صبح جو سوير جاڳ ٿي. جيڪو سامان اڃا پئڪ نہ ٿيو هو، ان کي سيٽ ڪري 12 وڳي هوبرٽ ايئرپورٽ تي پهچي ساڳي اٽنسيٽ ايئر لائين ۾ سوار ٿي فقط هڪ ڪلاڪ ۾ ميلبرن ايئرپورٽ پهتاسين. اسان جي فلائيٽ سڌو ائڊ ليڊ نہ وڃڻي هئي تنهنڪري ميلبرن ۾ ٻہ ڪلاڪ ترسڻ جو موقعو ملي ويو. ڪيترا ماڻهو سڌي فلائيٽ کي پسند ڪندا آهن پر مان هميشه اهو چاهيندو آهيان تہ رستي تي جيترا ٻہ ايئرپورٽ رڪجڻ ۽ ٿورو ترسڻ (Stop Overs) لاءِ اچن تہ اوترو سٺو چو تہ اُتي ترسي مان ڪجھ نہ ڪجھ ڏسي وائسي ويندو آهيان، ڪجھ پرائي ۽ ڪجھ حاصل ڪري ويندو آهيان. ڪا نئين ڳالھ ڪو نئون تجربو پنهنجن مهربان پڙهندڙن لاءِ لکي ٻہ ويندو آهيان. هن موضوع تي مون کي آرنولڊ گلاسو (Arnold Glasow) جو لکيل هڪ خوبصورت قول ياد اچي ويو جنهن ۾ هن لکيو آهي:

"انتظار ڪرڻ يا انتظار ۾ رهڻ هڪ صبر آزما ڪم آهي. ڪيترا ماڻهو انتظار نہ ڪري سگهندا آهن، بور ۽ بيزار ٿي پوندا آهن. پر مان انتظار وارين گهڙين کي غنيمت سمجهي ڪجھ سوچيندو آهيان... بلڪہ ائين ڪٿي سمجهو تہ مون کي روز مرهہ جي زندگي ۾ ايتري فرصت ئي ناهي جن ۾ سوچي سگهان. غنيمت آهن منهنجي لاءِ اُهي گهڙيون جن ۾ مون کي ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان انتظار ڪرڻو ٿو پوي جو اُهي ئي انتظار وارا لمحا آهن منهنجي سوچ جا، منهنجي فڪر جا ۽ منهنجي تخليق جا".

## ميلبرن ايئرپورٽ تي ڏورا سان ڳالهيون

منير حسين ۽ مون اڄ دل کولي ميلبرن ايئرپورٽ جا چڪر لڳايا جيڪو اڄ اسان کي ڪافي خوبصورت ايئرپورٽ لڳو، ڇو جو ڪيس ڏسڻ جو نيڪ ٺاڪ موقعو مليو. منير صاحب جا چَپ ڦٽي پيا هيا ۽ هينئين چپ مان صفا رت وهي رهيو هوس سو مون کان ڏس پتو پڇيائين تہ ڪهڙي دوا درمل سان سندس چپُ نيڪ ٿي سگهي ٿو. مان کيس ايئرپورٽ جي وڏي ڊپارٽمينٽل اسٽور تي وٺي ويس ۽ Chap Stick (ڦٽل چپ نيڪ ڪرڻ جو ٽيوب) وٺي ورتو. منير صاحب پڇيو "هن ٽيوب جي دوا فائديمند ثابت ٿيندي؟" مون کيس چيو، "اوهان استعمال تہ ڪريو، شفا الله ڏيندو." ڪلي ڏنائين. ايئرپورٽ جي ريسٽورنٽ ۾ سيلف سروس ذريعي چانهہ ۽ سينڊوچز ڪٺي اچي ٽيبل تي ويٺاسين، پرواري ٽيبل تي نوجوان انگريز جوڙو ويٺو

هو. ڇوڪريءَ جي هنج ۾ ٻار هو ۽ پنهنجي ٻار کي ٿڃ پياري رهي هئي. ٻهرين حيرت ته ڇوڪري جي عمر تي ٿيم، وڌ ۾ وڌ ويهن سالن جي ٿي لڳي، ساڳي عمر سندس مڙس جي هئي جيڪو ٻنهي ڇوڪرات ٿي لڳو. منير صاحب به جوڙي کي غور سان ڏسڻ لڳو ته مان به، نيٺ منير حسين مون کي چيو ته، ”ڪنهن به گوري (White) کي هن عمر ۾ ٻار ۽ سو به پنهنجي ٿڃ پياريندي، اهو منظر مون اڄ ڏٺو آهي.“ مون سندس تبصري جي تائيد ڪئي ۽ منيرحسين کي چيم ته هو رڳو ويهي مزو ڏسي ته مان ڇا ٿو ڪريان. ڇوڪريءَ سان هيلو هاءِ ڪري ڪانئس پڇيم، ”اوهان پنهنجي ٻار کي ٿَڃ (Breast Feeding) پياري رهيا آهيو ۽ اهو ڏاڍو سٺو ڪري رهيا آهيو. پر مون اهو منظر، سو به مغربي معاشري ۾ تمام گهٽ ڏٺو آهي. ڇا اوهان ٻڌائيندؤ ته اوهان جي معاشري جون ٻيون ڇوڪريون يا عورتون به Breast Feeding ڪن ٿيون؟“

جيڪڏهن مشرقي ڇوڪري هجي ها ته اول ته مون کي ان سوال پڇڻ جي جرئت ئي نه ٿئي ها پر جي ٻروچڪي رڳ تي اڇان به ها ۽ اهو سوال پڇي به وٺان ها ته ڇوڪري يا ته صفا شرمائجي وڃي ها يا وري جيڪڏهن تيز هجي ها ته مون تي سئنڊل لاهيندي دير ئي نه ڪري ها. پر هن مانائتي ڇوڪري ڏاڍي تميز، ڌيرج ۽ فضيلت سان هن طرح وراڻيو:

”اول ته منهنجو تعلق پولنڊ (Poland) سان آهي ۽ اسان مشرقي يورپ وارن جون ريتون رسمون ۽ ڪلچر مغربي يورپ جي ملڪن کان ڪافي مختلف آهي، تنهنڪري اسان ۾ اهو هرگز عيب ڪونهي ته اسان ٻارن کي پنهنجو کير پياريون، ۽ اڪثر عورتون اسان وٽ ٻارڙن کي Breast Feeding ئي ڪن ٿيون. اهو طريقو بين الاقوامي صحت جي اصولن مطابق ۽ مجيل طريقو آهي جنهن سان ٻار صحت مند رهي ٿو.“ مون کيس داد ڏنو ۽ پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو مانس ته، ”پاڪستان ۾ پڻ مائرون گهڻو ڪري ٻارڙن کي پنهنجو کير پيارين ٿيون پر اڄڪلهه جون مائرون، خاص طرح ماڊرن ڇوڪريون پنهنجن ٻارن کي پنهنجو کير پيارڻ بدران بوتل ذريعي کير پيارين ٿيون.“ مرڪي ڏنائين ۽ وري به اعليٰ اخلاق جو مظاهرو ڪندي منهنجي ڳالهه تي ڪجهه تبصري ڪرڻ بدران فقط ايترو چيائين، ”هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو خيال ۽ مرضي آهي.“ کيس چيم، ”هڪ ٻيو ذاتي قسم جو سوال پڇڻ جي اجازت ڏيندؤ؟“ ڏاڍي منٺڙي ۽ مُهذب لهجي ۾ وراڻيائين، ”جي ٻهرين سوال پڇڻ وقت اجازت جي ضرورت محسوس نه ڪيوَ ته هاڻي ٻي سوال پڇڻ جي اجازت ڇو ٿا

ونو؟ ضرور پڇو. بلا ترڪ.“

بيحد شرمسار ٿيس تہ واقعي مون کي شروع ۾ ئي اجازت وٺڻ کپندي هئي. بهرحال ڪانئس پڇيم، ”ڇا پولنڊ ۾ ايتري ننڍي عمر ۾ شادين جو رواج عام جام آهي جيتري توهان جي عمر آهي؟“

مکڙيءَ جيان ٻهڪي پئي ۽ ورائياڻين ”قطعي نہ. اسان وٽ گهٽ ڪري 25-26 سالن جي عمر ۾ شاديون ٿين ٿيون پر تورو شرمائينديءَ، مرڪنديءَ ۽ پنهنجي هڪ جيڏي مڙس ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، ”بالزئڪ (Balzac) تڪڙ ڪئي، حالانڪ ڏسو تہ سهي مون کان بہ ننڍو ٿو لڳي.“

”مان توکان سچا سارا ست سال وڏو آهيان.“ بالزئڪ اهو جملو ڊورا کي گهورينديءَ ۽ پوءِ مون سان مخاطب ٿيندي چيو. پوءِ مرڪنديءَ ۽ ڪجهہ شرارت مان چيائين ”ڊورا (Dora) اوهان کي صحيح ڳالهہ نہ ٿي ٻڌائي. تڪڙ در اصل ٻنهي کي هئي، اسان جو پيار بہ تڪڙ ۾ ٿيو تہ شادي بہ تڪڙ ۾ ٿي وئي.“ زال مڙس جي پيار واري تڪرار ۾ مون کي ٻنهي جا نالا معلوم ٿي ويا. ڳالهائڻ ۾ مشغول هياسين تہ اعلان ٿيو تہ ”ائڊليڊ وڃڻ وارا مسافر گيٽ نمبر 22 کان جهاز ۾ سوار ٿيڻ لاءِ روانا ٿي وڃن.“ مون آخر ۾ ساڻن معذرت ڪئي تہ مون ڪانئن اجايا سجايا سوال پڇيا. ڊورا ورائيو، ”سچ اهو آهي تہ مون اوهان جي سوالن کي ڏاڍو Enjoy ڪيو. اوهان بہ تہ اسان وانگر مشرق جا آهيو نہ، اسان جو ڪلچر ڪنهن نہ ڪنهن نقطي تي ضرور ڪٿي نہ ڪٿي هڪ ٻئي سان ملندڙ جلندڙ هوندو ۽ مغربي ڪلچر کان مختلف هوندو، ٻيو تہ اسان کي ڳالهين ڳالهين ۾ وقت گذرڻ جي خبر ئي نہ پئي، بس 15-20 منٽن ۾ اسان کي بہ سڏ ٿيڻ وارو آهي. Thank you, bye bye “ ڊورا خدا حافظ چيو.

منير حسين جيڪو وچ ۾ الائي ڪيڏانهن اُٿي هليو ويو هيو سو بہ ظاهر ٿيو ۽ اسان اچي جهاز ۾ ويٺاسين. فقط هڪ ڪلاڪ ۾ ائڊليڊ پهچي وياسين. ان وقت ائڊليڊ ۾ شام جا 6-30 ٿيا هيا.

## ائڊليڊ ۾ In Adelaide

مان هوائي جهاز ۾ اڪثر ڪري دريءَ واري سيٽ (Window Seat) وٺندو آهيان، تہ جيئن شهرن جو ڏيک ويک جهاز مان ئي ڏسي وٺجي. جڏهن اسان جو جهاز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ائڊليڊ جي مٿان لامارا هڻڻ لڳو تہ مون منيرحسين کي چيو، ”هي شهر تہ ڪو عاليشان طريقي جي ترتيب سان ٺهيل شهر (Planned City) ٿو لڳي.“ منيرحسين جيڪو اڌ ننڊ ۽ اڌ جاڳ ۾ هو تنهن فوراً وراڻيو، ”بلوچ صاحب توهان تہ مون کي باقاعدي انجنير ٿا لڳو. واقعي هي شهر حد درجي جي ترتيب سان ٺهيل آهي چو تہ مان ڪيئي ڀيرا هن شهر ۾ آيو ويو آهيان، پر مون کي حيرت اها ٿي تہ اوهان کي جهاز مان خبر ڪيئن پئي تہ هي شهر هڪ (Planned City) آهي؟“

”منير صاحب! مان ڪو موسيٰ روحاني ڪونہ آهيان پر مون جڏهن هيٺ نهاريو تہ روڊ ۽ رستا صفا سڌا، بلڊنگن جي ترتيب بلڪل چورس، وچ ۾ ڪي پارڪ نظر آيا، تہ اُهي بہ چورس ۽ ترتيب وار نظر آيا، تنهنڪري مون سمجهيو تہ هن شهر کي ڪنهن مناسب ترتيب سان ٺاهيو ويو آهي.“ مون وراڻيو. منير صاحب دل کولي داد ڏنو. ٿوري ئي دير ۾ اسان ائڊليڊ ايئرپورٽ تي لئنڊ ڪري وياسين. جيئن ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪتاسين تہ ڏاڍي برسات ٿي پئي. ٽيڪسيون وٺي هوٽل پهتاسين، پر برسات وڻ وڄائي ڇڏيا ۽ سڄي رات زوردار برسات پوندي رهي.

## قمر احمد جا مفت مشورا Useful hints by Qamar Ahmed

منهنجو دوست قمر احمد، جيڪو هونئن تہ سڄي جڳ جو دوست آهي، هڪ ناميارو صحافي ۽ براڊ ڪاسٽر آهي، ڪرڪيٽ تي تبصرا لکڻ ۽ ڪرڪيٽ ڪمينٽري ڪرڻ سندس محبوب مشغلا آهن. پنجين ورلڊ ڪپ جي سيمي مئچن ۾ اسان سان گڏ هو. قمر تڏهن منهنجو دوست ٿيو هو، جڏهن مان ٽئين ورلڊ ڪپ ڪرڪيٽ جي رننگ ڪمينٽري جي انتظامن جي سلسلي ۾ ريڊيو پاڪستان جي نمائندي طور 1983ع ۾ انگلنڊ ويو هوس. يار ويس، مدد ۽ تعاون ڪرڻ وارو آهي. مون کان ميلبرن ۾ پڇيائين تہ مان ڪرڪيٽ ٽيم وارن سان ساڳي هوٽل ۾ پئي رهيس يا ڪنهن ٻي هوٽل ۾. وراڻيم تہ ”سوال ئي نٿو پيدا ٿئي جو ڪنهن ٻي هوٽل ۾ رهان، ٽيم سان گڏ ساڳي هوٽل ۾ رهندو آهيان، ڪمينٽيٽر حضرات بہ گڏ هجن ٿا، اهڙي طرح ڪچهرين ۾ ڀيو وقت گذري.“

چيائين، ”جذباتي ٿيڻ جي ڪا ضرورت ناهي، جيڪڏهن مان هر ان شهر ۾ جتي جتي اوهان کي وڃڻو آهي، اُهي هوٽل توهان کي ٻڌائي ڇڏيان جيڪي ظاهر آهي، 5- اسٽار تہ نہ هوندا پر 4- اسٽار هوندا ۽ تمام بهتر هوندا، Comfortable


Scanned with CamScanner

هوندا، ڪمري جو ڪرايو بہ تمام گهٽ هوندو ۽ اوهان رهندؤ بہ ٽيم جي لڳو لڳ، پيو ڇا ڪبي اوهان کي، ڇو ٿا وڌيڪ پئسا ضايع ڪريو؟"

پهريون تہ قمر احمد جي ڳالهہ کي لنوائي ڇڏيم پر جڏهن اکيون ٻوٽي غور ڪيم تہ قمر احمد جي ڳالهہ جڻ تہ منهنجي دل وٽان لڳي. مان پوين صفحن ۾ ٻڌائي آيو آهيان تہ مون کي پنهنجي گهرواريءَ سميت پنهنجي ڀاءُ وٽ ٽوڪيو وڃڻو هو. سندس بندوبست تہ پاڪستان ۾ ڪري آيو هوس جنهن کي پڻ سفر جي خرچ لاءِ ڪافي پئسا ڏنا هيم ٽڪيٽ لاءِ، تنهن ڪانسواءِ مون کي پڻ آسٽريليا کان واپسيءَ تي جپان وڃڻو هو. تنهنڪري سوچيم تہ قمر احمد جي چوڻ تي عمل ڪري تہ ڏسجي. جيڪڏهن ٻين هوٽلن جو معيار بهتر هجي ۽ ڏوڪڙ بہ من ايترا بچي وڃن جو گهٽ ۾ گهٽ ٽوڪيو جو ڪرايو ڀاڙو ۽ خرچ پکو نڪري اچي تہ بہ جڻ ڪمايوسين.

مون قمر احمد سان ها ڪئي ۽ هاڻي هو وڃي هوٽلن جا نالا ۽ انهن جا ٽيليفون نمبر لکڻ، مون کي صفا حيرت وٺي وئي جڏهن هوٽلن موٽلن جا تفصيل لکي ۽ مون کي چيائين تہ "هر شهر ۾ مون اُهي هوٽل لکيا آهن جيڪي ڪرڪيٽ ٽيم جي رهائش وارن هوٽلن سان صفا گڏوگڏ آهن سواءِ برسبين جي، جتي مون گابا ڪرڪيٽ گرائونڊ جي بلڪل لڳو لڳ هوٽل تجويز ڪيو آهي." مون کي حيرت ان ڳالهہ تي هئي تہ قمر احمد کي ڌارئي ديس ۾ گهربل سڀ هوٽل برزبان ياد هئا، جڏهن تہ اسان کي پنهنجي ملڪ جا سٺا هوٽل بہ ياد نہ هوندا آهن ۽ نہ ئي وري انهن جا ٽيليفون نمبر اسان جي ڊائرين ۾ محفوظ رهندا آهن. قمر احمد وڌيڪ ٻڌايو تہ دنيا ۾ جتي بہ ڪرڪيٽ راند ٿئي ٿي هُن جو اُتي هجڻ لازم ملزوم آهي. جيئن جيئن قمر سان وڌيڪ واسطو پوندو رهيو تہ هن شخص جا Talents مون تي وڌيڪ واضح ٿيندا ويا. آسٽريليا ۾ ڪيترائي رسالا ۽ مئگزين ورلڊ ڪپ جي موقعي تي ڇپيل نظرن کان گذريا، سواءِ هڪ ٻن رسالن جي، مون کي ڪوبہ مئگزين اهڙو نظر نہ آيو جنهن ۾ ورلڊ ڪپ جي باري ۾ يا ڪرڪيٽ جي ڪنهن بہ موضوع جي حوالي سان، قمر احمد جو مضمون، آرٽيڪل يا تبصرو ڇپيل نظر نہ آيو هجي. آسٽريليا ۾ ABC وارن ڪيئي ڀيرا قمر کان ڪرڪيٽ مئچن بابت تبصرا نشر ڪرايا جيڪي ABC ريڊيو توڙي ٽيليويزن ٻنهي تان نشر ۽ ٽيليڪاسٽ ڪيا ويا. ائڊليڊ ۾ قمراحمد جي ڏسيل "موٽيل ڪئسينو" (Motel Casino) ۾ اچي رهيس، جيڪو ٻئنڪ اسٽريٽ تي آهي ۽ Hindly Park Royal هوٽل کان اٽڪل سئو قدمن جي مفاصلي تي آهي، جنهن ۾ اسان جي ٽيم رهيل هئي. موٽيل ڪئسينو ۾ اچي مون قمر کي ڏاڍيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دعاٿون ڏنيون. بهترين ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرا، بهترين اٽيچ باٿ، ڪشادو ۽ آرامده بيڊ روم ۽ ٻيون ڪيترين ئي سهولتون، سڀ ڪان وڏي سهولت ۽ آرام جيڪو مون کي ميلبرن ۽ هوبرٽ جي 5- اسٽار هوٽلن ۾ به نه مليو هو پر هتي هن موٽيل ۾ ميسر ٿيو سو هو تنهائيءَ جو، جنهن کي مان ٻاهرين ملڪن ۾ ڀُڇيءَ جو هار يا هڪ بي بها تحفو سمجهي ان جو گرمجوشيءَ مان استقبال ڪندو آهيان. ميلبرن ۽ هوبرٽ ۾ به ڪمرن ۾ ته اڪيلا رهندا هياسين پر هر 15 منٽن يا اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ دروازي تي ٺڪ ٺڪ يا ڪنهن دوست جو ٽيليفون ته مان اچان پيو، يا وري مان پاڻ وڃي ڪٿي کڙڪندو هوس. ڪڇهريءَ جو ماحول به پنهنجي جڳهه تي تاهوڪو ماحول هوندو آهي، بشرطيڪ اُهو ماحول زوري ڀُڇيءَ ۾ نه پئجي وڃي. ميلبرن ۽ هوبرٽ ۾ ٽيم جي ساٿين ۽ ڪمينٽيٽر دوستن سان ساڳيءَ هوٽل ۾ رهائش دوران ڪمرن ۾ اڪيلي هوندي به تنهائي ڪانه هئي جيڪا هتي اڊليڊ ۾ مون کي ميسر آئي. دل ئي دل ۾ "قمر احمد زنده آباد" جو نعرو لڳايم.

اڊليڊ ۾ جيئن ته فقط 3 ڏينهن ترسڻو هو تنهنڪري سامان ڪمري ۾ رکي، مان، افتي ۽ منير حسين اڄ ئي گهمڻ نڪتاسين. هينئر مينهن پوڻ بند ٿي ويو هو پر هلڪي هلڪي بوند پئي پي. بئنڪ اسٽريٽ مان نڪري ڪنگ وليم روڊ تي گهمڻ لڳاسين، ڇا ته (King William Road) جو نظارو آهي. بيحد ڪشادو روڊ آهي جنهن جي پاسن کان تمام خوبصورت فوٽ پاٿ ٺهيل آهن ۽ وڏا وڏا هوٽل ۽ شاپنگ سينٽر آهن. ڪنگ وليم روڊ جي چيڙي تي اڊليڊ فيسٽيوَل (Adelaide Festival) جي جڳهه تي آياسين جتي ٻن ڏينهن کانپوءِ اڊليڊ فيسٽيوَل شروع ٿيڻو هو جنهن جون تمام زور شور سان تياريون ٿي رهيون هيون. اڊليڊ جو هي عظيم الشان جشن پوري مهيني لاءِ هلڻو هو ۽ وڏي ڳالهه ته هن ئي جشن ۾ پاڪستان جي مشهور قوالن جناب نصرت فتح علي وارن کي پڻ حصو وٺڻو هيو جن لاءِ اڊليڊ ۾ مقيم پاڪستانين کي سندن آمد جو سخت انتظار هو. پنڊال ۽ شاميانا لڳي چڪا هئا. ريسٽورنٽ، ڪيفي ۽ بارون (Pubs) چوگرد نظر ٿي آيون. هر طرف شادمانا ۽ محفلون مچي چڪيون هيون. رونقون ۽ رنگ رچي رهيا هيا توڙي جو افتتاح ٿيڻ ۾ به ڏينهن اڃا هيا. ڪلاڪ ڏيڍ هتي گهمياسين ڦرياسين ته مينهن اچي زور ورتو ته اسان به پيرن تي ڪٽي زور رکيو. فقط ڏهن منٽن ۾ اچي هوٽل تي پهتاسين. اڄ به افتخار احمد جي طرفان دعوت هئي ۽ هڪ بهترين هوٽل ۾ اچي ڊنر ڪئي سون. ڏاڍو شاندار هوٽل، ماني ڏاڍي سٺي، ماحول به سهڻو ۽ سٺو پر اُها ڪشش ۽ جاذبيت غائب هئي جيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوبرٽ جي شيرينن ۾ هر طرف نظر آئي هئي. ”چوٽا تيلَ چنبيليا، ها ها هُو هميش“ واري خوشبوءِ جو هڳاءُ محسوس نہ ٿيو جنهن چند ڏينهن اڳ هوبرٽ ۾ هوش ئي غائب ڪري ڇڏيو هو. اهو ئي سبب هو جو فقط هڪ ڪلاڪ ۾ اٿياسين ۽ پنهنجن پنهنجن هوٽلن ۾ هليا وياسين.

رات خير جي گذري، صبح ٿيو تہ ساڳي برسات اسان جو آدرياءُ ڪيو. اهو تہ اسان تقريباً سوچي ڇڏيو هو تہ 90 سيڪڙو امڪان مئچ نہ ٿيڻ جو هو. 10 سيڪڙو مئچ ٿيڻ جو هلڪو امڪان فقط انڪري ذهن ۾ رکيوسين تہ آسٽريليا جي اڪثر ڪرڪيٽ گرائونڊس تي اهڙو اعليٰ انتظام ڪيو ويو آهي جو آئوٽ فيلڊ جي خشڪ ٿيڻ ۾ اڌ منو ڪلاڪ مَس ٿو لڳي، پلي ڪيترو بہ مينهن چونہ اُنو هجي. ها اهو ضرور آهي تہ آئوٽ فيلڊ کي خشڪ ڪرڻ وقت وڌيڪ برسات نہ پوي. مون کي هاڻي زياده فڪر اهو هو تہ ائڊليڊ جهڙو خوبصورت شهر جنهن هوائي جهاز ۾ ويٺي فضائن ۾ ئي بيحد متاثر ڪيو هو، ڇڱي طرح نہ ئي سهي سرسري طرح بہ ڏسي سگهبو الائي نہ.

صبح جو ساڍي ڏهين وڳي قمر احمد جو ٽيليفون آيو. پهريون تہ پڇي پڪ ڪيائين تہ جنهن هوٽل جو هن مون کي ڏس ڏنو هو سو مون کي پسند بہ آيو هو يا نہ؟ جڏهن ٻڌايو مانس تہ بيحد پسند آيو هو بلڪ سندس طرفان منهنجي رهنمائي ڪرڻ تي دل کولي سندس شڪريو بہ ادا ڪيم تہ ڏاڍو خوش ٿيو. چيائين، ”اڄ شام جو ٻئي هنڌ پروگرام نہ رکجو، هڪ ڊنر ۾ شرڪت ڪرڻي آهي.“

## سر ڊان برئڊمئن، شيڪسپيئر ۽ لطيف
## Sir Don Bradman Shakespeare & Lateef

ائڊليڊ – ڏکڻ آسٽريليا جي گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ بيحد خوبصورت شهر آهي. ڪرڪيٽ جي حوالي سان بہ هن شهر کي خاص شهرت ان ڪري حاصل آهي جو دنيا جي مايہ ناز ڪرڪيٽر سرڊونلڊ برئڊمئن (Sir Donald Bradman) جو تعلق بہ هن شهر سان آهي. برئڊمئن دنيا جو ڪيڏو عظيم ڪرڪيٽر رهيو آهي ان حقيقت جي ڄاڻ فقط انهن کي آهي جيڪي ڪرڪيٽ راند سان حد درجي جي دلچسپي رکن ٿا. زندهہ قومن جا ماڻهو پنهنجن هيروز جي قدر داني ڪيئن ڪن ٿا ۽ انهن کي هميشه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندهہ رکڻ لاءِ چا چا نہ ڪن، ان جو اندازو مون کي تڏهن ٿيو جڏهن آسٽريليا جي مختلف ڪرڪيٽ گرائونڊس تي سر برٽڊمئن جي نالي پٺيان ڪٿي اسٽئنڊ، ڪٿي ڪارنر، ڪٿي پئويليئن وغيره نهيل ڏٺم. مثال طور ائڊليڊ اووَل ڪرڪيٽ گرائونڊ تي (Sir Donald Bradman Stand) نهيل آهي جيڪو تمام وڏو ۽ ڪشادو اسٽئنڊ آهي. M.C.G ۽ سڊني ڪرڪيٽ گرائونڊس تي پڻ برٽڊمئن جي نالي تي اسٽئنڊس ۽ ڪارنرس نهيل آهن. ڪرڪيٽر هجي يا ڪنهن بہ فن جو ماهر، زندهہ قومون پنهنجن عظيم شاعرن ۽ فنڪارن سان پنهنجي عقيدت جي اظهار طور ڪجهہ اهڙا ڪارناما ڪري ٿيون ڏيکارين جو هر ايندڙ ويندڙ، ڏسندڙ وائسندڙ متاثر ٿيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهي. مثال طور: جيڪڏهن اوهان انگلنڊ ويندا ۽ باءِ - روڊ انگلنڊ جو سير سفر ڪندا تہ هر داخلا واري جڳهہ (Entry Point) تي بيحد نمايان ۽ تمام وڏن اکرن ۾ لکيل بورڊ نظر ايندا، جن تي لکيل آهي: ”هاڻي اوهان شيڪسپيئر جي ديس ۾ داخل ٿي رهيا آهيو.“

"Now you are entering the country of Shakespeare."

شاباس آهي منهنجي قربدار ۽ پياري دوست عبدالقادر منگي صاحب کي جنهن ڪجهہ سال اڳ لاکيٽي لطيف جي ورسي ملهائڻ جي انتظامن جي سلسلي ۾، جنهن ۾ مان بہ موجود هوس، هڪ تجويز پيش ڪئي تہ حيدرآباد ڊويزن جي ڊپٽي ڪمشنرن کي چيو وڃي تہ پنهنجي ضلعي جي مختلف چوُسُولن، چؤواٽن ۽ شاهراهُن تي وڏا وڏا خوبصورت بورڊ لڳرائي اُنهن تي لطيف جا بيت لکرائي ڇڏين تہ جيئن هر ايندڙ ويندڙ دنيا جي هن عظيم شاعر جي لافاني پيغام مان ايندي ويندي فيض حاصل ڪندو رهي. منگي صاحب وڌيڪ اها بہ راءِ ڏني تہ هر علائقي جي مناسبت سان اهي بيت لکرايا وڃن. جڏهن هي سٽون لکي رهيو آهيان تہ عبدالقادر منگي صاحب ٺٽ جو ڊپٽي ڪمشنر آهي. ڪتاب جي ڇپجڻ تائين اُتي رهي ٿو يا نہ، اها الله کي خبر، بهرحال ھدايائين پئي تہ ٺٽ جي حساب سان ڀٽائي جي سُرَ سارنگ، سُر سامونڊي، وغيره مان بيتن جي چونڊ ڪبي. ڀٽائي جي ميلي سان لاڳاپيل ڪميٽي جي سيني ميمبرن کي منگي صاحب جي اها تجويز بيحد پسند آئي. مون پنهنجي طرفان پاڻ کي آفر ڪيو تہ جڏهن بہ لطيف جي بيتن جي چونڊ ڪئي وڃي تہ مون ناچيز کي بہ ضرور ياد رکيو وڃي تہ جيئن لاکيٽي لطيف جي هڪ پانڌيڙي، ان جي ادني عاشق جي حيثيت ۾ جيڪڏهن ٻيو ڪجهہ نہ ڪري سگهان تہ من بيتن جي چونڊ ڪرڻ ۾ ڪو ڪردار ادا ڪري سگهان. جڏهن هي ڪتاب ڇپجي ماڻهن جي


Scanned with CamScanner

جن کي پڻ هن دعوت ۾ گهرايو ويو هو. ٿوري دير کانپوءِ رابن جو مڙس مئلڪم (Malcom) آيو، ان بہ ڏاڍي گرمجوشيءَ سان هٿ ملايو. پاڻ مڙس هو سو هٿ ملائيندي ڪجهہ مهٽڙو اهڙو ڏئي ڇڏيائين جو موتيل پهچڻ تائين هٿ جي مالش ڪندو آيس. ٿوري دير کان پوءِ مئلڪم ۽ رابن پنهنجي ڌيءَ کي وٺي آيا جنهن جي عمر 14-15 سال مس هئي. رابن پنهنجي ڌيءَ جو تعارف ڪرائيندي واضح ڪيو تہ "جيئن تہ سندس دوست (Boy friend) ٿوري دير ۾ اچڻ وارو آهي ۽ ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي ويندو ان ڪري چاهيم تہ اوهان سان سندس تعارف ڪرائي ڇڏيان." قمر احمد منهنجو ڀرپور تعارف رابن سان ڪرائي ڇڏيو هو، ان ڪري رابن منهنجو تعارف پنهنجي ڌيءَ سان ڪرايو. ڇوڪري بيحد شرميلي، اصل اهڙي جڻ وات ۾ زبان ئي ڪانہ هئس. ڳالهائي پئي تہ هوريان هوريان، رڪجي رڪجي، اسان سان پندرهن منٽ گڏ ويٺي پر مون کي ائين لڳو جڻ ڪا مشرقي ڇوڪري هجي. سوال رهيو اهو تہ اسان جا مهربان پڙهندڙ اهو ضرور سوچيندا تہ جيڪا 15 سالن جي ڇوڪري پنهنجي بواءِ فرينڊ سان گڏ ڇڙواڳ گهمي، اُن کي مشرقي حياءَ رکندڙ ڪيئن چئي سگهجي ٿو؟ انجو جواب آهي تہ مغربي معاشري جي ثقافت، تهذيب ۽ تمدن ۽ سماجي ريتون رسمون اسان کان صفا ابتڙ آهن. اُتي جو اهو ڪلچر ٿي ويو آهي تہ هر اُها ڇوڪري جيڪا جڏهن بالغ ٿي وڃي ٿي پر ڪو سنو دوست بنائڻ ۾ ناڪام رهي ٿي تہ ان کي پوري معاشري ۾ عام طرح ۽ پنهنجي والدين وٽ خاص طرح، قبوليت جو شرف نٿو ملي. پر هر اُها ڇوڪري ڏاڍي ڀاڳن ڀري ليکي وڃي ٿي جنهن کي جلدي ڪو سنو دوست ملي وڃي. ها... دوست جو سنو هئڻ شرط ضروري آهي. ڪڏهن ڪڏهن گوريون ۽ خوبصورت ڇوڪريون جڏهن ڪارن ۽ ڪوجهن ڇوڪرن وٽ وڃي ڦاسن ٿيون تہ سندن والدين خوش نٿا ٿين. بيحد رنج ٿين ٿا، پر ان وقت هو ڪري بہ ڪجهہ نٿا سگهن، ڇو تہ معاشرو ۽ ماحول آزاد آهي. ڪڏهن ڪين آزاديءَ جو انعام ملي ٿو تہ ڪڏهن وري ڪين ڇڙواڳيءَ جي سزا بہ ملي ٿي. تنهنڪري اهو هرگز نہ سوچڻ گهرجي تہ جنهن ڇوڪريءَ بُواءِ فرينڊ بڻايو سا نيڪ نہ هوندي...... ها سو ٻڌايم پئي ڪيم تہ اسان جو معاشرو ۽ مغربي ڪلچر، تهذيب ۽ تمدن صفا ابتڙ آهن. مثال طور اسان جي ڪلچر، تهذيب ۽ تمدن ۾ هڪ سير ڪير ۾ جيستائين اڌو اڌ پاڻي مليل نہ آهي تہ اسان جو ايمان مڪمل ڪونهي. پاءُ ڪن پيئل مرچن ۾ اڌ پاءُ پيئل سرُن جو هئڻ بہ اسان جي ايمانداريءَ جو لازمي جزو آهي. وڏي گوشت جي جڳهہ تي گڏهہ، گهوڙي ۽ ڪُتي جو گوشت وڪڻڻ بہ اسان جي تاريخ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تمدن جو اٽوٽ انگ آهي. هر وقت ڪوڙ ڳالهائڻ پر اهڙي فنڪاريءَ سان جو نسورو ڪوڙ بہ سونهن آنا سچ لڳي، اهو بہ اسان جي ايمان جو حصو آهي. قرآن پاڪ تي هٿ رکي ڪورٽن ۾ ڪوڙيون شاهديون ڏيئي، ڪنهن معصوم بيگناهہ کي ڦيپ ڏيارڻ ڪان وٺي، ڦاهيءَ جي تختي تائين پهچائڻ بہ اسان جو ڪلچر ۽ اسان جي ثقافت آهي. انگريز، جن کي اسان نفرت وچان يهود ۽ نصارا چوندا آهيون، اُهي مري ويندا پر ڪير ۾ يا ڪنهن بہ شئي ۾ ملاوٽ نہ ڪندا. ڪنهن ملاوٽ جو تصور بہ انهن لاءِ ممڪن ڪونهي. خير موضوع خواه مخواه اينگهہ ڪندو وڃي. تنهنڪري اسان موٽي اچون ٿا رابن ۽ مئلڪم جي دعوت واري پروگرام تي.

سندن گهرجي بالڪوني ۾ ٺهيل بار جي چؤگرد ٿي ويٺاسين. پيالن تي پيالا، جام مٿان جام ٿي آيو، مگر مجال آ جو ڪو مدهوش ٿئي يا ڪنهن بہ قسم جي واهيات گفتگو ڪنهن جي واتان نڪري يا ڪابہ بدتميزي ڪو ڪري، ڏاڍا يوڳ ٺڪاوَ لڳاپيا هيا. مئلڪم، قمر کان پڇڻ لڳو، "يلا عبدالقادر هن پيري ٽيم ۾ شامل ڇو ڪونهي؟ شعيب ۽ يوسف ڇو شامل ڪونهن؟" تہ رابن پڇيو، "سليم ملڪ هن پيري ڇو صحيح نہ پيو کيڏي وغيره." پوءِ خبر پئي تہ هن فيملي جا ماڻهو ڪرڪيٽ جي شوقينن مان نہ پر عاشقن منجهان آهن، جيترو بہ وقت سندن گهر ويٺا رهياسين تہ زياده وقت ڪرڪيٽ راند لاءِ وقف هو. بار جي چؤگرد ويهي ويهي منهنجا تہ لاهہ نڪري ويا. تنهنڪري ڪافي دير تائين اها سزا ڪاٽي هنڪ صوفي تي وڃي ويٺس، پر رابن وري اچي مون کي وٺي وئي، چيائين، "توهان جي ڪمپني اسان گهڻي پيا Enjoy ڪريون، تنهنڪري توهان اسان سان گڏ هجو تہ مهرباني ٿيندي." ڪافي دير ڪانپوءِ مانيءَ جو سڏ ٿيو. اسان جي لاءِ پاڪستاني طعام ٺاهيا هيائون. پلاءُ، ڀوڙ مانيون، پاپڙ، آچار وغيره ۽ ڪجهہ ڊشز پنهنجون بہ تيار ڪيون هيائون. ڏاڍي پر تڪلف ڊنر ڪاڌيسون. ڊنر کان وڌيڪ رابن ۽ مئلڪم جي ڪمپنيءَ ۾ وڌيڪ مزو آيو. ٻئي زال مڙس ڏاڍا کلڻا ٽهڪڻا ۽ پياريون شخصيتون آهن. موڪلائڻ وقت مون کي چيائون "ائڊليڊ جڏهن بہ اچو تہ اسان وٽ ضرور چڪر لڳائجو."

رات جو ساڍي ٻارهين وڳي اسان ڪاٽڻ موڪلايو. توڙي جو سندن محفل مڇڻ جو وقت ئي هاڻي ٿيو هو. سياڻي آچر هو. آفيسون ۽ ڪاروبار بند هو. تنهنڪري اسان کي وڃڻ ئي ٺٽي ڏنائون پر مون گهڙي گهڙي کين ياد پئي ڏياريو تہ "سياڻي مئچ آهي جنهن جا مون کي انتظام ڪرڻا آهن ۽ اوهان بہ ڪرڪيٽ پرست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئڻ جي ناتي مڇ ضرور ڏسندا. تنهنڪري اجازت ڏيو."

مئلڪم، ڪئب (ٽيڪسي) لاءِ فون ڪيو ۽ پنجن منٽن ۾ ڪئب پهچي وئي. قمر مون کي موٽيل تي ڇڏي پنهنجي گهر ويو. رستي تي سندس شڪريو ادا ڪيم جو اجوڪي شام اسان جي بيحد سجائي وئي. سڀاڻي ۽ سڀاڻي ماڻهن سان ملاقات تي ۽ ڪچهريءَ ۾ تمام گهڻا محظوظ ٿياسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پاڪستان ۽ انگلنڊ آمهون سامهون

## ائڊليڊ اووَل

## Pakistan v/s England
## Adelaide Oval

اڄ پهرين مارچ هئي. ڏينهن آچر جو هو. ائڊليڊ اووَل ڪرڪيٽ گرائونڊ تي ماڻهن جي چڱي خاصي رش هئي. صبح جو توڙي جو آسمان تي اڇا ۽ ڪارا ڪڪر چانيل هيا پر اڄ خوش قسمتيءَ سان ڪا خاص بارش ڪانه هئي پر سنهيون سنهيون بوندون پئي پيون. خوبصورت شهر جو بيحد خوبصورت گرائونڊ، سهڻا سهڻا ماڻهو، من موهيندڙ مهہ لقا مورتون، بوندن ۾ پنل بدن، وقفي وقفي سان سج جا سونهري ڪرڻا بوندن مان آرپار تي مخمليءَ جسمن سان ٽڪرائجي، شعاعن جو روپ وٺي اسان جي نظرن ۾ جذب ٿي پئي ويا. راند اڃا شروع ڪانہ ٿي هئي پر رومانٽڪ موسم، نِينهن، نظرن ۽ نظارن جي مئچ شروع ٿي چڪي هئي، جنهن ۾ اٿين تي لڳو تہ سڀ هارائي ويٺا هيا. عمر قريشي جهڙي بزرگ ڪمينٽيٽر چيو، ”عنايت! مئچ تہ اڃا شروع نہ ٿي آهي، ڏي پلا مائڪروفون تہ هن دلفريب لمحن جو بيان ئي نشر ٿي وڃي.“ اوچتو ڏٺوسين تہ امپائر ميدان ۾ اچي ويا. ڍڪيل پچ تان ڪَور لاٿو ويو ۽ راند شروع ٿي وئي. ٽاس انگلنڊ کٽيو جنهن پاڪستان کي کيڏڻ جي دعوت ڏني. آئوٽ فيلڊ بہ پِڳل هئي. پر اسان جي کيڏارين هڪ نئين رڪارڊ ناهڻ جي خواهش ۾ آئوٽ ٿيڻ ۾ دير ئي ڪانہ ڪئي. اٿين ٿي لڳو تہ جڻ هڪ بئٽسمن ٻي کي ايلاز ۽ منٿون ڪندي چئي رهيو هجي، ”يَر، مٿان تون اڳي آئوٽ ٿي وڃين، مان توکان پهريون آئوٽ ٿيڻ ٿو چاهيان. الله کي ميجهان، مون کان اڳي آئوٽ نہ ٿجان.“ ٿيو بہ ائين جو فقط 40.2 اوورز ۾ 74 رنس ناهي، سڀ رانديگر هڪ ٻئي پٺيان آئوٽ ٿي ويا.

هاڻي انگلنڊ جي کيڏڻ جو وارو آيو. پر هلڪڙيون هلڪڙيون خمار ڏيندڙ بوندون وسي رهيون هيون. بونداباري ۾ مئچ جاري هئي ۽ انگلنڊ 18 اوورز ۾ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راندیگر جي نقصان تي 24 رنس ٺاهيون. آئوٽ ٿيڻ وارو رانديگر ڪپتان ”گراهم گوچ“ (Graham Gooch) هيو. پچ کي ٻيهر ڍڪيو ويو ۽ ڪافي دير تائين راند بند رهي. راند ٻيهر شروع ٿيڻ جو امڪان نظر نٿي آيو تنهنڪري مون کي ريڊيو تي هڪ اعلان ڪرڻو پيو ته ”في الحال ائڊليڊ اووَل کان واپس اسٽوڊيو تا هلون، جيڪڏهن راند ٻيهر شروع ٿي ته وري توهان کي ڪمينٽري ٻڌائڻ لاءِ اسٽوڊيو کان ائڊليڊ اووَل ڪرڪيٽ گرائونڊ تي وٺي هلنداسون.“ اندازي موجب پوري ڪلاڪ جي وقفي کان پوءِ بوندون جهڪيون ٿيون، اوچتو امپائر به ميدان ۾ نڪري آيا. ڪَور لاٿا ويا ۽ راند ٻيهر شروع ٿي، پر هاڻي پنجين ورلڊ ڪپ لاءِ جوڙيل نوَن قاعدن ۽ اصولن جي بنياد تي راند شروع ڪئي وئي ۽ اهو طئي ٿيو ته انگلنڊ 14 اوورز ڪيڏندو، جنهن ۾ راند کٽڻ لاءِ کيس 64 رنس ٺاهڻيون پونديون. اهو قانون خاص طرح مينهن وسڻ، طوفان اچڻ يا ڪنهن به طرح سان ناخوشگوار موسم کي ذهن ۾ رکي ٺاهيو ويو هو ته جيڪڏهن پوري راند نه ٿي سگهي ته محدود اووَرز جي راند ڪري هڪ مناسب عدد ڏنو وڃي، جيڪڏهن آخر ۾ کيڏندڙ ٽيم گهربل ٽارگيٽ پورو ڪري وڃي ته پوءِ کيس فاتح قرار ڏنو وڃي. انگلنڊ کيڏڻ شروع ڪيو پر وري ٿورڙي ئي دير ۾ ٻيهر زوردار برسات وسڻ لڳي، تنهنڪري Umpires ٻنهي ٽيمن جي مئنيجرن سان مشوري ڪرڻ بعد راند کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اهڙي طرح پاڪستان ۽ انگلنڊ کي هڪ هڪ پوائنٽ ملي ويو. هن مئچ جي رد ٿيڻ تي انگلنڊ جي ٽيم کي گهڻو صدمو رسيو جو ته اڄوڪي مئچ سندن کيسي ۾ پيل هئي. کين مئچ کٽڻ لاءِ فقط 75 رنس گهربل هيون. پر چوَن پنهنجن نصيبن کي جو برسات نه رڳو ائڊليڊ ۾ واهڙ وهائي ڇڏيا پر انگلنڊ جي ٽيم جو ٻيڙوئي ٻڏي ويو. رومانٽڪ موسم انگريز کيڏارين لاءِ بيحد اڻ وڻندڙ ۽ چڙ ڏيارينڊڙ ٿي پئي. سندن 2 پوائنٽس کائڻ ائين کسجي ويون جيئن ڪنهن کي ماني ملي ته سهي، پر جڏهن گرهه وات تائين اچي ته ڪو شاهينگ جهپڙ ڏئي اهو گرهه کسي وڃي. مئچ ڊرا ٿي وڃڻ سبب ”مئن آف دي مئچ“ جي اعزاز وٺڻ کان سڀ رانديگر محروم ٿي ويا.

هن مئچ جا امپائر هيا پيٽر ميڪونيل (آسٽريليا) ۽ اسٽيو بڪنر (ويسٽ انڊيز).

## ائڊليڊ کان سڊني Adelaide To Sydney

2 مارچ تي ائڊليڊ کي خدا حافظ چيوسين. ڏاڍو اندر ۾ ارمان رهجي ويو ته مسلسل برسات سبب ائڊليڊ شهر کي مزي سان نه ڏسي سگهياسين. بهرحال ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ارمان جو ڪجهہ ازالو ان رات ضرور ٿيو جڏهن قمر احمد آسٽريلين فيملي جي گهر وٺي ويو، جن سان ڪچهري ڪري بيحد لطف اندوز ٿياسين. ائنسيٽ ايئر لائين ذريعي 30-1 وڳي روانا ٿي 15-2 وڳي اچي ميلبرن ايئرپورٽ تي لٿاسين. اڌ ڪلاڪ مس ترسياسين تہ ٻيهر بورڊنگ ڪرڻ لاءِ سڏ ٿيو ۽ فقط هڪ ڪلاڪ ڏهن منٽن ۾ اچي سڊني ايئرپورٽ تي لٿاسين.

## سڊني - هڪ خوبصورت شهر
## Sydney - A Beautiful City

آسٽريليا پهچڻ شرط ٿي اندر ۾ بس اها اڻ تڻ هئي تہ سڊني پهچجي ۽ جلدي پهچجي تہ ان نامياري ۽ هنڌين ماڳين هاڪاري شهر کي جلد ڏسجي. سڊني نہ رڳو آسٽريليا جو وڏي ۾ وڏو شهر آهي، پر واپار ورڙي ۽ ڌنڌي ڌاڙي جي لحاظ کان بہ دنيا جي وڏن وڏن شهرن ۾ شامل آهي.. هوٽل ۾ پهچڻ شرط ٿڪ گهرايون ڪم اهو ڪيم، جنهن جو بار رکيل هو. نثار ميمڻ جنهن جو مختصر تعارف اڳتي ايندو، زور ڀريو هو تہ سنڌس ويجهي عزيز محترم انور گهانچي کي پهچڻ شرط مان ٽيليفون ڪريان ۽ سندس فيملي جا سلام پيغام ڪين پهچايان. مون ڏنل ٽيليفون نمبر تي فون ڪيو. انور جي گهرواريءَ ٽيليفون کنيو. جڏهن نثار ميمڻ جو نالو کنيم تہ صفا روڻهارڪي لهجي ۾ نثار ۽ سندس گهرواريءَ جي خيريت جو پڇيائين جيڪا سندس سڳي ڀيڻ آهي. پوءِ ٽيليفون انور کي ڏنائين جنهن پڻ ٽيليفون تي نثار ۽ سندس فيمليءَ جي باري ۾ خيريت معلوم ڪئي ۽ مون کي چيائين تہ جيڪڏهن سڀاڻي منهنجي ڪٿي ڪا ٻي مصروفيت نہ هجي تہ مان سڀاڻي رات جي ماني ساڻن کاوان ۽ هو مون کي 7 وڳي پاڻ سان گڏ وٺي ويندو.

سڊني آسٽريليا جو وڏي ۾ وڏو شهر آهي جنهن کي ڏسڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ لاءِ بيحد آتو هوس. فقط چار ڏينهن هتي رهڻا هئا. جنهن مان بہ هڪڙو سڄو ڏينهن مٽيچ جي حوالي، ٻي رات جي ماني انور صاحب سان تہ باقي وقت تمام مختصر هو پنهنجي حصي ۾ بچيل، تنهنڪري پختو ارادو ڪيم تہ توڙي سڄو ڏينهن گهمڻ ۾ گذري تہ بہ جيڪي بہ ڏيڍ يا بہ ڏينهن ملن تہ ان ۾ سڊني جو وڌ ۾ وڌ سير ڪبو، گهمبو ڦربو ۽ چڪر لڳائبا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## مونوريل Monorail

پِٽ اسٽريٽ (Pitt Street) جيڪا سڊني شهر جي جڻ وچ ۾ آهي، تي ويسٽ اينڊ هوٽل (West End Hotel) تي اچي رهيس، جنهن جي رزرويشن مون ائڊليڊ مان ئي ڪرائي ڇڏي هئي. هن ئي اسٽريٽ تان جديد دؤر جو هڪ عجوبو يعني مونوريل (Monorail) گذري ٿي جيڪا سڊني شهر جو سڄو ڏينهن چڪر لڳائيندي ٿي رهي. مونوريل ڪيس ان ڪري چون ٿا جو فقط هڪ پٽڙي تي هلي ٿي، ۽ سندس رستو زمين کان 25-30 فوٽ مٿي ٺاهيو ويو آهي. پهريون ته مونوريل کي ڏسي پئو وٺي ويو ته جي هڪ پٽڙيءَ تان ريل اونڌي ٿي پئي ته پوءِ، دل ۾ سوچيم ته، اڱئين جهان جي سير ڪرڻ ۾ ويرم ئي ڪانه لڳندي.

سٽي سينٽر اسٽيشن وٺان مونوريل ۾ سوار ٿيس. هر ٻن ٽن منٽن ڪانپوءِ بيو اسٽاپ ٿي آيو. اُتي فقط اڌ منٽ جهاڪو ڏئي مونوريل وري اڳتي ٿي هلي. مونوريل سڊني جي بيحد خوبصورت علائقي ڊارلنگ هاربر (Darling Harbour) جي ارد گرد سڄو ڏينهن پئي چڪر لڳائي. زمين جي سطح کان 30 فوٽ کن مٿي هن خوبصورت ننڍڙي ريل ۾ سفر ڪري ڏاڍو لطف آيو. چؤطرف جاڏي نهار ته ديدار درشن لاءِ ديدون ٽِڪ ٻڌي هڪ جڳهه تي بيهي رهن. ساوڪ، سونهن، روڊ رستا، چاهت جا چارا جن تي جوين جي جلون سان جوانَ ۽ جوانڙيون مست مگن ۽ مدهوش پيون ڦرن .15-20 منٽ به مشڪل لڳا هوندا جو وري سٽي سينٽر اسٽيشن اچي وئي. سٽي سينٽر کان ساڳي اسٽيشن تائين وچ ۾ جيڪي اسٽيشنون آيون تن جا نالا هي آهن. هاربر سائيڊ (Harbour Side) ڪنوينشن (Convention) هي مارڪيٽ (Hay Market) ورلڊ اسڪوائر (World Square) پارڪ پلازه (Park Plaza) ۽ سٽي سينٽر (City Centre).

اڄ 3 مارچ هئي ۽ سڀاڻي 4 مارچ تي پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ مئچ ٿيڻي هئي، تنهنڪري سوچيم ته جيترو به ٿي سگهي ته سڊني شهر گهمجي ۽ هتان جون خاص خاص جايون ڏسجن. سٽي سينٽر اسٽيشن تي لهي ۽ هتان جي خوبصورت شاپنگ مالز (Shopping Malls) جو چڪر لڳائيندو، گهمندو گهمندو سڊني جي مشهور رونق واري علائقي سينٽر پوائنٽ (Centre Point) تي آيس جتي ڪيترن ئي ايڪڙن جي ايراضي ۾ شاپنگ سينٽر آهن. بيحد خوبصورت ڪُشادا، صفائي سٿرائي وارا، نفاست ۽ نزاڪت جا نادر نمونا، جهڙا شاپنگ سينٽر سهڻا تهڙا وري هتان جا ماڻهو جيڪي انگريزن جو اولاد آهن تنهنڪري منجهن وضع داري

(Courtesy) تمام گهٽي آهي. ڳالهائڻ ٻولهائڻ تمام مٺو ۽ محبت وارو جنهن ۾ رتيءَ ماتر به تُرشي يا ڪڙاڻ محسوس نه ٿيندي. انگريز وري به اڄڪلهه بگڙي چُڪا آهن، جو اُتي نسل پرستيءَ جو مرض تمام گهڻو وڌي ويو آهي، مگر آسٽريليا جا ماڻهو تمام محبتي ۽ قرباڻا نظر آيا. پنهنجي جسماني صفائي سٿائيءَ ۾ انگريزن کان به وڌيڪ صاف ۽ سٺا رهن ٿا. ان جو گهڻو سبب مون کي اهو نظر آيو ته برطانيه ۾ سخت سرديءَ پوڻ سبب انگريزن کي روزانو وهنجڻ مشڪل لڳي ٿو، جڏهن ته آسٽريليا ۾ گرمي ۽ خوشگوار موسم جي امتزاج سبب ماڻهو روز غسل ڪن ٿا ان ڪري صاف، سٺا ۽ وڌيڪ سهڻا ۽ خوشبودار ٿا لڳن.

منير حسين به ٿوري دير ڪانپوءِ اڳ ۾ ئي طئي ٿيل پروگرام موجب سينٽر پوائنٽ پهچي ويو، هڪ دفعو ساٿس گڏجي وري وڏن وڏن شاپنگ ڪامپليڪسز (Shopping Complexes) جو چڪر لڳايوسين ۽ ڪجهه ڏوڪڙن جي زڪوات به ڏيٺي پئجي وئي جو ڪجهه ننڍڙيون ننڍڙيون شيون اهڙيون نظر آيون جن تي هِرڪجي پياسين ۽ ڪجهه شيون خريد ڪيون سين. مون منير حسين کي چيو، ”جيڪڏهن هتي ڪئنٽس ايئر لائين جي آفيس هجي ته پنهنجي ٽڪيٽ ۾ ردوبدل (Re-routing) واري معاملي کي ڏسي وٺجي.“ منير حسين ذري گهٽ رڙ ڪندي چيو، ”بلوچ صاحب هتي سينٽر پوائنٽ وٽ اُهي آفيسون نه هونديون ته ٻيو ڪٿي هونديون.“ فوراً وٺي آيو Qantas جي آفيس جتي بيحد رش لڳل هئي پر گهڻين سيلز گرلز جي موجودگي سبب ڪو گهڻو انتظار نه ڪرڻو پيو. پنجن منٽن ۾ منهنجو وارو آيو ۽ مان هڪ سيلز گرل مس جيني (Jeannie) وٽ وڃي ويٺس، ڪيس سڄو قصو ٻڌايم ته، ”منهنجي واپسي جي ٽڪيٽ وايا سينگاپور آهي جڏهن ته مان وايا هانگ ڪانگ وڃڻ چاهيان ٿو جو اُتان پنهنجي ياءُ ڏي ٽوڪيو ويندس.“ جيني فوراً ڪمپيوٽر جو بٽڻ دٻايو. دل ۾ چيم ته خير ڪونهي، جو ته هوبرٽ واري سيلز گرل ٻڌايو هو ته منهنجي ٽڪيٽ ۾ اڳ ۾ ئي ايتري رعايت ٿيل هئي جو ان ۾ وڌيڪ ڪنهن به قسم جي رعايت جي گنجائش باقي ڪانه هئي. تنهنڪري هن چيو هو ته مون کي ٽڪيٽ ۾ ردوبدل لاءِ 200 آسٽريلين ڊالر وڌيڪ ڏيڻا پوندا.

جيني ڪمپيوٽر جو بٽڻ دٻائي مون کي گهُوري ڏسڻ لڳي، پر اهڙي نموني جڻ مون ڪا چوري ڪئي هجي، ٿوري دير ڪانپوءِ چَپ چورينائين ۽ فرمائڻ لڳي:-

”اوهان جي ٽڪيٽ ۾ نه رڳو بيجا رعايت ٿيل آهي پر غلط ٺهيل آهي. ائين سمجهو ڪٿي ته 300 ڊالر اوهان وڌيڪ ڏيو ها جيڪي اوهان کان نه ورتا ويا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنڪري هن ٽڪيٽ ۾ وڌيڪ ڦير ڦار ڪرڻ جي ڪابه گنجائش ڪانهي، ها البت جي اوهان 500 آسٽريلين ڊالر وڌيڪ ڀريو ته اوهان جي ٽڪيٽ ۾ ضروري ردوبدل ٿي سگهي ٿي.“ هڪ چوٽي آهي ته: ”ڏاچي ڪري ڏهه ڪوهه ته توڏي تيرنهن ڪوهه.“ مون کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي مون ڪيس ٻڌايو ته سندس هوبرٽ واري آفيس وارن مون کي فقط 200 ڊالر ٻڌايا هيا ۽ سڊني وارا 500 ڊالر وڌيڪ پيا ٻڌائين، اهو فرق ڇو هيو؟ فوراً هوبرٽ جي سيلز گرل کي ٽيليفون ڪرڻ ۾ دير ئي نه ڪيائين، پر شايس هجي هوبرٽ واري سيلز گرل ڪيٽ (Kate) کي جنهن جيني سان ڪافي بحث ڪيو. ٿوري دير کان پوءِ جيني ٽيليفون تي گفتگو ختم ڪري مون سان مخاطب ٿي ۽ چيائين ”ڪيٽ جو پنهنجو موقف آهي ۽ منهنجو پنهنجو، هر صورت ۾ اوهان کي 500 ڊالر وڌيڪ ڏيڻا پوندا.“ دل ۾ چيم ته ”کهڙي منحوس وٽ ڦاٿو آهيان.“ گوري چمڙي وارين کي ڪي چوريون ايڏيون ته بي مروت، بخيل ۽ بي ٻُڌاديون آهن جو اسان وارين ڪارڙين ڪوجهڙين به سندن آڏو مات ڪائي وڃن ٿيون. ڪائونٽر تان اٿيس ۽ ڪيس رسمي طور Thank you به نه چيم.

## سڊني ٽاور Sydney Tower

هاٽي موڊ ٿيو ته سڊني ٽاور گهمجي جيڪو سينٽر پوائنٽ جي شاپنگ ڪامپليڪس جي وچ ۾ آهي يا ائين ڪٿي چئجي ته سينٽر پوائنٽ جو شاپنگ ڪامپليڪس سڊني ٽاور جو هيٺيون خوبصورت ڌڙ ۽ مٿيون حصو سڊني ٽاور خود آهي. ٻنهي جي خوبصورتي هڪ ٻئي سان ائين لاڳاپيل آهي جيئن هڪ حسين ڇهري جي سِڊول ۽ تراشيل جسم سان نسبت هجي يا هڪ مهڪندڙ مکڙيءَ جي ان نفيس ۽ نازڪ هٿ سان، جنهن هٿ جي سونهن اُها مکڙي هجي. سينٽر پوائنٽ جو سڄو علائقو بيحد خوبصورت آهي، ويتر سڊني ٽاور ته الائي ڪيترو ان خوبصورتي ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو آهي. ٽڪيٽون وٺي اچي قطار ۾ بيناسون. جيستائين لفٽ ۾ چڙهڻ جو وارو اچي، توڙي جو ٽي ڊبل ڊيڪر تمام ڪشاديون لفٽون لڳاتار هلن ٿيون ۽ هڪ اندازي موجب هر ڪلاڪ ۾ ٻه هزار ماڻهو ٽن لفٽن ذريعي سڊني ٽاور تي مٿي وڃن ٿا. بهرحال ٻه ٽي منٽ به مشڪل سان انتظار ڪرڻو پيو جو لفٽ ۾ چڙهڻ جو نمبر اچي ويو. لفٽ هلڻ لڳي پر ايتري تيز جو چند ئي سيڪنڊن ۾ ڪن تي تاڙيون چڙهڻ لڳيون. اک ڇنڀ جي دير ۾ اچي ٽاور جي پهرين منزل (Level 1) تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڳاسين. ماڻهن جا انبوهه لڳا پيا هئا. هي ٽاور جيڪو پري کان رڳو هڪ منارو نظر اچي رهيو هو ۽ دل ۾ پئي آيو ته اهو مٿي ڪيترو نه تنگ ۽ سوڙهو هوندو گهمڻ ڦرڻ ۾، مٿي اچڻ کان پوءِ ڪيڏو نه ڪشادو هو. هتي هڪ بيحد خوبصورت ريسٽورنٽ آهي جنهن کي الاڪارٽ (Alacarte Restaurant) چون ٿا، جنهن ۾ ماڻهو ماني به کائي سگهي ٿو، شرط اهو آهي ته سندس کيسو ڪيس ڪيتري اجازت ڏئي ٿو. هتان سڊني شهر جو نظارو ڏسڻ وٽان آهي. وقت جي گهٽتائيءَ سبب تمام ٿورو وقت ترسي وري ٻي منزل (Level 2) تي آياسين، جتي ڦرندڙ ريسٽورنٽ (Self Select Revolving Restaurant) آهي. هتي جڏهن آياسين ته منير حسين چيو، "بلوچ صاحب اسان مسڪين لاءِ نه پهرين منزل مناسب هئي نه وري هاڻي هيءَ ٻي منزل تنهنڪري تڪڙو تڪڙو چڪر لڳائي هلون ٿا ٽين منزل تي، مون کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ۽ منير صاحب کان وضاحت گهريم ته ٻڌايائين ته، "اها خبر توکي پاڻهي مٿي هلي پوندي." هاڻي جڏهن ٽين منزل (Level 3) تي آياسين ته منير حسين وٺي ويو ڪافي لائونج ۾، ۽ ڪافي جو آرڊر ڏنائين. مون کان پڇيائين، "ڪافي پيئڻ جو موڊ آهي يا نه؟" مون ورائيو، "منير صاحب مان اڄ الله کان ڪجهه ٻيو گهران ها ته شايد اُهو به ملي ها جو ته توهان عين منهنجي خواهش موجب ڪافي جو آرڊر ڏنو آهي." پوءِ مرڪندي چيائين. "هاڻي توهان کي منهنجي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي هوندي ته مون ڇو پئي چيو ته ٽين منزل تي هلون." وڌيڪ وضاحت ڪندي چيائين، "ڪافي ته پهرين منزل جي الاڪارٽ يا ٻي منزل جي ڦرندڙ ريسٽورنٽ ۾ به ملي وڃي ها پر پوءِ اسان کي شايد به ڏينهن بک ڪاٽڻي پوي ها تڏهن وڃي ان خرچ جو ازالو ٿئي ها." منير حسين جي وضاحت تي ڏاڍي کل آئي، پاڻ به ڏاڍو کليو. آسٽريليا جي مختلف شهرن ۾ منير حسين جي سنگت مون لاءِ بيحد سڦل ۽ ڪارگر ثابت ٿي، ڇو ته آسٽريليا جو ملڪ مون لاءِ بلڪل نئون هو ۽ منير حسين ڪرڪيٽ ڪمينٽري جي سلسلي ۾ ڪيئي پيرا اڳ ۾ به اچي چڪو هو.

ڪافي لائونج ۾ ويهي ڪافي پيتيسون. ڪافي به واهه جو نهيل هئي. اصل ٿَڪَ لاهي ڇڏيائين. اڌ ڪلاڪ ڪن ڪافي لائونج ۾ ويهي اٿياسين چوٿين منزل تي وڃڻ لاءِ. چوٿين منزل تي وڏيون وڏيون دوربينيون فٽ ٿيل آهن، تحفن ۽ سوڪڙين پاڪڙين وٺڻ لاءِ سووينر شاپس آهن ۽ سياحت لاءِ هڪ بهترين قسم جو معلوماتي سينٽر (Tourist Information Centre) پڻ موجود آهي. سياحن لاءِ هيءَ منزل ئي آخري منزل آهي. ڇو ته مٿين منزلن تي سڊني ٽاور جي بچاءُ ۽ سونهن ۽ سوڀيا کي قائم رکڻ

لاءِ پيا ٽڪسات نت ٿيل آهن جهڙوڪ ايئرڪنڊيشن پلانٽ، باهہ وسائڻ جا آلات (Fire Fighting Equipment) واٽر ٽئنڪ ۽ جديد طرز جو ٽيليڪميونيڪيشن سسٽم موجود آهي. چوٿين منزل تي سڊني شهر جو نظارو هڪ دلفريب ۽ دل لڀائيندڙ نظارو آهي. هي شهر آهي ئي هڪ بيحد حسين شهر پر هن شهر جي حُسن، سونهن، رنگ برنگي ڏيکن جو نظارو فقط سڊني ٽاور وٽان ئي ڏسي سگهجي ٿو.

اسان هتان سڊني شهر جا هينيان مکيہ دلڪش ۽ دلفريب نظارن وارا هنڌ ڏٺا. ڊارلنگ هاربر جنهن جو سڊني شهر جي حُسن کي نکارڻ ۾ 50 کان 60 سيڪڙو جيترو حصو آهي، سو هتان بيحد خوبصورت پيو نظر اچي. چائنيز گارڊنز بہ هتان بيحد دلفريب نظر آيا، مونوريل ايندي ويندي ڏاڍو مزو پئي ڏنو. هاڻي مناسب ٿيندو تہ سڊني ٽاور جو مختصر تعارف اوهان سان ڪرائجي. سڊني ٽاور جي اڏاوت جو ڪم 1970ع ۾ شروع ٿيو ۽ هي ٽاور يارهن سالن ۾ يعني آگسٽ 1981ع ۾ تهي راس ٿيو. ترقي يافتہ ۽ مهذب قومن جي دُور انديشي جو اندازو اوهان هن ڳالهہ مان لڳائي سگهو ٿا تہ هن ٽاور کي ايترو تہ مضبوط ٺاهيو ويو آهي جو ايندڙ هڪ هزار سالن تائين بہ تيز ترين طوفانن ۽ هوائن جو مردانگي سان مقابلو ڪري سگهي ٿو. سڊني ٽاور، دنيا جي ڏاکڻين علائقي (Southern Hemisphere) جي وڏي ۾ وڏي عمارت آهي، جنهن جي اوچائي 304 ميٽر يا هڪ هزار فوٽ سڊني شهر کان مٿي آهي ۽ ڊارلنگ هاربر کان هڪ هزار پنجهٺ فوٽ مٿي آهي. جيئن مٿي ٻڌائي آيو آهيان تہ هن ٽاور ۾ ٽي ڊبل ڊيڪر لفٽون لڳل آهن جيڪي هر ڪلاڪ ۾ اٽڪل بہ هزار ماڻهن کي آڻين ۽ نين ٿيون، هيٺين طبقي کان مٿين طبقي تائين لفٽ فقط 40 سيڪنڊن ۾ پهچي ٿي.

سڊني ٽاور کان هيٺ لهي سڌو سڊني هاربر آياسين جتي هڪ فيريءَ ۾ ويهي سامونڊي سير (Cruise) ڪيوسين. فيريءَ جو سير ڏاڍو دلڪش هو. هاربر برج جو خوبصورت نظارو ڪندا، اسان جڏهن دنيا جي مشهور معروف هنڌ سڊني اوپيرا هائوس (Sydney Opera House) وٽان گذرياسين تہ ڏاڍو ڏک پهتو تہ وقت جي گهٽتائي سبب فن جي دُنيا جو جديد ترين عجائب نٿا ڏسي سگهون. منهنجي مهربان پڙهندڙن کي بہ شايد منهنجي مجبوري ۽ بي وسيءَ تي ڏک پهچي تہ دنيا جو اهڙو عجائب جنهن کي ڏسڻ لاءِ ڏورانهن ڏيهن جا سياح پري پري کان اڏري هتي اچن ٿا، پر اسان ان جي پرپاسي کان گذري بہ ڏسي نہ سگهياسين. سڊني اوپيرا هائوس، بينيلانگ پوائنٽ (Benelong Point) جيڪو سمنڊ ۾ سڊني هاربر جو


Scanned with CamScanner

هڪ جزيرو آهي، تي واقع آهي. هن اوپيرا هائوس ۾ فن، ثقافت، فلم، ٿئيٽر، موسيقي ۽ روح رهاڻ جون قسمين قسمين ۽ ڪيٽريون ئي رنگ برنگي محفلون رچنديون رهنديون آهن جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو روزانو شريڪ ٿين ٿا. سڊني اوپيرا هائوس 1959ع ۾ ٺهڻ شروع ٿيو ۽ 14 سالن جي عرصي کان پوءِ 1973ع ۾ هن جو افتتاح ڪيو ويو. فيري جڏهن ڪافي اڳتي هلي ته اسان کي شارڪ جزيرو (Shark Island) ڏيکاريو ويو. ان کانپوءِ پئراماٽا ندي (Paramatta River) به ڏٺيسون جيڪا پڻ سڊني ۾ سياحن لاءِ ڪشش جو سبب بڻجي ٿي. واپسيءَ تي رائل بوٽانيڪل گارڊنز (Royal Botanical Gardens) پڻ ڏٺاسون جن جو نظارو فيريءَ ۾ ويهي ڏاڍو دلڪش ۽ دلفريب هو. فقط هڪ ڪلاڪ ۾ واپس موٽي آياسين. مان فوراً پنهنجي هوٽل تي آيس جو ڪافي ٿڪ محسوس ٿي رهيو هو. سُوٽ ۽ ٽاءِ سميت ئي بيڊ تي ليٽيس ته هڪ لحظي اندر ننڊ وڪوڙي وئي. تڏهن وچي چرڪ پري جاڳيس جڏهن ٽيليفون جون گهنٽيون زور زور سان وڄڻ لڳيون. هيلو ڪيم، انور گهانچيءَ جو ٽيليفون هو.

## نثار ميمڻ جي مِٽن سان ملاقات

انور گهانچي نثار ميمڻ جو ويجهي ۾ ويجهو عزيز آهي ۽ هاڻي اوهان کي اهو به ٻڌائڻو پوندو ته نثار ميمڻ ڪير آهي؟ سندس تعارف تمام مختصر ۽ ڪيس ڳولڻ ۽ سڃاڻڻ ۾ فقط لحظي جيتري دير به مس لڳندي، وڌيڪ نه. اوهان ريڊيو پاڪستان ڪراچي جي براڊڪاسٽنگ هائوس آڏو وڃي بيهي رهو. جڏهن اوهان محسوس ڪيو ته هڪڙو ماڻهو ڏهن منٽن ۾ ڏهه دفعا ڪڏهن پنڌ، ڪڏهن اسڪوٽر تي ته ڪڏهن ڪار ۾ ريڊيو جي گيٽ کان هر گهڙي اندر ٻاهر پيو اچي وڃي ته پڪ سمجهو ته نثار ميمڻ آهي. جي اچا به پڪ نه ٿئي ته ٻه قدم اڳتي وڌي وڃي سندس سلامي ٿيو ۽ رڳو ايترو پڇوس ته، "ادا نثار ميمڻ صاحب اوهان آهيو؟" ها. ايترو پڇڻ کان اڳ منهنجو ننڍڙو مشورو ضرور ياد رکجو، جي اوهان کي تڪڙ آهي ۽ ڪنهن ضروري ڪم واسطي ڪنهن جڳهه تي ڏنل ٽائيم تي پهچڻو آهي ته پوءِ مٿان نثار جي ويجهو ويا آهيو. جي اوهان جي پڇڻ تي پڪ سان اُهو شخص نثار ميمڻ نڪري پيو ته پوءِ اوهان ڦاٿا. اوهان منٽن ۾ نه پر سيڪنڊن ۾ محسوس ڪري وٺندؤ ته نثار ته اوهان کي ڪو اوائلي وقتن کان سڃاڻي، اهو ته اوهان آهيو جو نثار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي نہ سجاڳي سگهيو. بس فوراً توهان کي پنهنجي آفيس ۾ وٺي ويندو، چانهيون پياريندو، خوشامدون ڪندو ۽ دل وجان سان محبتون ونڊيندو. جي مغموم ۽ ملول آهيو تہ ڪِلَ خوشيءَ جا خزانا بہ اوهان کي اک ڇنڀ ۾ آڇي ڇڏيندو. حاضر جوابي، سنجيده يا غير سنجيده طنز ومزاح جي ڏات جيڪا نثار ميمڻ وٽ آهي مون گهٽ ماڻهن وٽ ڏٺي آهي.

.... ها اوهان اهو بہ ضرور پڇندؤ تہ گهڙي گهڙي ڇو پيو براڊڪاسٽنگ هائوس کان ٻاهر ۽ ٻاهر کان براڊڪاسٽنگ هائوس جا چڪر ڪاٽيندو آهي تہ ان جو جواب هن سِٽ ۾ موجود آهي تہ:

سارے جہان کا درد ، ہماري جگر ميں ہے .

پنهنجا پراوا اڪيچار ڪم سندس بِلي، ريڊيو پروگرامن کي بہ سهڻي نموني منهن ڏئي تہ پراون ڪمن کي پنهنجن ڪمن تي هميشه ترجيح ڏئي، پوءِ هر گهڙي وتَي پڇندو ڏُکندو ۽ در در ڌَڪا کائيندو. سڄو ڏينهن ڏولاون ۾، نہ ڪيس ڪجهہ هڙ نہ حاصل، رڳو خلوص واري دائمي روَش ڪيس منجهائي وڌو آهي. پر هاڻي هنن سِٽن ذريعي مان ڪيس گذارش ڪندس تہ، ”پيارا نثارَ! هاڻي چاليهن کي ڪراس ڪري چڪو آهين، پنهنجي صحت جو بہ خيال ڪر ۽ زندگي ۾ هاڻي تورو آهستگي ۽ برد باريءَ سان هلڻ جي ڪوشش ڪر ۽ ان تي بہ تورو غور ڪري ڏس تہ تنهنجي خلوص ۽ محبتن جي موٽَ تو کي ڪيتري ملي آهي. (توڙي جو مان ذاتي طرح محبتن جي موٽ جو قائل نہ هوندو آهيان).

انور گهانچي ٽيليفون تي ٻڌايو تہ هو 7 وڳي ڌاران منهنجي هوٽل تي پهچي ويندو ۽ مون کي پنهنجي گهر وٺي ويندو. مان بہ تيار ٿي ويهي رهيس ۽ سوا ستين وڳي انور صاحب بہ پهچي ويو. انور ٻڌايو تہ هو پنهنجي ڪار ۾ مون کي وٺڻ نہ آيو هو ڇو تہ هن چاهيو ٿي تہ هتان جون ٽرينون بہ مان ڏسي وٺان. مون ان ڳالهہ تي بيحد خوشيءَ جو اظهار ڪيو ڇو تہ هر ٻي - ٽئين ڏينهن تي ڪرڪيٽ مئچن جي ڪري مصروفيت ايتري تہ وڌيل هئي جو ماڻهو وقت بچائي گهڻو گهمي ڦري نٿي سگهيو.

اسان جي هوٽل جي بلڪل پرسان فقط اڌ فرلانگ  ڪن پنڌ تي سينٽرل اسٽيشن (Central Station) تان اچي ريل ۾ سوار ٿياسون. ٽرين تمام صاف سٿري، ڳاڏا ڏاڍا سهڻا ۽ سيٽون بہ آرام واريون هيون. پر مون کي اُهو معيار نہ لڳو جيڪو مون لنڊن جي انڊر گرائونڊ (Under Ground)  يا پئرس جي ميٽرو (Metro) جو ڏٺو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(ڊاڪٽر حاجي خان) مون کي سفارش ڪئي هئي ته ڪيس ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ تقريرن ۽ مذهبي پروگرامن ۾ بوڪ ڪريان. پوءِ مون کي ياد پيو ته مولوي صاحب مون وٽ آيو به هو پر شايد ڪن ڳالهين سبب ريڊيو پاڪستان تان پروگرام نه ڪري سگهيو. بس جيڪڏهن مولوي صاحب کي ريڊيو پاڪستان ۾ پروگرام ڏيان ها ته مولوي صاحب ريڊيو جي اندر هجي ها، مان البت ريڊيو کان ٻاهر هجان ها. اهو هڪ ڏکهو قصو آهي. مطلب ته مولا ڪٿي امن امان ۾ رکيو. انور صاحب ٽرين ۾ ڏاڍا دلچسپ حال احوال ٻڌايا. آسٽريليا جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ مختلف طور طريقن تي روشني وڌائين ۽ مان بيحد محظوظ ٿي رهيو هوس. ڳالهين ڳالهين ۾ انور صاحب جڻ چرڪ ڀري اٿيو، چيائين، "اچو ته هلون، پنهنجي اسٽيشن اچي وئي." پئنڊل هِل اسٽيشن (Pandle Hill Station) تي لٿاسون. ٻاهر آياسين جتي انور جي بيگم صاحبه اسان جو آتر ڀاءُ ڪيو. مسز انور پنهنجي گهر کان ڊرائيو ڪري اسان کي وٺڻ آئي هئي. گاڏي ۾ ويهي فقط 4-5 منٽن ۾ انور صاحب جي گهر پهچي وياسين جيڪو ٽُونگابي (Toongabie) ڪائونٽي ۾ آهي. ڊرائيو ڪندي رستي تي هي علائقو مون کي سرسبز، ڪليل ۽ ڪشادو نظر آيو. هر گهر ۽ بنگلي جي اڳيان ننڍا ننڍا چمن ۽ باغيچا ٺهيل آهن جيڪي ڏاڍا سهڻا پيا لڳن. انور صاحب جا ٻارڙا به مون کي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ جيترو وقت گهر ۾ موجود رهيس مون سان خوب ڪچهريون ڪندا رهيا. ائين محسوس ٿيو جيئن ٻارڙيا وڏا هجن ته ڪو ديسي ماڻهو اچي ته ان سان ڪچهري ڪري دل وندرايون.

ادي مسز انور، جيڪا نثار ميمڻ (جنهن جو تعارف مٿين صفحن ۾ ڪرائي آيو آهيان) جي گهرواريءَ جي سڳي ڀيڻ آهي، ورائي ورائي پئي نثار ۽ سندس گهرواريءَ جو پڇيائين. مون به گهڙيءَ گهڙيءَ پئي نثار وارن جي خيريت جا احوال ڪين ٻڌايا. پر ائين ٿي لڳو ته ادي مسز انور ايڏي ته ڪا پنهنجي ڀيڻ ۽ انهن جي ٻارن ٻچڙن جي سڪايل هئي جو مون کي نيٽ چئي ڏنائين ته، "ادا ڪرڪيٽ ورلڊ ڪپ جي ڪوريج لاءِ اچڻو ته نثار هيو نه؟" "بس ادي ائين سمجهو ته ورلڊ ڪپ جي ڪمينٽري نشر ڪرڻ لاءِ اوهان وٽ غلط ماڻهو پهچي ويو." ورائيم. سيني ڪلي ڏنو پر ادي پنهنجي جملي کي وري به هن طرح ڪوَر ڪيو، "ادا اوهان جيئن ته نثار جا دوست آهيو ته اسان سمجهون ٿا ته اسان وٽ جڻ نثار ئي آيو آهي." مون کي ادي مسز انور ۾ صفا نيٺ ٻهراڙيءَ واري سادگي، پنهنجن لاءِ پيار ۽ اُڪير جا جذبا ڀرپور نظر آيا، نه ته اڄ ڪلهه جي مصنوعي محبتن ۽ منافقتن جي دؤر ۾ اهڙو سچو پيار جڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڻ لڀ جنس ٿي پيو آهي. موڪلائڻ وقت روئي ڏنائين ۽ چيائين، ”ادا، نثار کي منهنجو پيغام ڏجان ته هڪ ڀيرو ضرور منهنجي پيڻ کي وٺي اچي ۽ پاڻ به چڪر لڳائي وڃي.“

مانيءَ جو سڏ ٿيو. ڊائيننگ ٽيبل تي گهٽ ۾ گهٽ 9-10 قسمن جا طعام هيا. بيحد تڪلف واري ماني ۽ نيٺ سنڌي طعام، تريل مڇي، قورمو، پلاؤ، ڀڳڙيون، سبزيون، دال، شامي ڪباب ۽ الائي ڇاڇا اديءَ پچايو هو، خوب ذائقي واريون ڀڃون هيون، ان ڪري ڍؤ ڪري ماني کاڌيسون. رات جا ٻارنهن ٿي ويا، مون اٿڻ جي ڪئي ڇو ته صبح جو سڊني ڪرڪيٽ گرائونڊ تي انڊيا ۽ پاڪستان جي وچ ۾ مئچ هئي جنهن لاءِ انتظام ڪرڻا هيا، پر ٻارڙا چون، ”انڪل ويهو، ٿوري دير وڌيڪ ويهو.“ نيٺ ساڍي ٻارهين وڳي اٿياسين ۽ انور صاحب سنڌس گهرواري ۽ ٻارڙا سيئي گڏجي پنهنجي گاڏي ۾ ويهي مون کي هوٽل تي ڇڏڻ آيا. ننڍين روڊن رستن کان ٽيندا وڏي موٽر وي تي آياسين جتي گاڏيون 150-180 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ جي حساب سان تيز ٿي ويون. موٽر وي تمام ڪشادو هو، هڪ ئي وقت هر طرف کان پنجن ڇهن گاڏين هلڻ جي گنجائش موجود هئي. ايترو تيز ڊرائيو ڪرڻ جي باوجود اسان کي هوٽل تائين پهچڻ ۾ 40 منٽ لڳا. سيني وڏي گرم جوشيءَ مان خدا حافظ چيو ۽ ٻاءِ ٻاءِ ڪندا روانا ٿي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پاڪستان ۽ هندستان آمهون سامهون

## سڊني ڪرڪيٽ گرائونڊ

## Pakistan v/s India (Sydney Cricket Ground)

اڄ چوٿين مارچ هئي ۽ پاڪستان کي هندستان سان مئچ کيڏڻي هئي. اهوڪي مئچ جيئن تہ "ڏينهن ۽ رات (Day and Night) مئچ هئي تنهنڪري اطمينان سان تيار ٿي مان ۽ منير حسين هڪ لڳي سڊني ڪرڪيٽ گرائونڊ (S C G) پهچي وياسين. هي گرائونڊ بہ تمام عاليشان آهي، جنهن جو پئويليئَن ستن منزلن جو آهي. ڇهين منزل تي اسان کي ڪمينٽري باڪس ڏنو ويو هو. پر هي ڪمينٽري باڪس صحيح جڳهہ تي نہ هئي، يعني وڪيٽ جي بلڪل سامهون نہ پر اسڪوائر ليگ پوزيشن تي هئي جتان ڪمينٽيٽرز لاءِ ليگ بفور وڪيٽ (LBW) ۽ ڪاٽ بهائينڊ (Caught Be-hind) بابت ٻڌائڻ ڏاڍو مشڪل مسئلو ٿي نظر آيو.

ٿوري دير ۾ عمر قريشي پهچي ويو جيڪو ڪمينٽري باڪس جي پوزيشن ڏسندي ئي ٽپي ويو ۽ چيائين. "مسٽر بلوچ مان هتان ڪمينٽري نہ ڪري سگهندس." اڄ مون کي عمر قريشي جي سخت ضرورت هئي جو افتخار اڳ ۾ ئي طئي ڪري ڇڏيو هو تہ سڊني واري مئچ ۾ هو غير حاضر هوندو. جيڪڏهن عمر قريشي بہ ناراض ٿي وڃي ها تہ وري منير حسين ڪمينٽري ڪرڻ لاءِ اڪيلو رهجي وڃي ها. تنهنڪري ڪيس ڪنهن بہ صورت ۾ راضي رکڻو هو. مان ۽ منير حسين وڏي مشڪل سان ڪيس اهو چئي ميرايو تہ، "ٿورو ٻاهر اچو ۽ ڏسو تہ فقط پاڪستان لاءِ ڪمينٽري باڪس هتي نہ ڏنو ويو آهي پر سائوٿ آفريڪا ۽ خود BBC وارن جي ڪمينٽري باڪس بہ اسان جي پر ۾ آهي، يعني اُهي بہ ساڳي اسڪوائر ليگ پوزيشن تي ويٺل آهن جتي اسان آهيون، تہ پوءِ تہ شڪايت نہ هئڻ گهرجي." عمر قريشي، ڪرڪيٽ ڪمينٽريءَ جو ابو ۽ بيحد خوبصورت ڪمينٽيٽر آهي. اڄڪلهہ بزرگيءَ جي احاطي ۾ اچي ويو آهي، تنهنڪري سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طبيعت چڙ چڙي ٿي پئي آهي، توري گهٽي ڳالهه تي ماڻهن سان چڙيو پوي. توڙي جو افتي ۽ منير حسين سندس قريبي ساٿي رهيا آهن پر ڪڏهن ڪڏهن قريشي صاحب بگڙي پوندو آهي تہ ڪين بہ سَتَ سُريون ٻڌائي ڇڏيندو آهي، پر افتي ۽ منير صاحب هميشه اعليٰ ظرفي جو مظاهرو ڪندي، ڳالهه کي کِل ڀوڳ ۾ ٽاري ڇڏيندا آهن.

ٺيڪ 20-2 وڳين انگلنڊ ۽ آسٽريليا جا امپائر ڊئوڊ شيفرڊ ۽ پيٽر مڪونيل (David Shepherd and Mc Connell) گرائونڊ ۾ نڪري آيا. پاڪستان ۽ ڀارت جون ٽيمون فاتحانہ انداز ۾ ميدان ۾ اچي ويون. ٻنهي ملڪن جا تمام گهڻا ماڻهو موجود هيا. ڄڻ ڪُفر ۽ اسلام جي جنگ هئي. پهريون هندستان جي ٽيم ميدان ۾ آئي تہ ماڻهن جا هوڪرا شروع ٿي ويا ۽ شور و غل ۽ تاڙين جو وسڪارو شروع ٿي ويو. گڏوگڏ پاڪستان جي ٽيم ميدان ۾ آئي تہ پاڪستانين الله اڪبر جي نعرن سان سندن استقبال ڪيو. اهو شور شرابو تڏهن وڃي بند ٿيو جڏهن ٺيڪ 30-2 وڳي مئچ شروع ٿي. پاڪستان ۾ ان وقت صبح جا 30-9 ٿيا هُيا. يعني پنهنجي ملڪ ۾ پهرين ڪا ڏينگ جي مئچ صحيح وقت تي شروع ٿي جنهن کي ماڻهو سؤلائيءَ سان ڏسي ۽ ٻڌي سگهن نہ تہ جيڪي مئچون آسٽريليا جي وقت مطابق صبح جو ڏهين وڳي شروع ٿينديون هيون تہ ان وقت پاڪستان ۾ صبح جو پنجين وڳي جو وقت هوندو هو. مهربان پڙهندڙن ۽ خاص طرح ڪرڪيٽ جي شوقينن لاءِ هيءَ ڳالهه حيرت انگيز ۽ دلچسپيءَ جو باعث ٿيندي تہ ورلڊ ڪپ جي 17 سالن جي عرصي ۾ پاڪستان ۽ هندستان اڳ ڪڏهن بہ هڪ ٻئي جي آمهون سامهون نہ ڪيڏيا هُيا. 1975ع کان وٺي 1987ع تائين پهريان چار ورلڊ ڪپ ڪيڏيا ويا پر ٽيمن جي گروپنگ ڪجهہ اهڙي نموني سان ٿي جو پاڪستان ۽ هندستان هڪ ڀيرو بہ هڪ ٻئي جي آمهون سامهون نہ ڪيڏيا هيا. هي پهريون ڀيرو هو جو 1992ع جي ورلڊ ڪپ ۾ ٻئي حريف ٽيمون سڊني ڪرڪيٽ گرائونڊ تي هڪ ٻئي سان مقابلي ڪرڻ لاءِ آيون هيون. ان ڪري بہ شايد اهوڪو مقابلو ڪرڪيٽ جو نہ پر جنگ جي ميدان جو ڏيک ڏئي رهيو هو. ٽاس ڀارت کٽيو ۽ خود ئي بئٽنگ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. 49 اووَرز ۾ ڀارت 216 رنس ٺاهيون تہ ڪيڏڻ جو ٽائيم ختم ٿي ويو ۽ ڪين آخري يعني پنجاهين اووَر ڪڏڻ جو قانوني وقت نہ ملي سگهيو.

مون عمر قريشي ۽ منير حسين کي چيو، ”اڄ اسان جي کٽڻ جا ڪافي آثار پيدا ٿي چُڪا آهن جو 216 جو اسڪور چيز (Chase) ڪرڻ ڪو وڏو مسئلو نہ آهي.“ منير حسين مون سان اتفاق ڪيو پر عمر قريشي چيو، ”مون کي دل سان

دُعا نٿي لڳي جو تہ هن وقت تائين جيڪو اسان جو پرفارمنس رهيو آهي اُهو ٻڌائي ٿو تہ اسان اڄوڪي مئچ بہ هارائي ويندا سون."

لنچ جي وقفي کانپوءِ پاڪستان کيڏڻ شروع ڪيو. عمران خان انضمام الحق کي عامر سهيل سان گڏ Opener طور موڪلي ڇڏيو، حالانڪہ شروع جي مئچن ۾ انضمام الحق کي ون ڊائون تي موڪليو ٿي ويو. بهرحال انضمام الحق کو ہوٽو نہ ہاريو ۽ فقط ہہ رنس ٺاهڻ تي ڪپيل ديو جي بولنگ تي LBW ٿي ويو. ان کان پوءِ زاهد فضل ون ڊائون آيو پر ان شايد پختو عزم ڪيو هو تہ انضمام الحق جو رڪارڊ نہ ٽوڙيندو. سو زاهد بہ ہہ رنس ٺاهي پرڀارڪر جي بال تي آئوٽ ٿي ويو. پوءِ جاويد ميانداد آيو. سندس ميدان ۾ اچڻ تي خوب تاڙيون وڳيون. ماڻهن نعرا لڳائي سندس استقبال ڪيو ۽ جاويد ميانداد دستور موجب ماڻهن جي توقعات تي پورو لٿو ۽ عامر سهيل ۽ جاويد ميانداد جي 88 رنس جي پارٽنر شپ، نا اُميديءَ مان اُميد پيدا ڪري ڇڏي. 17 جي اسڪور تي جڏهن ہہ رانديگر آئوٽ ٿي وڃن تہ پوءِ باقي رانديگر بہ پريشر ۾ اچي کيڏن ٿا. جڏهن اسڪور 106 تي پهتو تہ بدقسمتي سان جاويد ميانداد، سري ناٿ جي بال تي 40 رنس ٺاهي آئوٽ ٿي ويو. هتي جاويد ميانداد جي باري ۾ اوهان کي ٻڌائيندو هلان تہ گذريل رات جڏهن مان ۽ منيرحسين، جاويد جي ڪمري ۾ سائٿس ملڻ وياسين تہ جاويد پنهنجي بيڊ تي نہ پر هيٺ قالين تي چادر وڇايون ستو پيو هو. ڪيس 102 ڊگري بخار هو، چيلهہ ۾ سور هوس ۽ پيٽ بہ خراب هوس. اسان کانئس پڇيو تہ هو هن حالت ۾ سيمي فائنل جي اهم مئچ ۾ کيئن کيڏندو تہ وراڻيائين، "مان پوريءَ طرح ڪوشش ڪري رهيو آهيان تہ ٺيڪ ٿي وڃان ۽ انڊيا خلاف مئچ ۾ ضرور شرڪت ڪريان. انجيڪشن بہ لڳرائي اٿم ۽ دوا بہ کاوان پيو، پر ڪمزوري ڏاڍي پيو محسوس ڪريان." اسان ڏاڍا پريشان ٿي وياسين ۽ جڏهن پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آياسين تہ منير حسين چيو، "بلوچ صاحب هونئن ئي اسان جي ٽيم جي حالت خراب آهي، ويتر جي جاويد مياندا بہ نہ کيڏيو تہ پوءِ اسان جي شڪست يقيني آهي." جاويد مياندا بهرحال کيڏيو ۽ بيماري ۽ ڪمزوري جي حالت ۾ بہ سٺو اسڪور ٺاهيائين. ان کان پوءِ سليم ملڪ آيو پر فقط 12 جي اسڪور تي اُهو بہ آئوٽ ٿي ويو. ڇهين نمبر تي پاڪستان ٽيم جو ڪپتان عمران خان کيڏڻ آيو، پر پاڻ بہ ٻڙي تي آئوٽ ٿي ٽڪرو ٽڪرو پٽويلين ۾ واپس موٽيو. ان کانپوءِ تہ لائين لڳي وئي ۽ 48.1 اوورز ۾ پاڪستان جا سڀ رانديگر 173 رنس جي اسڪور تي آئوٽ ٿي ويا ۽ پاڪستان کي 43 رنس تي شڪست ملي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهن تہ انڊيا 49 اووَرز ۾ 216 رنس ٺاهيون ۽ اڃا سندن 3 رانديگر باقي رهيل هيا.
مئچ جي خاتمي تي امپائر خضر حيات ۽ اڳوڻو ڪپتان مشتاق محمد اسان جي ڪمينٽري باڪس ۾ آيا. اُنهن کي ڪمينٽري باڪس ۾ ويهاري اڄوڪي مئچ جي باري ۾ اسان سندن راءِ معلوم ڪئي جيڪا ريڊيو تي نشر ٿي رهي هئي. ٻنهي ماهرن جي راءِ ساڳي هئي تہ پاڪستان جي ٽيم جي پرفارمنس ڏاڍي خراب هئي، رانديگر فارم ۾ نہ هيا ۽ انڊيا جهڙي ٽيم کان بہ هارائي ويا، جنهن هن ورلڊ ڪپ ۾ ڪو اهم ڪارنامو انجام نہ ڏنو هو. مئن آف دي مئچ جو انعام ٽنڊولڪر کي ڏنو ويو.

اڄوڪي شڪست تي اسان سڀني کي بيحد ڏک هيو ڇو تہ انڊيا اسان جو هر ميدان ۾ حريف رهيو آهي. تنهنڪري نفسياتي طور هر پاڪستاني پارت جي معاملي ۾ جذباتي هوندو آهي. منير حسين چيو، ”ڪجھ دير ڪمينٽري باڪس ۾ ويهي ٿا رهون تہ پلي ماڻهن جو هجوم جهڪو ٿئي، ائين نہ ٿئي تہ هيٺ لهون تہ ماڻهو اسان کي بہ پٽڻ هٽڻ!“ ”پٽڻ هٽڻ تہ پلي هٽڻ پر هٽڻ اسان جي ڪيڏارين کي.“ عمرقريشي اسانجي ٽيم کي هلڪڙي گار ڏيندي چيو. راند شروع ٿيڻ کان اڳ جيڪي الله اڪبر جا نعرا تي لڳا هاڻي تماشبينن طرفان گار گند جا نعرا لڳڻ شروع ٿي ويا، مون منير صاحب کي چيو، ”نيڪ آهي هر ڪو ماڻهو پارت جي مقابلي ۾ هارائڻ تي ضرور جذباتي آهي، سندن اندر ۾ ڏک آهي پر راند آخر راند ئي آهي، بہ ڪيڏندا تہ هڪ ضرور هارائيندو پر هي جيڪو اسانجي ماڻهن جو غير مهذب رويو آهي سو شائستگي، جي دائري ۾ هرگز نٿو اچي.“ ان کان اڳ جو منير حسين ڪو تبصرو ڪري، عمر قريشي چيو، ”پاڪستاني قوم ۽ شائستگي، بلوچ صاحب کهڙيون پيون ڳالهيون ڪرين!“ عمر قريشي اڄ صفا سڙيو ويٺو هو.

بهرحال سڀني جو مُوڊ خراب هيو، ٿوري دير ڪانپوءِ ٻاهر نڪتاسين ۽ چپ چاپ ٽيڪسي ۾ سوار ٿي هوٽل پهچي وياسين. ڊي اينڊ نائٽ مئچ هئڻ سبب رات جو ساڍي ڏهين هوٽل تي پهتس، ٿڪل ٽٽل، سخت ننڊ ٿي آئي. بستري تي ڪرڻ ٿي چاهيم پر پئڪنگ ڪرڻ جا سُور ٿي سُجهيا جو صبح جو سوير برسبين (Brisbane) لاءِ روانو ٿيڻو هيو. جتي هڪ شهر کان ٻي شهر تائين سفر ڪرڻ ۾ لطف ٿي آيو، رڳو ان خوشيءَ ۾ تہ نئون شهر ڏسجي، نوان ماڻهو ۽ چنڊ چهرا ڏسجن ۽ نوان رنگ روپ پسجن، اُتي جنهن ڳالھ تڪليف ۽ ڪوفت ٿي پهچائي اُها هئي سامان جي پئڪنگ. جتي بہ رهياسين ٿي تہ سڀ ڪپڙا ٻاهر ٿي ڪڍڻا پيا، وري هر

ڪي ڳالهيون پنهنجي ماحول ۽ ڪلچر جي عين مطابق لڳيون. مثال طور هر مهمان سان سندس مزاج ۽ طبيعت مطابق ڪچهري ڪرڻ ۽ قرب ونڊڻ ۽ جڏهن به ٻاهران گهمي ڦري اچجي ته ساڳي گرم جوشيءَ سان مهمان کي آڌر ڀاءُ ڪرڻ. پوءِ سوچيم ته آخر ته هي ماڻهو به مشرقي آهن، ايشيا جا آهن، توڙي جو ڌنڌي ڌاڙي سان لاڳاپيل آهن، پر مشرقي قدر پوءِ به منجهن موجود هئا. جن جو مظاهرو هر آئي وئي سان ٿي ڪيائون ۽ خاص طور تي مشرقي ماڻهن سان. جڏهن مون پنهنجو تعارف به هڪ اديب ۽ شاعر جو ڪرايو، پوءِ ته مون کي سيني ڪان وڌيڪ لفٽ ملڻ لڳي. جڏهن به ڪي گهڙيون وانديون هونديون هيون ته ٻئي زال مڙس يا ته منهنجي شاعري (انگريزي ترجمي سان) ٻڌندا هيا يا ميلڊر پنهنجي شاعري ويهي ٻڌائيندي هئي. ڪلين ميلڊر جي شاعري مان ڪجهه ٽڪرا هتي پيش ڪريان ٿو، پنهنجي ملڪ سريلنڪا جي تعريف هن طرح ڪري ٿي:

## SRI LANKA
(Cleone Jordan Melder)

Paradise, Enchanted Isle of Legend
Neptune froth, like bubbling milk,
greets honeyed Sands.
Sentinels abound, standing to attention
all around her teardrop shore.
At ease, arms wave
as spectral coconut palm trees play.

دنيا جي هر خطي ۾ اڄڪلهه جنگ جوٽيل آهي، امن آشتي، صلح، سانت ۽ سڪون جي لاءِ ماڻهو حيران پريشان آهن، پر اهي جنسون اڻ لڀ ٿي ويون آهن. جنگ کان نفرت جي سلسلي ۾ سندس هڪ نظم "War? Why?" بيحد خوبصورت تخليق آهي جيڪا پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو.

مون ڪلئين ميلڊر جي مٿين نظم جو منظوم ترجمو ڪيو آهي جيڪو پڻ حاضر آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# WAR? WHY?

(Cleone Jordan Melder)

Oh! What a cruel beast is war
When power and pride
control the darkest depths
of man's own soul.
Young men bravely fight, to live,
not die. Heroes alive but
useless in graveyards.
You hear their wailing cries for help
You see their bleeding broken limbs.
You smell the stench of death.
You feel the tentacles of unknown fear
their icy grip embracing.
Soon and very soon
a heart stops beating.
Another number, lumped in plastic,
going home
And the world weeps.

# جنگ ڇو؟

(نظم)

منظوم ترجمو: عنايت بلوچ

جنگ آ وحشي درندو،
جنهن کان نفرت،
سخت نفرت ٿو ڪريان.
هيءَ تہ پُرجهيو ۽ پروڙيو،
جنگ ڇو ٿي جوٽجي.
ڇو تہ،
طاقت ۽ تڪبر جي تکي تلوار سان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رُوح بي ريٽو ٿئي ٿو رت سان.
ٽي وجي بي روح، بي احساس ٿو.

زندگيءَ سان گهوٽ سهٽا ٽا لڳن،
سي نہ مُردن جان مُقامن ۾ سُونهن،
ٽيا جي گهائل جنگ ۾،
تن جون ڪُوڪون ۽ پُڪارون پي ٻڌو،
جُنگَ جوڌا ويڙهہ ۾ وڍجي ويا
هاءِ ڪيڏا ڪيس ٽيا.
هر طرف!
خوف، خطرن، ڌاڙ ۽ ڌهڪاءَ جا پاڇا پيا سُرندا اچن،
دهشتن ۽ وحشتن ۾ هيانوَ ٽا ڦاٽي پوَن
خوف ۾ ماڻهو مرن.
خوبرو، ڳڀرو جوانن جي اچانڪ موت تي،
دُوار دبڪي ٽا وجن
ٽيون اڪيون آليون ٽين
غمزده انسانَ پيا روئن رڙن.

برسبين ۾ خوش قسمتيءَ سان مئچ کان اڳ ادائي ڏينهن واندا ملي ويا، يعني اجوڪو اڌ ڏينهن ۽ 6 ۽ 7 مارچ جا پورا ٻہ ڏينهن. اڳ ئي سوچي ڇڏيو هيم تہ دنيا جي سياحن جي ڀرپور ڪشش جو مرڪز "گولڊ ڪوسٽ" (Gold Coast) ضرور ڏسندس. اڄ برسبين پهچڻ کانپوءِ ادائي ڏينهن جو پروگرام هن طرح ترتيب ڏنم.

اڄ يعني 5 مارچ تي لنچ کان پوءِ برسبين جي شهر جو چڪر لڳائبو ۽ پنهنجي ٽڪيٽ واري معاملي ۾ بہ وري Qantas ايئر لائين وارن سان رابطو ڪبو. سڀاڻي 6 مارچ تي صبح کان وٺي رات تائين برسبين جا خاص علائقا ۽ بازاريون ڏسبيون ۽ گابا گرائونڊ بہ وڃبو تہ پنهنجي ڪمينٽري پوزيشن ڏسي اچجي، ٽيم سان بہ ملجي تہ گرائونڊ جو بہ معائنو ڪجي ۽ 7 تاريخ تي گولڊ ڪوسٽ وڃبو.
منجهند جي ماني کائي ٺيڪ 2 وڳي ڪئنٽس ايئر لائينس جي آفيس ويس جيڪا پوسٽ آفيس اسڪوائر بلڊنگ ۾ آهي. روايتي طور تي ايئر لائين جي هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آفيس ۾ به بوڪنگ ڪائونٽرن تي ويٺل سڀ ڇوڪريون نظر آيون. جڏهن مون کي سڏ ٿيو ته خوش قسمتيءَ سان ان ڇوڪريءَ جي سامهون وڃي ويٺس جيڪا خوبصورت، مُنهن مهانڊي ۽ نفسياتي طور تي ڏاڍي سُٺي ۽ تعاون واري لڳي رهي هي چو ته انتظار ۾ صوفا سيٽ تي ويٺي ويٺي مون محسوس پئي ڪيو ته هن ڇوڪري ماڻهن کي چڱي طرح پئي ٻڌو ۽ اُنهن سان تعاون واري لهجي ۾ ٿي ڳالهايو.

منهنجي ٽڪيٽ ۾ ردوبدل (Re- Routing) جو معاملو به انتهائي پيچيدو ٿي ويو هو. هي مسئلو هوبرٽ ۾ حل نه ٿيو، سڊني ۾ وري ڪئنٽس وارن وٽ ويس جنهن جو ذڪر پوين صفحن ۾ ڪري آيو آهيان، سڊني ۾ ڪئنٽس واري ڇوڪريءَ ته وڻ ئي وڄائي ڇڏيا ها. برسبين جي ڪئنٽس آفيس جي سيلز گرل جي ٽيبل تي سندس نالي جي تختي تي لکيل هو ويرونيڪا. (Veronica) ويهندي ئي سندس نالو وٺي مخاطب ٿيس. مون کان پڇيائين "توهان ڪهڙي سلسلي ۾ آسٽريليا آيا آهيو؟" پنجين ورلڊ ڪپ جي ڪمينٽري نشر ڪرڻ جي انتظامن جي سلسلي ۾ ريڊيو پاڪستان جي نمائندي طور تي هتي آيو آهيان." ورائيم.

ڳالهائڻ ۾ انگريز ڇوڪرين وارو من موهيندڙ طريقو اختيار ڪندي ۽ مرڪندي مون کان پڇيائين، "توهان جو براڊ ڪاسٽنگ سان تعلق آهي ته پوءِ بي بي سي جي باري ۾ به توهان کي ڪجھ ڄاڻ ته هوندي؟".

ورائيم، "نه رڳو بي بي سي جي باري ۾ ڄاڻ اٿم پر مون کي BBC جو ماڻهو ڪٿي سمجھو. مون کي حيرت مان گهوري نهارڻ لڳي. بجاءِ ان جي جو ويرونيڪا وضاحت طلب سوال اٿاري مون گفتگو جاري رکي.

"بي بي سي لنڊن ۾ ڇهن مهينن جي ٽريننگ ورتي اٿم. بي بي سي ڪلب جو تاحيات ميمبر آهيان ۽ جڏهن به لنڊن ويندو آهيان ته بي بي سي جي دوستن سان ضرور ملندو آهيان جن سان بي بي سي ۾ ٽريننگ دوران تمام گهاٽي دوستي هئي منهنجي."

"!Really (سچ پچ) " اهڙي طرح پڇيائين ڄڻ مون وڏو ڪو ڪارنامو سرانجام ڏنو هجي.

منهن تي مرڪ آڻيندي چيائين، "مان به برٽش آهيان، نه رڳو برٽش پر خاص لنڊن شهر ۾ پيدا ٿي آهيان، پَلي نِپني ۽ پڙهي به اُتي آهيان، پر مون شادي هڪ آسٽريلين سان ڪئي آهي تنهنڪري ڪجھ سالن کان هتي رهيل آهيان." اڄان اسان ڳالهايو ئي پئي ته منير حسين جيڪو ويچارو ڪافي دير کان انتظار ۾ اوٻاسيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏيئي رهيو هو .Excuse me چئي اسان جي گفتگو ۾ ڪاهي پيو. طنزيہ مرڪ منهن تي آڻيندي چيائين، ”مون کي لڳي ٿو تہ تو هتي ديرا ڄمائي ڇڏيا آهن. اُميد تہ تنهنجو ڪم ٿي ويندو. تنهن ڪري مان في الحال هلان ٿو. شام جو ملاقات ٿيندي.“ منير حسين مون کي ويرونيڪا وٽ ڇڏي رمندو رهيو ۽ منهنجي ۽ ويرونيڪا جي وچ ۾ اوپارين لهوارين ڳالهين جو سلسلو جاري رهيو. هو منهنجي تعريف ۾ جملو پورو مس ڪري تہ اُتان وري مان ويرونيڪا جي واکاڻ ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيان. دل ۾ دُعا بہ گهرڻ لڳس تہ اها تعريف رائگان نہ وڃي ۽ مَن هتي منهنجي منجهيل ٽڪيٽ جو مسئلو حل ٿي پوي جنهن لاءِ هوبرٽ ڪان وٺي پريشان رهيو هوس.

هاڻي محسوس ڪيم تہ بجاءِ ان جي جو ويرونيڪا بور ٿي مون کان منهنجي ڪم بابت ڪجهہ پڇي مون سانس پنهنجو مطلب بيان ڪيو ۽ ٽڪيٽ ڪڍي اڳيان رکي مانس. فقط هڪ منٽ ٽڪيٽن جو معائنو ڪرڻ بعد اُهوئي ڪرڻ لڳي جيڪو هوبرٽ ۽ سڊني وارين سيلز گرلز ڪيو هو، يعني ڪمپيوٽر تي آڱرين جي چرپر ۽ ڪمپيوٽر جي هلڪي ٽِڪ ٽِڪ شروع ٿي وئي. سمجهيم تہ خير ڪونهي. چند سيڪنڊن ۾ ويرونيڪا ڪمپيوٽر تان اکيون هٽائيندي مون ڏي نهاريو، مرڪي ڏنائين ۽ هن طرح مخاطب ٿي، ”توهان هر جڳهہ تي ٽڪيٽ ٺهرائڻ لاءِ ڪوشش ورتي آهي ۽ هر جڳهہ تي اوهان کي ناڪامي ٿي آهي. پر مان اوهانجي ٽڪيٽ لاءِ واعدو تہ نٿي ڪريان پر هر ممڪن ڪوشش ڪندس تہ جيئن اوهان جي ٽڪيٽ وڏيڪ پئسا ڏيڻ کانسواءِ ئي(Re- route) ٿي وڃي. توهان ٽڪيٽ مون وٽ ڇڏي وڃو ۽ سڀاڻي 12 وڳي کڻي وڃجو.“ دل ۾ خوش بہ ٿيس تہ اُميد جو ڪرڻو هوبرٽ ۽ سڊني ۾ نہ ٿي سهي، برسبين ۾ تہ نظر آيو پر دل ۾ اجايا وهم وسوسا بہ پيدا ٿيڻ لڳا تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ ”رَن بہ وڃي تہ رلهي بہ وڃي“ يعني مورڳو اُڪي ٽڪيٽ ئي ڪٿي غائب نہ ٿي وڃي. پر ويرونيڪا ايڏي تي پلي مانس ڇوڪري ٿي لڳي جو هن مان چڱائي ۽ فقط چڱائي جي ئي اميد هئي. ٽڪيٽون وٽس ڇڏي هوٽل تي موٽي آيس. ٿڪ محسوس ٿي رهيو هو. بستري تي وڃي ڪريس تہ فوراً ننڊ اچي وئي.

اوهان کي اهو ٻڌائڻ وسري ويو تہ اڄ صبح جو پيٽرڪ (Patrick) مون کي دعوت ڏني هئي تہ ’رات جي ماني مون سان گڏجي کائجان،‘ اجا بستري تي ليٽيو ئي مس پيو هوس تہ ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. رسيور کنيم تہ پيٽرڪ هيلو

ڪٿي ۽ هيلو ڪرڻ شرط معذرت ڪيائين تہ ڪٿي هُن مون کي ننڊ مان تہ نہ جاڳايو هو. مون کيس چيو، "ڪڏهوڪو پيو جاڳان، بستري تي ليٽيو پيو آهيان ۽ ٽي وي تي پروگرام پيو ڏسان." رات جي ماني ءَ جو ياد ڏياريائين ۽ نهايت ئي مهذب طريقي سان چيائين تہ، "اٺين وڳي ڏنائين ڊنر تي هلبو، جي تيار ٿي وڃو تہ مهرباني." وقت تي تيار ٿي ٺيڪ اٺين وڳي ڪائونٽر تي وڃي سلام ڪيم تہ پيٽرڪ ۽ ميلڊر کي بہ تيار ڏٺم. وقت تي مون کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ڊرائيو ڪري ٿوري ئي پنڌ تي هڪ ريسٽورنٽ ۾ وٺي آيا. جنهن تي لکيل هو سرتاج. (Surtaj) جيئن اندر گهڙياسون تہ مون کي هر طرف پاڪستان، هندستان ۽ سڪستان نظر آيو. بس "جيڏانهن ڪر نظر تيڏانهن صاحب سامهون "وارو منظر لڳو پيو هو. مون ڏي نهاريائون مون ڏانهن نهاريو، پيٽرڪ ۽ ميلڊر کلي ڏنو ۽ چيائون، "اسان سوچيو هو تہ توهان کي اجوڪي ڊنر ۾ اسان اُهي طعام آفر ڪريون جيڪي اوهان پنهنجي گهر ۾ يا پنهنجي ملڪ ۾ کائيندا آهيو چو تہ ڪافي ڏينهن کان اوهان آسٽريليا آيل آهيو، برگر ۽ بِگ مئڪ کائي کائي تنگ ٿي پيا هوندؤ." دل ۾ سوچيم تہ جيڪر چوانِ تہ "يار! اسان پنهنجي وطن وارن ڪرڪيٽ جي پرستارن جون مختلف شهرن ۾ سندن گهرن تي ايتريون تہ دعوتون کاڌيون آهن ۽ ايترا تہ چڪن قورما، مٽن بريانيون، شامي ڪباب، ڪٽڪ جون مانيون ۽ پاپڙ واپرايا اٿئون جو هاڻي دل جڻ چوي پئي تہ آسٽريليا جا کاڌا کائون تہ وڌيڪ بهتر،" پر سندس خلوص ۽ پيار آڏو ائين چئي نہ سگهيس ۽ سندن تمام گهڻا ٿورا ۽ مهربانيون مڃيم جو مون کي هن هوٽل تي وٺي آيا هئا. سرتاج هڪ انڊين ريسٽورنٽ آهي ۽ اسٽنلي اسٽريٽ (Staneley Street) تي واقع آهي جتي پاڪستان، هندستان ۽ سريلنڪا جا تمام گهڻا ماڻهو ڊنر اچي ڪندا آهن. آسٽريليا جا گورا ۽ گوريون بہ تمام گهڻي تعداد ۾ موجود هيا جيڪي چڪن ڪرِي (Chicken Curry) ۽ مٽن برياني ڏاڍي ذوق ۽ شوق سان کائين ٿا. پيٽرڪ ۽ ميلڊر پنج – ڇهہ ڀشون کٽي گهرايون. مان کين روڪڻ تي تہ هو زور پرڻ تي، صفا مون کي پنهنجو ڪلچر نظر اچڻ لڳو. جيئن اسان ڪڏهن مهمانن جي مرضيءَ جي خلاف وڃي بہ پنهنجي مهمانوازي جي ڀرم کي قائم رکڻ خاطر سندن خاطر تواضع ڪندا آهيون. کاڌا تمام لذيذ هيا ۽ تمام گهڻو کاڌوسون. ڏيڍ بہ ڪلاڪ ريسٽورنٽ تي ڪچهري ڪري موٽيل تي آياسين. آسٽريليا جهڙي ملڪ ۾ پيٽرڪ ۽ ميلڊر طرفان مشرقي طرز جي مهمان نوازي مون کي جڻ موهي ورتو. مان ڏاڍو متاثر ۽ بيحد خوش ٿيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڃي ويهڻ لاءِ ڪافي دير تائين ماڻهو کي انتظار ڪرڻو ٿو پوي. پر خوش قسمتي سان مون کي جڳهه ملي وئي ۽ اڌ ڪلاڪ کن اُتي بالم ٻڌجي ويهي رهيس. ڪافي جو ڪوپ پيتم. اصل صفا ٿَڪَ لهي ويا. پر جڏهن بل ادا ڪيم ته وري ٿَڪَ سوار ٿي ويا. ڏاڍو سهڻو ڪيفي آهي. برسبين وڃجي ته سٽي گارڊن ڪيفي ۾ چند گهڙيون گذارڻ هرگز نه وسارجن.

گڏوگڏ پارليامينٽ هائوس آهي جيڪو 1868ع ۾ ٺهيو ۽ هيءَ عمارت فرانس جي ڪاريگرن ٺاهي. ٺهڪري هن عمارت کي فرينچ فن- تعمير جو نادر نمونو به چيو ويندو آهي. هڪ صديءَ کان به پراڻي عمارت آهي پر جنهن نموني سان هن عمارت جي پرگهور لڌي وڃي ٿي، اُها داد ڏيڻ لائق آهي.

پارليامينٽ جي ميمبرن جي اجلاس لاءِ هڪ ڪشادو هال ٺهيل آهي جيڪو اسٽائلش ۽ ڏسڻ وٽان آهي. ميمبرن کان علاوهه وزيٽرس گئلريون به ڊيزائن جي دلڪشيءَ جو اهڙو منظر پيش ڪن ٿيون جو ماڻهو داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهي.

موٽيل کان هلڻ وقت ميلڊر چيو هو ته" پيو اچ ڪجهه ڏسو يا نه ڏسو پر برسبين نديءَ جو سير (Cruise) ضرور ڪجو."

سو هاڻي ياد پيو ته لانچ ۾ برسبين نديءَ جو سير ڪجي. نقط ۾ جڳهن ڏسڻ ۾ ئي منجهند جا ٻه وڃي چڪا هئا ۽ نديءَ جي سير ڪرڻ کان اڳ مون کي ويرونيڪا وٽ پهچڻو هيو پنهنجي ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ، سو ڦٽا ڦٽ ٽيڪسي ۾ ويهي پوسٽ آفيس اسڪوائر پهتس ۽ Qantas ايئر لائين جي آفيس ۾ ويس جتي خوشقسمتيءَ سان ويرونيڪا پنهنجي ڪائونٽر تي اڪيلي ويٺي هئي. سندس سلام وڃي ڪيم ته مرڪي آڊر ياءِ ڪيائين ۽ فوراً ٽڪيٽون ڪڍي اڳيان رکيائين. دل جو ڌڙڪو تيز ٿيڻ لڳو ته الائي ڪم ٿيو يا نه. ٽڪيٽون re- route ٿيون يا اوهڙي جون اوهڙيون موٽائي پئي ڏئي. پر غور ڪيم ته ڏٺم ته اڳ نقط هڪ ٽڪيٽ هئي هاڻي هڪ مان به ٽي ويون هيون. ويرونيڪا پڇيو، "غور سان ڇا پيو ڏسين؟" وراڻيم، "منهنجي ٽڪيٽ جي شايد ڊليوري ٿي آهي جو هاڻي هڪ مان به ٽي پيون آهن."
سندس چَپَ چُريا جيڪي مِني مُرڪ مان بدلجي ڌيمي ميوزڪ جهڙي ٽهڪڙي ۾ بدلجي ويا. ٽهڪڙو ڏيندي چيائين، "توهان ۾ مزاح جو عنصر (Sense of Humour) ڪافي حد تائين موجود آهي جيڪا ڳالهه زندگيءَ کي خوش گذارڻ لاءِ بيحد ضروري آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سندس ڳالهه تان مون کي سومرسات ماهم (Somersaut Maugham) جو هڪ قول ياد آيو جيڪو مون کيس ٻڌايو. ان ناميارې ليکڪ چيو آهي:

"A little Common Sense, a little Tolerance, cana little sense of humour; and you don't know how Comfortable you can make your self on this planet."

(ٿورڙي عقلمندي، ڪجهه برداشت ڪرڻ جو حوصلو ۽ ڪجهه خنده مزاجي، پوءِ (جي اوهان وٽ اهي تيئي ڳڻ آهن ته) اوهان تصور نٿا ڪري سگهو ته اوهان هن ڌرتيءَ تي ڪيڏا نه خوش ۽ آسائش سان رهي سگهو ٿا.)

سندس ٿي طرفان ڇيڙيل موضوع تي جڏهن سندس ئي ملڪ جي عظيم ليکڪ جو قول مون کيس ٻڌايو ته حيران ٿي وئي. (ٿوڙي جو حيران ٿيڻ جهڙي ڳالهه ڪانه هئي) پڇيائين، "انگريزي جي ٻين ڪهڙن اديبن ۽ شاعرن کي اوهان پڙهيو آهي؟" شيڪسپيئر کان وٺي موجوده دؤر تائين جڏهن ستن اٺن اديبن جا نالا ورتم ته ويتر تعجب جو اظهار ڪندي چيائين، "مون کي لڳي ٿو ته اوهان جو مطالعو ڪافي وسيع آهي ۽ ڀانيان ٿي ته اوهان خود به شاعر آهيو؟" داد ڏيڻ تي سندس مهربانيون مڃيم. جڏهن ڏٺم ته انتظار ۾ ويٺل ماڻهن جي قطار لڳندي پئي وڃي ته اجازت وٺڻ کان اڳ ڪائنس پڇيم ته ٽڪيٽ مڪمل طرح ٺهي وئي هئي يا اڃا ڪا ڪمي رهيل هئي؟ مرڪي ڏنائين ۽ ٽڪيٽ مون کان وٺندي سڄي ڳالهه سمجهايائين ته ڪم پڪو ٿي ويو هو ۽ مون کي ڪنهن به قسم جي اوني، انتظار يا اوسيئڙي ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانه هئي.

مون کي جيڪي به چڱا موچارا لفظ سُجهيا ۽ ياد آيا انهن کي استعمال ۾ آڻيندي سندس ٿورا ۽ مهربانيون مڃيم. جڏهن لفظ کٽي ويا تڏهن بس کٽي ڪيم ته فوراً چيائين، "تنهنجو ته ڪم ٿي ويو ۽ جيئن تو چيو هو تئين مون ڪيو پر هاڻي هڪڙي ڳالهه منهنجي مڃيندين؟" "توهان جي طرفان ڪابه ڳالهه ٽاري نه ٿو سگهان. اوهان رڳو حڪم ڪيو." وراڻيم، پوءِ دل ۾ اوچتو وسوسا به اچڻ لڳا ته ويرونيڪا ڏکي ۽ اڻ ٿيٽي ڳالهه به چئي ٿي سگهي سو مون کي جلد بازيءَ ۾ ايڏو وڏو وچن نه ڪرڻ گهربو هو ته سندس ڪابه ڳالهه مان ٽاري نه ٿي سگهيس.

چيائين، "ٻهريون ته تنهنجي مهرباني جو فوراً هائو ڪيئي ته منهنجي هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳالهه ميڄينديڻ، تہ ”عنايت! ڳالهه هيءَ آهي تہ تون ڏاڍو سٺو ماڻهو ٿو لڳين، تنهنجون اديبانہ ۽ دلچسپ ڳالهيون بہ ڏاڍيون ٺيون وڻن. سو مان چاهيان ٿي تون سڀاڻي ڊنر اسان سان ڪرڻ قبول ڪر. منهنجو مڙس توسان ملي ڏاڍو خوش ٿيندو. هن کي تو جهڙا ماڻهو ڏاڍا وڻندا آهن.“ تہ فوراً هڪ جملو زبان تي اچي ويو، چيم:

.... ”۽ توهان کي ڪهڙا ماڻهو وڻندا آهن؟“

”بلڪل تو جهڙا“، وڏو ٽهڪ ڏيندي تهہ پهہ جواب ۾ وڌيڪ چيائين ”تون ذهين بہ آهين تہ شرير بہ اوتروئي آهين.“ دل ۾ آيو تہ چوانس تہ سندس مڙس جي هوندي ساڻس ڪهڙي ڪچهري ٿيندي، هاڻي ”مِني بہ ماٺ تہ مُني بہ ماٺ“ سو ها ڪئي ڪيم. جڏهن موڪلائڻ لڳس تہ چيائين تہ مان فقط هڪ منٽ ترسان تہ هوءَ پنهنجي مڙس سان ٽيليفون تي ڳالهائي پروگرام ڪنفرم ڪري وٺي جيئن سندس مڙس ڪٿي اڳي ئي Committed نہ هجي.

مڙس سان ڳالهايائين ۽ هڪدم مرڪندي وراڻيائين. ”شڪر جو سندس ڪٿي بہ ڪو پروگرام ناهي، تنهنڪري پنهنجو پروگرام پڪو. اسان توهان کي توهان جي هوٽل تان سڀاڻي شام جو ساڍي ستين وڳي وٺڻ ايندا سون.“ مان کيس Thank you چئي روانو ٿيس ۽ تمام تڪڙو تڪڙو گهمندو ٻاهر آيس. ساڍا ٽي وڳا هيا ۽ مون کي ٻڌايو ويو هو تہ پنجين وڳي شام جو آخري فيري (Ferry) هلندي آهي پوءِ برسبين ندي جي سير ڪرڻ جو وقت ختم ٿي ويندو آهي.

ايڊورڊ اسٽريٽ تي پهتس جتان فيري هلندي آهي پر اُتي پهچي مايوسي ٿي جو تہ ماڻهن جي چهل پهل ۽ چوڦول نظر نہ آيو، سمجهيم تہ فيري جي چڪر جي سلسلي ۾ ڪو گهوٽالو يا گڙٻڙ ضرور آهي، اُتي هڪ گفٽ شاپ هو ان ۾ هليو ويس ۽ ڪائونٽر تي ويٺل اڌيڙ عمر جي عورت کان فيري جي سير بابت معلومات حاصل ڪرڻ چاهيم. مون کي برسبين متعلق هڪ چوپڙي ڪڍي ڏنائين ۽ ٻڌايائين، ”اڄ جمعو آهي ۽ فيري فقط ٻہ ڏينهن يعني ڇنڇر ۽ آچر تي هلندي آهي پر جڏهن اسڪولن ۽ ڪاليجن جون موڪلون هونديون آهن تہ ست ئي ڏينهن هلندي آهي.“

مون وڌيڪ ڪجهہ پڇڻ چاهيو تہ منهن ٻجڙو ڪندي بيرخيءَ مان وراڻيائين، ”توکي برسبين بابت چوپڙي انگريزي ڏني اٿم تہ ان ۾ پوري معلومات درج آهي. پليز اها بوڪ ليٽ پڙهہ، مان ڏاڍي مصروف آهيان.“

ويرونيڪا جي ڏيمي، نرم ۽ مهذب گفتگو جو جادو، گفٽ شاپ واري چنڊي عورت چڪنا چور ڪري ڇڏيو. هڪ تہ برسبين نديءَ ۾ سير نہ ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سبب طبيعت بي چين ٿي وئي هيو وري گفت شاپ واري اڌيڙ عمر عورت جي ٻاڙي ۽ غير مهذب رويي تي ڏاڍي چڙ آئي. پر ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس سواءِ ان جي جو پاسيرو ٿي چوپڙيءَ جو مطالعو شروع ڪري ڏنم. ڏنم تہ جيڪو ڪجهہ هن بي سُري ۽ ٻي گوندري عورت چيو هو سو سڀ سچ هيو.

پوءِ دل ئي دل ۾ پشيماني بہ ٿيڻ لڳي تہ اجايو هن عورت بابت دل ۾ نفرت پيدا ٿي هئي، توڙي جو هن جيڪو بہ ٻڌايو هو ٺيڪ ٻڌايو هو. بهرحال مان هاڻي بہ هن راءِ جو آهيان تہ سندس پيش اچڻ جو انداز اُهو نہ هو جيڪو آسٽريلوي مردن ۽ عورتن جو اڪثر ڪري هوندو آهي. واپس پوسٽ آفيس اسڪوائر موٽي ويس جنهن جي اردگرد وڏا وڏا شاپنگ آرڪيڊ، پارڪ ۽ بزنس ڪامپليڪس آهن.

هاڻي شام ٿي وئي هئي، ٿَڪ محسوس ٿيڻ سبب ڪافي جي ڪوپ پيئڻ جو موڊ ٿي رهيو هو. گهمندو گهمندو ڪئينس اسٽريٽ تي ويس، جتي هڪ ريسٽورنٽ ۾ ويهي ڪافي پيتم. ٿڪَ ۾ ڪافيءَ جي ڪوپَ ٽانڪ جو ڪم ڏنو ۽ پندرنهن منٽن ۾ صفا تازو توانو ٿي ويس. برسبين جي خوبصورتيءَ تي هينئر رات جا رنگين رنگ چڙهڻ شروع ٿي ويا هئا. ڪئينس اسٽريٽ تي جوانن ۽ جوانڙين جو ٽِلڻ ۽ ٽهلڻ شروع ٿي ويو هو. ڪٿي هٿ هٿن ۾، تہ ڪٿي ڳراٽڙيون تہ وري ڪٿي هلندي هلندي پيار ڪرڻ جا نِت نوان ۽ نرالا رنگ ۽ ڍنگ، هڪ عجيب ۽ وڻندڙ ڇهڇٽو نظر آيو.

هلندي هلندي براڊ وي آن دي مال (Broand way on the Mall) شاپنگ ڪامپليڪس نظر آيو جنهن جي برسبين ۾ وڏي شهرت آهي. هن ڪامپليڪس ۾ ڪيترائي ڊپارٽمينٽل اسٽور، دڪان ۽ ريسٽورنٽ آهن، پر سڀئي تمام خوبصورتيءَ سان سجايل، سنواريل ۽ سينگاريل آهن. رات جو ڏهين وڳي تائين براڊ وي آن دي مال جي ارد گرد گهمندو رهيس جتي ڏاڍو لطف آيو.

## گولڊ ڪوسٽ جو سير A Visit to Gold Coast

7 مارچ تي سوير اٿيس جو 9 وڳي مون کي گولڊڪوسٽ (Gold Coast) لاءِ روانو ٿيڻو هو. تيار ٿي ٺيڪ پوڻين نوين وڳي برسبين ٽرنزٽ سينٽر (Brisbane Transit Centre) پهتس جتان ڪوچ ٺيڪ 9 وڳي روانو ٿيو. ڪوچ ۾ سوار ٿيڻ کان اڳ معلومات حاصل ڪري ورتم تہ گولڊ ڪوسٽ جو اصلي علائقو جيڪو


Scanned with CamScanner

سمنڊ ۾ بئريئر ريف (Barrier Reef) جي ڪري بيحد مشهور آهي سو برسبين کان ڪافي پنڌ تي آهي جتي پهچڻ لاءِ ڪوچ ذريعي چار پَنجَ ڪلاڪ لڳي وڃن ٿا. تنهنڪري اهو سوچي افسوس ٿيڻ لڳم ته ساڳي ڏينهن تي واپس ورڻ جي صورت ۾ گولڊ ڪوسٽ جي من موهيندڙ نظارن مان لطف اندوز نه ٿي سگهبو. منهنجي اچوڪي ڏينهن ۾ واپس ورڻ جي مجبوري ٻن سببن ڪري هئي. هڪ ته صبح تي مئچ ٿيڻي هئي، ٻيو اڄ شام جو ويرونيڪا طرفان ڊنر جي دعوت مليل هئي، تنهنڪري هر حال ۾ واپس ٿيڻو هو. جوپيٽر ڪئسينو (Jupiter Casino) تائين ٽڪيٽ ورتم. ٻن ڪلاڪن ۾ ڪئسينو اچي پهتاسين. ڪوچ واري ٻڌايو ته ٺيڪ 4 وڳي شام جو هو وري ساڳي اسٽاپ تي اچي بيهندو ۽ اسان ٺيڪ 4 وڳي اُتي موجود هجون. هيءَ پابندي ان ڪري هئي جو اسان جي ٽڪيٽ اوٽ موٽ جي هئي.

جوپيٽر ڪئسينو جي باري ۾ ڪجهه ٻڌائڻ کان اڳ ۾ بئريئر رِيف (Barrier Reef) بابت تمام مختصر ٻڌائيندو هلان. وقت جي گهٽتائيءَ سبب توڙي جو مان پاڻ بئريئر ريف جو مشاهدو نه ڪري سگهيس پر پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته گولڊ ڪوسٽ جي علائقي ۾ سمنڊ جي اُنهائيءَ ۾ سامونڊي مادي جي هڪ اهڙي رنگ برنگي ديوار ٺهجي وئي آهي جنهن لاءِ ٻڌايو ويو ته دنيا جي ٻي ڪنهن به خطي ۾ ناهي. هيءَ ديوار ماڻهن کي چڱيءَ طرح نظر اچي ٿي تنهنڪري سڄي دنيا جا سياح ڏورانهَن ڏيهَن کان سفر ڪري هتي پهچن ٿا Barrier Reef کي ڏسڻ لاءِ.

جوپيٽر ڪئسينو هڪ تمام وڏو ۽ ڪشادو ڪئسينو آهي جتي ماڻهو روزانو لکن ڪروڙن روپين جي جوا اچي ٿا کيڏن. ڪئسينو جي بلڊنگ ايڏي ته شاندار آهي جو هن جو بيان لکڻ سان گهٽ ۽ ڏسڻ سان وڌيڪ تعلق ٿو رکي. توڙي جو هزارين ماڻهو موجود رهن ٿا پر صفائي سٿرائي جو ايڏو ته زبردست انتظام رکيل آهي جو مجال آهي ڪٿي ڪو ڪکُ به نظر اچي. ڪئسينو جي اندر عاليشان ڪيفي ۽ ريسٽورنٽ به آهن ته ڪلبون ۽ شراب خانا (PUBS) پڻ آهن. ڏاڍي چهل پهل آهي پر اهڙي نه جيڪا مون برسبين جي ڪئينس اسٽريٽ تي ڏٺي. ڪئينس اسٽريٽ تي ماڻهن هڪ ٻئي سان محبتون ٿي ڪيون ۽ پيار ٿي ونڊيو ۽ هتي جي چهل پهل ۾ ماڻهن هڪ ٻئي کان ٿي پڇيو، ”تو ڪيترا پئسا کٽيا يا هارايا؟“ پيار ۽ پريت واري ڳالهه منجهن ڪانه ٿي نظر آئي..... ها اها ڳالهه البت ضرور نظر آئي ته ماڻهن هارائي به ظرف جو ساٿ نه ٿي ڇڏيو، جڻ ته ڪجهه ٿيو ئي ڪين هو. مون به

هڪ مشين ۾ هٿ وڌو، ڪيڏڻ جي پوري خبر ڪانہ هئي. جڏهن پندرهن ڊالر هارايم تہ بس ڪٽي ڪيم. دل ۾ اهو سوچي ڪيڏيو هوس تہ من ڪوچ جو ڪرايو ۽ سير سفر جو خرچ نڪري پوي پر اٽلو 15 ڊالر بہ هليا ويا. ڪئسينو کان ٿورڙي ئي پنڌ تي مونوريل (Monorail) جي اسٽيشن آهي جتي هر ڏهن ڏهن منٽن ۾ مونو ريل اچي ٿي. مونوريل ۾ سوار ٿي سمنڊ جي ڪناري تي آيس جنهن کي براڊ وي بيچ ڪوئين ٿا. اُتي ڪراچيءَ جو ڪلفٽن ياد اچي ويو، پر نظارن ۾ زمين آسمان جو فرق هو. ڪلفٽن جي ڪناري تي صرف سمنڊ جون ڇوليون ڏسبيون آهن پر گولڊ ڪوسٽ جي براڊ وي بيچ تي اَلهڙ جوانين جي موج ۽ مستيءَ جو ڇوليون ماريندڙ سمنڊ بہ ڏسڻ وٽان هو. جوانڙا ۽ جوانڙيون، دنيا کان بي خبر ٿي سمنڊ جي واريءَ تي سُتل هيا ۽ راند روند ۽ ڪيچل بازي ۾ مصروف لڳا پيا هيا. پر اهڙي ڪيچل بازي جيڪا سندن عقل ۽ فهم مطابق سياح برداشت ڪري سگهن، اهو تہ هر سياح جي انفرادي سوچ تي آهي تہ هن ۾ ڪيتري حد تائين برداشت ڪرڻ جي قوت آهي. جن جوڙن کي وڌيڪ احتياط جي ضرورت پوي ٿي ۽ چاهين ٿا تہ لوڪَ - لڪاءُ نہ ٿئي تہ پوءِ اُهي ڪجهہ پريور هليا ويندا آهن ۽ نظرن کان اوجهل ٿي، پنهنجي پريم جا پيوَند پختا ڪندا آهن. عجيب و غريب نظارو هو. ڪلاڪ ڏيڍ بيچ تي نہ وسرندڙ نظارا ڏسي موٽڻ جي ڪيم. مونوريل اسٽيشن تي ڪجهہ گفٽ شاپس ۽ وڏا وڏا ڊپارٽمينٽل اسٽور ڏٺاسون. هتي ئي هڪ ريسٽورنٽ تي ويهي چانهہ پيتم. شام جا 3 وڄڻ وارا هيا. ان ڪري مونوريل ۾ سوار ٿي ڪئسينو واپس آيس. مهربان پڙهندڙ متان ميار ڏين تہ مون ڪين مونوريل جي باري ۾ تہ ڪجهہ ٻڌايو ئي ڪين. ڪين ياد ٿو ڏياريان تہ پوين صفحن ۾ "سڊني جي سير" واري حصي ۾ مون مونوريل بابت ڪجهہ لکيو آهي. هتي فقط اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ گولڊڪوسٽ جي مونوريل نہ رڳو سڊني واري مونوريل کان بہ اڳ جي آهي پر پوري آسٽريليا ۾ مونوريل سڀ کان پهريون گولڊڪوسٽ ۾ شروع ٿي، پوءِ سڊني ۾ آئي.

ڪئسينو جو مختصر چڪر ڏيئي پوڻين ڇئين وڳي اسٽاپ تي آيس جتي ساڳيا جاتل سڃاتل چهرا نظر آيا جن سان صبح جو گڏجي ساڳي ڪوچ ۾ هتي آيو هوس. ڇئن ۾ اجا پنج منٽ هيا جو ڪوچ بہ پهچي ويو جنهن ۾ سوار ٿي پوري ڇهين وڳي شام جو اچي برسبين پهتس ۽ ساڍي ڇهين وڳي موٽيل تي پهچي ويس.


Scanned with CamScanner

## Dinner By Veronica ويرونيڪا طرفان دعوت

ٺيڪ 7-30 وڳي پيٽرڪ جو ٽيليفون آيو. پڇيائين، ”اوهان تيار آهيو؟“ ”بلڪل تيار آهيان پر اوهان ڇو ٿا پڇو منهنجو؟“ ٽيليفون تي هلڪڙو ٺهڪ ڏيندي ٻڌايائين تہ جن سان مون کي گڏجي وڃڻو هو اُهي وٽس وڃنا هيا ۽ منهنجو انتظار پئي ڪيائون. سمجهي ويس تہ ويرونيڪا وارا آهن. مان اڳي ئي تيار ويٺو هوس، تڪڙو تڪڙو هيٺ لهي ڪائونٽر تي پهتس تہ ڏٺم تہ ويرونيڪا سندس مڙس، پيٽرڪ ۽ ميلڊر ڪچهري ويٺا ڪن. هيلو هاءِ ڪري ويرونيڪا جي مڙس، سان تعارف ٿيو. سندس نالو جوزف آهي ۽ ويرونيڪا جيترو ئي خوبصورت هو. بس هڻ ملايوسون تہ جڻ ورهين جو واقف هو. فوراً جملو وهائي ڪڍيائين، ”جي مون کان اڳ ويرونيڪا تو سان ملي ها تہ يقين ڄاڻ تہ هوءَ تنهنجي هجي ها.“ اهو جملو جيڪڏهن ويرونيڪا مون کي اڪيلائيءَ ۾ چوي ها تہ ٺري پوان ها، پر سندس مڙس جي طرفان اهو جملو ويرونيڪا ۽ سيني جي موجودگي ۾ مون کي عجيب لڳو ۽ ٿورو هڪو ٻڪو ٿيڻ لڳس تہ وري چيائين، ”Shy (شرميلي) ٿيڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. تو ويرونيڪا کي ايترو تہ متاثر ڪيو آهي جو ڪالهہ کان وٽي تنهنجي تعريف ڪندي ڍاپي ئي نٿي.“ مون جوزف کي ڪجهہ چوڻ چاهيو تہ وچ ۾ ڳالهہ ڪٽيندي جوزف هلڻ لاءِ اشارو ڪندي چيو، ”ڪچهري ڪرڻ لاءِ ڪافي وقت اسان وٽ آهي، تنهنڪري هلو تہ هلون.“ پيٽرڪ ۽ ميلڊر کي هيلو هاءِ ڪري اچي سندن گاڏيءَ ۾ ويٺاسون. وڃي منٽن ۾ هڪ ريسٽورنٽ جي سامهون وڃي بيٺاسون. ٻاهرئين ٺيڪ ويڪ مان ئي معلوم ٿيو تہ چائنيز ريسٽورنٽ هو. جڏهن ويجها وياسين تہ لکيل هو. Golden Gate Palace Chinese Restaurant (گولڊن گيٽ پيلس چائنيز ريسٽورنٽ) هي هڪ عاليشان ريسٽورنٽ آهي، تمام ڪشادو، وڏو ۽ ٻن منزلن تي آهي ۽ هڪ ئي وقت اندازي موجب پنج سئو ماڻهو هن ۾ ويهي ماني کائي سگهن ٿا. جوزف چيو، ”هونئن تہ هتي ڪيترائي ٻيا وڏا وڏا ريسٽورنٽ بہ آهن پر اسان سوچيو تہ اوهان کي هتان جي کاڌي کان علاوه ڪجهہ مشرقي کاڌا (Oriental dishes) بہ آفر ڪريون.“

کاڌي جو آرڊر وٺي جڏهن ٻٽلر هليو ويو تہ جوزف مون کي ٻنهہ حيران ڪندي مون سان هن طرح مخاطب ٿيو:

”ڪٽينسلٽنڊ موٽيل کان رواني ٿيڻ وقت اوهان منهنجي چيل جملن جي جواب ۾ ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو پر مون بدتميزي ڪندي اوهان کي روڪيو هيو


Scanned with CamScanner

جنهن لاءِ هاڻي سخت معذرت ٿو ڪريان. هاڻي ٻڌايو ته توهان انهيءَ وقت ڇا پئي چوڻ چاهيو؟"

مون کي واقعي حيرانگي وٺي وئي ته انگريز (آسٽريلين به انگريز ئي آهن) هر ڳالهه ۽ هر معاملي ۾ ڪيڏا نه مستقل مزاج ۽ يادگيريءَ جا پڪا آهن. اسان ضروري ڳالهين کي به غير اهم سمجهي لنوائي ۽ ٽٽائي ڇڏيندا آهيون، پر جوزف يوڳن ۽ خوش مزاجيءَ واري ماحول ۾ جيڪي جملا چيا هيا ۽ مون ان وقت جيڪو ڪجهه چوڻ چاهيو هو ۽ هُن، وقت جو احساس ڪندي جلدي هلڻ چاهيو هو. ته هاڻي جوزف شايد اهو محسوس ڪيو هجي ته ممڪن هو سندس طرفان منهنجي جملي جي ڪٽڻ کي مون برو سمجهيو هجي ته هن موضوع وري اُتان شروع ڪيو جتان هن ڪٽيو هو. مون کي جوزف جي اها ڳالهه ڏاڍي پسند آئي پر مون کيس چيو، "اُن وقت الائي ڇا چوڻ ٿي چاهيم جيڪو ياد نه پيو اچيم. تنهنڪري هاڻي اچو ته ٻيو ڪو موضوع ڇيڙيون."

ويرونيڪا فوراً چيو، "نه، اوهان پليز ساڳيو ڪجهه دهرايو جيڪو اوهان ان وقت چوڻ ٿي چاهيو." وري جوزف کي مخاطب ٿيندي چيائين، "تون ڪيس ان وقت ڳالهائڻ ڏين ها ته عنايت اهڙو ڪو سٺو جملو ڳالهائي ها جو اسان ڏاڍو enjoy ڪيون ها."

مون چيو، "ڪوبه ڊائلاگ يا جملو نه پي چوڻ چاهيم پر جيئن ته هينئر ويرونيڪا پنهنجي تعريف ٻڌڻ جي خواهش رکي ٿي ته ٻڌو." مون جوزف کي مخاطب ٿيندي چيو، "جوزف! دراصل ويرونيڪا منهنجي ٽڪيٽ re- route ڪرڻ ۾ جيڪا مدد ڪئي آهي، ان لاءِ مون وٽ مناسب لفظ ڪونهن جو سندس شڪريو ادا ڪري سگهان. ٻيو ته سڀ ڪنهن سان خوش خلقي ۽ منڙي مُرڪ سان پيش اچڻ جو جيڪو سندس طبيعت ۽ فطرت جو اٽوٽ انگ ٿي ويو آهي، ان ڪري گهٽ ۾ گهٽ مون جهڙو حساس ماڻهو ته سندس ٻاهر ۽ اندر جي حُسن کان بيحد متاثر ٿيو آهي. پر وري اوهان به ملڻ شرط جيڪو قرب ۽ پنهنجائپ وارو رويو اختيار ڪيو ته سوچيان ٿو ته هاڻي ڪنهن کي ڀيريون مبارڪباد ڏيان جيون ساٿي جي چونڊ لاءِ؟" ٻئي ٽهڪن ۾ پئجي ويا پر جوزف هڪدم پڇيو، "جي ڀيرين مبارڪ ڏين ته ڪنهن کي ڏيندين؟" "توهان کي ويرونيڪا جي انتخاب ڪرڻ تي." فوراً وراڻيم. ويرونيڪا ماڪَ ڀِنل رابيل جيان ٽڙي، نِکري ۽ ھُبڪارجي وئي ۽ وٺي تاڙيون وڄايائين ته جوزف به تاڙين وڄائڻ ۾ سندس ساٿ ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هاڻي جوزف شروع ٿيو، "ويرونيڪا جيڪو مون کي ڪالهه کان اوهان جي باري ۾ ٻڌائڻ شروع ڪيو هو تہ مون کي شوق ٿيو اوهان سان ملاقات ڪرڻ جو، پر اوهان سان ملڻ ڪانپوءِ هاڻي اوهان سان حسد ڪرڻ لڳو آهيان. (I am getting jealous of you) سندس ان جملي تي مان ڪجهہ هيسجي ويس تہ شايد فوراً سمجهي ويو تہ ڪٿي مان ان جو غلط مطلب نہ سمجهان، تنهنڪري تهہ پهہ چيائين، "مان اوهان کان بيحد متاثر ٿيو آهيان. انڊيا ۽ پاڪستان جي ڪيترن ماڻهن سان ملاقاتون ٿيون آهن پر اوهان جهڙا هڪ ٻہ ماڻهو ٻہ مون کي مَس نظر آيا آهن." تہ ويرونيڪا بنا دير وچ ۾ ڳالهائيندي جوزف کي چيو، "عنايت جهڙا ڪٿي هيا، مڙئي نيڪ ناڪ هُيا." جوزف کلندي چيو، "تون بلڪل صحيح پئي چوين." مون محسوس ٿي ڪيو تہ ويرونيڪا مون کي چاهڻ لڳي هئي، پر شادي شده هئڻ سبب، مڙس کان بغير مون سان اڪيلائيءَ ۾ نہ ملڻ ٿي چاهيائين ۽ نہ دعوت ڪارائڻ ٿي چاهيائين. هڪ آزاد ملڪ ۽ معاشري ۾ ڪئريڪٽر جو ان کان وڌيڪ بيو کهڙو مثال ٿي سگهي ٿو.

ٻہ اڍائي ڪلاڪ ڳالهيون ڪندي گذري ويا پر خبر ئي نہ پئي تہ ڪيئن گذريا. جوزف ۽ ويرونيڪا سان گهاريل هي گهڙيون زندگي جون بيحد خوشگوار يادون آهن جيڪي ڪڏهن بہ مٽجڻ يا ميسارجڻ جون نہ آهن. سوا يارهين وڳي مون کي پنهنجي موٽيل تي ڇڏي ويا، موڪلائڻ وقت ويرونيڪا مون کان مُنهنجو وزٽنگ ڪارڊ ورتو ۽ پڇيائين تہ منهنجي پيدائش جي تاريخ ڪهڙي هئي. جڏهن مون تاريخ ٻڌائي مانس تہ ڪارڊ جي پوپان لکي ڇڏيائين. نيٺ مون کي بہ سندس پيدائش جي تاريخ پڇڻي پئي جيڪا هن پنهنجي ۽ جوزف جي پيدائش جي تاريخ ٻڌائي ۽ مون نوٽ ڪري ورتي. جڏهن پاڪستان موٽي آيس ۽ 3 آڪٽوبر جو ڏينهن آيو تہ ويرونيڪا منهنجي آفيس ۾ ٽيليفون ڪري منهنجي سالگرهہ تي مونکي دل جي گهراين مان مبارڪباد ڏني. 3- آڪٽوبر کان اڳ سندس طرفان موڪليل برٿ ڊي ڪارڊ پڻ ملي چڪو هو.

جڏهن رات جو 12 ڌاران بستري تي سمهيس تہ ننڊ جو نالو نشان ئي ڪونہ هو. جوزف ۽ ويرونيڪا جا پيار ۾ ٻُڏل جملا ڪافي دير تائين ھِنئين ۾ هُرندا رهيا. جڏهن ننڊ اچي وئي تہ ننڊ ۾ بہ ڪچهري ٿي ڪئي سون. ٽيليفون جي گهنٽي تي اک کلي. رسيور تي موٽيل جي آپريٽر هئي جنهن پوري ڏنل وقت تي ننڊ مان جاڳايو.


Scanned with CamScanner

# پاڪستان ۽ سائوٿ آفريڪا جو مقابلو

## گابا گرائونڊ (برسبين)

## Pakistan v/s South Africa
## (Gabba Cricket Ground - Brisbane)

اڄ 8 مارچ هئي ۽ پاڪستان ۽ سائوٿ آفريڪا جي وچ ۾ مئچ گابا ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ شروع ٿي. هن گرائونڊ جو پورو نالو وولنگابا (Wooloongabba) گرائونڊ آهي پر هيڏو سارو ڏکيو نالو ڪير وٺي، تنهنڪري فقط (Gabba) گرائونڊ سان مشهور آهي

برسبين جي گابا ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ پاڪستان ۽ سائوٿ آفريقا جي وچ ۾ ٿيندڙ هيءَ پنجين مئچ هئي. اڄ صبح سوير جيئن پنهنجي ڪمري ۾ ٽيليويزن کوليم ته خبرن ۾ ٻڌايو ويو ته برسبين ۾ بارش پوندي ۽ تيز طوفان ۽ هوائن لڳڻ جو امڪان هو. بعد ۾ منير حسين سان ڳالهه ڪيم ته ان ڪلي ڏنو ۽ چيائين ته الائي اڄ به ساڳي ائڊليڊ واري صورتحال نه ٿيندي. وڌيڪ چيائين، "بلوچ صاحب بس دعا اها گهرجان ته جيڪڏهن بارش پئجي به وڃي ته اُها اسان جي ٽيم جي فائدي ۾ هجي."

ٽاس ٿي ۽ اڄ پهريون ڀيرو هو جو عمران خان ٽاس کٽي ورتي نه ته پهرين چئني مئچن ۾ پاڪستان ٽاس هارائي ويو هو. اسان اڳ ئي سوچي ڇڏيو هو ته جي پاڪستان ٽاس کٽي ورتي ته بيٽنگ لاءِ سائوٿ آفريڪا کي دعوت ڏيندو. ان جا سبب هي هئا. هڪ ته صبح جو ٿوري بوندا باريءَ سبب وڪيٽ اجا پڳل ۽ آلي هئي جيڪا پاڪستان جي فاسٽ بولرز کي مدد ڏيندي. ٻيو ته جڏهن پاڪستان کي بيٽنگ جو وارو ملندو ته ان وقت تائين تيز اُس هئڻ سبب گرائونڊ بلڪل خشڪ ٿي چُڪو هوندو تنهنڪري وڪيٽ بيٽنگ لاءِ تمام موزون هوندي. مون، منير حسين ۽ افتخار پاڻ ۾ مٿي بيان ڪيل ڳالهيون ٿي ڪيون ته عمران خان سائوٿ آفريڪا جي


Scanned with CamScanner

ڪپتان ڪيپلر ويسلز کي بئٽنگ ڪرڻ لاءِ چيو.

هاڻي ڪجهه سائوٿ آفريڪا جي ٽيم جي باري ۾ مهربان پڙهندڙن کي ٻڌائيندو هلان. ڪرڪيٽ جي هن باڪمال ٽيم کي شايد منهنجا گهڻا مهربان گهٽ سڃاڻندا هوندا ڇو ته هيءَ ٽيم انٽرنيشنل ڪرڪيٽ کان 21 سال ٻاهر رهڻ کانپوءِ پيهر انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ۾ داخل ٿي هئي. هن ٽيم کي پنهنجي ملڪ جي نسلي امتياز واري پاليسي (APARTHEID) جي 21 سال سزا ڀوڳڻي پئي ۽ هاڻي جڏهن سائوٿ آفريڪا جي حڪومت نسلي امتياز واري ذلت آميز پاليسي کي تقريباً ترڪ ڪري چڪي آهي ته ان جي ٽيم کي به ورلڊ ڪپ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ قبول ڪيو ويو.

ڪنهن کي به ايڏو يقين نه هو ته جيڪا ٽيم 21 سال انٽرنيشنل ڪرڪيٽ کان ٻاهر رهي هئي اُها اهڙا ڪارناما سرانجام ڏيندي جو صفا ورلڊ ڪپ کٽڻ جي منزل تي پهچي ويندي! ڪرڪيٽ جي ڄاڻن جي راءِ موجب، جيڪڏهن اڳتي هلي انگلنڊ جي خلاف مئچ ۾، سائوٿ آفريڪا جي ٽيم سان تاريخي زيادتي نه ٿئي ها ته عين ممڪن هو ته ورلڊ ڪپ سائوٿ آفريڪا جي ٽيم کٽي وڃي ها. اهو ڪيئن؟ انهيءَ جو بيان اڳين صفحن ۾ ايندو. هاڻي اچون ٿا اجوڪي مئچ جي احوال تي. جيئن مٿي ٻڌائي چڪو آهيان ته عمران خان ٽاس کٽي سائوٿ آفريڪا جي ٽيم کي بئٽنگ ڪرڻ لاءِ چيو. سائوٿ آفريڪا جي ٽيم 50 اوورز ۾ تمام سنو ته نه پر هڪ چڱو خاصو مقابلي ڪرڻ جهڙو اسڪور يعني 211 رنس ٺاهي ورتيون ۽ سندن 7 رانديگر آئوٽ ٿيا.

لنچ جي وقفي کانپوءِ پاڪستان جي بئٽنگ جو آغاز عامر سهيل ۽ زاهد فضل ڪيو. مون کي پنهنجي بئٽنگ لائين اڄ ڪمزور لڳي رهي هئي ڇو ته جاويد ميانداد چيلهه ۾ شديد سور هئڻ سبب اجوڪي مئچ ۾ شامل نه ٿي سگهيو ۽ رميز راجا، ورلڊ ڪپ جي پهرين مئچ جي سينچري هِٽ ڪندڙ کي اجوڪي مئچ ۾ به اسان جي ڪپتان عمران خان شامل نه ڪيو هو جنهن جو رميز کي بيحد رنج هو. جڏهن منير حسين ۽ مون رميز راجا کان پڇيو ته ”ڇا هو اڄ فِٽ نه هيو؟“ ته راجا ته اڳ ئي اندران پريو وينو هو، هن چيو، ”مان سڀني ۾ به فٽ هُيس، انڊيا جي خلاف کيڏڻ لاءِ به ۽ اڄ هتي به فِٽ آهيان پر ڪپتان صاحب چوي ٿو ته بس تون آرام ڪر.“ رميز راجا اڃا گهڻو ڪجهه چيو پر ان کي نه لکڻ ئي بهتر ٿيندو.

زاهد فضل 11 جي اسڪور تي آئوٽ ٿي ويو. ان وقت پاڪستان جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسڪور 34 هو. جڏهن ٻاويهون اوور هلي رهيو هو ۽ اڃا 3 بال رهيل هيا ۽ پاڪستان جو اسڪور 74 تي پهتو تہ بارش پوڻ لڳي ۽ هر طرف ڪارا ڪڪر ڇانئنجي چُڪا هئا. اوچتو امپائرز طرفان راند کي روڪڻ جو فيصلو ڪيو ويو. فوراً ڪورس آندا ويا ۽ وڪيٽ کي ڪورَ ڪيو ويو. ڪلاڪ کن راند رُڪيل رهي. وري جڏهن بوندون بند ٿيون تہ ٻيهر راند شروع ٿي وئي. هتي پنهنجي مهربانن جي اطلاع ۽ سندن دلچسپيءَ لاءِ هن گرائونڊ جي هڪ منفرد خوبيءَ بابت ٻڌائيندو هلان. اُها هيءَ تہ گاٻا گرائونڊ تي ڪيترو بہ مينهن وسي تہ اها ڳُٽي هرگز نہ هوندي آهي تہ گرائونڊ آلو هوندو ۽ ٻيهر راند نہ ٿي سگهندي. حقيقت هن طرح آهي تہ هن گرائونڊ ۾ ٿوري ٿوري مفاصلي تي سوراخ رکيل آهن. توڙي ڪٿي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بارش وسي تہ بہ بارش جو پاڻي سوراخن مان هيٺ هليو ويندو آهي. سوراخن جي هيٺيان وري سڄي گرائونڊ تي واريءَ جو تہ ڏنل آهي. پاڻي سوراخن مان واريءَ ۾ جذب ٿي وڃي ٿو. وري جيڪا ٿوري گهڻي نمي گرائونڊ ۾ رهي ٿي ان کي الڪٽرانڪ ڊرائرز ذريعي خشڪ ڪيو ٿو وڃي. هيءَ خوبي شايد ئي ڪنهن ٻئي ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ هجي. مطلب تہ ٻلي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بارش پوي، پوءِ مڪمل طرح رڪجي وڃي تہ فقط هڪ ڪلاڪ جي اندر سڄو گرائونڊ ٻيهر راند کيڏڻ جي قابل ٿي وڃي ٿو، پر جي بارش مسلسل پوندي رهي تہ پوءِ ظاهر آهي تہ ڪرڪيٽ کيڏڻ جو امڪان ئي ختم ٿي وڃي ٿو.

هن گرائونڊ جي ٻي دلچسپ خصوصيت هيءَ آهي تہ هتي ڪُتن جي ڊوڙ (Dog Race) ٿيندي آهي. باؤنڊري لائين جي ٻاهر هڪ مخصوص دائرو آهي جتي هر هفتي ڪُتن جي ڪوءِ ٿيندي آهي ۽ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو ڪُتا ڊوڙ ۾ شريڪ ٿيندا آهن.

جيئن مٿي ٻڌائي چڪو آهيان تہ بارش وسڻ شروع ڪيو ۽ جڏهن ڪلاڪ کن جي وقفي کانپوءِ ٻيهر راند شروع ٿي تہ راند جي مقرر وقت مان پورو هڪ ڪلاڪ ضايع ٿي وڃڻ سبب پنجين ورلڊ ڪپ جي سلسلي ۾ بارشن بابت ٺاهيل قانون قاعدن مطابق پاڪستان کي 36 اوورز ۾ 194 رنز ٺاهڻيون هيون. پاڪستان پنهنجا 21.3 اوورَز کڏي چُڪو هو ۽ پاڪستان جو اسڪور 74 رنز هو، اهڙي طرح پاڪستان کي هاڻي باقي 14.3 اوورز ۾ 118 رنز ٺاهڻ جو ٽارگيٽ مليو جيڪو ڪافي مشڪل هيو. يعني ذري گهٽ 8.5 رنز في اوور جي حساب سان اسڪور ٺاهڻو هو. پر انضمام الحق ۽ عمران خان جي شاندار بيٽنگ نا اُميديءَ مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُميد جا آثار پيدا ڪري ڇڏيا. انضمام ۽ عمران ڏاڍا ڄمي کيڏي رهيا هئا پر سائوٿ آفريڪا جي سمارٽ، سهٽي ۽ اٿليٽ کيڏاري جانٽي رهوڊس (J. Rhodes) جي شاندار ۽ تاريخي فيلڊنگ راند جو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو. ٿوري دير اڳ پنهنجي ٽيم جي جيڪا فتح نظر ٿي آئي اُها هاڻي شڪست ۾ بدجي وئي جڏهن انضمام رن آئوٽ ٿيو. هي واقعو ڏاڍو دلچسپ آهي جيڪو مختصر طور تي ٻڌائڻو ئي پوندو. ٿيو هيئنَ جو انضمام جيئن ته جارحانه راند کيڏي رهيو هو ۽ هر دفعي اسٽروڪ کيڏڻ ڪانپوءِ هو رنس حاصل ڪرڻ لاءِ اکيون ٻوٽي تڪڙو تڪڙو ڀڄي پيو..... هُن هڪ اسٽروڪ کيڏيو جيڪو ايڏو زوردار نه هُيو پر تنهن هوندي به هو رن حاصل ڪرڻ لاءِ وٺي ڀڳو، پر بال جيئن ئي پوائنٽ ۽ ڪوَر جي وچ تي ٿورڙي ئي پنڌ تي جانٽي رهوڊس جهڙي ڦڙت ۽ ورزشي جسم رکندڙ فيلڊر وٽ ويو ته عمران سمجهيو ته هو رن نه وٺي سگهندو تنهنڪري رڙيون ڪندي انضمام کي چيائين "واپس وڃ. (Oh No, Please go Back) اسان جيئن ته کليل جڳهه تي ويٺا هئاسين تنهنڪري عمران خان جون رڙيون اسان چٽيءَ طرح ٻڌيون. انضمام ٿورو ڀڄڻ ڪانپوءِ هڪدم پنهنجي ڪريز ۾ واپس وڃڻ لاءِ وٺي ڀڳو پر جانٽي رهوڊس جيڪو تقريباً اوتري ئي پنڌ تي هو جيترو انضمام رن وٺڻ لاءِ ڀڄي چُڪو هو ته هن ڪمال ڦڙتي ۽ هوشياري جو مظاهرو ڪندي ٻه ٽي قدم ڀڄي وٺي هڪ زبردست گهُتَ (Dive) هڻئي. سنڌس ٻانهن هن کي سڌو وڪيٽن تائين پهچائي ڇڏيو ۽ نتيجو اهو نڪتو ته انضمام طرفان ڪريز ۾ پهچڻ کان اڳ ئي هن بيلز ڪيرائي انضمام کي آئوٽ ڪري ڇڏيو.

جانٽي رهوڊس جي ان بيمثال فيلڊنگ تي پٽويلين توڙي مختلف اسٽينڊس ۾ ويٺل تماشبينن، پنهنجين سيٽن تان اُٿي تاڙيون وڄايون ۽ اُهي تاڙيون ٻه چار منٽ مسلسل وڄنديون رهيون. مون هزارين پاڪستاني به ڏٺا جن کي انضمام جي آئوٽ ٿيڻ تي بيحد صدمو ته رسيو هو پر اُهي به جانٽي رهوڊس جي ان ڪارنامي تي تاڙيون وڄائي کيس داد ڏيڻ ۾ ٻين هزارن ماڻهن ۾ شامل ٿي ويا. انضمام 46 بالن تي 48 رنس ٺاهيون جنهن ۾ سندس 5 چوڪا به شامل هيا.

انضمام جي آئوٽ ٿيڻ تي ٽيم ته دل شڪسته ٿي ئي سهي پر اسان جو ڪپتان عمران خان به همت هاري ويٺو. ان جو ثبوت اهو آهي جو انضمام جڏهن آئوٽ ٿيو ته پاڪستان جو اسڪور 135 هو. فقط هڪڙي رن جي واڌاري تي يعني 136 جي اسڪور تي عمران خان به آئوٽ ٿي ويو، پوءِ ته بس لائين لڳي وئي. ائڊرين ڪائيپر (Adrian Kuiper) جيڪو سائوٿ آفريڪا جو ميڊيم فاسٽ بولر آهي، ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ آڪي باقي اُميدن تي بہ پاڻي ڦيري ڇڏيو. هن هڪ ئي اوور ۾ ٽن رانديگرن سليم ملڪ، وسيم اڪرم ۽ اعجاز احمد کي آئوٽ ڪري ڇڏيو ۽ ان کان فوراً پوءِ مشتاق احمد بہ آئوٽ ٿي ويو ۽ اهڙي طرح گهربل 36 اوورز ۾ پاڪستان 8 رانديگرن جي نقصان تي 173 رنس ٺاهيون ۽ 20 رنسن تان پاڪستان کي شڪست اچي وئي.

اڄ پاڪستان جي هر طرح کان بدبختي هئي. سائوٿ آفريڪا جي بيٽنگ دوران پاڪستان جي فيلڊنگ ايتري تہ خراب هئي جو جيترين رنسن تان پاڪستان هارايو، ان کان وڌيڪ رنس مِس فيلڊنگ جي ڪري سائوٿ آفريڪا جي ٽيم کي ملي چڪيون هيون. جتي فقط هڪ رن ٺهي ها اُتي اسان جي خراب فيلڊنگ سبب چوڪا لڳا ۽ ٻيون بہ ڪيتريون ئي رنس ٺهيون. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ جيترين 20 رنسن تان پاڪستان هارايو، سي ئي رنس اُهي هيون جيڪي مِس فيلڊنگ جي ڪري پاڪستان سائوٿ آفريڪا جي کيسي ۾ وجهي ڇڏيون.

## ڪئينسلئنڊ جو چيپي وليج Cheepie Village of Queensland

اڄ مون کي ڪئنسلئنڊ موٽيل جي لان ۾ پيٽرڪ ۽ ميلڊر طرفان ڊنر ۾ دعوت ڏنل هئي. منجهہ کان موٽي جڏهن موٽيل پهتس تہ شام جا ساڍا ڇهہ ٿيا هئا. ٻن ٽن ڏينهن جي مسلسل گهمڻ ڦرڻ جي ڪري آرام گهٽ نصيب ٿيو هو سو اڄ ڪافي ٿڪاوٽ محسوس ٿي رهي هئي، ان ڪري اچڻ شرط آپريٽر کي 8 وڳي رنگ ڪرڻ لاءِ چئي بستري داخل ٿي ويس. جهٽ پٽ ننڊ اچي وئي. ساڍي اٺين وڳي تيار ٿي جڏهن لان ۾ پهتس تہ ماڻهن جي چهل پهل لڳي پئي هئي. در اصل پوءِ خبر پئي تہ اها دعوت سري لنڪا جي هڪ وزير جي اعزاز ۾ ڏنل هئي جنهن سان پيٽرڪ منهنجو ڀرپور تعارف ڪرايو.

اجوڪي دعوت ۾ سري لنڪا جي ٽيم جو اسٽائلش فاسٽ بالر رميش رتنائڪي (Rumesh Ratnayeke) بہ شامل هو جنهن سان پڻ ميلڊر تعارف ڪرايو. راند جي متعلق ان سان خوب ڪچهري ٿي. چوي پيو، "پاڪستان جي ٽيم کي ڇا ٿي ويو آهي، ايڏو خراب پرفارمنس شايد پاڪستان جي ٽيم جو اڳ ڪڏهن بہ نہ رهيو هوندو جيترو هن ورلڊ ڪپ دوران رهيو هو." مون سندس راءِ سان اتفاق ڪيو پر ڪيس چيم، "اسان اڃا نا اميد نہ آهيون ۽ پرٿ ۾ ٿيندڙ مئچن ۾ ممڪن آهي تہ اسان جي ٽيم جو ستارو گردش مان نڪري اچي ۽ اسين ورلڊ ڪپ ۾ وري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واپس اچي وڃون.“ منهنجو اشارو سري لنڪا جي ٽيم ڏانهن به هيو جن کان پاڪستان اڪثر مئچون ڪٽندو رهيو آهي ۽ پرٿ ۾ هڪڙي مئچ اسان جي ٽيم کي سريلنڪا سان به کيڏڻي هئي. بهرحال رميش سان خوب ڪچهري ٿي. پاڻ کيڏڻ لاءِ فٽ نه هو ۽ عمران خان وانگر سندس ڪلهو زخمي هيو تنهنڪري ورلڊ ڪپ جي مئچن ۾ شرڪت نه ٿي ڪيائين. ان ڪانپوءِ پيٽرڪ ۽ ميلڊر مون کي چيو، ”تون پاڪستان جو اديب ۽ شاعر آهين، تو سان اچ اهڙن ماڻهن جي ملاقات ٿا ڪرايون جن سان ملي تون خوش به ٿيندين ۽ اسان کي اُميد آهي ته سندن حوالي سان تون پنهنجي ڪتاب ۾ گهڻو ڪجهه لکي سگهندين.“ پيٽرڪ وٺي هڪ پوڙهي عورت ۽ هڪ مرد کي وٺي آيو جيڪي پڻ دعوت ۾ شريڪ هيا. مرد جو نالو مال (Mal) ۽ عورت جو ايلسي ڪنگ (Elsie King) هيو. ٻئي 65-70 ورهين جي لڳ ڀڳ هُيا پر ٻئي تمام صحتمند نظر آيا. پيٽرڪ چيو ” هي جوڙو هڪڙي اهڙيءَ ڳوٺ ۾ رهندو هو جنهن جي ڪل آدمشماري 12 ماڻهن تي مشتمل آهي. هي ٻئي ۽ سندن ٽي ٻار ڇهن سالن کان برسبين شفٽ ٿي آيا آهن ته هاڻي ڇيپي ڳوٺ جي آدمشماري فقط ستن ماڻهن تي مشتمل آهي.“ مون کي اها ڳالهه صفا سمجهه ۾ نه پئي آئي ته آخر 12 ماڻهن تي ۽ هاڻي 7 ماڻهن تي مشتمل ڪو ڳوٺ به ٿي سگهي ٿو جڏهن ته اسان وٽ هڪڙي گهر ۾ 15 کان 20 ڀاتي رهن ٿا. پر ايلسي ڪنگ وضاحت ڪندي ٻڌايو ته سندن ڳوٺ ۾ پوسٽ آفيس به آهي، ريلوي اسٽيشن به، ته هڪ پبلڪ بار (Pub) به آهي. چيائين فقط هڪ شيءِ جي نه هجڻ ڪري هو برسبين لڏي آيا آهن. اُها هئي ٽيليويزن جي عدم موجودگي. مون جڏهن ڪائنن پڇيو ته ٽيليويزن آخر اتي ڇو ڪونه هو ته مال ٻڌايو ”شايد آسٽريلين گورنمينٽ اُتي ڪو ويجهو بوسٽر وغيره نه لڳائي سگهي آهي ان ڪري اُتي ٽي وي نٿو ڏسي سگهجي.“

ڇيپي جو ڳوٺ برسبين کان اندازي موجب هڪ هزار ڪلوميٽر پري ڪئنسلينڊ جي ڏکڻ - اولهه ۾ آهي.

منهنجي لاءِ هيءَ عجيب و غريب معلومات حيران ڪندڙ هئي. مون پيٽرڪ کي چيو، ”توهان ڪوشش ڪري اها معلومات ”گنيز بوڪ آف ورلڊ رڪارڊ“ ۾ ڇو نٿا شايع ڪرايو. مان نٿو سمجهان ته سڄي دنيا ۾ ٻي هنڌ ڪٿي به ڪو اهڙو ڳوٺ هوندو جنهن ۾ ٽوٽل 7 ماڻهو رهندا هجن.“ پيٽرڪ ٻڌايو ته هو پاڻ اها ڳالهه تڏهن اڳتي وڌائيندا جڏهن کين يقين ٿي وڃي ته سڄي دنيا ۾ واقعي ڇيپي ئي اهڙو ڳوٺ آهي جنهن جي آدمشماري گهٽ ۾ گهٽ آهي.

صبح جو سوير وري پرڏ وڃڻ لاءِ لڏ پلاڻ جو مسئلو هو. دعوت جون رنگينون اجا اوج تي هيون ته مون پٽترڪ ۽ ميلبر جو دل جي گهرائين مان شڪريو بجا آڻيندي ڪانئن 11 وڳي رات جو اجازت ورتي. ڏاڍي گرم جوشيءَ مان الوداع چيائون. مال ۽ ايلسي ڪنگ سان ٻه ٻاءِ ٿي. وزير صاحب ۽ رميش رتنا ٿڪي سان هٿ ملائي سڌو پنهنجي ڪمري ۾ آيس ۽ سامان جي پئڪنگ ۾ لڳي ويس. رات جو ساڍي ٻارهين تائين مَس پئڪنگ مڪمل ٿي.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# برسبين کان پرٿ

## Brisbane to Perth

صبح جو جڏهن ڪئينسلئنڊ موٽيل کان برسبين ايئرپورٽ لاءِ روانو ٿيس ته آسٽريليا ۾ اچڻ کانپوءِ پهريون ڀيرو دل ٻڏڻ لڳي، سخت مونجهو ۽ ملول هوس، شايد ان ڪري ته اڄ اُنهن پيارن کان پري وڃي رهيو هوس، جتي بيحد محبت ۽ مان مليو. ويرونيڪا جو خلوص ۽ پيار پلئه پيو هو، دل ٿي چيو ته ڪاش ڪو پرٿ ۾ اهڙو ته مينهن پئجي وڃي يا طوفان اچي وڃي جو اهو اعلان ٿئي ته پرٿ ۾ ٿيندڙ مئچون پنتي ٿي ويون آهن ته جيئن برسبين ۾ چند ڏينهن وڌيڪ رهڻ جو موقعو ملي. پر ائين نه ٿي سگهيو ۽ مان هڪ مخلص جوڙي جي محبت جي تصور سان رستي تي رهاڻيون ڪندو برسبين ايئرپورٽ تي چڻ چند لمحن ۾ پهچي ويس، توڙي جو ايئرپورٽ، موٽيل کان تمام گهڻي پنڌ تي آهي. جيئن لائونج ۾ داخل ٿيس ته افتخار ۽ منير نظر آيا جيڪي مون کان اڳ پهچي چڪا هيا. ائنسيٽ ايئر لائين (Ansett Air line) جو جهاز صبح جو 30-9 وڳي اڏاڻو. منير حسين، افتخار ۽ منهنجي سيٽ گڏوگڏ هئي. موضوع اهو ئي هو ته خدانخواسته جيڪڏهن پرٿ ۾ به اسان جي ٽيم هارائي وئي ته پوءِ ڪهڙو منهن کڻي وطن واپس ورنداسون. منير حسين افتي کي چيو، ”تون ته جان ڇڏايو هانگ ڪانگ ۾ ويٺو عيش ڪرين پر عنايت بلوچ ۽ مون کي ته وطن واپس وڃڻو آهي، دعا ڪر ته ڪو معجزو ٿي پوي، ڪاميابي ۽ ڪامراني نصيب ٿئي ۽ منهن مٿي ڪري پنهنجي ملڪ ڏي موٽ ڪريون.“ افتي الائي ڇو پر اُميد هو، چيائين، ”ڏسجو انشاءالله پرٿ واريون ٻئي مئچون اسان کٽنداسون ۽ ورلڊ ڪپ ۾ واپس ٿينداسون.“ ڳالهين ڪندي خبر ئي ڪانه پئي جو اعلان ٿيو ته اسان چند لمحن ۾ ميلبرن ايئرپورٽ تي لهڻ وارا آهيون.“ اسان جي فلائيٽ سڌي پرٿ لاءِ نه هئي پر وايا ميلبرن ۽ ائڊليڊ هئي. پورن ٻن ڪلاڪن ۾ ميلبرن ايئرپورٽ تي اچي لٿاسون ۽ فقط اڌ ڪلاڪ ايئرپورٽ


Scanned with CamScanner

تي ترسي سواءِ ٻارهين وڳي اچي ٻيهر جهاز ۾ ويناسون، جتان فلائيٽ منجهند جو 12-15 وڳي رواني ٿي ۽ ڪلاڪ کان پوءِ ٺيڪ 1-15 وڳي اچي اڊليڊ ايئرپورٽ پهتاسين. اوهان کي شايد حيرت ٿيندي هوندي ته اسان آسٽريليا کان ڪنهن ٻي ملڪ ڏي نه پر ساڳي ملڪ جي هڪ شهر کان ٻئي شهر وڃي رهيا هياسين. ساڳي ملڪ جي هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين وچ ۾ ٻن ايئرپورٽن تي ٿوري دير لاءِ ترسڻو پيو هو، ان سلسلي ۾ اوهان جي معلومات ۽ دلچسپيءَ لاءِ اوهان کي ٻڌائيندو هلان ته آسٽريليا جا اهي ٻئي پنهنجي پنهنجي جڳهه تي خوبصورت شهرَ، اٿين لڳندو آهي جڻ هڪ ٻئي کان رُٺل هجن. برسبين جو شهر برسبين نديءَ جي ڪناري تي آهي ۽ آسٽريليا جي ڏکڻ اوير ۾ آخري چيڙي تي واقع آهي ته وري پرٿ جو شهر برسبين جي مخالفت ۾ نه رڳو فقط اولهه ۾ آهي پر ويسٽرن آسٽريليا ۾ بلڪل اهڙي طرح سمنڊ ۽ سُوان ندي جي ڪناري جي چيڙي تي آهي. جيئن برسبين جو وجود ڪئينسلئنڊ اسٽيٽ ۾ آهي.

پرٿ، ويسٽرن آسٽريليا جي گادي جو هنڌ پڻ آهي. برسبين ۽ پرٿ جي ٻي اهم هڪجهڙائي اها آهي ته انهن ٻنهي شهرن جون رياستون آسٽريليا جي سيني رياستن کان وڏيون آهن. ويسٽرن آسٽريليا، جنهن جي گادي جو هنڌ پرٿ آهي، نه رڳو سڄي آسٽريليا ۾ وڏي ۾ وڏي رياست آهي پر سڄي آسٽريليا جو پورو ٽيون حصو ويسٽرن آسٽريليا جو آهي. ڪئينسلئنڊ ٻيو نمبر وڏي رياست آهي. ويسٽرن آسٽريليا جي رياست پکيڙ ۾ ايتري وسيع ۽ وڏي آهي جو سڄو يورپ انگلنڊ سوڌو منجهس آسانيءَ سان سمائجي سگهجي ٿو.

اڊليڊ ايئرپورٽ تي افتي اسان کي VVIP ڪيفي ۾ وٺي ويو جتي هر مسافر نه وڃي سگهندو آهي، پر افتخار جيڪو هانگ ڪانگ ۾ سنگر ڪمپنيءَ جو ورلڊ پريزيڊنٽ آهي، ان کي ڪيترائي ڪارڊ مليل آهن ته هو دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ ڪهڙي به ۽ ڪيڏي به وڏي هوٽل ۾ وڃي سگهي ٿو، اُتي رهي سگهي ٿو ۽ سيني سهولتن جو فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو. اُتي ويهي زبردست قسم جون سئنڊوچز ڪاڊيونسين ۽ ڪجهه سنئڪس واپراياسين. مٿان وري ڪافي جي ڪوپَ لطف ڏئي ڇڏيو. اجا ڪيفي ۾ ئي هياسين ته پرٿ جي فلائيٽ جو اعلان ٿيو ۽ مسافرن کي جهاز ۾ ويهڻ لاءِ چيو ويو. 2 وڳي اچي جهاز ۾ ويناسين. سوا ٻي وڳي جهاز اُڏاڻو ۽ پورن اڍائي ڪلاڪن جي پرواز ڪانپوءِ اچي پرٿ ايئرپورٽ تي لٿاسين. برسبين کان پرٿ پهچڻ تائين هونئن ته 9 ڪلاڪ ڪن لڳي ويا پر فقط جيڪڏهن پرواز


Scanned with CamScanner

جي وقت کي جوڙ ڪبو تڏهن به 6 ڪلاڪن جي لڳ ڀڳ وقت لڳي ٿو برسبين کان پرٿ پهچڻ تائين. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ملڪ ڪيترو نه وسيع ۽ وڏو آهي جو ساڳي ملڪ جي هڪ شهر کان ٻي شهر تائين هوائي سفر ۾ به 6 ڪلاڪ لڳي وڃن ٿا. جڏهن ته پاڪستان کان سڌي اُڏام (Direct Flight) ذريعي لنڊن تائين پهچڻ ۾ فقط 8 ڪلاڪ لڳن ٿا يعني فقط ٻه ڪلاڪ مٿي ڏنل وقت کان وڌيڪ.

پرٿ ايئرپورٽ کان سڌو ايئر ويز هوٽل (Airways Hotel) تي آيس جيڪو شيريٽن هوٽل سان گڏوگڏ ائڊليڊ اوينيو (Adelaide Avenue) تي آهي. هن هوٽل ۾ پنهنجي ڪمري جي رزرويشن مون برسبين مان ٽيليفون تي ڪرائي ڇڏي هئي. جيئن پوين صفحن ۾ لکي چڪو آهيان ته منهنجي پياري دوست قمر احمد هن سلسلي ۾ ڏاڍي مدد ڪئي هئي ۽ هر شهر جي سٺن ۽ مناسب هوٽلن جون ائڊريسون ۽ ٽيليفون نمبر ڏئي ڇڏيا هيائين جنهن ڪري مون کي ڪٿي به ڪا تڪليف نه آئي.

ائير ويز هوٽل جي ڪائونٽر تي هوٽل ۾ داخلا لاءِ پنهنجي متعلق معلومات لکڻ (Check in) لاءِ بيٺس ته هڪ ڇوڪري مون کان پهريون چيڪ ان ڪرائي رهي هئي. جڏهن فارم ڪائونٽر واري کي ڏنائين ته رسيپشنسٽ پڇيس، ”توهان BBC کان آيا آهيو؟“ جنهن تي ڇوڪري ها ڪئي. بي بي سي جو ٻڌي مون کان ڇڻ ڇرڪ نڪري ويو. بلا ڏڙڪ کيس Excuse me ڪري ڪانئس پڇيم، ”توهان ورلڊ ڪپ جي سلسلي ۾ ته نه آيا آهيو؟“ فوراً وراڻيائين ته هوءَ ورلڊ ڪپ جي ڪوَريج جي سلسلي ۾ آئي هئي پر حيرت مان پڇيائين ته مون کي ڪيئن خبر پئي ته هوءَ ورلڊ ڪپ جي سلسلي ۾ آئي هئي؟ مون ساڻس پنهنجو تعارف هن طرح ڪرايو، ”توهان BBC کان آيا آهيو ۽ مان PBC کان آيو آهيان،“ اڃا ڪجهه اڳتي چوڻ تي چاهيم ته منهنجي ڳالهه ڪٽيندي پڇيائين ”پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن کان؟“ ساڻس پنهنجو تعارف ڪرايم ۽ کيس ٻڌايم ته مان پڻ ورلڊ ڪپ جي ڪوَريج لاءِ پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن جي نمائندي طور آيو هوس. تڪڙ ۾ پنهنجو نالو هيلن ٻڌايائين ۽ ڪمري جو نمبر ٻڌائيندي چيائين، ”اسان ملندا رهنداسون، باءِ باءِ.“ لفٽ ۾ چڙهي هلي وئي.

هاڻي مون چيڪ اِن ڪرايو. مون کي دل ۾ اها خوشي ٿي ته شڪر ٿيو ته گهٽ ۾ گهٽ بي بي سي کي به ماڻهو ٻاهر سڃاڻن ته ٿا ورنه ڇا ويچارو ريڊيو پاڪستان ۽ ڇا بي بي سي، ڪو ڪوڙو ئي نٿو لڳي.

پرٿ ۾ اچي پهريون ته پنهنجين واچن جو ٽائيم صحيح ڪيوسين. جيئن ته

پرٿ اولهه ۾ آهي تہ سندس وقت ميلبرن ۽ سڊني کان 2 ڪلاڪ پوئتي آهي تنهنڪري ٽائيم ڪي ٻہ ٻہ ڪلاڪ پٺتي ڪيوسين. منير حسين سان اڳي ئي طئي ٿيل هو تہ ٿورو آرام ڪري شام جو ڇهين وڳي ڌاران پرٿ شهر جو ديدار درشن ڪبو. مان هٿ منهن ڌوئي سمهي پيس تہ جهٽ پٽ ننڊ اچي وئي. پوري وقت تي تيار ٿي منيرحسين وٽ پهتس، هو اڳي ئي تيار ويٺو هو. پنڌ گهمندا پرٿ جي گهماگهمي واري علائقي ۾ آياسين، پر خاص رونق ڪانہ هئي ڇوتہ سج لهڻ وارو هو. آسٽريليا جا اڪثر شهر، سواءِ سڊني جي، سج لٿي ڪانپوءِ سنسان ٿي ويندا آهن. روڊن تي ٽريفڪ ڪا نالي ماتر نظر ايندي آهي ۽ رونق غائب ٿي ويندي آهي. البت جتي مختلف قسمن جون ڪلبون آهن اُتي ماڻهو بہ نظر ايندا، رنگ برنگي نظارا بہ هوندا، رونق بہ هوندي تہ رهاڻيون بہ. اڄ پرٿ ۾ ڪا رونق نظر ڪانہ آئي، نيٺ اسان ان جڳهہ تي وڃي ويناسون جيڪا ڪشادن رستن جي وچ ۾ ماڻهن جي ويهڻ لاءِ ٺهيل هوندي آهي ۽ اها خصوصيت بہ مون فقط آسٽريليا جي شهرن ۾ ڏٺي جن جو ذڪر پوين صفحن ۾ ڪري آيو آهيان. هتي بئنچن تي اچي ويناسين ۽ خوش ٿياسين جو هر طرف بئنچن تي ماڻهو ويٺل نظر آيا.

## پيار جا پيچرا ۽ پرٿ Blessing of Perth

هاڻي پرٿ متعلق مختصر طور تي ڪجهہ توهان کي ٻڌائي وٺان ٿوڙي جو پرٿ جو سرسري تعارف اوهان سان ٿي چڪو آهي. پرٿ ويسٽرن آسٽريليا جي گاديءَ جو هنڌ آهي. ويسٽرن آسٽريليا جي رياست، جيئن مان پوين صفحن ۾ لکي آيو آهيان، آسٽريليا جي نہ رڳو وڏي ۾ وڏي رياست آهي پر ڏري گهٽ سڄي آسٽريليا جو ٽيون حصو ويسٽرن آسٽريليا تي مشتمل آهي. هي ٽڪرو باقي آسٽريليا کان جڻ ڪٽيل ۽ ڪُنڊائتو آهي، مزيدار ۽ دلچسپ ڳالهہ وري اها آهي تہ جيتري ويسٽرن آسٽريليا جي رياست وڏي، اوترو وري سندس ڪيپيٽل سٽي پرٿ ننڍي ۾ ننڍو شهر آهي. تمام مختصر شهر، چار – پنج بازارون، ان کان وڌيڪ نہ. پر صاف سٿرو ۽ بيحد پر سڪون شهر آهي ۽ سوان نديءَ (Swan River) جي ڪناري تي آهي. سوان نديءَ جو نظارو شام جو بيحد خوبصورت لڳندو آهي. مان ۽ منير حسين شروعات وارا هڪ ٻہ ڏينهن سوان نديءَ جي ڪناري تي وڃي ويهندا هئاسون پر پوءِ اڳتي هلي اسان جو ساٿ تہ سلامت رهيو پر ڪجهہ ڏينهن لاءِ ساٿي بدلجي ويو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن جو ذڪر ٿورو اڳتي ايندو.

ويسٽرن آسٽريليا جا ماڻهو مون کي ڏاڍا سادا ۽ پيار ڪندڙ نظر آيا ۽ وري پرٿ جا ماڻهو پنهنجي هن ننڍڙي شهر کي ايترو ته پڌائين ٿا ۽ ان جي تعريف ٿا ڪن جو فخريہ انداز سان چوندا آهن ته "پرٿ نہ فقط آسٽريلياجو پر سڄي دنيا جو سهڻي ۾ سهڻو شهر آهي." پرٿ جي هڪ ماڻهو سان مون ان موضوع تي ڳالهايو ته چيائين ته "پرٿ جهڙو سهڻو شهر ٻيو ڪو آهي ئي ڪونہ." مون پڇيو مانس ته آخر ڪهڙي حساب سان پرٿ سڊني کان خوبصورت شهر هو ته وراڻيائين، "مون کي خبر آهي ته دنيا جا ڪيترائي شهر آهن جن جي وچ مان نديون گذرن ٿيون پر سوان نديءَ جهڙيون خوبصورت هرگز نہ هونديون. هن نديءَ جو حُسن ئي نرالو آهي ۽ وري ان نديءَ جي ڪري شهر جي خوبصورتي ۾ جيڪو اضافو ٿئي ٿو اُهو دنيا ۾ ٻيو ڪٿي بہ ڪونهي." مان مطمئن تہ ڪونہ ٿيس پر جيڪو ماڻهو پنهنجي شهر يا ملڪ سان عشق جي حد تائين پيار ڪري ٿو تہ ان کي سمجهائي بہ نٿو سگهجي. بعد ۾ مون ٻين دوست سان بہ ان موضوع تي ڳالهايو جن پڻ ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي تہ ويسٽرن آسٽريليا جا ماڻهو عام طرح تي ۽ پرٿ جا ماڻهو خاص طرح تي پنهنجي رياست ۽ پنهنجي شهر پرٿ سان جنون جي حد تائين پيار ڪن ٿا. وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪرڻ تي اجا وڌيڪ معلوم ٿيو تہ ان جا تاريخي سبب بہ آهن جن ۾ اونهو وڃبو تہ بقول سائين وفائي صاحب جي دفتر درڪار ٿي ويندا. مختصر طور اهو تہ هن خطي جا ماڻهو پوئتي پيل هُيا. ساڻن ڪجهہ ناانصافيون بہ ٿيون، جن جي ازالي لاءِ ويسٽرن آسٽريليا جي ماڻهن جدوجهد ڪئي. جڏهن مسلسل جدوجهد کان پوءِ کين حق مليا تہ هاڻي هو پنهنجي پرڳٽي کي هڪ جدا ثقافت ۽ ڪلچر جو محور ۽ مرڪز سمجهن ٿا ۽ پاڻ کي سادگي، سچائي ۽ مهمان نوازيءَ جي ڪلچر جو مالڪ سمجهي ان تي فخر ڪن ٿا.

## In The company of Helen هيلن سان ملاقاتون

رات جا ساڍا نو ٿيا هيا ۽ دل چيو تہ هيلن سان ٽيليفون تي هيلو – هاءِ ڪيان. ٽيليفون ڪيم هيلن ڪمري ۾ موجود هئي ۽ ٽيليفون تي ڳالهايائين. چيومانس، "اوهان کي ڪا مصروفيت نہ هجي تہ گهڙي ڪن لاءِ ڪچهري ڪريون." پڇيائين، "اوهان سان اڄ صبح جو رسيپشن ڪائونٽر تي ملاقات ٿي هئي نہ؟" ها!

چيم ته پنهنجي ڪمري ۾ اچڻ لاءِ چيائين. جيئن سندس ڪمري ۾ ويس ته چيائين، ”ڪافي پيئندا، چانهه، ڪو جوس يا وسڪي؟“ ڪيس ٿئنڪ يو ڪندي انڪار ڪيم پر چيائين ته ”تڪلف جي ضرورت ناهي، مڙئي ڳالهيون به ڪنداسون ته ڪجهه پيئندا به رهنداسون.“ وسڪي لاءِ مون ڪيس چيو ته ڇمار ۾ ڪانه پيتي اٿم ۽ نه پيئندس ئي سهي، باقي ڪافي پيارڀو ته مهرباني.“

يورپ ۾ توڙي آسٽريليا ۾ جيڪڏهن اوهان ڪنهن سٺي هوٽل ۾ رهو ٿا ته اُتي هر ڪمري ۾ چانهه ۽ ڪافي پيئڻ ۽ بسڪيٽ يا چاڪليٽ کائڻ جا ڏاڍا مزا آهن سي به وري مفت ۾. يلي به ٽي دفعا ڪافي پيئو يا چانهه ته ان لاءِ پئسا ڏيڻا نه پوندا. اليڪٽرڪ جي ڪٽلي رکيل هوندي، ننڍڙن پئڪيٽن ۾ کنڊ هوندي آهي ۽ پلاسٽڪ جي ننڍڙن پيالن ۾ ڏيري جو کير پيل هوندو آهي. بسڪيٽ ۽ چاڪليٽ به رکيل هوندا آهن. پرٿ جي ايئرويز هوٽل ۾ ته وري هڪ اهڙي خوبي رکيل آهي جيڪا مون ڪٿي به نظر نه آئي. ڪجهه ڪمرا اهڙا آهن جن سان ننڍڙو ڪچن به گڏوگڏ آهي. اوهان چاهيو ته پنهنجو سيڌو سامان آڻي پنهنجي ماني پاڻ به پچائي سگهو ٿا. جڏهن مون ’چيڪ ان‘ ٿي ڪيو ته ڪائونٽر تي ويٺل ليڊي مون کان پڇيو هو ته مون کي ڪچن- اٽيچڊ ڪمرو کپندو هو يا بغير ڪچن وارو. دل ۾ سوچيم ته هجيم ها ڪو افعال رڌڻ پچائڻ جو ته ڪچن وارو ڪمرو وٺان ها. چانهه به ٺاهڻ ڪانه ايندي اٿم تنهنڪري بغير ڪچن وارو ڪمرو ورتو هيم. پر هيلن وارو ڪمرو ڪچن - اٽيچڊ هيو. هيلن ڪافي ٺاهي آئي،مون سندس شڪريو ادا ڪيو. ڪائنس پڇيم ته هوءَ ڪم ڪٿي ڪندي هئي لينگهم پليس (Langham Place) ۾، بُش هائوس ۾ يا براڊ ڪاسٽنگ هائوس ۾؟“ منهنجي سوال جو جواب ڏيڻ بدران چوڻ لڳي، ”لڳي ٿو اوهان بي بي سي ۾ ڪم ڪيو آهي يا ڪا ٽريننگ وغيره حاصل ڪئي اٿوَ.“ جڏهن ڪيس ٻڌايم ته مان 6 مهينا بي بي سي ۾ رهيو هوس ته فوراً سال جو پڇيائين. جڏهن ٻڌايو مانس ته 75-1974ع ۾ ته مرڪندي چيائين، ”تڏهن مان آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ پڙهندي هُيس. پوءِ پنهنجي باري ۾ وڌيڪ هن طرح ٻڌايئين:

”مان هڪ آزاد (Iam a free lance journalist and broad caster.) صحافي ۽ براڊ ڪاسٽر آهيان. هتي نه رڳو بي بي سي لاءِ رپورٽنگ ڪري رهي آهيان پر ٻين ايجنسيز لاءِ پڻ خبرون موڪليندي رهندي آهيان.“ وڌيڪ چيائين ته، ”ٻن ٽن پروڊيوسرن تي مشتمل بي بي سي ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي ڪوريج لاءِ دستوري ٽيمون

جدا آيل هيون، جيڪي ڪمينٽري سڌي سنئين (Direct) نشر ڪنديون." ائين چئي مون کان پڇيائين، "پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن به ته ڪمينٽري سڌي سنئين نشر (Direct Broadcast) ڪندي نه؟" جڏهن هائو ڪيم ته چيائين، "ڏسان جي وقت مليو ته اوهان جي ڪمينٽري باڪس جو چڪر ضرور هڻنديس." ڪيس چيم، "وقت نه به مليوَ ته به اچجو، مان اوهان جو انتظار ڪندس."

هيلن مرڪندي مون ڏي نهاريو ۽ رازداري واري لهجي ۾ پڇيو، "ڪيستائين انتظار ڪندؤ؟"

"جيستائين مئچ ختم ٿي وڃي ۽ گرائونڊ خالي ٿي وڃي ته اڪيلي سر به اوهان جي لاءِ انتظار ڪري سگهان ٿو؟" ورائيم.

وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي کلي پيئي ۽ چيائين، "ايترو شدت سان انتظار ڪرڻ جي اوهان کي ضرورت ان ڪري نه پوندي جو ساڳي هوٽل ۾ رهڻ ڪري پاڻ ته هتي ملندا رهنداسون ۽ پيا ڪچهريون ڪنداسون."

رات جا 12 وڄي چُڪا ها. سوچيم ته هيلن الائي بددعائون نه ڏيندي هوندي سو هاڻي ڪانئس موڪلائڻ لڳس ته چيائين، "سڀاڻي فري هجو ته ماني گڏجي کائون جيڪا مان پاڻ پچائينديس." واهه مولا واهه! دل ئي دل ۾ هڪ نعرو بلند ٿيو ۽ کيس ٿئنڪ يو چئي ها ڪيم ته اٽلو مون کي چيائين ته اها مٿس منهنجي مهرباني هئي جو مون سندس دعوت قبول ڪئي هئي. سندس ان جملي تي مون کي ڪا به غلط فهمي ڪانه ٿي جو ته انگريزن سان ڪافي وقت گڏ گذارڻ ڪري سندن پُر تڪلف جملن کان واقف هوس.

کيس گڊ نائٽ چئي پنهنجي ڪمري ۾ هليو آيس. هيلن سراپا سُونهن ۽ قدرت جي هڪ بيحد خوبصورت تخليق آهي، ڪشادو ۽ بيحد سهڻو چهرو، هرڻي جهڙيون چمڪندڙ اکيون، سندس ڳالهائڻ ايڏو ته مهذب ۽ شائستگي وارو جو دل چوي ته ڳالهائي وڃي. هيلن هڪ ڳالهائيندڙ بولهائيندڙ مورتي آهي، جي آواز نه ڪڍي ته ماڻهو کيس ڪٿي پنهنجي ڊرائنگ روم جي ڪُنڊ سجائي ڇڏي. ڪافي دير هيلن ذهن تي ڇانيل رهي ۽ سندس ٺي مرڪندڙ ۽ من موهيندڙ مکڙي جو تصور ڪندي ننڊ اچي وئي.

صبح جو 30-9 وڳي ڌاران جاڳ ٿي. اڄ 10 مارچ هئي. سڀاڻي آسٽريليا سان مئچ هئي ان ڪري اڄ گرائونڊ جو معائنو به ڪرڻو هو ته ڪمينٽري پوزيشن به ڏسڻي هئي. منير حسين کي ٽيليفون ڪيم. ڪمري ۾ موجود ڪونه هو. سوچيم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جدا آيل هيون، جيڪي ڪمينٽري سڌي سنئين (Direct) نشر ڪنديون.“ ائين چئي مون کان پڇيائين، ”پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن به ته ڪمينٽري سِڌي سنئين نشر (Direct Broadcast) ڪندي نه؟“ جڏهن هائو ڪيم ته چيائين، ”ڏسان جي وقت مليو ته اوهان جي ڪمينٽري باڪس جو چڪر ضرور هڻنديس.“ ڪيس چيم، ”وقت نه به مليوَ ته به اچجو، مان اوهان جو انتظار ڪندس.“

هيلن مرڪندي مون ڏي نهاريو ۽ رازداري واري لهجي ۾ پڇيو، ”ڪيستائين انتظار ڪندؤ؟“

”جيستائين مئچ ختم ٿي وڃي ۽ گرائونڊ خالي ٿي وڃي ته اڪيلي سر به اوهان جي لاءِ انتظار ڪري سگهان ٿو؟“ وراڻيم.

وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي کلي پيئي ۽ چيائين، ”ايترو شدت سان انتظار ڪرڻ جي اوهان کي ضرورت ان ڪري نه پوندي جو ساڳي هوٽل ۾ رهڻ ڪري پاڻ ته هتي ملندا رهنداسون ۽ پيا ڪچهريون ڪنداسون.“

رات جا 12 وڄي چُڪا ها. سوچيم ته هيلن الائي بددعائون نه ڏيندي هوندي سو هاٺي ڪانٽس موڪلائڻ لڳس ته چيائين، ”سڀاڻي فري هجو ته ماني گڏجي کائون جيڪا مان پاڻ پچائينديس.“ واهه مولا واهه! دل ٿي دل ۾ هڪ نعرو بلند ٿيو ۽ ڪيس ٿئنڪ يو چئي ها ڪيم ته اٿلو مون کي چيائين ته اها مٿس منهنجي مهرباني هئي جو مون سندس دعوت قبول ڪئي هئي. سندس ان جملي تي مون کي ڪابه غلط فهمي ڪانه ٿي ڇوته انگريزن سان ڪافي وقت گڏ گذارڻ ڪري سندن پُر تڪلف جملن کان واقف هوس.

ڪيس گڊ نائٽ چئي پنهنجي ڪمري ۾ هليو آيس. هيلن سراپا سُونهن ۽ قدرت جي هڪ بيحد خوبصورت تخليق آهي، ڪشادو ۽ بيحد سهڻو چهرو، هرڻي جهڙيون چمڪندڙ اکيون، سندس ڳالهائڻ ايڏو ته مهذب ۽ شائستگي وارو جو دل چوي ته ڳالهائي وٺي. هيلن هڪ ڳالهائيندڙ ٻولهائيندڙ مورتي آهي، جي آواز نه ڪڍي ته ماٿو ڪيس ڪٽي پنهنجي ڊرائنگ روم جي ڪُنڊ سجائي ڇڏي. ڪافي دير هيلن ذهن تي ڇانيل رهي ۽ سندس ئي مرڪندڙ ۽ من موهيندڙ مکڙي جو تصور ڪندي ننڊ اچي وئي.

صبح جو 30-9 وڳي ڏاران جاڳ ٿي. اڄ 10 مارچ هئي. سڀاڻي آسٽريليا سان مئچ هئي ان ڪري اڄ گرائونڊ جو معائنو به ڪرڻو هو ته ڪمينٽري پوزيشن به ڏسڻي هئي. منير حسين کي ٽيليفون ڪيم. ڪمري ۾ موجود ڪونه هو. سوچيم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ ممڪن آهي افتي وٺ هجي. اُن جي ڪمري ۾ ملايم تہ افتخار هيلو ڪئي.
ڪانٽس گرائونڊ تي هلڻ لاءِ پڇيم تہ خوش مزاجيءَ مان چيائين "بلوچ صاحب اسان تہ
توهان جي حڪم جا پابند آهيون، جي حڪم ڪيو تہ هليا هلون. وڌيڪ اوهان
منير سان ڳالهايو." ٽيليفون منير حسين کي ڏنائين جيڪو سندس ڪمري ۾ ويٺو
هو. منير سان ڳالهايم، طئي ٿيو تہ يارهين وڳي واڪا گرائونڊ هلنداسون.

## عمران خان جو فيصلو

مان، منير حسين ۽ افتخار گڏجي واڪا گرائونڊ وياسين جيڪو اسان جي
هوٽل کان فقط هڪ ڏيڍ فرلانگ جي مفاصلي تي هئو. واڪا، WACA (Western Australian Cricket Association) جو نالو آهي ۽ گرائونڊ بہ
انهيءَ ايسوسيئيشن جي نالي سان منسوب ٿيل آهي. گرائونڊ تي پاڪستان جي پوري
ٽيم موجود هئي ۽ فيلڊ پريڪٽس ۾ مشغول هئي. مان ۽ افتخار ڪجھ اڳيرو ٿي
عمران ۽ جاويد مانداد سان ملڻ وياسون. منير حسين صاحب کي وري گرائونڊ تي
ڪي پراڻا دوست ملي ويا جن سان بيهي رهيو. افتخار ۽ عمران پاڻ ۾ تمام گهاٽا
دوست آهن ۽ ڏاڍوبي تڪلفي سان هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا آهن.

جيئن عمران خان، افتخار سان مليو تہ کيس چيائين، "افتي مون هڪ
فيصلو ڪري ڇڏيو آهي." ائين چئي مون ڏانهن ڏنائين ۽ مرڪندي چوڻ لڳو،
"بلوچ صاحب! منهنجو فيصلو في الحال براڊڪاسٽ ڪرڻو نہ آهي. پر اوهان
دوستن کي فقط ٻڌائڻو آهي." افتخار مذاق وارو موڊ اختيار ڪندي ۽ سواءِ ان پڇڻ
جي تہ سندس فيصلو ڪهڙو هو، چيائينس، "تو فيصلو تہ الائي ڪهڙو ڪيو آهي
پر منهنجي ڳالهہ ٻڌ عمران! فيصلو فقط تو کي هڪڙو ئي ڪرڻو آهي تہ واڪا
گرائونڊ واريون ٻئي مئچون کٽيون آهن ۽ ورلڊ ڪپ ۾ واپس اچڻو آهي نہ تہ هن
وقت اسان ذري گهٽ ورلڊ ڪپ کان ٻاهر آهيون." عمران ڪافي سيريس ٿي لڳو،
سنجيدو ٿيندي مرڪي ڏنائين پر سندس مرڪ جي پس منظر ۾ جيڪو Tension
سندس چهري تي صاف نظر اچي رهيو هو، ان کي هو لڪائي نٿي سگهيو. چيائين،
"مون فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ جيڪڏهن اسان سيائي واري مئچ آسٽريليا کان بہ
هارايون ٿا تہ پوءِ مان ڪرڪيٽ تان رٽائرمينٽ جو اعلان ڪندس." اسان کي
سندس فيصلي تي گهڻو تعجب نہ لڳو چو تہ هن وقت تائين کيڏيل پنجن مئچن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڪستاني ٽيم جي ڪارڪردگي کي ڏسي هر پاڪستاني جو ڪنڌ ڄڻ شرم وچان جُهڪيل هيو. اسان پنجن مئچن مان فقط هڪ مئچ کٽي هئي سا به ڪمزور ٽيم زمبابوي جي خلاف ۽ پاڪستان کي ان مئچ کٽڻ جون به پوائنٽس مليون هيون. وڌيڪ هڪ پوائنٽ انگلنڊ خلاف ڪيڊل مئچ ختم ٿيڻ جي اعلان سبب ملي هئي ته معاملو ان حد تائين خراب هو جو پنجن مئچن کيڏڻ ڪانپوءِ پوائنٽس ٽيبل هن طرح هئي:

| | |
|---|---|
| 1- نيوزيلنڊ - پنجئي مئچون کٽيون. | 10 پوائنٽس |
| 2- انگلنڊ - چار مئچون کٽيون، هڪ رد ٿي. | 9 پوائنٽس |
| 3- سائوٿ آفريڪا ٽي مئچون کٽيون، ٻه هارايون. | 6 پوائنٽس |
| 4- ويسٽ انڊيز - ٽي کٽيون، ٻه هارايون. | 6 پوائنٽس |
| 5- سري لنڪا - ٻه کٽيون هڪ رد ٿي ۽ ٻه هارايون. | 5 پوائنٽس |
| 6- آسٽريليا - ٻه کٽيون، ٽي هارايون. | 4 پوائنٽس |
| 7- انڊيا - ٻه کٽيون، ٽي هارايون. | 4 پوائنٽس |
| 8- پاڪستان - هڪ کٽي، هڪ رد ۽ ٽي هارايون. | 3 پوائنٽس |
| 9- زمبابوي - پنجئي هارايائين. | 0 پوائنٽس |

مٿين ٽيبل مان اوهان ڏسندا ته اسان طاقتور ٽيمن ۾ ته شامل ئي ڪونه هئاسين، البت ڪمزور ترين ٽيم ۾ زمبابوي کان پوءِ ٻيو نمبر پاڪستان جو هو. انهيءَ صورتحال کان پوءِ جڏهن عمران خان پنهنجي رٽائرمينٽ جي متوقع اعلان بابت اسان کي ٻڌايو ته ڏک ته ضرور ٿيو مگر حيرت هرگز ڪانه ٿي. بهرحال افتخار ۽ مون کيس همت ٻڌرائي، اسان اڃا ڳالهايوسين ئي ٿي بيٺي ته منير حسين به پهچي ويو. افتي، منير صاحب کي سڄي ڳالهه ٻڌائي ته منير حسين جيڪو ڏاڍو سُلجهيل ۽ بردبار شخص آهي، ان به عمران کي ڏاڍي همت ٻڌرائي ۽ ساڻس هن طرح مخاطب ٿيو، ”خان صاحب! توهان همت نه هاريو، رمضان المبارڪ جو مهينو آهي، سڄي ملڪ جون دعائون اوهان سان آهن. انشاءَالله توهان سيمي فائنل واري مئچ ضرور کٽندا.“ عمران خان جي مُنهنَ تي سرهائي آئي ۽ چيائين ” پر عنايت بلوچ جي ڇا راءِ آهي؟“ افتخار چيو، عنايت روز پيو اوهان کي ريڊيو پاڪستان تي پروجيڪٽ ڪري ته سندس راءِ اسان کان هرگز مختلف نه هوندي.“

مون عمران خان کي چيو، ”اوهان رڳو سيمي فائنل واري مئچ آسٽريليا کان کٽي ڏيکاريو، پوءِ ڏسجو ته ريڊيو تي مان ڇا ٿو چوان يا افتخار، منير حسين توڙي

اُميد نہ ٿي رکجي تہ تون ڪچن ۾ منهنجي ڪا مدد ڪندين."

هاڻي سوچيم تہ هيلن جي مان ڪهڙي مدد ڪري سگهندس، بهرحال ڪيس چيم، "مان ضرور اوهان جو هٿ ونڊائيندس، ٻڌايو تہ ڪيتري دير ۾ اچان." "جيترو جلدي توهان تيار ٿي سگهو." وراڻيائين. فوراً باٿ روم ۾ هليو ويس. شاور ورتي ۽ اڌ ڪلاڪ ۾ تيار ٿي هيلن جي ڪمري ۾ وڃي گهنٽي جو بٽڻ دٻايم. دروازو کليو تہ ائين لڳو تہ هيلن جي روپ ۾ شايد هي اُها حور هئي جنهن جو جنت ۾ ملڻ جو دلاسو مليل آهي. جنت واري حور تہ الائي ڪڏهن ملندي ۽ ڪهڙي هوندي پر هيلن پنهنجي حسن جي مُهڪار، الهڙ جوڀن جي جلون، سوچ ۽ سُرت وڃائيندڙ سونهنَ جي جادوگري سميت سامهون هئي. پِنڪ رنگ جو سليپنگ گائون ڪيس پيل هو جنهن مان سندس ٿوهر جوڀن جهاتيون پائي رهيو هو. پنهنجي ڪمري ۾ اسپري بہ خبر ناهي ڪهڙو ڪيو هئائين جو مون پنهنجي پوري زندگي ۾ اهڙي انوکي خوشبوءِ جو واسُ اڳ ڪڏهن بہ نہ ورتو هو. شايد سندس جسم جي مهڪار ۽ اسپري جي خوشبوءِ ٻنهي گڏجي ڪمري جي ماحول کي مدهوش ڪندڙ بنائي ڇڏيو هو. هوش تہ ذري گهٽ موڪلائي ويو هو پر پوءِ بہ خمار مان پاڻ کي جهنجهوڙي جاڳايم. ڪيس چيم، "اڄ ڪٿي حُسن جي مقابلي ۾ شرڪت ڪرڻي اٿئي ڇا؟"

موهيندڙ مُرڪ منهن تي آڻيندي منهنجي ويجهو آئي ۽ دلفريب ناز نخرا ڪندي چيائين، "توکي دعوت جو ڏني اٿم، طعام بہ تيار ڪيا اٿم ۽ پاڻ بہ تيار ٿي آهيان." ائين چئي ڪچن ڏانهن وڃڻ لڳي ۽ چيائين، "سڀ ڊشز (طعام) تيار آهن اڄ تہ رڳو گڏجي ٽيبل تي رکون، بس توکان رڳو اها مدد وٺڻي آهي. تون شايد ٽيليفون تي ٻڌي ويو هئين تہ توکان ڪي ڊشز تيار ڪرائيندس." " پر هاڻي ڪهڙو ڪافر ماني کائيندو . بک الائي ڪيڏانهن ڀڄي وئي آهي. تنهنڪري ويهہ تہ ڪچهري ٿا ڪريون." ڪيس چيم.

"مون کي لڳي ٿو تہ شاعر آهين يا اُنهن سان دوستي اٿئي، هتي Practical ٿيءُ. مون کي تہ سخت بک لڳي آهي. تنهنڪري مان تہ ماني ضرور کائيندس. توسان ڪچهري ڪرڻ لاءِ ڊنر تي تو کي سڏيو اٿم تہ ڊنر جي بهاني ڪچهري بہ ڪنداسون."

هيلن مون کي ڪچن ۾ وٺي وئي. مون کي ڏونگها ڪڻندي ڏيندي وئي ۽ مان ٽيبل تي رکندو ويس تہ هلندي ڦرندي مون کان پڇيائين، " تون ڪهڙا طعام

سنا پچائي ويندو آهين؟" وراڻيم، "چانهه جو ڪوپ به ڪڏهن پاڻ نه ناهيو اٿم ۽ نه ناهي ڄاڻان." ٽيبل ڏانهن ويندي ويندي رڪجي وئي توڙي جو سندس ٻنهي هٿن ۾ ٽري ڪنيل هيا. چيائين، "تون شايد مذاق جي موڊ ۾ آهين، گهر ۾ آخر هر ماڻهو هڪ اڌ طعام ته ضرور پچائي ويندو آهي." چيم، "هئڻ ته ائين گهرجي جيئن تون چوين ٿي پر اسان جي معاشري ۾ ڪچن گهڻو ڪري عورتن جي ٻلي هوندو آهي."

پوءِ ڪيس پنهنجو واقعو ٻڌايم ته ڪيئن نه لنڊن ۾ رهائش دؤران اسان چار دوست هڪ ئي جڳهه ۾ رهندا هئاسون، هڪ ڏينهن هڪڙو دوست مارڪيٽ ويو ۽ چار ڀاڄيون وٺي آيو. هُن شرط اهو وڌو ته هر ماڻهو پنهنجي پسند جي ڊش پچائي. ٽن دوستن ته هائو ڪئي پر مون بلڪل انڪار ڪيو ڇو ته مون کي ته ڪجهه به پچائڻ نٿي آيو. نيٺ هڪ دوست منهنجي ڪاڏي واري ڊش فقط ان شرط تي پچائي هئي ته ماني ڪائڻ ڪانپوءِ ٿانوَ سيني جا مان ڌوئيندس. نيٺ مون ٿانو ڌوتا پر طعام پوءِ به نه پچائي سگهيو هوس. اُن واقعي تي هيلن وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي کلندي رهي. سندس ٽهڪَ من موهيندڙ ميوزڪ بڻجي منهنجي دماغ کي تراوت ڏيندا رهيا.

هيلن ٽي چار طعام پچايا هيا. چڪن روسٽ جو ته جواب ئي نه هو. سندس ڊشز جي تعريف ڪندي ڪيس چيم، "ڊشز جي تعريف ڪريان يا پچائڻ واريءَ جي؟" ته ٺهه پهه وراڻيائين، "تو کي فقط پنهنجي تعريف ڪرڻ گهرجي."

مون کي سندس ڳالهه پوريءَ طرح سمجهه ۾ نه آئي، مون ڪانئس پڇيو، "منهنجي تعريف ڪهڙي حساب ۾؟"

"ان ڪري جو تو ڊشز کي پسند ڪيو آهي ته تعريف ان جي ڪجي جيڪو داد ڏيڻ ۾ فراخدل هجي، ڪنجوس نه هجي."

ڪيس چيم، "تون وڏي هوشياريءَ سان منهنجو سوال پنهنجي ڊشز وانگر لذيذ سمجهي ان کي ڪائي هضم ڪري وئينءَ."

"هاڻي وري مون کي تنهنجي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي." هيلن وراڻيو.

مون سوال ڪيو هو جيڪو دهرايان پيو، "ٻڌاءِ تعريف ڪنهن جي ڪجي، لذيذ ڊشز جي يا لاجواب پچائڻ واريءَ جي؟"

ڪجهه معصوميت مان ته ڪجهه شرارت مان مرڪندي وراڻيائين. "تو کي ٻنهي مان جيڪو وڌيڪ وڻي ٿو ته پلي ان جي تعريف ڪر." اکين ۾ اکيون ملائيندي، مکڙي تي مٺي مُرڪ آڻيندي وڌيڪ چيائين، "مون کي خبر آهي ته توکي ڪهڙي شيءِ وڌيڪ وڻي ٿي."

”ٻشز!“ سندس چهري جا تاثرات ڏسڻ لاءِ شرارت مان ڪيس چيم.
”هيلن!!“، هيلن ٿهه پهه وراڻيو ۽ چيائين، ”اڄ ٻئي هڪ ٻئي سان ڪوڙ نٿا ڳالهائي سگهون، هڪڙو سچ هي به آهي ته، مونکي تون ڏاڍو ٺو وڻين.“ پنهنجي تعريف سا به ان حسين چرندڙ پرندڙ مورتي طرفان، جنهن ٻن ڏينهن جي اندر پنهنجي پيار جا پيوند ايڏا ته پختا وڌا هيا هيا جو، محسوس ڪيم ته سندس محبت جي مانداڻ، منهنجي انگ انگ کي وڻ ويڙهيءَ جيان وڪوڙي، جڪڙي، ۽ قابو ڪري ڇڏيو هو، ويتر ٻاهي وڌو. مان مڪمل طرح سندس تابع ٿي ويو هوس. اڳتي هلي ڪا خبر نٿي پئي ته منهنجو حڪم مٿس پئي هليو يا هنجي مون تي حڪمراني هئي. مان مٿس فدا پئي ٿيس يا هوءَ منهنجي لاءِ حيران پريشان هئي. جڏهن رات جا 30-3 وڳا ته ڪيس چيم، ”تو کي خبر هوندي سڀاڻي اسان جي آسٽريليا سان مئچ آهي. جنهن جا انتظام ڪرڻا آهن ۽ صبح جو 8 وڳين هوٽل ڇڏڻو آهي، يلا آهي اجازت ته هاڻي پنهنجي ڪمري ۾ وڃي آرام ڪريان؟“

منهنجي اجازت وٺڻ تي ڪجهه چيائين، سندس جملو جيڪو اڄ تائين دل تي اُڪريل آهي ۽ اهو مخصوص انداز جنهن سان جملو چيو هئائين، اُهو به دل ۽ دماغ ۾ نقش ٿيل آهي. هتي لکان ٿو پر فقط سندس جملو لکي سگهان ٿو، سندس انداز ۽ اسٽائل جو جيڪو ان وقت اکين مشاهدو ڪيو هو، ان ظالم ادا کي لفظن جي دائري ۾ نٿو آڻي سگهجي. چيو هئائين،

"Are you sure you could sleep?"

”تو کي پڪ آهي ته تون سمهي سگهندين يا توکي ننڊ ايندي؟ تورو اڳ مسَ ٿهندي ٿهندي وري سندس ان جملي تي ٻڌي ۽ سندس پاسي کان پٺجي رهيو هوس. جڏهن صبح جا 7 ٿيا ته پاڻ چيائين، ”يلا هاڻي پنهنجي ڪمري ۾ وڃ ۽ تورو آرام ڪر. مئچ تي وڃڻ کان اڳ شاور وٺجان ته فريش ٿي ويندين.“

مان سندس ڪمري مان ٻاهر نڪتس ته چيائين ”هل تو کي تنهنجي ڪمري تائين ڇڏي اچان.“ منهنجي ڪمري ۾ آياسين ته وري ويهي رهي ۽ باقي بچيل هوش حواس وڃائڻ لاءِ الائي ڇاڇا تي ڪيائين ۽ ڇاڇا تي چيائين. لطيف به ياد پيو ته حضرت امير خسرو به. به شعر ۽ اُنهن جو ترجمو ڪيس ٻڌايم.

لطيف: سڪ تنهنجي سپرين – ڪپي ۽ ڪوري،
سَگهان نہ چوري – ڏاڍو نيٺر نينهن جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

امير خسرو: به يَڪ آمدن ربودي، دل ودين و صبر – خسرو،

چه شود اگر بدايسان دوسه بار خواهي آمد.

(فقط هڪڙي آمد سان خسرو جي دل، دين ۽ صبر ڦري ويو آهين. خبر ناهي جي اهڙي طرح ٻي ٽي دفعا تنهنجي آمد ٿي ته پوءِ ڇا ٿيندو ۽ باقي مون وٽ ڇا وڃي بچندو)

پوري 8 وڳين مون کان موڪلايائين ته ڪيس چيم، ”هاڻي وري توکي تنهنجي ڪمري تائين ڇڏي اچان.“ وڃا ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳيءِ چيائين، ”پوءِ تنهنجي ڪمينٽريءَ جو بندوبست به پَڪو ٿيندو جي اها ڪمرن تائين ڇڏڻ جي اچ وڃ رهي ته.“ سختي سان منع ڪيائين ۽ ويندي ويندي چيائين، ”منهنجي حالت به تو کان مختلف ناهي، هن وقت تائين ته ڪچهري ڪرڻ جي گنجائش هئي، پر هاڻي وقت ڪونهي. يعني ائين نه ته مئچ ڏهين وڳين شروع ٿيڻي آهي تنهنڪري وقت ڪونهي پر وڏيڪ ننڊ ڦٽائڻ جو وقت ڪونهي. هاڻي تون سمهي رهه. اطمينان سان ننڊ ڪري 12 وڳي اٺجان جو اج ڊي اينڊ نائيٽ مئچ آهي.“ مون کان جڻ صفا ڇرڪ نڪري ويو. ”Oh my God!“ مون کان ته اها ڳالهه صفا ذهن مان نڪري وئي هئي ته ڪو اج ڊي اينڊ نائيٽ مئچ هئي.“ هيلن چيو ”مان بيحال ضرور آهيان پر تو وانگر هوش نه وڃايو اٿم.“ منهنجي تمام ويجهو اينڊي سرگوشيءَ واري انداز ۾ هيلن چيو، ”جوش يا محبت ۾ ڪڏهن به هوش کي موڪل نه ڏئي ڇڏيندو ڪر مسٽر عنايت!“ ڪيس چيم، ”محبت ۾ هوش کي سالم ۽ سلامت رکڻ صرف اوهان مغربي ماڻهن جو ڪارنامو آهي. اسان ڇريا مشرقي ماڻهو محبت جي مدهوشيءَ ۾ پاڻ کي به ساڻ نه ڪٺندا آهيون.“

هيلن مرڪي ڏنو. ڪمري ڏانهن ويندي ويندي پوئتي نهاريندي باءِ باءِ ڪندي هلي وئي ۽ مان پنهنجي دروازي وٽ بيهي ڪيس ڪمري ڏانهن ويندي ڏسندو رهيس. پنهنجي ڪمري ۾ جڏهن اندر گهڙي ته وري پوئتي نهاري پيار جو اظهار ڪيائين. آسٽريليا ۾ اچڻ کانپوءِ هي پهريون پيرو هو جو مئچ جي ٽائيم ياد رکڻ ۾ مون کان ايڏي وڏي غلطي ٿي هئي، پر جڏهن هيلن تصور ۾ آئي ته پنهنجي غلطي تي ڪا گهٽي ندامت ڪانه ٿي ڇو ته اهڙي ڪيفيت ۾ يادگيري، سوچ ۽ هوش حواس سُتت ئي ساٿ ڇڏي ويندا آهن. وري لطيف جي هڪ سٽ ياد پئي اچي.

”عقل مَتِ شرم، ٽيئي نينهن نهوڙيا.“

هوٽل آپريٽر کي هدايت ڏنم ته منهنجو ڪوبه ٽيليفون اچي ته اُهو ڪمري ۾ نه ملائي پر پيغام نوٽ ڪندي وڃي جو مون کي آرام ڪرڻو هو. ڪيس اهو به چيم ته ٺيڪ 12 وڳي منجهند جو مون کي ننڊ مان اُٿاري. بيڊ تي ڪريس ته نه هيلن جي ياد ننڊ آڏو اچي سگهي ۽ نه ئي سندس تصور منهنجي ۽ ننڊ جي وچ ۾ حائل ٿي سگهيو. تمام گهري ننڊ اچي وئي، ٺيڪ ٻارهين وڳي آپريٽر ٽيليفون ڪيو. جڏهن رسيور ڪنيم ته مون کي چيائين، ”اوهان باٿ روم ۾ هُيا ڇا؟“ مون ناڪار ڪئي ته چيائين ”اٽ ڏهه گهنٽيون وڳيون تڏهن توهان ٽيليفون کنيو ان ڪري سمجهيم ته اوهان شايد باٿ روم ۾ آهيو.“ آپريٽر سان معذرت ڪيم ته ڪيس ايترين گهنٽين ڏيڻ جي زحمت ٿي.

تيار ٿي ٺيڪ هڪ وڳي منير ۽ افتخار کي ٽيليفون ڪيم جن چيو ته هو تيار ويٺا هيا ۽ فقط منهنجي انتظار ۾ هيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پاڪستان ۽ آسٽريليا آمهون سامهون

## واڪا گرائونڊ (پرٿ)

## Pakistan v/s Australia
## WACA Ground (Perth)

اڄ 11 مارچ هئي. مان منير، افتخار ۽ عمر قريشي گڏجي واڪا گرائونڊ لاءِ پنڌ نڪتاسون. واڪا گرائونڊ مشڪل سان هڪ ڏيڍ فرلانگ جيتري پنڌ تي هوندو.

واڪا گرائونڊ جي پئويلين ۾ اسان جي ڪمينٽري باڪس چوٿين منزل تي هئي، جنهن لاءِ پوئين صفحن ۾ ٻڌايو اٿم ته ڏاڍي موزون جڳهه تي هئي. اليڪٽرانڪ اسڪور بورڊ به بلڪل سامهون هو ته وڪيٽ به. گرائونڊ به تمام خوبصورتيءَ سان سينگاريل ۽ سنواريل هو. آسٽريليا جي ٽيم جي ڪيڏن سبب اسٽيڊيم جا مختلف اسٽينڊس ادائي وڃين ڪان اڳ ۾ ئي پرجي چڪا هيا ڇو ته آخر آسٽريليا جي ٽيم خود ڪيڏي رهي هئي، اها ٽيم جيڪا چوٿين ورلڊ ڪپ جي فاتح ٽيم هئي، ان ڪري ماڻهن اڳوات ئي پيشنگويون ڪري ڇڏيون هيون ته پنجون ورلڊ ڪپ به آسٽريليا ئي کٽي ويندو. ان خوش فهمي جا هيٺيان سبب هئا:

1- چوٿين ورلڊ ڪپ کٽڻ سبب آسٽريليا جي ٽيم جا حوصلا بلند هيا.

2- خوشقسمتيءَ سان پنجون ورلڊ ڪپ سندن ئي ملڪ ۾ سندن ئي ڪيڏيل ۽ آزمايل گرائونڊس تي ٿي رهيو هو تنهنڪري اهو فائدو به سندن ٽيم کي ته بيو نيوزيلينڊ جي ٽيم کي حاصل هيو.

3- هر گرائونڊ تي تماشائين جو گهڻو تعداد به ظاهر آهي ته آسٽريليا وارن جو ۽ نيوزيلينڊ جي گرائونڊس تي نيوزيلينڊ وارن جو هو. تماشبين جون همدرديون (Crowd Support) به کين ئي حاصل هيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر هن دفعي ڪاميابيءَ جي بجاءِ ناڪاميون ئي ناڪاميون آسٽريليا جا قدم چمي رهيون هيون. آسٽريليا جي ٽيم، ورلڊ ڪپ جي پهرئين مئچ جيڪا 22 فيبروري 1992ع تي آڪلئنڊ جي ايڊن پارڪ گرائونڊ (Eden Park Ground) تي نيوزيلئنڊ خلاف کيڏي هئي، هارائي وئي هئي. ان ڪري نيوزيلئنڊ جا حوصلا بلند ته آسٽريليا جا حوصلا ڪجهه پست ۽ ڍرا هيا. وري فقط ڇهن ڏينهن کانپوءِ 26 فيبروري تي سڊني ڪرڪيٽ گرائونڊ تي سائوٿ آفريڪا جي خلاف به آسٽريليا جي ٽيم هارائي وئي ته ظاهر آهي شروعاتي ٻن شڪستن کانپوءِ آسٽريليا جي ٽيم دٻاءَ جو شڪار ٿي وئي هئي، توڙي جو نه ته انهن همت هاري هئي ۽ نه ئي وري زياده نا اُميد هيا. آسٽريليا جي شروعاتي ٻن شڪستن کانپوءِ آسٽريليا وارن ڪي جوش آيو هو ۽ برسبين جي گابا گرائونڊ ۽ ائڊليڊ جي ائڊليڊ اووَل گرائونڊ تي انڊيا ۽ سري لنڪا جي ٽيمن کي هارائي آسٽريليا 4 پوائنٽس حاصل ڪري چڪو هو، جڏهن ته پاڪستان جون 3 پوائنٽس هيون.

مان منجهند جو 2 وڳين ڪمينٽري باڪس ۾ داخل ٿيس جو ته اڄ ڏينهن ۽ رات واري مئچ (Day and Night Match) هئڻ سبب مئچ آسٽريليا جي وقت مطابق منجهند جو اڍائي وڳين شروع ٿي هئي. منير حسين، افتخار ۽ عمر قريشي اسان جي ٽيم جي ڪيڏارين جي پنهنجي ٻنهي ۽ سندن همت وڌائڻ لاءِ ڊريسنگ روم ۾ ويا.

باڪس ۾ داخل ٿيندي ئي پاسي واري ڪمري ۾ ويس جيڪو آسٽريلين براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن جو ڪمينٽري باڪس هو. اتان ڊيوٽي تي موجود انجنير کي وني آيس ته هو واڪا گرائونڊ کان ڪراچي ڪنٽرول روم تائين لائينون چيڪ ڪري ڏئي. انجنير جو نالو رابرٽ هو ۽ ڏاڍو ڀلو ماڻهو نظر آيو، جنهن ٻڌايو ته فقط ڏهه منٽ اڳ هُنَ سٽلائيٽ سرڪٽ چيڪ ڪيو هو، جيڪو ڪراچي تائين چيڪ ٿيل هو. پر تنهن هوندي به منهنجي تسلي خاطر هو وري به 2-20 وڳين چيڪ ڪرڻ ايندو. مان باڪس ۾ هليو ويس ته اسان جا ٽئي ڪمينٽيٽرز به پهچي ويا. رابرٽ پنهنجي واعدي مطابق ٺيڪ 2-20 منٽن تي اسان جي باڪس ۾ پهچي ويو ۽ فقط هڪڙي منٽ ۾ سٽلائيٽ سرڪٽ چيڪ ڪري ڪنفرم ڪري ڏنائين ته لائينس ٺيڪ هُيون. ٿوري دير ۾ امپائر ميدان تي اچي ويا ۽ ٽيمون به پهچي ويون. جيئن آسٽريليا جي ٽيم پنهنجي ڪئپٽن الن بوربر (Allan Border) جي قيادت ۾ ميدان تي لٿي ته تماشبين طرفان تاڙين جو وسڪاري سان سندن استقبال ٿيو. مئچ شروع ٿي، عمران خان ٽاس کٽيو ۽ پهريون بئٽنگ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اوپنرز جي حيثيت سان عامر سهيل ۽ رميز راجا راند جو آغاز ڪيو. ٻنهي رانديگرن نهايت ئي ذميداري سان راند ڪيڏي ۽ پاڪستان جي پوزيشن کي ڪافي مستحڪم بنايو. عامر سهيل اڌ سينچري حاصل ڪري رنسن تي رنسون ٺاهيندو پئي ويو ۽ جڏهن سندس اسڪور 76 تي پهتو ته موڊي جي بولنگ تي عامر سهيل هڪ اوچي شاٽ کيڏي، بال هوائن ۾ اڏرڻ لڳو ته هيلي وڏي ڦڙتي سان ڪئچ وٺي ڇڏيو. بهرحال جڏهن عامر سهيل آئوٽ ٿي ڊريسنگ روم ۾ وڃڻ لڳو ته ماڻهن ڀرپور تاڙيون وڄائي کيس داد ڏنو. ان کانپوءِ رميز راجا 34 رنس ٺاهي آئوٽ ٿي ويو. سليم ملڪ وَن ڊائون تي کيڏڻ آيو پر زيرو تي آئوٽ ٿي ويو. سليم ملڪ ورلڊ ڪپ جي سيني ميچن ۾ فارم ۾ نه هو. کيس شڪايت هئي ته عمران خان سائس زيادتين تي زيادتيون ڪري رهيو هو. ڪڏهن کيس ون ڊائون تي موڪليائين ته ڪڏهن پنجن جي آئوٽ ٿيڻ تي. جڏهن ته سليم ملڪ هميشه ون ڊائون تي کيڏندو آهي. توڙي جو اڄ ون ڊائون تي کيڏڻ ويو پر آئوٽ آف فارم هئڻ سبب زيرو تي آئوٽ ٿي ويو. ان کانپوءِ جاويد مانداد کيڏڻ آيو ته دستور موجب ڀرپور تاڙيون وڄائي سندس مرحبا ڪئي ويئي. ڪابه اهڙي ميچ نه هئي جنهن ۾ جاويد مانداد کيڏڻ ۾ ڪا ڪوتاهي ڪئي هجي ۽ هن پنهنجي بئٽنگ جا جوهر نه ڏيکاريا هجن. اڄ به عامر سهيل کان پوءِ جاويد مانداد ئي هو جيڪو ڪريز تي ڄمي بيهي رهيو ۽ 46 رنس جي اضافي سان پاڪستان جي پوزيشن کي مضبوط ڪرڻ ۾ هُن وڏو ڪردار ادا ڪيو. 50 اوورز ۾ پاڪستان 9 راندیگرن جي آئوٽ ٿيڻ تي 220 رنس ٺاهيون جيڪو سٺو اسڪور ته نه پر هڪ اُميد افزا اسڪور چئي سگهجي ٿو. پاڪستان جو اسڪور يقيني طور تي 250 کان 260 رنس تائين وڃي سگهيو ٿي پر اسان جا ٽي بئٽسمين سليم ملڪ، اعجاز احمد ۽ وسيم اڪرم زيرو تي آئوٽ ٿي ويا. ان کانپوءِ آسٽريليا وارن کيڏڻ شروع ڪيو پر کين سخت ئي ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پيو جڏهن سندن اوپنر مُوڊي، عاقب جاويد جي بولنگ تي سليم ملڪ هٿان فقط 4 رنس جي اسڪور تي آئوٽ ٿي ويو. آسٽريليا جي ٽيم جي ٻن راندیگرن مارش ۽ ڊين جونس سٺي بئٽنگ جو مظاهرو ڪندي هر هڪ 39 ۽ 47 رنس ٺاهيون پر سندن ٻين راندیگرن ہوٺو ڪونه ٻاريو. 45.2 اوورز ۾ فقط 172 جي اسڪور تي سندن سڀ راندیگر آئوٽ ٿي ويا ۽ پاڪستان 48 رنس تي آسٽريليا کي شڪست ڏني، ورلڊ ڪپ ۾ ٻيهر واپسي جو پڪو پختو اميدوار بڻجي ويو. هر طرف پاڪستاني جهنڊا هوا ۾ ڦڙڪي رهيا هيا. اڄوڪي ميچ پاڪستان جي لاءِ بيحد اهم ميچ هئي. جيڪڏهن پاڪستان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄوڪي مئچ هارائي وڃي ها ته پوءِ ڪابه صورت ڪانه هئي ته پاڪستان سيمي فائنل تائين به پهچي سگهي ها. بهرحال اسان جي ڪمينٽيٽرز ۽ مون ريڊيو پاڪستان تان قوم کي مبارڪون ڏنيون ۽ اميد ظاهر ڪئي ته اڄوڪي سوبَ پاڪستان لاءِ آئينده به فتح ۽ ڪامراني جو پيغام آڻيندي.

اڄ سڀ خوش هئاسين ته ڪجهه منهن ڏيکارڻ جهڙا ٿيا آهيون. هوٽل تي پهتس ته رسيپشن تي لفافي ۾ بند پيغام رکيل هو. لفافو کوليم ته هوٽل جي ليٽر پيڊ جي مٿان وڏن اکرن ۾ لکيل هو: "پاڪستان جي اڄوڪي سوبَ لاءِ دل جي گهراين مان مبارڪون." هيلن. وڌيڪ لکيو هئائين، "مان پنهنجي هڪ پياري سهيليءَ سان ڊنر تي وڃي رهي آهيار، رات جو 12 وڳي موٽي ايندس، پوءِ ڪچهري ڪنداسون."

هوڏانهن مون کي اڳ ۾ ئي طئي ٿيل پروگرام موجب جاويد ميانداد جي هڪ عاشق ۽ دل گهريئي دوست جي دعوت ۾ وڃڻو هو. جاويد ميانداد جي دوست اڳ ۾ ئي طئي ٿيل پروگرام موجب دعوت لاءِ شرط اهو وڌو هو ته جي پاڪسان جي ٽيم اڄوڪي مئچ آسٽريليا کان کٽي وئي ته پوءِ سڄي ڪرڪيٽ ٽيم، ريڊيو پاڪستان جي ٽيم سميت سندس دعوت ڪائيندي. جاويد ميانداد جي اعتماد جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته هن پنهنجي دوست کي يقين سان چئي ڇڏيو هو، "تون دعوت جو بندوبست ڪري ڇڏ، مئچ يقيني طور تي اسان کٽنداسون." قدرت واري به سندس اعتماد جو ڀرم رکيو ۽ مئچ پاڪستان کٽي ورتي.

اڃا مان هيلن جو پيغام پڙهي ئي رهيو هئس ته جاويد جو ٽيليفون آيو، "تون اڃا ڪمري ۾ وينو آهين، اسان سڀ تنهنجو انتظار پيا ڪريون." فوراً تڙ تڪڙ ۾ هيلن لاءِ پيغام لکيم، "مئچ کٽڻ جي خوشيءَ ۾ اسان جي پوري ٽيم جي لاءِ هڪ گرانڊ ڊنر جو بندوبست ٿيل آهي تنهنڪري مان دير سان واپس ايندس ۽ سڀاڻي ملنداسون."

پنجن گاڏين ۾ سوار ٿي جاويد مياناداد جي دوست (افسوس اٿم جو نالو ياد نه پيو اچيم) وٽ وياسون. اسان جي هوٽل کان سندس گهر ڪافي پري هو. ويهه پنجويهه منٽ ڊرائيو ڪري ڪانپوءِ وڃي سندس گهر پهتاسون. دعوت ۾ تمام وڏو اهتمام ٿيل هو. پاڪستاني کاڌا به هيا ته چائنيز ڊشز پڻ، هڪ وڏي ڊائننگ ٽيبل منهنجي خيال ۾ 12 ماڻهن لاءِ هوندي، تي ڊشز رکيل هيون. ميزبان جي دلبريءَ

جو اندازو ان ڳالھ مان لڳايم تہ مانيءَ جا بہ ٽي نمونا هيا، نانَ، ڊگڙيون ۽ اُڙراٽا، ٻيل روٽي ان کان علاوہ هئي. جنهن جي مرضي جيڪو وڻيس سو کائي. گھر وارن کي جڏهن عمران خان چيو تہ، ”اوهان دعوت ۾ تمام گهڻو تڪلف ڪيو آهي.“ تہ گھر ڌڻيءَ ورائيو ”تڪلف جي ڳالهين کي ڇڏيو رڳو اوهان اهو واعدو ڪيو تہ واڪا گرائونڊ (WACA Ground) تي اوهان سري لنڪا خلاف ٻي مئچ بہ کٽندا تہ پوءِ ان خوشيءَ ۾ اسان ٻي دعوت ڪنداسون جنهن ۾ اجا وڌيڪ تڪلف ڪنداسون ۽ وڌيڪ سرها ٿينداسون.“ محسوس پئي ڪيم تہ اڄ هن گھروارا اسان سيني مٿان قربان قربان پئي ويا، جڻ اسان ڪو خيبر جو قلعو فتح ڪيو هو يا ڪشمير حاصل ڪيو هيوسين. ٻارڙا آٽو گراف بوڪ کڻي آيا ۽ اسان سڀئي آٽو گراف ڏيئي ڏيئي ٿڪجي پياسين. ڊنر دؤران هلڪي هلڪي موسيقي بہ هلي ٿي جنهن ۾ مهدي حسن ۽ عابده پروين جي ڳايل نغمن سان محفل وڌيڪ سرور، نغمگي ۽ حسن جي هڳاءَ سان واسجي وئي هئي. ڏاڍو لطف آيو. وڏي ڳالھ تہ گھروارن جو بي انداز خلوص ۽ محبت جو جذبو ڏسڻ وٽان هو. هر هڪ ماڻھو وٽ وڃي اهو پڇڻ تہ، ”اوهان تہ ڪجھ کاڌو ئي ڪونهي ۽ وري منع ڪرڻ جي باوجود زوريءَ ڪجھ نہ ڪجھ پليٽ ۾ رکي ڏيڻ تہ اجا ڪجھ کائو“، ڏاڍو متاثر ڪندڙ هيو. بہ ادائي ڪلاڪ دعوت جي محفل ۾ ڏوَ تي ماني کائي ۽ سندن اَڻ ميو خلوص وٺي واپس موٽياسين. جڏهن هوٽل جي ڪمري ۾ اندر گھڙيس تہ دروازي وٽ هڪ ڪاغذ پيل هو جنهن تي لکيل هو:

”منهنجي آرام جو خيال اصل نہ ڪجان، جھڙي وقت بہ اچين تہ منهنجي ڪمري تي اچجان، ٿوري دير ڪچهري ڪنداسون.“ هيلن.

وقت ڏنم رات جا بہ ٽيا هيا. ٿوري دير لاءِ دل ۽ دماغ جي وچ ۾ تڪرار شروع ٿي ويو. دل چيو تہ وڃان ۽ دماغ منع ڪئي تہ ”ڇو سو ويچاريءَ جي ننڊ ڦٽائين ۽ پنهنجي بہ ننڊ برباد ڪرين، ڪالھ بہ سڄي رات جاڳيا آهيون وغيرہ وغيرہ،“ بہ منٽ سوچيم، جڏهن ڪو بہ فيصلو نہ ڪري سگهيس تہ نيٺ هڪڙو ننڍڙو فيصلو دل ئي دل ۾ ڪري ڇڏيم. ”في الحال بستري تي ليٽان ٿو، ننڊ نہ آئي تہ پوءِ وڃي ٿو هيلن کي جاڳايان ۽ چوانس ٿو تہ، پياري جي منهنجي ننڊ ڦٽائي اٿئي تہ توکي بہ ننڊ ڪرڻ نہ ڏيندس، اُٿي تہ ڪچهري ٿا ڪريون.“ اهو خيال ڪري باٿ روم ۾ هليو ويس، باٿ روم جو دروازو مس بند ڪيم تہ ڪمري جي گھنٽي وڳي. سوچيم تہ Telepathy پيغام پهچائي ڇڏيو. پڪ هيلن هوندي. دروازو

ڪوليم ته هيلن مرڪڻ بدران سخت ڪاوڙ ۾ هئي ۽ ڪاوڙ واري لهجي ۾ ئي چيائين، "منهنجي چٺي ملي هيئي؟"، ها چيم ته سخت غصي مان چيائين، "ته پوءِ منهنجي ڪمري تي اچي بيل ڇو نه ڏنئي؟" معافي ورتم ته معافي نه ملي. ڪيس اندر وٺي آيس ۽ پنهنجي دل ۽ دماغ واري لڙائي جو سچو قصو ڪيس ٻڌايم ۽ اهو به ٻڌايو مانس ته آخر ۾ دل ۾ ڪهڙو فيصلو ڪري بلڪل هينئر سمهڻ وارو هوس ته نهه ٻيهه ڪاوڙ مان ورائيائين، "اهو ئي ته مشرقي ۽ مغربي ماڻهن ۾ فرق آهي مسٽر! هاڻي ٻڌاءِ ته ڪنهن جي محبت ۾ شڪتي وڌيڪ آهي." مون کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي. سوچيم ته اڄ صبح جو منهنجي چيل جملي جو سندس طرفان جوابي حملو هو. مان خاموش رهيس ۽ سندس سهڻي صورت ڏي گهوري گهوري نهارڻ لڳس ته زور مان چپاٽ وهائي ڪڍيائين ۽ ٻيهر پڇيائين "ٻڌائين ڇو نٿو ته تنهنجي مون سان وڌيڪ محبت آهي يا منهنجي تو سان؟" چپاٽ اهڙي ته زوردار لڳي جو ننڊ ۽ محبت جي غنودگي مان جڻ اوچتو جاڳي پيس ته هيلن جي ڳلن تي ڳوڙهن جي قطارن جا قافلا روان دوان ڏٺم. ڪيس چيم، "سارِي، ويري ويري ساري." پر هيلن روئي روئي مون کي به روئاري ڇڏيو. ڪيس چيم، "مون کي ٻڌاءِ ته سهي ته منهنجو قصور آخر ڪهڙو آهي جو تون ايتري ناراض آهين. جيڪڏهن تون رات جو پاڻ سهيلي سان گڏ هلي نه وڃين ها ته مان شايد دعوت تي نه وڃان ها ۽ پاڻ گڏجي رهائيون ڪيون ها!" هيلن خاموش صفا خاموش! ڪيس ڏونڌاڙيندي ۽ پنهنجي هٿ جي آلارَ ڪندي چيم، "تو کي به پلا هڪ زوردار چپاٽ تو هڻان ته مون وانگر ڪجهه هوش اچيئي." هيلن کلي ڏنو. سندس گلابي چپ چُريا. ڪجهه چيائين ۽ ڪجهه چَوندي چَوندي اوچتو ئي اوچتو پيار جو اهڙو مجسمو بڻجي وئي جنهن جي جادوگري ۾ پنهنجي روح سميت جسم جو انگ انگ جڪڙيل محسوس ڪيم. ڦٽڪڻ سان ويتر ڦاسندو ويس. آجي ٿيڻ جي نه ته ڪا صورت هئي ۽ نه مرضي، سانت، سرور ۽ سُڪون جي ساگر مان برهه جون بوندون بادل بڻجي برسي پيون هيون. ائين محسوس ٿيو ڄڻ سڄي وجود ۾ تراوت ۽ تازگي جي لهر ڊوڙي وئي آهي، بلڪل اهڙي طرح جيئن تِتهن اُس ۾ تتل رڻ پٽ، اگوندري آب جي، تيز وسڪاري ڪانپوءِ ٺڏڪار ۽ هر طرف ڪٿوري خوشبوءِ سان واسجي ويندو آهي. ان سمي لطيف جون هي سٽون ياد پيون:

اگڻ تـازي، ٻـهـر ڪُنڊيون، پَڪا پَٽ سُنـهَن،
سُرهِي سيجَ، پاسي پرين، مَرُ پيا مِينهَن وسـن.
اسـان ۽ پريـن، شـال هـونِ برابر ڏينهڙا.

هاڻي جڏهن هي سٽون لکي رهيو آهيان ته پنهنجي غزل جا ٻه بند ٻه ان موقعي تي ياد پيا اچن توڙي جو لطيف جي مٽين ٽن سٽن تي دنيا دنگ آهي. ڪنهن کي ڪهڙي مجال جو لطيف جي ٻوليءَ جي ميناج، فڪر جي بلندي، لفظن جي جڙاء ۽ فني نفاست جي دڙَ کي به پهچي سگهي. ڀلي ڪير ڪيڏي به ٻٽاڪ هڻي يا دعويٰ ڪري پر جنهن به لطيف کي پڙهيو آهي ان کي ڏيهي ته چا، پرڏيهي شاعر به دل تي نٿو چڙهي. انتهائي انڪساريءَ مان پنهنجي غزل جا بند لکان ٿو جن جو تعلق اهڙي ماحول سان آهي جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو اٿم:

هنجي هڪڙي نظرئي هٽيڪو ڪيو، پوءِ ڦٽڪيس مگر ڦاسندو ئي ويس،
هئي ڪا جادوگري ورنه نظرن اڳيان، ڪيئي گذريا حسين سندا قافلا.

هنجي وارن جي وڪڙن وڪوڙي ڇڏيو، هنجي پَلڪن جي پاڇن ۾ پنجي رهيس،
هنجي نيڻن ۾ نرمل نظارا ڏٺم، هنجي مُکڙي ۾ ڳولي لڌم مشغلا.

اڄ 12 مارچ هئي، رات جو دوستن طرفان وري سڄي ٽيم کي ڊنر جي دعوت ڏنل هئي. هينئر منجهند جو هڪ ٿيو هو. صبح جي چانهه کان وٺي ناشتي تائين ڪجهه به نه واپرايو هيوسين. هيلن جيئن ته مون وٽ ترسيل هئي ته بيحد افسوس ۽ ندامت محسوس ڪرڻ لڳس ته واهه جو مهمانوازيءَ جو ثبوت ڏنو اٿم. جڏهن هيلن منهنجي دعوت ڪئي هئي ته ڪيترائي طعام پاڻ پچائي مون کي کارايا هيائين ۽ مون اڄ هن کي صبح جي چانهن، جيڪا انگريزن کان وٺي سڄي دنيا جو ڪلچر بنجي ويو آهي، به ڪيس آفر نه ڪئي هئي. ڪيس چيم، ”هيلن مون کي شرمندگي پئي محسوس ٿئي ته تو کي چانهه به نه پياري اٿم.“ اڳتي به ڪجهه چوڻ چاهيم ٿي ته وچ ۾ ڳالهه ڪٽيندي چيائين، ”چاهَ جي چريائپ ۾ تو کي چانهه ڪيئن ياد پئي.“؟ وري ڪجهه چوڻ چاهيم ته، ٺهڪ ڏيندي. چيائين، ”يلا ياد ڏياري اٿيئي ته هاڻي پنجن منٽن ۾ چانهه ملڻ گهرجي، فقط پنجن منٽن ۾.“ فوراً بستري تان اُٿيس ته چانهه ٺاهي وٺان. (مٿي ٻڌائي آيو آهيان ته آسٽريليا جي وڏن هوٽلن ۾ چانهه ڪافي، چاڪليٽ ۽ ڪٽلي (Electric Kettle) وغيره جي سهولت هر وقت موجود هوندي آهي. جنهن وقت مرضي پوي چانهه يا ڪافي ٺاهي واپرائي سگهجي ٿي).

چانهه ويٺي پيتيسون ته بي بي سي ورلڊ سروس کان هيلن لاءِ ٽيليفون آيو جيڪو هوٽل جي آپريٽر منهنجي ڪمري ۾ ڪيس ملائي ڏنو. ڪيس چيو ويو ته


Scanned with CamScanner

جيڪڏهن هيلن لاءِ ممڪن هجي ته آسٽريليا جي ڪئپٽن ۽ سائوٿ آفريڪا جي ٽيم جي ڪئپٽن ۽ مئنيجر جا انٽرويو هو اچ ئي رڪارڊ ڪري ڪين موڪلي ڏئي. هيلن کين ٻڌايو ته هوءَ فوراً ساڻن ٽيليفون تي ڳالهائي ٿي ۽ جيئن ئي انٽرويو رڪارڊ ٿيا ته هڪدم کين سٽلائيٽ سرڪٽ ذريعي رڪارڊ ڪرائيندي.

بس هوڏانهن هيلن کي ٽيليفون تي پيغام ملڻ جي دير هئي ته فٽا فٽ چانهه جو ڪوپ پي مون کان اجازت وٺڻ لڳي ته پنهنجي ڪمري مان ٽيليفون تي رابطو قائم ڪندي ۽ ڪجهه تياري به ونندي. مون کيس روڪي ڇڏيو ته جيڪي به کيس ٽيليفون ڪرڻا هيا ته منهنجي ڪمري مان ڪري جو منجهند جي ماني گڏجي کائينداسون. مون روم سروس جي ويٽر کي ماني جو آرڊر ڏيئي ڇڏيو ۽ اڌ ڪلاڪ جي اندر ماني اچي وئي. ان وچ ۾ هيلن ٻنهي ٽيمن جي مئنيجرن سان ٽيليفون تي ڳالهائي ڇڏيو جيڪي اسان جي هوٽل کان ٿورڙي ئي پنڌ تي ساڳي روڊ يعني Ade-laide Terrace تي حيئَٽ ريجنسي (Hayatt Regency) ۾ ترسيل هيا. شام جو پنجين جو ٽائيم هيلن کي مليو هو ۽ جڏهن اسان لنچ پوري ڪئي ته اڍائي وڄي چُڪا هيا. هيلن کي سندس ڪمري تائين ڇڏي موٽي آيس. رات جو ڊنر تي وڃڻ جي اجازت به ڪائنس ورتم جيڪا هن خوشيءَ سان نه ڏني. چيائين، ”تو کي ڊنر تي وڃڻ کان روڪي نه ٿي سگهان.“ کيس چيم، ”اها اجازت ته نه ٿي. يا خوشيءَ سان اجازت ڏي يا سڌو سنئون حڪم ڏي ته نه وڃان.“ معصوم ۽ نماڻين نظرن سان نظرون ملائيندي چيائين، ”چڱو اجازت اٿئي.“ کيس Thank you چئي ڪمري ۾ آيس ته وري ڪمري تائين عجيب ادائن سان آتر پاءُ ڪندي رهي.

جڏهن پنهنجي ڪمري ۾ آيس ته هر طرف هيلن مون سان گڏ هئي. بستري تي، باٿ روم ۾، صوفا سيٽ تي، هر جاءِ ۽ هر جڳهه تي. اکيون کوليان ته اکين اڳيان، جي ٻوٽيان ته اندر جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾. جسم جي وسعتن ۾ ۽ روح جي روانين ۾ رڳو هيلن جي حڪمراني هئي. پنهنجي خوش قسمتيءَ تي پروردگار جا شڪرانا بجا آندم. منهنجا مهربان پڙهندڙ - هي سٽون پڙهندي شايد منهنجي چرياٽپ تي کِلن ته اها به ڪا ڳالهه ٿي ته هڪ ڇوڪريءَ جي سباٽ ملڻ تي شڪراني جا نفل ادا ڪجن. منهنجو عقيدو ۽ نظريو بلڪل مختلف آهي. ڪيترا ماڻهو ويچارا پنهنجي ملڪ ۾ توڙي ٻاهرين ملڪن ۾ مِهرَ جي نظر لاءِ پيا واجهائيندا آهن مگر محروم رهندا آهن، پر منهنجو مالڪ ۽ خالق مون تي ايڏو ۽ ايترو ته مهربان رهيو آهي جو پيار ۽ محبت جا اڻ کُٽ خزانا هميشه منهنجي حصي ۾ آيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1992ع کان اڳ وارين عنايتن جو ذڪر هتي نٿو ڪريان ڇو ته اهو خود هڪ وڏو داستان ٿي ويندو، رڳو پنجين ورلڊ ڪپ جي قصي کي ئي ڏسو. ورلڊ ڪپ جهڙي اهم ترين تقريب لاءِ ريڊيو پاڪستان جي ويهن اسٽيشنن جي ڪيترن ئي براڊ ڪاسٽرز مان، اردو ۽ انگريزي ڪمينٽري جي انتظامن لاءِ هڪ سنڌي ڳالهائيندڙ جي چُونڊَ، منهنجي لاءِ تمام وڏي فخر ۽ اعزاز جو باعث هئي، جنهن کي پڻ رب جي مهرباني سمجهان ٿو. وري پنهنجي پوري ٽوئر ۾ دوستن جي قربن جو ڪاٿو ڪري ئي نه سگهندس.

برسبين ۾ ويرونيڪا جي دوستي، مون لاءِ سندس بي انداز پيار جنهن ۾ پاڪيزگي به شامل هجي، وري سندس مڙس جوزف جو شاناڻتو رويو، ٻنهي طرفان منهنجون دعوتون ۽ عزتون، اهي اهڙيون ڳالهيون آهن جن کي انسان (انسان هئڻ شرط آهي) ڪڏهن به وساري نٿو سگهي. وري هتي پرٿ ۾ ته پيار جا بادل مون مٿان اوهيڙا ڪري آيا، تن من بدن واسجي ويو، جن وارياسي تي وسڪارو ٿيو، ڄڻ رحمت جو مينهن پيو. ديس ۾ ديسي به مهربان ته پرديس ۾ پرديسي به پريم جي پالوٽ ڪري ڇڏين. واهه منهنجا مولا واهه! شڪرانا بجا آڻيندي ننڊ اچي وئي. تمام گهري ننڊ ۾ هوس ته افتي (افتخار احمد) جو ٽيليفون آيو. مون هيلو ڪئي ته فوراً منهنجي گهگهي آواز مان سمجهي ويو ته ننڊ ۾ هوس. چيائين، "تون شايد اڃا ستو پيو آهين، دعوت ۾ هلڻو آهي، فوراً تيار ٿي وڃ". واچ ۾ ڏٺم شام جا ساڍا ست ٿيا هيا. جلدي اُٿي شاور ورتم ۽ ڪافي جو ڪوپ پيتم ته وري صفا فريش ٿي ويس. تيار ٿي افتي جي ڪمري ۾ پهتس جتي منير حسين، جاويد مياندادِ، سليم ملڪ ۽ ٻيا به ڪيترائي دوست ويٺا هيا. ساڍي اٺين وڳي هوٽل مان روانا ٿياسين. هر دعوت جو تفصيل ڪهڙو ٻڌائجي. ايترو چوڻ ڪافي آهي ته اڄوڪي ڊنر ڪالهه واري دعوت کان به ڪجهه سرس هئي. اُن جو شايد سبب اهو هو جو اڄ رات وارو ميزبان مسٽر انور رئوف ڪالهه، اسان وانگر مهمان جي حيثيت ۾ اسان سان گڏ هو. جيڪڏهن ڪالهه واري دعوت ۾ ڏهه ڊشز هيون ته اڄ رئوف صاحب تيرنهن ڊشز ٽيبل تي رکيون. اسان سيني جو آڌر ڀاءُ اهڙي ئي ڪيو ويو جيئن حج جي سعادت کان واپس موٽيا هجون. بهرحال وري اڄ به رات جي ڏيڍ وڳي واپس ٿياسون.

بستري تي ڪريس ته ڄڻ ننڊ بستري جي ڪنهن ڪنڊ پاسي کان لڪي منهنجو سختيءَ سان انتظار ويٺي ڪيو. اگهور ننڊ ۾ ستل هوس ته ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. منير حسين هو. چيائين، "بلوچ صاحب اڄ مٿان ڪنهن سان پروگرام

رکيو اٿئي، اڄ گڏجي پرٽ جو تفصيلي چڪر لڳائينداسين." کيس ها ڪيم ۽ ڪٽي جو واچ ۾ ٽائيم ڏسان تہ صبح جا ٿو وڳي چڪا هيا. هيلن کي ٽيليفون ڪيم تہ اُها بہ گهري ننڊ ۾ ستل هئي. ننڊاکڙي لهجي ۾ پڇيائين، "تون ڪهڙي وقت ڪمري ۾ آيو هئين ۽ ڪهڙي وقت اٿيو آهين"؟ جڏهن کيس سڀ ڪجھ ٻڌايم جيڪو مٿي لکي چُڪو آهيان تہ پنهنجي لاءِ ٻڌايائين، "توکي جيئن تہ ڊنر تي وڃڻو هيو تہ مون سهيليءَ کي ٽيليفون ڪري گهرائي ورتو هو ۽ ان سان گڏ سندس گهر وئي هيس ۽ رات جو 2 وڳين مان هوٽل تي آيس." کيس چيم، "مون کي بہ ڪنهن بہ گهريءَ ننڊ مان جاڳايو." تہ فوراً ڪاوڙ مان چيائين "ٻي وري ڪير آهي تو کي جاڳائڻ واري؟" "وقت بيوقت جاڳائڻ واري تہ فقط تون آهين پر مون کي ٽائيم تي جاڳائڻ وارا ٻيا بہ آهن." وراڻيم.

چيائين، "منهنجي ڪمري ۾ اڄ تہ گڏجي چانھ پيئون ۽ چانھ ٺاهيندين بہ تون."

سندس دروازي تي ٻَزر ڏنم. دروازو کليو. حيران ڪندڙ حُسن جي مورتي کي شفاف سليپنگ گائون ۾ ملبوس پنهنجي سامهون ڏٺم. "الامان وَ الحفيظ" واتان نڪري ويو. هيلن دروازو کولي وري بستري تي ليٽي پئي. ساڻس ڪچهري ۽ روح رهاڻ شروع ٿي وئي. مان کيس گهوري گهوري ڏسندو رهيس. اهو تہ صفا وسري ويو هو تہ اسان کي چانھ بہ پيئڻي هئي. خُمار ۽ مدهوشيءَ جي ڪيفيت ۾ هٿاسين تہ ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. هيلن چيو، "تون ٽيليفون اٽينڊ ڪر." مون هيلو ڪئي تہ ٽيليفون تي هڪ دوست هو. پڇيائين، "تون پنهنجي ڪمري ۾ نہ آهين ڇا؟"، "وراڻيم هڪ دوست جي ڪمري مان پيو ڳالهايان." ڪي لمحا ايڏا تہ ذاتي ۽ پنهنجي جان کان بہ وڌيڪ پيارا هوندا آهن جو ماڻهو چاهيندو آهي تہ اُهي چند گهڙيون اِنگهي ڊگهيون ٿي وڃن تہ اُنهن لمحن جي بي مثال سرور، بي پناھ لطف ۽ لذت جي ڪيفيت جي وچ ۾ ڪوبہ داخل نہ ٿئي، پر دوست جي ٽيليفون، محبت ۽ محويت جي خمار جا نشا ئي ٽوڙي ڇڏيا. هڪ اردو شعر ياد پيو؛

دی مؤذن نے اذان، وصل کی شب پچھلے پہر
ہائے کم بخت کو کس وقت خدا یاد آیا.

مون کيس چيو، "اوهان کي ٿوري ئي دير ۾ ٽيليفون ٿو ڪريان." ائين چئي ٽيليفون رکي ڇڏيم تہ هيلن چيو، "پاڻ ٻنهي شايد اها عظيم غلطي ڪئي هئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو آپريٽر کي هدايتون ڏنيوسين ته اسان مان ڪو به پنهنجي ڪمري ۾ نه هجي ته بہ ڪمري ۾ ٽيليفون ملائي ڏين."

ڳالهه ته هيلن منهنجي مطلب واري ڪئي پر پوءِ به ڪيس ياد ڏياريم ته جي ائين نه ڪجي ها ته ڪالهه بي بي سي وارا ساڻس ڪيئن رابطو ڪن ها ته فورا چيائين، "تون سؤ فيصد صحيح آهين پر الائي ڇو هن ڪيفيت ۾ ماڻهو نوس حقيقتون به وساريو ڇڏي."

هاڻي مون کي وجهه مليو ته منهنجي لاءِ سنڌس ئي چيل جملو ڪيس ياد ڏياريان. چيو مانس، "منهنجي ڪيفيت به تو کان مختلف نه آهي، پر جوش ۽ محبت ۾ هوش نه وڃائبو آهي مِس هيلن!" ته فورا ٺهڪ ڏيندي چيائين، "پنهنجي ناداني ءَ تي مون کي تو مان انهيءَ ئي جملي جي توقع هئي. پر تون صحيح هئين، پيار جي زيادتيءَ ۾ هوش حواس ساٿ ڇڏي وڃن ٿا، ان حقيقت کي هاڻي مٿو ئي پوندو."

ڪانئس اجازت ورتم ته دوست کي ٽيليفون ڪريان جو اڄ منهنجو ساڻس پڪو پروگرام هو ڪيڏانهن وڃڻ جو ته پاڻ ڇڻ ته ڇرڪ ڀري جاڳي پئي ۽ چيائين ته ڪيس به اڄ به ٽي انٽرويو رڪارڊ ڪرڻا هيا. پوءِ مرڪندي ۽ وڏا وڏا ٺهڪ ڏيندي چيائين، "تون هاڻي ويهه ته مان ٽي چانهه ناهيان، چانهه پيئون ته پوءِ تون روانو ٿي پنهنجي ڪمري ۾، نه ته انٽرويو رهجي ويندا ته خرابي ٿيندي." مان ساڻس ڪچن ۾ گڏ وڃڻ لڳس ته مونکي هٿ کان وٺي صوفا سيٽ تي ويهاريائين ۽ چيائين "تو جهڙو..... مون سان ڪچن ۾ گڏ هليو ته چانهه به نهي!" پنجن منٽن ۾ چانهه ٺاهي ڪٽي آئي. صبح جا يارنهن ٽيا هيا ۽ اسان هن وقت Bed Tea نوش ڪري رهيا هياسون.

چانهه پيئندي هيلن چيو، "عنايت! هڪڙو اهڙو ڏينهن هجي جڏهن پاڻ ۾ ويهي رڳو ڳالهيون ڪريون ۽ صحيح خبر ته پوي ته تون ڪير آهين، مان ڪير آهيان، ڇا زندگي گڏ گذارڻ جو به ڪو امڪان ٿي سگهي ٿو، ڇا خيال آهي عنايت؟" هاڻي ڳيتون ڏيڻ لڳس، ڪوشش ڪرڻ جي باوجود زبان مان اکر نه اُڪليو. ڪيس ڪيئن ٻڌايان ته مان پرڻيل آهيان.، منهنجي گهرواري آهي، ٻار به آهن. رڳو ڪيس ايترو چيم، "هڪڙو ڏينهن اهڙو ضرور ڪنداسون جڏهن دل جا حال احوال اورينداسون ۽ تفصيلي گفتگو ڪنداسون." ائين چئي مون ڪمري ۾ وڃڻ جي اجازت گهري. اجازت ملڻ ۾ به پندرنهن منٽ لڳا ۽ دستور موجب منهنجي ڪمري تي پهچڻ تائين، پنهنجي ڪمري جي دروازي وٽ بيهي هيلو هاءِ ڪندي رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان اچي بستري تي ڪريس. اکين مان زوريءَ ڳوڙها آبشار وانگر ڪرڻ لڳا. ٿوريءَ دير ۾ وهاڻو آلو ٿي ويو. سوچيم انسان ڪيڏو نہ مجبور آهي. انسان جيترو ارڏو، هٺيلو ۽ طاقتور آهي اوترو ئي ڪمزور، بيحال ۽ بيوس بہ آهي. هيلن جو مون سان بي انداز پيار ٿي ويو هو ۽ ساڳي حالت منهنجي بہ هئي. جيڪڏهن چاهيان ها تہ منهنجي فقط هڪ اشاري جي دير هئي ۽ هيلن آسٽريليا مان ئي پاڪستان جو ويزا وٺي مون سان گڏ هلي اچي ها. پر ائين نٿي ڪري سگهيس. 18 سال اڳ لنڊن ۾ شِيلا ڪي بہ تہ روئندو رڙندو اُتي ڇڏي آيو هوس، نہ ان وقت شيلا ڪي پنهنجو ڪرڻ جي جرئت ڪري سگهيو هوس ۽ نہ وري هاڻي هيلن ڪي ڇيڇ ڪان وٺي پاڻ سان گڏ آڻي ٿي سگهيس. رُوسيو جو قول ياد پيو! ”انسان ڄمڻ وقت تہ آزاد ڄائو هو پر هر جڳهہ تي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي.“

سوچن ۾ ڪافي وقت گذري ويو. ياد پيو تہ اڄ منير حسين سان پروگرام هو گهمڻ ڦرڻ جو. ڪيس ٽيليفون ڪيم تہ چيائين تہ ڪيس منهنجي ٽيليفون جو ئي انتظار هو. مون سندس دل خوش ڪرڻ لاءِ چيو، ”مان نيڪ هڪ وڳي اوهان وٽ پهچان پيو، پوءِ سڌو هلون ٿا مئڪڊونلڊ ۾، اُتي لنچ ڪري پوءِ گهمندا ڦرنداسون.“ مئڪڊونلڊ جو نالو ٻڌي منير حسين خوشيءَ ۾ ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳو. پورين صفحن ۾ ٻڌايو اٿم تہ مئڪڊونلڊ منير حسين جي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري آهي. نيڪ هڪ وڳي وڃي سندس دروازو کڙڪايم. هو ڇاهيون ڪنيو ڪمري مان نڪتو آيو ۽ چيائين تہ ڪيس سخت بک لڳي هئي تنهنڪري ڪمري ۾ ويهڻ جي گنجائش ڪانہ هئي. سڌو پرٿ جي وچ بازار ۾ آياسون جتي مئڪڊونلڊ موجود آهي، ڍؤ ڪري ماني کاڌيسون.

جڏهن ماني کائي بس ڪئي سون تہ منير حسين چيو، ”منهنجي منجهند جي ماني کائڻ ۽ مون تي ٻنڌ جو سوار ٿيڻ، هاڻي مان تہ هلندس هوٽل تي ۽ آرام ڪندس.“ ڪيس چيم، ”اڄ اسان جو اڳواٽ طئي ٿيل پروگرام هيو پرٿ گهمڻ جو ۽ اوهان گوهي پيا هٽو.“ تہ منير صاحب ٿورو ڪاوڙ مان چيو، ”جناب اُهو گهمڻ ڦرڻ وارو وقت تہ اوهان گنوائي ڇڏيو، ٻن ٽن ڏينهن کان محسوس پيو ڪريان تہ اوهان الائي ڪهڙن چڪرن ۾ آهيو. جي اڄ صبح جو ڏهين وڳي تاران هوٽل ڇڏجي ها تہ هن وقت تائين سڄي پرٿ جو چڪر لڳائي، ماني کائي هلي آرام ڪجي ها. منير صاحب کي منٿون ڪيم پر نہ مڙيو. نيٺ ٻئي گڏجي هوٽل تي آياسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ 14 مارچ هئي، منجهند جو هڪ وڳي ننڊ مان جاڳ ٿي. اڄ سڄي ڏينهن جو پروگرام هيلن سان هو. مون کيس چئي ڇڏيو هو تہ جڏهن هوءَ ننڊ مان جاڳي تہ مون کي پاڻ ٽيليفون ڪري چو تہ مون کيس جاڳائڻ نٿي چاهيو. مون چانهہ ناهي پيتي، ٺيڪ 2 وڳي هيلن جو ٽيليفون آيو. ٻڌايائين تہ هوءَ ننڊ مان هينئر هينئر اُٿي هُئي، مون کان منهنجي جاڳڻ جو ٽائيم پڇيائين، جڏهن ٻڌايو مانس تہ هڪ وڳي اٿيو هوس تہ ناراض ٿي وئي ۽ چيائين تہ مون کيس ڇو نہ جاڳايو هو.

پندرهن منٽن کان پوءِ هيلن منهنجي ڪمري ۾ آئي... ٿوري دير کان پوءِ ماني کائي، چانهہ پيتيسون. ٺيڪ ٽِئين وڳي هوٽل ڇڏيوسين ۽ سڌا ڪنگس پارڪ (Kings Park) گهمڻ وياسين.

## پرٿ جو شاهي پارڪ Kings Park, Perth

پرٿ شهر جي سڄي سُونهن سوان ندي سان وابستہ آهي جيڪا وچ شهر ۾ آهي، ان ڪري سياحن کي ڪشش ڪرڻ لاءِ ان جي ڪنارن کي بہ خوبصورت ناهيو ويو آهي. سوان ندي جي ڪنارن سان ڇپرانا آهن، ننڍڙا ننڍڙا پارڪ آهن، ريسٽورنٽ آهن، ٻارڙن لاءِ وِندُر وِرونهن جا پارڪ (Amusement Park) بہ آهن. پَر نديءَ جي سُونهن سوپيا کي وڌيڪ پر ڪشش شاهي پارڪ (Kings Park) ٺاهيو آهي، جيڪو سوان نديءَ جي ڪناري کان ٿورو ئي پريرو هڪ اوچي ٽڪري تي آهي. هي هڪ نيچرل پارڪ آهي جنهن ۾ وڻ، ٻوٽا ۽ پاڻهي پيدا ٿيل ٻُوڙا ۽ وليون فطري نموني سان پارڪ جي زينت بڻيل آهن. البت پارڪ جي ڪيترن حصن کي بعد ۾ ناهيو ۽ سينگاريو بہ ويو آهي. قسمين قسمين گل ٻوٽا لڳايا ويا آهن، جيڪي خوبصورتيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. هيلن اُنهن گلن ٻوٽن ۾ زياده دلچسپي نٿي ورتي جيڪي ماڻهن لڳايا آهن، پر گهڙي گهڙي منهنجو توجه اوڏانهن پئي ڇڪرائي جتي قدرتي طور پيدا ٿيل وَليون ۽ ٻوٽا فطرت جي حُسن جو شاهڪار بڻجي هن پارڪ جي اصلي حسن کي برقرار رکيون بيٺا آهن.

پارڪ ۾ گهمندي گهمندي بہ يادگار (Monuments) ڏٺم جيڪي تمام عاليشان نموني سان هڪ اتاهين جڳهہ تي ٺهيل هُيا. هيلن بہ اُنهن يادگارن ۾ دلچسپي ورتي ۽ مون پنهنجي ڊائري ۾ اُهي تحريرون نوٽ ڪري ورتيون جيڪي يادگارن تي لکيل هيون:

هڪ يادگار تي هن طرح لکيل هو:

*"Lest We Forget*
*Erected by grateful citizens*
*in remembrance of*
*Men of this State*
*who on the call of duty*
*gave their lives for*
*Freedom & Humanity*
*IN*
*The great war*
*1914-1918*
*And in Remembrance of*
*the men and women of this State*
*who gave thier lives*
*in Subsequent Conflicts."*

اسان متان وساريون!

هي يادگار احسانمند شهرين طرفان ملڪ جي انهن انسانن جي ياد ۾ تعمير ڪيو ويو، جن وقت پوڻ تي 1914-1918 جي عالمي جنگ ۾، آزادي ۽ انسانيت لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪري ڇڏيون.

اُنهن انسانن جي ياد ۾ پڻ، جن بعد ۾ برپا ٿيندڙ خوني واقعن ۾ پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪيو.

ٻي يادگار تي هن طرح لکيل هيو:

*In memory of those*
*Who gave their lives:*
*Korea - 1950 - 1953*
*Malaya - 1948 - 1960*
*Borneo - 1962 - 1966*
*Vietnam - 1962 - 1972*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

*Lest we forget*
*Let the Silent contemplation*
*be your offering.*

(هي يادگار) انهنجي ياد ۾ تعمير ڪيو ويو، جن پنهنجيون جانيون قربان
ڪيون:

| | |
|---|---|
| ڪوريا ۾. | 1953 - 1950 |
| ملايا ۾. | 1960 - 1948 |
| بورنيو ۾. | 1966 - 1962 |
| ويتنام ۾. | 1972 - 1962 |

اسان متان وساريون!
”هِتي فقط خاموش يادگيرين جو نذرانو پيش ڪيو.“
دل ۾ چيم تہ زنده قومون ڪيئن نہ پنهنجن جوڌن جوانن ۽ عظيم ڪردارن جي ياد کي زندھ رکڻ لاءِ مثالي يادگار تعمير ڪن ٿيون. هيلن يادگارن کان وڌيڪ پارڪ جي قدرتي حسن سونهن ۽ ساوڪ ۾ وڌيڪ دلچسپي ٿي ورتي. هاڻي اسان ان تاڙ ۾ هئاسين تہ ڪٿي ڪا مانائتي جڳھ ملي تہ اُتي ويهي ڪا ڪچهري ڪريون. جهنگلي بوٽن ۽ گهاٽين ولين جي جُهڳٽي جي وچ ۾ رکيل بئنچ کي ان وقت وچي والاريوسين جتي اڳ ۾ ئي ڪافي دير کان ويٺل هڪ جوڙو اسان جي سامهون اٿيو. ويهڻ شرط هيلن چيو، ”عنايت ياد اٿئي نہ مون تو کي چيو هو تہ ڪنهن ڏينهن ويهي هڪ ٻئي سان رڳو ڳالهيون ڪنداسين، اندر اوريندا سين ۽ هڪ ٻئي کي چڱي طرح سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪنداسين. تہ اڄ اُهو ڏينهن اچي ويو آهي ڳالهين ڪرڻ جو.“

مون شرارت مان ڪيس چيو، ”اهڙي حسين پارڪ جي هن گوشائتي ڪنڊ ۾ جتي اسين ويٺا آهيون، جيڪڏهن تو کي رڳو ڳالهين مان مزو اچي تو تہ پوءِ شروع ڪر ”الف ليليٰ جو قصو.“ هيلن کلي ڏنو ۽ پنهنجو هٿ چپاٽ هڻڻ لاءِ اُلاريائين، پر پوءِ پيار جو پيڪر بنجندي چيائين، ”توکي هٿان ها زور واري چپاٽ پر اڳ ئي ٻہ ڳِڻو ڳاڙهو ٿي ويو هيئي سو هاڻي رحم تو اچي تو تي.“
هاڻي مون پاڻ هيلن کي دعوت ڏني تہ اُهو سيڪجهہ ٻڌائي ڇڏي جيڪو سندس اندر ۾ هو. هيلن پنهنجو سِرُ منهنجي ڪلهي تي رکي ڇڏيو ۽ گوشائتي انداز ۾ چوڻ لڳي، ”.....“ الائي ڇاڇا چيائين، مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. تہ

وري مون کان پڇيائين، "ڇا خيال آهي عنايت!" اهو جملو ڪجهه ٻڌي ورتم ۽ ڪيس چيم، "اڳ تو جيڪو ڪجهه به چيو ته مون نه ٻُڌو ۽ نه وري مون کي سمجهه ۾ آيو." ته هڪدم ناراض ٿي وئي. مون کيس چيو، "جيستائين تنهنجو مکڙو منهنجي ڪلهي تي رکيل هوندو ته ان سان وِندُر ڪندس يا تنهنجي ڳالهه ٻڌندس."؟ ته پاڻ فوراً اُٿي ويهي رهي ۽ چيائين "تون بلڪل سچ ٿو چوين، اهڙي ڪيفيت ۾ ڪجهه به سمجهه ۾ نه ايندو آهي." وري چپاڻ هٿڻ لاءِ هٿ اُلاريائين ۽ پڇيائين "سچ ٻڌاءِ جي اِجا خمار ۾ آهين ته پوءِ توکي جاڳائڻ لاءِ مون کي چپاڻ هٿڻي ٿي پوندي." ورائيم. "بلڪل جاڳيل آهيان، تون رڳو ٿورو پريرو ويهي ڳالهاءِ ته پوءِ سڀ ڪجهه سمجهه ۾ ايندو."

هيلن پورو هڪ نوٽ مون کان پري سُري وئي ۽ چيائين، "يلا هاڻي غور سان ٻُڌ." جڏهن مون کيس چيو ته بلڪل غور سان ٻُڌي رهيو هوس ته هيلن چيو، "عنايت هي جيڪو تنهنجي منهنجي اچانڪ ۽ عارضي ملاقات جو حسين حادثو ٿيو آهي، اهو حادثو دائمي صورت نٿو وٺي سگهي؟"

"نه" ڪيس بي رخي! مان چيم . "پرَ ڇو؟" هيلن مايوسي مان ورائيو. هاڻي زبان مان اکرَ نٿي اُڪليا. هيانءُ ٿاڻڻ تي هو. دل ٻڏڻ لڳي پر پوءِ به ڪيس چيم، "هيلن! ان ڪري جو مان اڳ ئي شادي شده آهيان ۽ ٻار به اٿم."

"مون کي قطعي اعتبار نٿو اچي تو تي، تون وڌ ۾ 35 سالن جو مس هوندين، پوءِ تنهنجي شادي به ٿي ويئي ۽ ٻار به اٿئي؟"

"اول ته عمر ۾. تنهنجي لڳايل اندازي کان گهڻو وڏو آهيان، پر جي اها عمر هجيم به ها جيڪا تو ٻڌائي آهي ته ان عمر ۾ شاديون نٿيون ٿين ڇا؟ بلڪ اڄڪلهه ته يورپ ۾ به 30 سالن جي عمر ۾ شادي ٿي وڃي ٿي." ڪيس چيم.

هيلن ذري گهٽ روئيندي مخاطب ٿي ۽ سندس لفظ جيڪي پٿر تي نقش جيان دل تي اُڪريل آهن اُهي انگريزي ۾ ئي لکان ٿو.

"By my Love, By Almighty Allah,
tell me turth if you are really
married and have chlidren?"

("قسم اٿيئي منهنجي محبت جو، قسم اٿيئي الله جو، مون سان سچ ڳالهاءِ ته واقعي تون شادي شده آهين ۽ ٻار به اٿئي؟)"

مون هيلن ڏانهن نهاريو. ڏٺم ته اکيون ڳوڙهن سان ٽمٽار ٿي ويون هيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سندس چهري تي ڪاوڙ ۽ مايوسيءَ جون واضح ريکائون اُڀري آيون هيون. محسوس ڪيم تہ جيڪڏهن مان واقعي اڳ ٻڌايل سچي ڳالهہ کي ٻيهر دُهرائيندس تہ خبر ناهي سندس ڪهڙي حالت ٿيندي. ڪيس چيم، ”مون کي ڪافي پيئڻ جي سخت طلب محسوس ٿي رهي آهي. هل تہ ريسٽورنٽ ۾ ٿا هلي ويهون جتي ڳالهين جو سلسلو بہ جاري رهندو.... تہ وچ ۾ منهنجي ڳالهہ ڪٽيندي سخت ڪاوڙ مان چيائين، ”مان ٻار ناهيان عنايت! جنهن کي تون اصل موضوع تان هٽائي، ڳالهہ ٽاري ۽ وندرائڻ ٿو چاهين، مون کي منهنجي سوال جي جواب ڏي، تون فڪر نہ ڪر مون کي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو.“ مون وري ضد ڪيو تہ ڪيس سوال جو جواب ضرور ڏيندس پَر اُڃ بہ لڳي هئي ۽ بک بہ محسوس ٿي رهي هئي تنهنڪري ريسٽورنٽ ۾ باقي ڳالهيون ٿينديون.

هيلن مسين راضي ٿي. ريسٽورنٽ ۾ آياسين. هيلن مطالبو ڪيو تہ پهريون برگر کائبا، پوءِ جُوس پيئبو ۽ آخر ۾ ڪجهہ وقت گذرڻ کانپوءِ ڪافي پيئنداسون. بس هيڏانهن آرڊر ڏيڻ جي دير هئي تہ هيلن وري چيو، ”منهنجي سوال جو جواب؟؟“ جڏهن برگر ۽ جوس جا گلاس ٽيبل تي آيا تہ هيلن کي چيم، ”برگر کائڻ شروع ڪر تہ توکي جواب ڏيڻ شروع ڪريان.“

هيلن برگر کائڻ سان گڏوگڏ آهستي آهستي جوس بہ سِپ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ مان ڪيس هن طرح مخاطب ٿيس. ”هيلن! گذريل هفتي کان وٺي سجي ڪائنات ۾ جيڪڏهن وڏ ۾ وڏ ڪا پياري هستي هن وقت منهنجي لاءِ آهي تہ اُها فقط تون آهين ۽ تنهنجو قسم، تنهنجي سُونهن، حيران ڪندڙ حُسن ۽ تنهنجن نشيلن نيڻن جو قسم هيلن! تہ مان شادي شده بہ آهيان ۽ ٻار بہ اٿم... پر ان جي باوجود بہ توسان بي انتها پيار ٿي ويو اٿم ۽ هي جيڪو ٿوري دير اڳ هن عارضي حادثي کي دائمي شڪل ڏيڻ کان انڪار ڪيم تہ اُهو بہ توسان بي انداز محبت جي ڪري ...“ ”مون سان بي انداز پيار ڪرڻ جي باوجود بہ تون منهنجو ٿيڻ کان انڪار ڪري رهيو آهين، تنهنجو اهو منطق سمجهہ ۾ نہ آيو.“ هيلن ڏاڍو سوبر ٿيندي ورائيو.

”ان ڪري جو مان سمجهان ٿو تہ موجوده حالتن ۾ مان توکي خوش نہ رکي سگهندس. توسان محبت نہ هجيم ها تہ وقتي خوشيون ماڻڻ لاءِ توسان عارضي رشتو جوڙي تو کي هميشه لاءِ اذيت ۽ روڳ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيان ها، پر مان ائين نہ ڪندس ۽ چاهيندس تہ تون ڀلي مون کان پري ئي هجين پر توسان رشتو رهندو،

جسم جو نہ تہ روح جو رشتو رهندو ۽ ضرور رهندو."

ٿوري دير لاءِ هيلن خاموش ٿي وئي، چڪن برگر ڪاٺيندي ڪاٺيندي ڪٽي پليٽ تي رکيائين ۽ ڪافي دير تائين خاموش رهي. اوچتو اُٿي بيٺي ۽ هلڻ لاءِ چيائين. ڪيس مون هٿ کان جهلي ويهاريو تہ بغير ڪجهہ ڪڇڻ پڇڻ جي ڪرسيءَ تي ويهي رهي. ائين ٿي لڳو تہ جڻ هيلن ڪو ٻي جان ۽ ٻي زبان بُت بڻجي وئي هجي. چيو مانس "تهنجو ڪاٺل چڪن برگر پليٽ ۾ پيو آهي اُهو بہ کاءُ ۽ جُوس بہ پيءُ."

هيلن برگر ڪائڻ لڳي ۽ جُوس بہ پيئڻ لڳي پر ڳالهايائين نہ. مون کي صفا دپ وٺي ويو تہ خدا نہ خواستہ سندس دماغ کي تہ ڪو نقصان نہ رسيو هو. مون ڪيس ڏونڏاڙيندي چيو، "هيلن تون چُپ چو آهين، ڳالهائين چو نٿي؟"

ڳالهائڻ جي ڪوشش ۾ ٻہ دفعا ڳيتون ڏنائين جن سندس شفاف نڙيءَ ۾ چرپر آندي ۽ آهستي چيائين، "مون کي تہ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ هاڻي باقي ڇا ڳالهايان، ڪجهہ نہ ٿو ـجهيم." ڪيس چيم، "محبت ۾ Possession ضروري ناهي، دوريءَ ۾ محبت اڃا وڌندي آهي، گهٽبي ناهي." تہ فوراً سندس چَپَ چُريا پر سخت ڪاوڙ مان چيائين، "محبت جو اهو تصور مشرق جو آهي، اسان وٽ ائين ڪونهي. ٿورو رڪجي وري چيائين. "اڳي اسان وٽ بہ ائين هوندو هو، ٻہ دليون جدائيءَ ۾ پيون سرد آهون ڀرينديون هيون پر هاڻي اسان وٽ جوڙن جا تعلقات خيالي ۽ تصوراتي هجڻ بجاءِ زياده Practical ۽ حقيقت پسندانہ آهن. يورپ اوهان کان گهڻو مختلف آهي."

مون شڪر ڪيو تہ ڳالهايائين تہ سهي. ان ڪانپوءِ ڪافي پيتيسون ۽ تمام گهڻيون ڳالهيون ٿيون. چانهہ پي وري پارڪ گهميوسين ۽ اسان جون ڳالهيون جاري رهيون... تمام گهڻيون ڳالهيون جن جو تفصيل لکڻ مناسب ڪونهي.

البت رُوح رچنديءَ رهاڻ دوران هيلن هڪ ڇرڪائيندڙ انڪشاف هن طرح ڪيو:

"موجوده ڪم جي سلسلي ۾ بي بي سي ۽ ٻين نشرياتي ايجنسين سان منهنجو معاهدو فقط آسٽريليا ۾ ٽينڊر مڃڻ لاءِ هو جو تہ نيوزيلنڊ لاءِ هڪ ٻي شخص کي (Contract) ڏنو ويو آهي. پر مون هفتي کن جي موڪل وٺي ڇڏي هئي تہ نيوزيلنڊ ۾ بہ تو سان گڏ هونديس پر هاڻي نہ هلي سگهندس ۽ واپس لنڊن وينديس."

سندس فيصلي تي دل ٻڏڻ لڳي، طبيعت ۾ سخت مايوسي ۽ نراسائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي لهر ڊوڙي وئي. پرڻ ۾ ”هيلن سان هڪ هٿڻ“ جي ساٿ تني وڃڻ جو ڏپ هاڻي سان ئي وجود کي ويڙهي ويو هو توڙي جو هيلن منهنجي پرپاسي ويٺي هئي. ڪيس چيم، ”سچ ڳالهائڻ تي ايڏي سزا ملڻ جو انديشو هجيم ها ته توسان شايد دوکو ۽ منافقت ڪريان ها، پر هيلن! توسان وري به سچ تو ڳالهايان ته منهنجي فطرت ۾ منافقت رتيءَ ماتر به شامل ناهي.“

”منهنجي دل ۾ هاڻي پيار سان گڏ تنهنجي لاءِ عزت جو جذبو به پيدا ٿي ويو آهي جو تون مون سان سچ ڳالهايو، پر اٽل حقيقت پنهنجي جڳهه تي موجود آهي. جڏهن ته تون شادي شده آهين ته مان هاڻي توسان وڌيڪ وقت گڏ رهڻ يا ڪجهه اڳتي قدم کڻڻ لاءِ پاڻ کي مجرم ٿي سمجهان.“

ڪيس ڏاڍو سمجهايم پر هڪ به نه ٻڌائين، ايترو سو چيائين ته ”اڄ جيئن ته هوٽل تان، گهمڻ لاءِ گڏ ٻاهر نڪتا آهيون ته هوٽل تي هلنداسين به گڏ ۽ اڄوڪو ساٿ شايد آخري ساٿ هوندو.“ ائين چئي روئي ڏنائين. لڙڪن جون لارون سندس ڳلن تي قطارون ڪري وهڻ لڳيون. مون به روئي ڏنو ۽ ٻئي وري هڪ بئنچ تي ويهي رهياسين.

اڌ منو ڪلاڪ بئنچ تي ويهي وري اٿياسين ۽ ڪنگس پارڪ گهمڻ شروع ڪيوسين. ٻن جڳهين تي به يادگار (Monuments) نظر آيا جن کي غور سان ڏسڻ شروع ڪيم ۽ ڊائري ڪڍي لکڻ شروع ڪيم ته هيلن چيو، ”ڇا پيو لکين؟“

”سفر نامو لکندس جنهن ۾ هن يادگار بابت تفصيل لکندس“.

”مون کي پڪ آهي ته تنهنجي سفر نامي ۾ مان به ضرور هونديس. جڏهن مون بابت لکين ته اهو ڪڏهن به نه لکجان ته هيلن توسان بيوفائي ڪئي پر اهو لکجان ته تون پنهنجين مجبورين سبب هيلن سان محبت ڪرڻ جي باوجود، ڪيس راهُن ۾ رولي ويو هئين. اهو به لکجان ته هيلن موڪل وٺي توسان نيوزلئنڊ به هلڻ واري هئي پر... پوءِ تو سان نه هلي سگهي.“ ائين چئي وري هيلن بيحد اداس ٿي وئي.

مون کان وري بي اختيار ڳوڙها وهڻ لڳا ته رومال ڪڍي منهنجا ڳوڙها اُگهڻ لڳي ۽ ڳراٽڙيون پائي مون کي پرچائڻ لڳي. ڪلاڪ ڏيڍ ان ڪيفيت ۾ گذري ويو. شام جا ساڍا ڇهه ٿي ويا هئا.

ڪنگس پارڪ ۾ گهمندي گهمندي هڪ جڳهه تي ماڻهن جو هجوم بيٺل نظر آيو. سوچيوسين ته ڪا خاص ڳالهه هئي. ويجهو وياسين ته پيو ته ڪجهه نظر نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آيو، سواءِ ڪاٺ جي هڪ عجيب و غريب بُند جي. جيئن ويجها ٿيندا وياسين تيئن سيمينٽ جي ٿُلهن تي رکيل هڪ تمام ڊِگهو ۽ تمام ٿُلهو ڪاٺيءَ جو بُندِ دنيا جو هڪ عجوبو نظر آيو.

مان ويجهو ويس تہ ان ڪاٺيءَ جي هڪ ڇيڙي تي هڪ تختي لڳل هئي. جنهن تي ڪاٺيءَ جي بُندِ بابت مختصر معلومات ڪجهہ هن طرح هئي.

ڪاٺ جو نالو: ڪَرِي Karri wood

بُندِ جي ڊيگهہ 87 ميٽر يعني 285 فوٽ.

بُندِ جي ويڪر 4 ميٽر يعني 13 فوٽ

ڪاٺ جو اهو عجيب و غريب عجوبو 25 جون 1958 تي هن پارڪ ۾ رکيو ويو جنهن کي ويسٽرن آسٽريليا اسٽيٽ جي فاريسٽ ڊپارٽمينٽ جي انجنيئرن جي ڪوشش سان هتي رکيو ويو هو. اُنهن انجنيئرن کي تمام گهڻن انعامن اڪرامن سان نوازيو ويو جن اهو ڪارنامو سرانجام ڏنو هو. مون کي توڙي سيني تماشبينن کي حيرت هئي تہ ڪاٺي جو هيڏو سارو ٽڪرو جيڪو ڪڏهن وڻ هو، شايد سڄي دنيا ۾ ايترو ڊگهو وڻ ڪٿي بہ نہ هوندو. هيلن تہ بندِ جي مٿان چڙهي وئي ۽ ان جي مٿان ائين گهمي رهي هئي جڻ شالامار گارڊنز جي فوٽ پاٿ مٿان گهمي رهي هجي. هر هر مون کي پئي چوي "مون پنهنجي سڄي ڄمار ۾ ايڏو ڊگهو وڻ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو آهي." ڪيس چيم، "توهان وٽ يورپ ۾ ڊگها وڻ آهن ئي ڪٿي، اسان وٽ البت ضرور آهن پر ايترو ڊگهو ۽ ويڪرو وڻ مون بہ اڄ تائين نہ ڏٺو آهي."

منهنجا مهربان دوست جڏهن هي سِٽون پڙهي رهيا هجن ۽ سندن مشاهدي ۽ معلومات ۾ ڪو اهڙو وڻ جيڪڏهن ڪين نظر آيو هجي جيڪو 285 فوٽ ڊگهو ۽ تيرنهن فوٽ ويڪرو هجي تہ ڪين گذارش آهي تہ مون کي اطلاع ڏين تہ جيئن خط لکي هيلن کي ٻڌائي سگهان تہ اسان جي سنڌ ۾ بہ اهڙا وڻ آهن.

هينئر شام جا ست ٿي رهيا هئا. ڏاڍا ٿڪجي پيا هياسين انڪري گهمندا گهمندا ڊائون ٽائون آياسين. مون هيلن کي مئڪڊونلڊ ۾ ڊنر ڪائڻ جي آفر ڏني، ڪيس بہ شايد بک لڳي هئي سو فوراً ها ڪئي ڪياٿين. هي اسٽريٽ مال (Hay Street Mall) جو چڪر لڳائيندا، ڪنگس ۽ وليم اسٽريٽ جي ويجهو مئڪڊونلڊ ريسٽورنٽ ۾ آياسين ۽ ماني کاڌيسون. ماني کائيندي ۽ ڳالهيون ڪندي هيلن جي رويي ۾ تبديلي محسوس ڪيم جا يقين سان منجهس اچڻ گهربي هئي ۽ محسوس بہ ٿي. دل ۾ محسوس ڪيم تہ مون سخت نقصان جو سودو ڪيو هو جو هيلن کي

ٻڌائي ڇڏيو هوم ته مان شادي شده هوس نه ته هوءَ مون سان نيوزيلينڊ ۾ هلڻ لاءِ تيار هئي. بهرحال ضمير مطمئن هو ته مون فقط پيار ڪيو هو پر هڪ پياري ماڻهو سان دوکو نه ڪيو هو جيڪو مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪنهن سان نه ڪيو آهي.

ماني کائي 10 وڳي هوٽل پهتاسين. سياڻي صبح جو منچ هئي ان ڪري هيلن چيو، ”اڄ انگلش ٽائيم تي هلنداسون ۽ ٺيڪ يارهين وڳي پاڻ کي بيڊ جي حوالي ڪنداسون.“

هيلن سان ڪچهري جو دؤر شروع ٿيو. خبرناهي ڪنهن ابتدا ڪئي پر فقط محسوس ڪري سگهيس ته اڄ سندس پيار مون تي اوهيڙا ڪري اُٿو، وڏ ڦڙي وانگر اوچتو وسڪارو ٿيو ۽ محبت جو مينهن سڄي وجود کي وڪوڙي ويو. برهه جون بوندون سانوڻيءَ جي مثل مهراڻ جيان ڇوليون هڻڻ لڳيون. ڪيفيت ڪهڙي هئي، ان کي لفظ هرگز ٿا ڏيئي سگهجن.

اِها خبر ئي نه پئي ته ابتدا ڪٿان ٿي، نه وري اُها سُڌ رهي ته انتها ڪٿي ٿيندي.

نڪو سَنتو سُورَ جو، نڪو سنتو سڪَ،
عدد ناهي عشق، پڄاڻي پاڻ لهي.

اوچتو نظرون پٽ تي ٽنگيل گهڙيال تي پئجي ويون. رات جا ٻه وڳا هئا. هيلن ٻه ٽائيم ڏسي جڻ ڇرڪ ڀري جاڳي پئي هئي. چيائين، ”فوراً پنهنجي ڪمري ۾ وڃ ۽ آرام ڪر ۽ آپريٽر کي چئي ڇڏجان ته تو کي صبح جو ائين وڳي اٿاري.“ ائين چئي اُٿي بيٺي ۽ چيائين. ”بس پليز جلدي وڃ جو صبح جو اُٿڻ ۾ تڪليف ٿيندئي.“ مان سندس ڪمري مان نڪري پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳس ته پنهنجي در تي بيهي هيلو هاءِ ڪندي رهي ۽ مان هوٽل آپريٽر کي صبح جو ائين وڳي اُٿارڻ جو چئي سمهي پيس. ڪافي ٿڪل هوس پر پوءِ به اڄ ننڊ اکين مان اُڏامي وئي هئي، پاسا بدلائيندو رهيس. اڄ هيلن جو پيار تصوير جو روپ وٺي هٿ ڇُراند ڪندو رهيو ۽ مان صبح جو پنجين وڳي تائين ٽائيم ڏسندو رهيس. پوءِ خبر ناهي ڪهڙي وقت ننڊ آئي، صبح جو ٺيڪ ائين وڳي آپريٽر جي گهنٽي تي جاڳيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پاڪستان ۽ سريلنڪا جي وچ ۾ مئچ

## واڪا ڪرڪيٽ گرائونڊ (پرٿ)

## Pakistan v/s Sri lanka
## (WACA Ground Perth)

اڄ 15 مارچ هئي ۽ پرٿ جي واڪا گرائونڊ (WACA) تي پاڪستان ۽ سريلنڪا جي وچ ۾ مئچ ٿيڻي هئي. اسان جي سڄي ٽوئر ۾ پرٿ جو واڪا گرائونڊ ئي واحد گرائونڊ هو جتي پاڪستان ساندهه ٻه مئچون کيڏيون ۽ پرٿ ئي واحد شهر هو جنهن ۾ اسان سڄا سارا اٺ ڏينهن رهياسون ۽ خوب لطف اندوز ٿياسون، نه ته هر جڳهه تي ڪٿي ٽي ته ڪٿي چار ڏينهن، رڳو سامان کولڻ ۽ وري پئڪ ڪرڻ ۾ پورا هوندا هئاسون. هن ننڍڙي ۽ سهڻي شهر ۾ مون ڪي ڇا مليو، مون ڇا حاصل ڪيو ۽ ڇا وڃايو ۽ گنوايو، ان لاءِ مون کي شايد هڪ جدا ڪتاب لکڻو پوندو. هي داستان بيحد دردناڪ آهي جنهن کي وڌيڪ نه ڇيڙجي ته بهتر ٿيندو.

مان، عمر قريشي، افتخار احمد ۽ منير حسين گهمندا گهمندا گرائونڊ پهتاسين جو واڪا گرائونڊ اسان جي هوٽل کان مشڪل سان فرلانگ ڏيڍ تي هو. پوين صفحن ۾ ٻڌائي آيو آهيان ته هن گرائونڊ ۾ اسان جي ڪمينٽري پوزيشن بهترين جڳهه تي هئي يعني وڪيٽ جي بلڪل آمهون سامهون، تنهنڪري اطمينان سان صبح جو سوا نوين وڳي تائين گرائونڊ تي پهچي وياسين. ڏهين وڳي مئچ شروع ٿي. ٽاس سريلنڪا کٽيو ۽ پاڻ کيڏڻ جو فيصلو ڪيو.

سري لنڪا جي ٽيم سٺي راند کيڏي. ٽوڙي جو اوپنر روشن ماهناما فقط 12 جي اسڪور تي آئوٽ ٿي ويو، پر سَمر سيڪرا ۽ ڊي سلوا تمام سٺي بئٽنگ جو مظاهرو ڪيو. سمر سيڪرا 38 رنس ٺاهيون ۽ ڊي سلوا 43 جي اسڪور تي ڪئچ آئوٽ ٿي ويو. اعجاز جي بولنگ تي ڪيس عامر سهيل ڪئچ ڪيو. ان کانپوءِ گروسينا آيو جنهن پڻ تمام بهترين بئٽنگ جو مظاهرو ڪندي 37 رنس ٺاهي، عمران خان جي بولنگ تي سليم ملڪ هٿان ڪئچ ٿي ويو. تِلڪ رتني ۽ ڪلپگي پڻ سٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راند ڪيڏي ۽ هر هڪ 25 ۽ 13 جي اسڪور تي نائٽ آئوٽ رهيا. اهري طرح سريلنڪا 50 اوورز ۾ 6 رانديگرن جي آئوٽ ٿيڻ تي 212 رنس ٺاهيون.

هاڻي هتي هڪڙو ننڍڙو واقعو ياد ٿو اچي. بهتر ٿيندو ته پاڪستان جي ٽيم جي اسڪور ٻڌائڻ کان اڳ اهو واقعو اوهان کي ٻڌايان.

هر گرائونڊ جي پئويلين ۾ جتي اسان جون ڪمينٽري باڪسز هونديون هيون، جي ٻاهران ورانڊي ۾ چانھ، ڪافي، بسڪوٽ ۽ ڪولڊ ڊرنڪس جو تمام سٺو انتظام رکيل هوندو هو. ميلبرن ڪرڪيٽ گرائونڊ ۽ ائڊليڊ اوول کان پوءِ واڪا گرائونڊ جي پئويلين ۾ پڻ تمام بهترين انتظام هو. 11 مارچ تي جڏهن پاڪستان ۽ آسٽريليا جي وچ ۾ ميچ ٿي هئي تڏهن به ڪاڌي پيتي جو انتظام تمام اعليٰ درجي جو هو.

اڄ چا ٿيو جو سادي يارهين وڳي منير حسين مون کي چيو، "بلوچ صاحب ڪافي پيئڻ جي طلب ٿي آهي، هل ته ورانڊي ۾ هلي ڪافي پي اچون." ورانڊي ۾ آياسين جتي تمام گهڻي تعداد ۾ بسڪوٽ ۽ چاڪليٽ به پيا هيا. اُهي به ڪجھ کاڌاسين ۽ ڪافي به پيتيسون. جيئن ڪمينٽري باڪس ۾ وياسين ته ان وقت افتخار ڪمينٽري ڪري رهيو هو. جڏهن پندرنهن منٽ ڪمينٽري ڪيائين ته مون مائڪروفون وري منير حسين جي حوالي ڪيو. افتخار جيئن ڪمينٽري مان واندو ٿيو ته مون کي چيائين:

"عنايت! تون ۽ منير حسين اڪيلا ڪافي ٿا پيئندا وتو، صلاح ئي نٿا ھڻو." مون کلي ڏنو ۽ چيو مانس ته منير ڪمينٽري جا 15 منٽ پورا ڪري ته پوءِ عمر قريشي کي مائڪرو فون حوالي ڪري ڪافي پيئڻ هلبو."

15 منٽن کان پوءِ ڪمينٽري عمر قريشي جي حوالي ڪري اسان ڪافي پيئڻ وياسون ته ڇا ڏسون ته ٿورڙو وقت اڳ جنهن ٽري ۾ چاڪليٽن ۽ بسڪوٽن جو ڍير لڳو پيو هو سو غائب هو. مون کي حيرت وٺي وئي ۽ منير حسين کي چيم،

"منير ڀائي لوگون ني تو بسڪوٽون کي تباهي مچادي هي."

بَس منهنجو اهو چوڻ ۽ منير ۽ افتخار اچي کلڻ ۾ چُٽا. گهڻي کلڻ سبب منير حسين کان ته اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هُيا. پوءِ ڪيترا ڏينهن منير حسين کي جڏهن به منهنجو چيل جملو ياد پوي ته وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي وٺي کلي.

بهرحال پوءِ مون ڪيٽرر کي سڏيو ۽ ڪائنس پڇيو ته "هيترا سارا بسڪوٽ ۽ چاڪليٽ جلديءَ ۾ ڪير هضم ڪري ويو؟" ڪيٽرر به ڪو سڙيو ويٺو هو، ان

فوراً وراڻيو ”ٿيون حصو ته توهان پاڪستانين ڪاٽا آهن باقي انهن جو خاتمو آڻڻ وارا سريلنڪن آهن. گهڙي گهڙي هتي اچن ٿا، ٻه ٽي بسڪوٽ ڪائن ٿا ۽ ٻه چار پاڻ سان گڏ کنيو ٿا وڃن.“ اسان کي ڏاڍي شرمندگي ٿي. بهرحال ڪيٽرر ويچارو ڏاڍو ڀلو ماڻهو هو جنهن جلدي ٻيو ٽري آڻي رکيو جيڪو پڻ چاڪليٽن ۽ بسڪوٽن سان ڀريل هو.

منير حسين بعد ۾ ٻڌايو ته ڪمينٽري دوران ڪيس ”بسڪوٽن جي تباهي“ واري ڳالهه ياد آئي هئي ۽ ڪمينٽري ڪندي ڪندي کاٽس زوريءَ کِل نڪري وئي هئي.

لنچ کانپوءِ پاڪستان جي بيٽنگ شروع ٿي.

اسان جي بيٽنگ جي شروعات سٺي نه ٿي. ٻي اوور ۾ ئي عامرسهيل جهڙو بهترين بيٽسمين هڪ رن ناهي آئوٽ ٿي ويو. ان کان پوءِ 32 جي اسڪور تي رميز راجا به آئوٽ ٿي ويو. اسان جو اسڪپر عمران خان کيڏڻ آيو پر ان به ڪو ڀوٽو نه ٻاريو پر اُٽلو پنهنجي مٺان ماڻهو ڪلاپائين ۽ کِهل واري بيٽنگ (Slow batting) جو جڻ ته هڪ نئون رڪارڊ ٺي ناهيائين.

پهرين 35 بالن تي فقط ٻه رنس ٺاهيائين. ممڪن آهي دنيا ۾ ٻيو ڪو اهڙو رانديگر هجي جنهن 35 ڊليوريز تي فقط ٻه رنس به نه ٺاهيون هجن. عمران خان 98 منٽ راند کيڏيو ۽ ان ساري وقت ۾ فقط 22 رنس ٺاهي آئوٽ ٿي ويو.

هر ميچ وانگر اڄوڪي ميچ جو اصل هيرو به جاويد مياندا ئي رهيو جنهن 57 رنس ٺاهيون. اڄوڪي ميچ ۾ سليم ملڪ به اڳي وارو سليم ملڪ بڻجي ويو جيڪو رڳو چوڪا هِڻ ڪندو هو. پنجين ورلڊ ڪپ ۾ ڪيس عمران خان جي رويي خلاف شڪايت هئي جنهن جو ذڪر پوين صفحن ۾ ڪيو اٿم. بهرحال سليم ملڪ اڄ زبردست راند جو مظاهرو ڪيو ۽ 51 رنس ٺاهيائين. جاويد مياندا ۽ سليم ملڪ جي گڏيل پارٽنرشپ ۾ 101 قيمتي رنس ٺهيون نه ته سريلنڪا جو 212 جو اسڪور هڪ سٺو اسڪور چئي سگهجي ٿو، خاص طرح ان وقت جڏهن فقط 84 جي اسڪور تي پاڪستان جا ٽي بيٽسمين عامر سهيل، رميز راجا ۽ ڪئپٽن عمران خان آئوٽ ٿي چُڪا هيا. بهرحال جڏهن ڇهن رانديگرن جي آئوٽ ٿيڻ تي اسان جو اسڪور به سريلنڪا جي اسڪور جيترو يعني 212 رنس ٿيو ته آخري اوور ۾ وڪرام سنگي جي پهرين بال تي ئي اعجاز احمد هڪ زوردار چوڪو هڻي پاڪستان جي اسڪور کي 216 تائين پهچائي ڇڏيو. اهڙي طرح پاڪستان هيءَ ميچ چئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وکيٽن تان ڪٽي ويو.
مئن آف دي مئچ جو انعام ۽ اعزاز جاويد مياندا حاصل ڪيو. هن مئچ لاءِ امپائر هُيا مِڪ ڪونيل(Mc Connel) آسٽريليا جو ۽ ليبن برگ (Lieben Berg) سائوٿ آفريڪا جو.
گرائونڊ ۾ هر طرف پاڪستانين طرفان جهنڊا بلندا ڪيا ويا ته ناچ ۽ شادمانا به ٿيا. پنجن مئچن ۾ فقط ٽي پوائنٽس حاصل ڪرڻ واري اسانجي ٽيم، هاٽي ست پوائنٽ حاصل ڪري ورلڊ ڪپ جي گوءِ ۾ بيهر شامل ٿي چڪي هئي. پرٿ جي پياري شهر ۾ نعمتون فقط مون کي ئي نصيب نه ٿيون هُيون، پر اسان جي ٽيم لاءِ، پرٿ جي واڪا گرائونڊ، اينڊرڻ ڏينهن جي ڪاميابيءَ جو سينهو اسان تائين پهچائي ڇڏيو هو. ٻين لفظن ۾ پنجن گرائونڊس جي مئچن اسان جي جهوليءَ ۾ فقط 3 پوائنٽس وڌا هيا، جڏهن ته اڪيلي واڪا گرائونڊ 4 پوائنٽس اسان جي حوالي ڪري ڇڏيا.
اسان سڀئي خوش هياسين ۽ تمام هشاش بشاش نموني هوٽل تي آياسين. دروازو کوليم ته قالين تي لفافو نظر آيو. هيلن جو خط هو.
لکيل هو:
”مان اڄ شام 3 وڳي جي فلائيٽ ۾ لنڊن وڃي رهي آهيان. Sorry توکان موڪلائي نه سگهيس جنهن جو ڏک رهندم.... پر ٻين ڪيترين ئي ڳالهين جو ڏک رهندو ... بيحد مِس ڪنديس توکي ... يعني اهڙي ماڻهوءَ کي جيڪو پيار جي تمام وڏي دعويٰ ڪرڻ جي باوجود به مون کي پنهنجو ڪري نه سگهيو... وغيره ..... وغيره.“ (هيلن)
صفا وسامي ويس، جڻ بدن مان ساهه نڪري ويو هجي. بيڊ تي پٽجي رهيس. ڳوڙهن جي برسات شروع ٿي وئي. وهاڻو پسجي ويو. اڄ ڪو ڳوڙهن اڳهڻ وارو به ڪونه هو. ويڳاڻو، مايوس ۽ اداس ٿي ويو هوس. دل ٻڏڻ لڳي، ان حد تائين ٻُڏڻ لڳي جو خطرو ٿيو ته بنهه پورو نه ٿي وڃان. پر ۾ رکيل ٿرماس مان پاڻي جو گلاس پري پيتم. اوچتو ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. سليم ملڪ ڳالهايو. منهنجي روئڻهارڪي آواز مان ڪو اندازو لڳائي چوڻ لڳو. ”بلوچ سائين خير ته آهي، اوهان کي ننڊ مان ته نه اُٿاريم.“ ”ها ڪجهه اک لڳي وئي هئي تڏهن شايد اوهان کي منهنجي آواز مان اندازو ٿيو.“ سائين گشو ملائيندي چيم. چيائين، ”فوراً منهنجي ڪمري ۾ پهچو، دوست انتظار پيا ڪن، ڪيڏانهن دعوت ۾ هلڻو آهي.“ مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لنوائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هڪ به نه ٻڌائين ۽ چيائين، "ڪئپٽن صاحب (عمران خان) به ڪمري ۾ موجود آهي، چوي ٿو ته "عنايت صاحب کي چئو ته فوراً پهچي."

نه چاهيندي به تيار ٿي، سليم ملڪ جي ڪمري ۾ پهتس. سڄي سنگت ڊنر ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويٺي هئي. ميزبان کي چيو ويو هو ته اڄ رات وڌ ۾ وڌ ڏهين وڳي تائين اسان کي ڊنر ڪارائي فارغ ڪري ڇو ته اسان کي پئڪنگ ڪرڻي هئي ۽ سياڻي ڪرائيسٽ چرچ (نيوزيلئنڊ) لاءِ روانو ٿيڻو هو. اهڙي دعوت ۾ ته باقاعدي جلوس جي صورت ۾ وياسين. گهٽ ۾ گهٽ ڏهه - ٻارنهن گاڏيون هيون. ميزبان دستور موجب وڏو تڪلف ڪيو هو. پر اڄ ڪچهري جو موڊ ڪنهن جو به ڪونه هو، بس سڀ ڪنهن کي اها لڳي پئي هجي ته ماني ڪائي ۽ فوراً هوٽل تي پهچي پئڪنگ ڪجي. سوا ڏهين ڊنر مان فارغ ٿي يارهين وڳين هوٽل تي پهتاسين.

توڙي جو ڊنر ۾ دوستن سان ڪچهري ۽ کل ڀوڳ جي ڪري موڊ ڪجهه بهتر ٿيو هو پر وري جيئن ڪمري ۾ آيس ته هيلن جي تصور ۾ سائس گهاريل گهڙين جي ياد حملو ڪري ڏنو. جهوري، جهڄڻ، بيچيني، تڙپ ۽ بيقراري، اهي سڀ لفظ گهٽ آهن منهنجي عذاب ۾ مبتلا ٿيڻ واري ڪيفيت کي بيان ڪرڻ لاءِ. لطيف ياد پيو:

ڏکــويـون ڏيـهـان، جيــڪـس لـڏي ويـئـيــون،
هــاڻـــي ڪـــن مُلان، پـــڇان پريم خبـــرون.

رات جا ٻارنهن ٿي رهيا هيا. ڪپڙا لٽا ۽ سامان وکريو پيو هو، پئڪنگ ڪرڻي هئي ۽ صبح جو 6 وڳي هوٽل ڇڏڻو هو جو ڪرائيسٽ چرچ لاءِ فلائيٽ صبح جو 7-30 وڳي رواني ٿيڻي هئي. بيمارن وانگر اٿيس ۽ ڏيڍ ڪلاڪ کن لڳو پئڪنگ ڪرڻ ۾، رات جي ڏيڍ وڳي ڏاران هوٽل آپريٽر کي صبح جو سوا پنجين وڳي جاڳائڻ لاءِ چئي سمهي پيس. صبح جو جڏهن آپريٽر ٽيليفون ڪيو ته اٿيس. پاڻ کي ڪجهه بهتر سمجهيم. شڪر ڪيم ته رات آرام اچي ويو هو ۽ ڪجهه نئينو به محسوس ڪيم. اهڙي حالت ۾ الله پاڪ کي ياد ڪندو آهيان ته غم گهٽجي ويندا آهن ۽ وري هشاش بشاش ٿي ويندو آهيان. صبح جي نماز پڙهيم ۽ پروردگار کي ٻاڏايم ته جيئن مان نراسائي ۽ غمگينيءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪريان ۽ وري تازو توانو ٿي وڃان ته جيئن پنهنجي ڊيوٽيءَ جي بجا آوريءَ ۾ اڳ کان اڳرو هجان، لطيف ياد پيو، ان جا به بيت به دُعا ۾ پڙهيم:

سَتر ڪج ستار - آئون اگھاڙي آهيان،
ڍڪين ڍڪڻهار - ڏيئي پاند پناهه جو.

منهنجي مداين جي - ڪَلَ پريان پيئي،
ڪڏهن ڪو سانه ٽيا، ڏوراپو ڏيئي،
ساجن سيئي - ڍڪيم ڍولَ ڍلائيون.

نماز پڙهڻ کان پوءِ پنهنجو پاڻ کي تمام گهڻو هلڪو محسوس ڪرڻ لڳس ۽ پروردگار جا لک شڪرانا بجا آندم جو اندر جي اوپر ڪجهه مائي ٽي هئي ۽ طبيعت ۾ ڪافي بهتري محسوس ڪري رهيو هوس.

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پرٿ کان ڪرائيسٽ چرچ (نيوزيلنڊ)

## Perth to Chirst church (New Zealand)

صبح جو سوائين ڇهين ڌاران هوٽل ڇڏي پوڻين ستين وڳي پرٿ ايئرپورٽ پهتاسين. 8- وڳي جهاز اڏامڻو ۽ حسرت پريل نگاهن سان پرٿ ايئرپورٽ کي خدا حافظ چيم. اڍائي ڪلاڪن جي اڏام کان پوءِ ٺيڪ 30-10 وڳي اچي ايڊليڊ ائيرپورٽ تي لٿاسين. جتي فقط اڌ ڪلاڪ ترسي 11 وڳي وري اچي جهاز ۾ ويٺاسين. سوائين ٻارهين ڌاران جهاز اڏامڻو ۽ ائڊليڊ کان سڊني پهچڻ تائين سوا ڪلاڪ لڳو. اسان ساڍي ٻارهين ڌاران اچي سڊني ايئرپورٽ تي پهتاسين.

سڊني تائين اسان اچا آسٽريليا ۾ هئاسون. تنهنڪري سفر به آسٽريليا جي ڊوميسٽڪ ايئرلائين Ansett ذريعي ڪيوسين. سڊني ايئرپورٽ تي نه رڳو اسان کي ڊوميسٽڪ فلائيٽ مان انٽرنيشنل فلائيٽ ۾ شفٽ ٿيڻو هو پر ايئرپورٽ به بدلائڻو هو.

اسان سڊني ايئرپورٽ تي پنهنجو سامان (Luggage) هٿ ڪيو ۽ "ايئرپورٽ شٽل بس" ذريعي سڊني انٽر نيشنل ايئرپورٽ لاءِ روانا ٿياسين ۽ فقط 15 منٽن ۾ پهچي وياسين. منجهند جا ٻه ٿي رهيا هئا. بُک به ڏاڍي لڳي هئي، پر افتي (افتخار احمد) جي گڏ هئڻ ڪري ڪا پرواهه ڪانه هئي.

جيئن ته اسان کي هتي پورا چار ڪلاڪ ترسڻو هيو تنهنڪري افتي، مان ۽ منير حسين وي وي آءِ پي لائونج ۾ هليا وياسين ۽ هڪ يادگار لنچ ڪاڌيسون جنهن ۾ ست اٺ ڊشز شامل هُيون، پر ڊشز کان وڌيڪ ريسٽورنٽ جي صفائي سٿرائي مثالي هئي ۽ چا نه وري عاليشان سروس هئي. اسان به فيصلو ڪيو ته چارئي ڪلاڪ ريسٽورنٽ ۾ ويهي گذاريا. مزي مزي سان ويهي ماني ڪاڌيسون ۽ جُوسز پيتاسون، خبر ئي نه پئي ته وقت ڪيئن گذري ويو. ٺيڪ ڇهين وڳي سڌ ٿيو ته ڪرائسٽ چرچ وڃڻ وارا مسافر جهاز ۾ سوار ٿيڻ لاءِ روانا ٿين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڪرائيسٽ چرچ ۾ In Christ Church

سڊني انٽر نيشنل ايئرپورٽ تان شام جو پوري 30-6 وڳي آسٽريليا جي انٽر نيشنل ايئر لائين ڪئنٽس (Qantas) ذريعي ڪرائيسٽ چرچ (Christ Church) لاءِ روانا ٿياسين ۽ پورن سوا ٽن ڪلاڪن جي سڌي اُڏام ذريعي ڪرائيسٽ چرچ ايئرپورٽ تي لٿاسين. ان وقت آسٽريليا جي وقت مطابق رات جا ٻارنهن ٿيا هيا ۽ نيوزيلنڊ جي وقت مطابق رات جو هڪ ٿيو هو. ايئرپورٽ تان سڌو ڪرائيسٽ چرچ جي بهترين هوٽل شئيٽو (Chateau) ۾ آياسين. هي هوٽل مغليہ طرز جو لڳو. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ نيوزيلنڊ ۾ پراڻي زماني ۾ اهڙيون عمارتون هونديون هيون. محراب نُما، دريون دروازا وڏا ۽ ڪشادا، ڪمرن اڳيان وري وڏا ورانڊا، مطلب تہ هي هوٽل جديد هئڻ سان گڏ ڪافي قديم طرز جو هو جيڪو تمام خوبصورت لڳو.

اڄ 17 مارچ هئي ۽ فقط اڄوڪو ڏينهن اسان وٽ بچيل هو جنهن ۾ گرائونڊ تي بہ وڃڻو هو تہ ڪجھ شهر کي بہ ڏسڻو وائسڻو هو. اسان جي هوٽل جي سامهون بس هڪڙو ئي نظارو ڪمال جو هو ۽ اهو هو هڪ وڏو پارڪ جيڪو سئو ڏيڍ سئو ايڪڙن تي ڦهليل هو. مان صبح جو چانهہ پي، اڪيلو ئي اڪيلو پارڪ جو چڪر لڳائي آيس تہ قسم ڪڻ جهڙو ٿيان تہ مان بہ ڪرائيسٽ چرچ گهمي آيس. ڪرائيسٽ چرچ جو ئي شهر اهڙو هو جنهن کي مون سرسري طرح بہ نہ ڏسي سگهيو.ڪالهہ هوٽل تي رات جو ڏيڍ وڳي پهچڻ سبب اڃڻ شرط سمهي پياسين ۽ اڄ رڳو افتي ۽ منير حسين جي ننڊ مان اٿڻ جي دير هئي جو گرائونڊ تي وڃڻو هو. بهرحال مان هوٽل جي سامهون وارو پارڪ گهمي ڦري 9 وڳي ڌاران موٽي آيس تہ اڃا سڀ ستا پيا هئا ۽ مان وڃي ٻاڻنگ هال مان ناشتو ڪري آيس. منير ۽ افتخار 11 وڳي تائين مس تيار ٿيا. اسان ٽيڪسي ۾ سوار ٿي لئنڪاسٽر پارڪ گرائونڊ پهتاسين. ڪمينٽري بوٿ جو جائزو ورتوسين جيڪو ٺيڪ ٺاڪ نظر آيو. اسان جي ٽيم فيلڊ پريڪٽس ۾ مشغول هئي. سليم ملڪ ۽ جاويد ميانداد سان هيلو هاءِ ٿي. اسان نيوزيلنڊ جي ٽيم کان مرعوب هئاسين ڇو تہ نيوزيلنڊ هن وقت تائين 7 مئچون کيڏيون هيون ۽ ستئي مئچون کٽي 14 پوائنٽس حاصل ڪري چڪو هو. پر جاويد مياندا مون کي ۽ افتخار کي ٻڌايو، "اوهان فڪر نہ ڪريو، انشاءالله سڀاڻي فتح اسان جي آهي."

اسان کي جاويد مياندا جي اعتماد تي خوشي ٿي. 2 وڳي ڌاران هوٽل تي آياسين. لنچ ڪري گهڙي کن آرام ڪيوسين. مان پنجين وڳي اٿيس. پر منير صاحب


Scanned with CamScanner

مون کي اڳي ئي چٽي ڄاڻ هئي ته هو دير تائين سمهندو جو ڪجهه طبيعت ٺيڪ نه هئس. مان سادي پنجين وڳي تائين تيار ٿي ٻاهر نڪتس. ڪرائسٽ چرچ ۾ ٽيڪسيون نظر آيون ۽ ٻنهي جون ڊرائيور عورتون هيون. مون هڪ ٽيڪسي ٻيهاري ۽ ڪيس چيم، "ڊائون ٽائون هل." فقط ڏهن منٽن ۾ ڊائون ٽائون اچي ويا سون جتي ڪافي رونق نظر آئي. مون کي اچرج وٺي ويو ته ڪرائيسٽ چرچ جهڙي ننڍڙي شهر ۾ ڊرائيور عورتون، مرد ڊرائيورن جيتريون ئي نظر آيون. ڊائون ٽائون ويندي سامهون اينڊڙ ٽيڪسين ۾ به مون عورتن کي ڊرائيو ڪندي ڏٺو. پنهنجي ٽيڪسي ڊرائيور کان پڇيم، "رات جو اويلي وقت ۾ اوهان سان ڪنهن اڻ وڻندڙ واقعي پيش اچڻ جو انديشو ته نه هوندو آهي؟" فوراً ڪلندي وراڻيائين، "بلڪل پيش ايندا هئا ڪجهه واقعا اڻ جهل نوجوانن (Rash Youngsters) طرفان، پر پوءِ اسان جي يونين فيصلو ڪيو ته ڊرائيور عورتون نوجوان ڇوڪريون نه هجن پر مون جهڙيون اڌيڙ عمر جون هجن ته جيئن اسان کي بيهوده نوجوان پئسينجرن منجهان ڪو خطرو نه هجي. هاڻي تقريباً سڀ ڊرائيور اڌيڙ عمر جون آهن ته اڻوڻندڙ واقعا به گهٽجي ويا آهن." ڊرائيور مائي پڇيو ته، "ڊائون ٽائون ۾ ڪهڙي جڳهه تي هلڻو اٿو؟" فوراً چيو مانس، "بس هتي ئي ٽيڪسي روڪيو."

ٽيڪسي تان لهي شاپنگ سينٽرس جو چڪر لڳائڻ شروع ڪيم. هتي به ڪجهه وڏا وڏا شاپنگ مال نظر آيا. ٻه ڪلاڪ کن گهميس ڦريس فقط ان لاءِ ته ارمان نه رهجي وڃيم ته ڪرائيسٽ چرچ نه ڏسي سگهيس. هونئن فارين ۾ اها سهولت هر هنڌ عام جام آهي ته جنهن شهر ۾ وڃو ته ان شهر لاءِ ڇپيل ننڍڙيون ڇوپڙيون مفت ۾ ملنديون آهن ۽ بقول اسان جي دوست قادر جوڻيجي جي ته "ڪيترا ماڻهو گهر ويٺي رڳو ٻاهرين ملڪن جون ڇوپڙيون وٺي سفر ناما لکي ڇڏيندا آهن." پر دوستو! مون زندگي ۾ اهو ڪم ڪڏهن به نه ڪيو آهي. توڙي جو مان لاڳيتو ڇهه مهينا لنڊن ۾ رهيو آهيان تڏهن به احساس اٿم ته اجا شايد اڌ لنڊن رهيو پيو آهي جيڪو مان نه ڏسي سگهيو آهيان توڙي جو اُتي پوءِ به ٻه ٽي ڦيرا ويو آهيان. سفر نامن ۾ مان اوهان لاءِ اُهو ڪجهه لکندو آهيان جنهن جو مشاهدو مان پاڻ ڪندو آهيان، ڇوته منهنجو ايمان آهي ته ذاتي تجربي ۽ مشاهدي کانسواءِ هر تحرير ٻاڙي، بي روح ۽ بي چسي هوندي آهي.

رات جو دوستن سان ڪچهريون ڪيونسين. بس هر ڪمري ۾، هر جڳهه تي جتي به ملون ته موضوع فقط هي هجي:

1- پهريون تہ پاڪستان جي ٽيم نيوزيلنڊ کان سيائي واري مئچ کٽي وڃي تہ جيئن پاڪستان سيمي فائنل لاءِ اُميدوار ٿي سگهي.

2- جڏهن پاڪستان نيوزيلنڊ کان آخري فيلڊ مئچ کٽي وٺي تہ پوءِ رب العزت کي ليلائي ۽ ٻاڏائي ان کان دُعائون گهرجن تہ ڪنهن طرح ويسٽ انڊيز جي ٽيم آسٽريليا کان هارائي وڃي.

سيائي اسان جي مئچ ڪرائيسٽ چرچ ۾ نيوزيلينڊ سان هئي تہ ساڳي ڏينهن تي ميلبرن ۾ ويسٽ انڊيز ۽ آسٽريليا جي وچ ۾ ڊي اينڊ نائٽ مئچ هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پاڪستان ۽ نيوزيلئنڊ آمهون سامهون

## لئنڪاسٽر پارڪ گرائونڊ (ڪرائسٽ چرچ)

## Pakistan v/s New Zealand
## Lancaster Park Ground (Christ Church)

اڄ 18 مارچ هئي. اسان صبح 9 وڳي تائين لئنڪاسٽر پارڪ گرائونڊ (Lancaster Park Ground) پهچي وياسون.

صبح جو مئچ شروع ٿي. پاڪستان ٽاس کٽيو ۽ نيوزيلئنڊ کي بيٽنگ ڪرڻ جي دعوت ڏني. پر نيوزيلئنڊ جي ٽيم کي شايد اڄ پهريون پيرو خبر پئي ته، ”مغلن جي آئي فارسيون وسري ويندين آهن.“ پاڪستان جي ٽيم ڪين ڏکي لڳي ۽ هو راند اعتماد سان کيڏي نه سگهيا. نتيجو اهو نڪتو ته لئٿم فقط 6 جي اسڪور تي آئوٽ ٿي ويو. جونس ٻن ۽ ڪئپٽن مارٽن ڪرو ٽن رنس تي آئوٽ ٿي ويا. نيوزيلئنڊ جا فقط ٻه رانديگر اهڙا هئا جن نيوزيلئنڊ جي ٽيم کي شرمندگي کان بچايو نه ته هر رانديگر 1، 2، 3، 6، 7 ۽ 8 رنس جي دائري ۾ آئوٽ ٿي ويو. گريٽ بئچ 42 رنس ۽ آخر ۾ موريسن 37 رنس ٺاهيون. نيوزيلئنڊ جي سڄي ٽيم 48.2 اووَرز ۾ فقط 166 جي اسڪور تي آئوٽ ٿي وئي.

پاڪستان جي بيٽنگ جي شروعات سٺي نه ٿي جو عامر سهيل، موريسن جي پهرئين بال تي ئي زيرو تي آئوٽ ٿي ويو. پر رميز راجا جيڪو منهنجي نظر ۾ اجوڪي مئچ جو هيرو هو، (توڙي جو مئن آف دي مئچ جو اعزاز مشتاق احمد کي ڏنو ويو.. هن فيصلي سان مان اڄ ڏينهن تائين متفق ناهيان) جمي بيهي رهيو. ڪنهن کي به مجال نه ٿي ته ڪو رميز راجا کي ڪريز تان هٽائي سگهي. رميز راجا پهاڙ بڻجي بيهي رهيو ۽ 119 جو اسڪور ٺاهي به ناٽ آئوٽ رهيو. جاويد ميانداد 30 رنس ٺاهيون. رميز راجا ۽ جاويد جي گڏيل پارٽنر شپ ۾ 115 رنس ٺهيون.

هتي اهو نه سمجهڻ گهرجي ته جاويد ميانداد رنس گهٽ ڇو ٺاهيون؟ مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جاويد جهڙو باڪمال رانديگر هن وقت تائين نه ڏٺو آهي. هو هميشه پلاننگ سان راند کيڏندو آهي. هن محسوس ڪيو ته عامر سهيل جهڙو بئٽسمين زيرو تي آئوٽ ٿي چُڪو هو. ٿوري ئي دير ۾ انضمام جهڙو اسٽروڪ پليئر فقط 5 رنس ٺاهي آئوٽ ٿي ويو ته هاڻي جاويد سمجهيو ته راند کي بچائڻ ۽ راند کٽڻ سندس ئي ذميواري هئي. اهڙي صورتحال ۾ هو پاڻ گهٽ کيڏندو آهي، ۽ گهڻي کان گهڻو وقت ڪريز تي بيهڻ پسند ڪندو آهي.

رميز راجا جيڪي 119 رنس ٺاهيون، ان ۾ جاويد مياندار جي پلاننگ ۽ هر بال تي پنهنجي ساٿي کي هدايتون ڏيڻ ته راند کي اڳتي ڪيئن هلائجي، جو وڏو هٿ هو. بهرحال پاڪستان 44.4 اوورز ۾ فقط ٽن رانديگرن جي نقصان تي 167 رنس ٺاهي مئچ کٽي ويو ۽ پاڪستان جي ڪٺيل پوائنٽس جو جوڙ هاڻي 9 تي ويو هو. نيوزيلنڊ اجوڪي مئچ هارائي به سيمي فائنل ۾ شامل هو ڇو ته هو اڳي ئي 14 پوائنٽس حاصل ڪري چڪو هو ۽ پاڪستان اجوڪي اهم مئچ کٽڻ جي باوجود به سيمي فائنل تائين نه پهچي سگهيو هو. اسان جي سيمي فائنل ۾ پهچڻ جو دارومدار دُعائن جي قبول ٿيڻ تي هو ته جي اجوڪي ڏي اينڊ نائٽ مئچ ۾ ويسٽ انڊيز کي آسٽريليا هارائي وجي ته فقط ان صورت ۾ اسان سيمي فائنل ۾ پهچي پئي سگهياسين. ويسٽ انڊيز اڳ ئي 8 پوائنٽس حاصل ڪري چڪو هو. جيڪڏهن اڄ ويسٽ انڊيز آسٽريليا جي ٽيم کي هارايو ٿي ته سندن 10 پوائنٽس ٿي وڃن ها ۽ اسان ان صورت ۾ سيمي فائنل کان ٻاهر هجون ها.

آسٽريليا جيڪڏهن ويسٽ انڊيز کي هارايو ٿي ته ان صورت ۾ پاڪستان جي پوزيشن تي ڪوبه اثر نه ٿي پيو ڇو ته آسٽريليا جون هن وقت تائين فقط 6 پوائنٽس هيون. اجوڪيون 2 پوائنٽس حاصل ڪري به آسٽريليا پاڪستان کان هڪ پوائنٽ پٺتي هو.

مهربان پڙهندڙن ۽ خاص طرح ڪرڪيٽ جي شوقينن جي دلچسپي خاطر مان پوائنٽس ٽيبل هتي ڄاڻايان ٿو ته خبر پوي ته ائن فيلڊ مئچن ڪانپوءِ پوائنٽس ٽيبل جي ڇا پوزيشن هئي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| نيوزيلنڊ | 14 | پوائنٽس | پهرين پوزيشن |
| انگلنڊ | 11 | پوائنٽس | ٻي پوزيشن |
| سائوٿ آفريڪا | 10 | پوائنٽس | ٽين پوزيشن |

هاڻي مسئلو هي هو ته چوٿين پوزيشن ڪنهن جي حصي ۾ ٿي اچي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# رمضان جو مهينو ۽ دعائن جو اثر

جيئن مٿي ٻڌايل آهي ته ويسٽ انڊيز جون 8 پوائنٽس هيون، جي اچوڪي ڊي اينڊ نائٽ مئچ به ويسٽ انڊيز کٽي ٿي ته پوءِ پاڪستان سيمي فائنل کان ٻاهر هو ڇو ته مئچ کٽڻ جي صورت ۾ ويسٽ انڊيز جون 10 پوائنٽس ٿي وڃن ها ۽ پاڪستان جون 9 پوائنٽس هيون. ٻهريون ڀيرو مون مشاهدو ڪيو ته جڏهن تمام گهڻا ماڻهو دل سان دُعا گهرن ٿا ته الله پاڪ دعائون اگهائي ٿو، توڙي جو مون کي ڪجهه عجيب به لڳي ٿو ته راند روند جي معاملن ۾ رب تعاليٰ جو دخل اندازي ڏئي. پر منهنجي نظر ۾ هي مسئلو صرف راند تائين محدود نه هو. رمضان المبارڪ جو مهينو هو، پاڪستان ۾ به ماڻهن روزا پي رکيا ته هتي آسٽريليا ۽ نيوزيلنڊ ۾ پڻ. مان جڏهن به مئچ شروع ٿيڻ کان اڳ يا پوءِ ريڊيو پاڪستان ڪراچي جي ڪنٽرول روم ۾ ڳالهائيندو هوس ته پروڊيوسر توڙي انجنير سڀ چوندا هيا ته پاڪستان ۾ ماڻهو نه رڳو روزا ٿا رکن پر پاڪستان جي ڪاميابيءَ لاءِ دُعائون ٿا گهرن. ڪيترا ماڻهو ته پاڪستان جي ڪاميابيءَ لاءِ نفل ٿا پڙهن ۽ جڏهن پاڪستان ڪامياب ٿيو ته ان جي خوشيءَ ۾ به نفل پڙهندا ۽ الله پاڪ جا شڪرانا بجا آڻيندا. دُعائن جي قبول ٿيڻ جو اکين ڏٺو ۽ دلچسپ احوال اوهان کي ٻڌايان ٿو.

جڏهن پاڪستان، نيوزيلنڊ کي ڪرائيسٽ چرچ جي لئنڪاسٽر پارڪ گرائونڊ ۾ شڪست ڏني ته اسان ، ب تہ تکڙ ۾ هوٽل تي آياسين ته ويسٽ انڊيز ۽ آسٽريليا جي وچ ۾، ميلبرن ڪرڪيٽ گرائونڊ (MCG) تي ٿيندڙ ڊي اينڊ نائٽ مئچ کي ٽيليويزن تي ڏسي سگهون. ڊي اينڊ نائٽ مئچ شام جو 30-2 وڳي شروع ٿيندي آهي ۽ رات جو 30-9 يا 10 وڳي تائين جاري رهندي آهي.

اسان جي هوٽل تي پهچڻ کان اڳ آسٽريليا جي ٽيم پنهنجي اِننگ کيڏي چُڪي هئي ۽ 50 اوورز ۾ 216 رنس ٺاهي آئوٽ ٿي چُڪي هئي. اسان سيني جا خوف خطرا ۽ خدشا وسر وڃي ويا ته ويسٽ انڊيز جهڙي ٽيم لاءِ ايترو اسڪور ٺاهڻ معمولي ڳالهه هئي، ڇو ته ساڳي گرائونڊ تي پاڪستان سان کيڏيل پهرين مئچ ۾ ويسٽ انڊيز پاڪستان جي خلاف بغير ڪنهن نقصان جي 221 رنس ٺاهي مئچ کٽي چُڪو هو. پر اڄ پاڪستان جي حق ۾ شايد لکين ماڻهن جي دُعائن جي قبول ٿيڻ جو ڏينهن هو. ويسٽ انڊيز جي ٽيم شروعات کان وٺي دٻاءَ جو شڪار رهي. سنڌن ٽي بئٽسمين جلدي آئوٽ ٿي ويا. ڊيسمنڊ هينس فقط 14 رنس ٺاهي آئوٽ ٿيو، سمنس زيرو تي آئوٽ ٿيو ۽ ويسٽ انڊيز ٽيم جو ڪپتان وچي رچرڊسن به ٻوڙو ڪونه ٻاريو ۽

فقط 10 رنس ٺاهي آئوٽ ٿي ويو. سندرو ٻڌي آرٽرٽن ميدان ۾ لٿو پر اُهو به فقط 15 جي اسڪور تي آئوٽ ٿي ويو. ان ڪان پوءِ تہ لائين لڳي وئي. لوگي 5، هوپر 4 ۽ وليمس 4 رنس ٺاهي هڪ ٻئي پٺيان آئوٽ ٿيندا ويا. ائين ٿي لڳو تہ هڪ ٻئي کي منٿون ٿي ڪيائون تہ، ”يَر تون متان اڳي آئوٽ ٿي وڃين، مان تو ڪان اڳ وڃڻ ٿو چاهيان.“

ويسٽ انڊيز جو محبوب رانديگر ۽ موجوده ڪرڪيٽ جي دنيا جو لاثاني ۽ مايہ ناز بيٽسمين برائن لارا اجا ڪريز تي موجود هئو. وڪيٽ تي سندس موجودگي نہ رڳو آسٽريليا لاءِ خطرو هئي پر اسان جي ٽيم جي ڪيڊارين جو نڙيون بہ خشڪ ٿيڻ لڳيون هيون ڇو تہ ڪين خبر هئي تہ اڪيلو لارا بہ ويسٽ انڊيز کي فتح جي ڪناري تائين پهچائي سگهيو ٿي. پر ويسٽ انڊيز جي بدقسمتي جو اٺيهين اووَر ۾ جڏهن ويسٽ انڊيز جو اسڪور 137 رنس ٿيو ۽ لارا جو انفرادي اسڪور 70 هو تہ لارا هڪ شاٽ کيڏڻ جي ڪوشش ۾ بال کي هِٽ ڪري تڪڙي رن ٺاهڻ جي ڪوشش ۾ وٺي ڀڳو پر اسان ٽي وي تي سنسني خيز راند ڏسندڙ حيران ۽ پريشان ٿي وياسين جڏهن اهو منظر ڏٺوسين تہ سندس ساٿي بينجمين پنهنجي جڳهہ تان هڪ وِک بہ اڳتي نہ وڌائي ۽ اُتي جو اُتي بيٺو رهيو. نتيجو اهو نڪتو جو آسٽريليا جي وڪٽ ڪيپر بال ڪٽي وڪٽ تي هنيو ۽ لارا رن آئوٽ ٿي ويو. توڙي جو پاڪستاني ٽيم جا رانديگر بظاهر تہ ڏاڍا خوش ٿيا پر پوءِ بہ گيم اسپرٽ جي لحاظ سان بينجمين تي لک لعنتون وڌائون. عمران خان چيو، ”مون کي تہ بينجمين جهڙي لعنتي ڪردار تي خارون ٿيون اچن، جي منهنجي ٽيم ۾ اهڙو رانديگر ائين ڪري ها تہ مان تہ کيس شُوٽ ڪري ڇڏيانس ها.“

جيڪا ڳالهہ مان پنهنجن مهربانن کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو اُها هيءَ تہ بينجمين جو پنهنجي جڳهہ تان هڪ وِک بہ نہ هٽيو جڏهن تہ کيس خبر هئي تہ ويسٽ انڊيز جي ستن رانديگرن جي آئوٽ ٿيڻ کانپوءِ فقط هڪڙو ئي اعتماد وارو بيٽسمين برائن لارا هو جيڪو پنهنجي ٽيم کي ڪاميابيءَ جي منزل تائين پهچائي ٿي سگهيو. بينجمين خود پنهنجي قرباني ڏئي ها پر لارا کي آئوٽ ٿيڻ نہ ڏئي ها، پر ائين لڳو تہ ڪو معجزو ٿيڻو هو. بينجمين جي پيرن ۾ ڄڻ وَنگَ يا زنجير اهڙا تہ پئجي ويا جو هو پنهنجي جڳهہ تان چريو ئي نہ. ائين ڪڏهن ٿيندو ئي ناهي تہ هڪڙو بيٽسمين رن وٺڻ لاءِ ڀڄي، ٻيو پنهنجي جڳهہ تان چُري ئي نہ. ائين ضرور ٿيندو آهي تہ هڪڙو رانديگر تڪڙ ۾ ڀڄڻ شروع ڪندو تہ سندس ساٿي سمجهندو تہ رن وٺڻ خطري کان خالي

ڪونهي ته اتان ئي رڙ ڪري پنهنجي ساٿي کي روڪيندو ته رن وٺڻ لاءِ نه ڀڄي ته پوءِ سندس پارٽنر ڀڄندو به ته وري ڪريز ۾ واپس هليو ويندو. پر هتي ته عجيب معاملو ٿيو ته بينجمين ڀڄڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي ۽ نه ئي پنهنجي ساٿي لارا کي روڪيو ته رن نه وٺي، جڻ سندس پيرن ۾ زنجير ۽ زبان تي تالو لڳي چُڪو هجي. ورنه لارا رن وٺڻ لاءِ تيز تيز ڀڄو هو ته هڪ رن آسانيءَ سان ٿي وڃي ها ۽ بينجمين به آئوٽ نه ٿئي ها. اتي ان لمحي تي مون کي يقين سان محسوس ٿيو ته شايد لکين ماڻهن جي دُعائن اثر ڏيکاريو آهي. جنهن سبب ئي ويچارو لارا بي گناهه ۽ بي سبب آئوٽ ٿي ويو. هوڏانهن لارا جو آئوٽ ٿيڻ ۽ هيڏانهن اسان جي ٽيم ۾ خوشيون ۽ شادمانا شروع ٿي ويا. باقي جيڪي به رانديگر بچيل هيا انهن ۾ ڪو لچڻ ئي ڪونه هيو جو اسڪور کي اڳتي وڌائي ڪاميابيءَ حاصل ڪري سگهن.

ويسٽ انڊيز جي سڄي ٽيم 42.4 اوورَز ۾ فقط 159 رنس ٺاهي آئوٽ ٿي وئي ۽ آسٽريليا 57 رنس تان مئچ کٽي ويو.

## خوشيون ۽ شادمانا

قسمت جا به عجيب فيصلا ٿين ٿا. آسٽريليا کي اجوڪي مئچ کٽڻ جي باوجود به ذري جو فائدو نه پيو، پر ويسٽ انڊيز جي هارائڻ ڪري پاڪستان چوٿين نمبر تي اچي سيمي فائنل ۾ پهچي ويو. بس هاڻي ويسٽ انڊيز هارايو ته شڪرانن جي سجدن جي بجاءِ بوتلون کُليون ويون ۽ شادمانا مچي ويا.

بهرحال ڪيترن ٽيم جي ميمبرن سجدا به ڏنا ۽ پيئڻ جي محفل ۾ شامل هر گز نه ٿيا.

اسان جو افتي ته رنگ ۾ اچ ويو ۽ وٺي زور زور سان ڳائڻ شروع ڪيائين.

يه ڪپ ہمارا ہے.
اسے ہم نے پُکارا ہے.

اسان سيني ڳائڻ شروع ڪيو. هڪ شور هڪ هنگامو مچي ويو. رات جو هڪ ٿي رهيو هو. هوٽل ۾ رهيل ٻيا ماڻهو اسان جي هُل هنگامي تي جاڳي ڪمرن کان ٻاهر نڪري آيا، پر جڏهن کين خبر پئي ته اسان سيمي فائنل ۾ پهچي وڃڻ جي خوشيءَ ۾ ٽينگ ٽپا ڏيئي رهيا هياسين ته پوءِ ويچارا خاموش ٿي ويا. اسان سڀ "يه ڪپ همارا هي" ڳائيندا جنرل (رٽائرڊ) زاهد اڪبر، BCCP جي پريزيڊنٽ جي

ڪمري ۾ ويا. ٻين ۾ ان کي مبارڪون ڏنيونسين، اُهو سيني سان اُٺي ياڪر پائيندو ۽ مبارڪباد ڏيندو ويو. ان وقت شاهد رفيع، سيڪريٽري BCCP ۽ ان وقت جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن بہ موجود هو. مون وري ’هوجمالو‘ شروع ڪيو تہ سيني سنڌيءَ ۾ مون سان هو جمالو ڳائڻ شروع ڪيو. اڳتي هلي جڏهن پاڪستان جي ٽيم ورلڊ ڪپ کٽي ورتي تہ ان وقت بہ شايد ان حد تائين شادمانا نہ ٿيا جيڪي اڄ رات ڪرائيسٽ چرچ جي هوٽل Chateau ۾ ٿيا.

شايد صبح تائين محفل جو اهو رنگ هلي ها پر جنرل زاهد سيني کي سمجهايو تہ، ”هاڻي آرام ڪرڻ کپي جو صبح جو سوير واري فلائيٽ ۾ آڪلينڊ هلڻو هو. رات جو 3 وڳي ڌاران سمهياسين، خبر ناهي الائي ڪهڙي وقت ننڊ آئي.

## ڪرائيسٽ چرچ کان اڪلينڊ
## Christ Church to Auckland

جنرل زاهد صاحب تہ واقعي صبح جو ستين وڳي واري جهاز ۾ هليو ويو باقي اسان جي فلائيٽ منجهند جو ڏيڍ وڳي جي هئي. ننڊ مان ٺي 11 وڳي اٿياسين، 11-30 ڌاران پريور ناشتو ڪري ايئرپورٽ لاءِ روانا ٿياسين ۽ 1-30 وڳي جي فلائيٽ ۾ ڪرائيسٽ چرچ کان روانا ٿي فقط ڏيڍ ڪلاڪ ۾ يعني شام جو ٽين وڳي اچي آڪلينڊ پهتاسين.

ايڊن پارڪ گرائونڊ، جتي مئچ ٿيڻي هئي، ان جي پرسان ’ايڊن پارڪ موٽر اِن‘ ۾ اچي ڪمرو ورتم. ڏاڍو سٺو موٽيل آهي. اڄ جيئن تہ ڪجھ وقت هو گهمڻ ڦرڻ جو، تنهنڪري ڪمري ۾ سامان رکي سڌو ڊائون ٽائون هليو ويس. ڪرائيسٽ چرچ ۽ آڪلينڊ ٻئي نيوزيلينڊ جا شهر هئا پر ٻنهي ۾ زمين آسمان جو فرق هو. آڪلينڊ ڏاڍو خوبصورت شهر آهي، صاف سٺو ۽ گهما گهمي وارو. ڊائون ٽائون ۾ اڄ ڪئينس اسٽريٽ ۽ ڪسٽم اسٽريٽ جو تمام سهڻو علائقو ڏٺم. ڏاڍو مزو آيو. وڏا وڏا شاپنگ پلازا آهن ۽ هتي ماڻهن جي رش ۽ گهما گهمي تمام گهڻي آهي. هونئن بہ آڪلينڊ، نيوزيلينڊ جو وڏي ۾ وڏو شهر آهي، توڙي جو سندس گادي جو هنڌ ويلنگٽن آهي.

آڪلينڊ جي شهر تمام گهڻو مزو ڏنو. صفائي سٺائي بہ ڏاڍي سٺي هئي، چهل پهل بہ تمام گهڻي هئي پر اُهو مزو نہ هو جيڪو آسٽريليا جي شهرن خاص طرح سڊني ۽ ميلبرن ۾ هو. اقتصادي ۽ مالي لحاظ کان بہ نيوزيلينڊ آسٽريليا جي مقابلي


Scanned with CamScanner

۾ ڪافي غريب ملڪ آهي ته ساڳيوئي فرق سندن شهرن ۾ به آهي.

بهرحال منير حسين ۽ مون اڄ شهر کي ڏاڍو ڏٺو وائٺو ۽ گهميو ڦريو. هيڏانهن هوڏانهن گهمي ڦري وري ڪئينس اسٽريٽ ۽ ڪسٽم اسٽريٽ تي هليا اچون جو ته هتي رنگ رونق، هوٽل، شاپنگ پلازا ۽ ٻيا وندر وِرونهن به تمام گهٽ هئي.

گهمڻ ڦرڻ ۾ خبر ئي ڪانه پئي جو ڏينهن گذري ويو. اڄ تڪ به ڪافي ٿيو هو ان ڪري هوٽل تي پهچي ٽيليويزن تي ڪجهه پروگرام ڏسي سمهي پيس ته فوراً ننڊ اچي وئي.


Scanned with CamScanner

# پهرين سيمي فائنل

## پاڪستان - نيوزيلينڊ آمهون سامهون

## اِيڊن پارڪ گرائونڊ آڪلئنڊ (نيوزيلئنڊ)

## First Semi Final
## Pakistan v/s New Zealand
## Eden Park Ground Auck Land (New Zealand)

اڄ 21 مارچ هئي، ڇنڇر جو ڏينهن هو. آڪلئنڊ جي ايڊن پارڪ گرائونڊ (Eden Park Ground) تي پاڪستان ۽ نيوزيلئنڊ جي درميان پنجين بينسن اينڊ هيجز ڪرڪيٽ ورلڊ ڪپ جي پهرين سيمي فائنل لاءِ اسان گرائونڊ ۾ 9 وڳي داخل ٿياسين تہ محسوس ٿيو تہ ڄڻ نيوزيلئنڊ جا سڀ ماڻهو هن گرائونڊ ۾ موجود هيا. تمام گهڻي رش هئي. مردن جي گهڻائي تہ هر گرائونڊ تي هوندي ئي آهي پر اڄ عورتن لاءِ مخصوص ٿيل ٽن اسٽئنڊس ڪانسواءِ ٻہ واڌارا اسٽئنڊ بہ سندن حوالي ڪيا ويا هئا. عورتن ۾ نوجوان ڇوڪريون جيڪي نازڪ، نفيس ۽ ڀڙڪيدار لباس ۾ آيون هيون انهن جو تعداد تمام گهڻو هو. مئچ شروع ٿيڻ کان ڪلاڪ ڏيڍ اڳ ۾ ئي پورو گرائونڊ ڀرجي چُڪو هو. مون سوچيو تہ ٻاهر ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ جيڪي مردن ۽ عورتن جون ڊگهيون قطارون لڳل هيون، اهي جڏهن اندر اينداتہ ويهندا ڪٿي ڇو تہ صبح جو 9 وڳي تائين سيئي اسٽئنڊس ڀرجي چُڪا هيا.

مئچ شروع ٿيڻ کان اڳ نيوزيلئنڊ جي تعليمي ادارن مان چونڊجي آيل خوبصورت، چنچل ۽ جسماني طرح گهڙيل ۽ تراشيل ٽي سئو کن حسين ڇوڪريون گرائونڊ تي آيون، ڪين سفيد نِڪرون پاتل هيون. ڇوڪريون مون کي پردي واريون ٽي لڳيون جو گهٽ ۾ گهٽ ڇيلهہ کان وٺي سٿرن تائين تہ ڍڪيل هيون. مٿئين حصي ۾ جيڪي شرٽون ڪين پاتل هيون انهن جو تعلق ڏسڻ سان زياده، هتي بيان ڪرڻ سان گهٽ آهي. بهرحال هڪ تہ حد درجي جون حسين و جميل ڇوڪريون، نالي

ماتر لباسن ۾ اوڊيل، ويتر جو اُنهن نيوزيلئنڊ جا لوڪ رقص ۽ جمناسٽڪس جا دلفريب مظاهرا پيش ڪرڻ شروع ڪيا تہ اسان جي ڪمينٽري باڪس ۾ ڪجهہ دوستن چئي ڏنو تہ اڄ سيمي فائنل ۾ اهي چوڪريون ئي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪنديون رهن تہ ماڻهو وڌيڪ خوش ٿيندا. چوڪريون پنهنجا دلفريب ڪرتب ڏيکارينديون جڏهن هر انڪلوير اڳيان گذرن پيون تہ انڪلوير جا سارا ماڻهو پنهنجن سيٽن تان اُٿي تاڙيون وڄائي ۽ فلائنگ ڪسز (Flying Kisses) ذريعي کين ڀرپور داد ڏئي رهيا هيا. سندن دل چاهيو ٿي تہ چوڪرين تائين پهچي پنهنجي دل جا جذبات انهن تائين پهچائن پر ائين نہ ٿي ڪري سگهيا. چوڪرين جا ڪرتب جاري هئا تہ ان دوران ٻنهي ٽيمن جا ڪپتان عمران خان ۽ مارٽن ڪرو ٽاس ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ آيا. انهن سان گڏ ٽيليويزن وارا ۽ فوٽو گرافر بہ ميدان ۾ ڪڏي ڪاهي پيا. نيوزيلينڊ ٽاس کٽيو ۽ پاڻ بيٽنگ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

ٿوري دير ۾ پاڪستان جي ٽيم فيلڊنگ ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ لٿي تہ چوڪرين وري ڀرپور انداز ۾ جمناسٽڪس جو مظاهرو ڪرڻ شروع ڪيو... اسان جو ماسٽر بيٽسمين جاويد مانداد بہ موڊ ۾ اچي ويو ۽ انهيءَ بہ چوڪرين واري انداز ۾ هٿ هلائڻ شروع ڪيا جنهن تي چوڪريون ڏاڍيون خوش ٿيون ۽ تماشبينن بہ تاڙيون وڄائي چوڪرين ۽ جاويد مانداد کي ڀرپور داد ڏنو. جڏهن ٽيم اڳي هلي وئي تہ چوڪريون بہ پنهنجا ڪرتب ڏيکارينديون، ڊانس ڪنديون پنهنجي ڊريسنگ روم ۾ هليون ويون. ٿوري ئي دير ۾ ترتيب وار نيوزيلئنڊ ۽ پاڪستان جا قومي ترانا وڄايا ويا تہ پئويلين ۾ ويٺل هزارين ماڻهو، قومي ترانن جي احترام ۾ اُٿي بيٺا ۽ هر طرف خاموشي ڇانئجي وئي. قومي ترانن جي ختم ٿيڻ شرط مئچ جي آرگنائيزرس هن وقت تائين کيڏيل ائن مئچن ۾ بهترين ڪارڪردگيءَ جي سلسلي ۾ نيوزيلئنڊ جي ڪپتان مارٽن ڪرو کي ”پليئر آف دي ٽورنامينٽ“ (Martin Crowe (Captain) declared 'Player of the Tournament'.) جو خطاب ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ ٻين انعامن اڪرامن ڪانسواءِ گرائونڊ ۾ بيهاريل هڪ خوبصورت ڪار بہ کيس تحفي ۾ ڏني وئي.

هاڻي مئچ باقائدگي سان نيوزيلئنڊ جي بيٽنگ سان شروع ٿي. مارڪ گريٽ بيچ ۽ جان رائيٽ نيوزيلئنڊ جا اوپنر هئا. فقط 17 جي اسڪور تي گريٽ بيچ ۽ 13 تي جان رائٽ بہ آئوٽ ٿي ويو. انڊريو جونس ٽيون رانديگر هو جيڪو 21 جي اسڪور تي آئوٽ ٿي ڊريسنگ روم ڏي روانو ٿيو. هاڻي نيوزيلئنڊ جو ڪپتان مارٽن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرو ميدان تي لٿو جنهن 91 جو شاندار اسڪور ناهي، اسان جي ٽيم جو ٽارگيٽ وڌائي ۽ پنهنجي ٽيم جي اسڪور کي گهڻو اڳتي پهچائي ڇڏيو. مارٽن ڪرو جي 91 جي اسڪور ۾ 6 چوڪا ۽ ٻه ڇڪا شامل هئا. پر مان جيئن پوين صفحن ۾ لکي آيو آهيان تہ رمضان المبارڪ جي مهيني سبب لکين ماڻهن جي دعائن شايد اثر ڏيکاريو. مارٽن ڪرو ايڏو تہ اعتماد سان بي ڊپو ٿي کيڏي رهيو هو جو هن وسيم اڪرم جهڙي خطرناڪ فاسٽ بولر کي بہ ڪنهن ليکي ۾ نہ ٿي آندو ۽ نہ وري عاقب جاويد ۽ عمران خان کيس آئوٽ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. پر مان چوندس تہ فقط هڪڙي شئي کيس آئوٽ ڪرڻ ۾ نہ پر عارضي طور ناڪاره ۽ بيڪار بنائڻ ۾ ڪامياب وئي ۽ اُها شئي هئي، 'لکين پاڪستانين جون دُعائون' جيڪي پاڪستان جي ڪاميابيءَ جي حق ۾ هيون. جڏهن مارٽن ڪرو جو اسڪور 91 تي پهتو تہ هو هڪ بال کي هِٽ هڻي رن وٺڻ لاءِ وٺي ڊوڙيو تہ پڇندي پڇندي اوچتو منڊڪائڻ لڳو. نيٺ پڇي نہ سگهيو ۽ رن آئوٽ ٿي ويو.

نيوزيلئنڊ جو ڪپتان مارٽن ڪرو، ڳيڙيون (Hamstring) پوڻ سبب جي رن آئوٽ نہ ٿئي ها تہ راند جو نقشو شايد مختلف هجي ها. هوڏانهن گرائونڊ ۾ اڄ نيوزيلئنڊ جي ٽيم جي حق ۾ تماشبين جو جوش و خروش ڏسڻ وٽان هو. خاص طرح چوڪريون ۽ چوڪرا 4 ۽ 6 جو انگ، بئنرس تي خوبصورت نموني پرنٽ ڪرائي آيا هيا. جيئن ئي نيوزيلئنڊ جي ڪنهن رانديگر چوڪو يا ڇڪو ٿي هنيو تہ اوهڙي حساب سان هزارن جي تعداد ۾ هڪ ئي وقت ڇئن يا چهن جا هزارين بئنر، چوڪرن ۽ چوڪرين، مٿي ڪٿي نمايان ڪري پٺي ڇڏيا ۽ هڪ خوبصورت نظارو ٿي لڳو. مون بي ڪنهن بہ گرائونڊ تي ڪنهن بہ ٽيم لاءِ ايتري ڪرائوڊ سپورٽ نہ ڏٺي جيتري نيوزيلئنڊ جي شهر آڪلئنڊ جي ايڊن پارڪ گرائونڊ ۾ سنڌن ٽيم لاءِ ڏٺي. نعرن جا عجيب و غريب بئنر بہ چوڪرن ۽ چوڪرين جي هٿن ۾ هيا. مثلاً:

"ورلڊ ڪپ اسان کٽنداسون."

"گهٽي کان گهٽيون مئچون نيوزيلئنڊ کٽيون آهن تہ اجوڪي مئچ بہ نيوزيلئنڊ کٽندو."

"ورلڊ ڪپ نيوزيلئنڊ جو آهي." وغيره وغيره. مارٽن ڪرو جي آئوٽ ٿيڻ کانپوءِ ردر فورڊ آيو ۽ ان بہ ڪمال جي بئٽنگ جو مظاهرو ڪندي جڏهن پوري اڌ سينچري يعني 50 رنس ناهيون تہ وسيم اڪرم جي بولنگ تي معين هٿان ڪئچ ٿي ويو. مارٽن ڪرو ۽ ردر فورڊ جي آئوٽ ٿيڻ کانپوءِ نيوزيلئنڊ جي ٽيم ڄمي نہ

سگهي ۽ ٿوري ٿوري اسڪور تي آئوٽ ٿيندا ويا. پر ان جي باوجود به 262 جو اُميد افزا اسڪور ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ون ڊي مئچ لاءِ 262 جو اسڪور تمام سٺو اسڪور هو، پر ايڊن پارڪ گرائونڊ جي بائونڊري ننڍي آهي، تنهنڪري پاڪستان جهڙي ٽيم لاءِ ايترو اسڪور حاصل ڪرڻ هرويرو تمام ڏکيو يا ناممڪن به ڪونه هو.

لنچ جي وقفي ڪانپوءِ پاڪستان جي بيٽنگ جو وارو آيو. اسان جو اوپنر عامر سهيل يا ته تمام شاندار راند جو مظاهرو ڪندو آهي يا وري جلدي آئوٽ ٿي ويندو آهي. عامر فقط 14 جي اسڪور تي پٽيل جي بولنگ تي جونس هٿان ڪئچ آئوٽ ٿي ويو. ٽئين نمبر تي عمران خان آيو. عمران خان جي ٽئين نمبر يا وَن ڊائون کيڏڻ تي سيني کي اعتراض هو. اهو نمبر سليم ملڪ لاءِ مخصوص هو. سليم ملڪ کي پڻ بيحد شڪايت هئي ته عمران خان ساڻس زيادتيون ڪري رهيو هو. بهرحال عمران خان جهڙي ڪئپٽن جي فيصلي کي رد ڪرڻ يا ان جي آڏو اچڻ جي ڪنهن کي به مجال ڪانه هئي. عمران خان نه رڳو تمام آهستي آهستي پر بيحد سستيءَ سان راند کيڏي رهيو هو، جڏهن ته پاڪستان کي نيوزيلينڊ جي 262 جي ٽارگيٽ کي پهچڻ لاءِ تمام تيز راند ۽ فوري رنس (Quick Runs) جي ضرورت هئي. عمران خان 93 بالن تي 44 رنس ٺاهيون. عمران خان جي تمام ڍلي ۽ ڍري راند کيڏڻ تي ڪجهه پاڪستانين ته دعائون گهرڻ شروع ڪيون ته عمران جلد آئوٽ ٿئي ته اسڪور ۾ ڪجهه واڌارو اچي. پرٿ جي واڪا گرائونڊ ۾ سريلنڪا خلاف کيڏيل مئچ ۾ پڻ عمران خان ون ڊائون تي آيو هو پر تمام سست، ڍري ۽ بور ڪندڙ بيٽنگ ڪندي 78 بالن تي فقط 22 رنس ٺاهي آئوٽ ٿيو هو ته ان وقت به عمران خان جي آئوٽ ٿيڻ تي پاڪستاني تماشبين خوش ٿي چئي رهيا هيا ته چڱو ٿيو، سندس آئوٽ ٿيڻ کان بعد ئي اسڪور ۾ واڌارو ايندو. رميز راجا به 44 جي اسڪور تي آئوٽ ٿيو. رميز راجا جي آئوٽ ٿيڻ تي سُپر بيٽسمين جاويد مانداد جڏهن گرائونڊ تي آيو ته دستور موجب تاڙيون وڄائي سندس استقبال ڪيو ويو. پنجين نمبر تي سليم ملڪ کيڏڻ آيو پر فقط هڪ رن ٺاهي سُٽ ئي پوئتي موٽيو. هاڻي نوجوان بيٽسمين انضمام الحق آيو جنهن اچڻ شرط رنس ٺاهڻ شروع ڪيون ۽ چوڪن تي چوڪا هڻندو اسڪور کي ڏوڪيندو اڳتي وڌائيندو رهيو. جاويد مانداد جهڙو عظيم بيٽسمين سندس ساٿي هو جيڪو هر بال کيڏڻ ڪانپوءِ اڳتي وڃي انضمام کي شاباس به چوندو رهيو ته راند جي حڪمت عملي جي باري ۾ ڪيس هدايتون به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جاري ڪندو رهيو.

انضمام الحق جي جارحاڻي بيٽنگ جو سلسلو جاري رهيو. نيوزيلينڊ جي ٽيم ۾ سندن ڪپتان مارٽن ڪرو فيلڊنگ ڪرڻ وقت شامل ٿي نه سگهيو هو جو اڳ بيٽنگ دوران ڳڍڙيون (Hamstring) پوڻ سبب ڪيس اڃا به سخت تڪليف هئي. سندس غير موجودگي ۾ ٽيم جي قيادت جان رائيٽ ڪري رهيو هو. انضمام الحق ست چوڪا ۽ هڪ ڇڪو هڻي طوفاني اننگ کيڏندو فقط 37 بالن تي 60 رنس ٺاهي، رن آئوٽ ٿي ويو. جاويد مانداد 57 رنس ٺاهي ناٽ آئوٽ هيو. انضمام ۽ جاويد فقط 10 اوورز ۾ 87 رنس ٺاهيون جنهن جي ڪري اسڪور ايوريج ۾ نه رڳو بهتري آئي پر هاڻي پاڪستان جو اسڪور هڪ اُميد افزا اسڪور ٿي ويو. صورتحال ۾ بهتري ان حد تائين آئي جو جڏهن آخري ٻه اووَر وڃي رهيا ته ان وقت پاڪستان کي مئچ کٽڻ لاءِ فقط 12 رنس جي ضرورت هئي. اڻونجاهين اووَر ۾ مانداد، هئرس جي بال تي هڪ رن ٺاهي. معين خان ٻيو بال مس ڪيو. ٽئين بال تي معين خان هڪ رن ٺاهي، جڏهن هر بال تي هڪ هڪ رن ٺهڻ لڳي ته اسان جي دل جو ڌڙڪو تيز ٿيڻ لڳو. اسان ڪمينٽري باڪس ۾ سڀ پريشان ٿيڻ لڳاسون ته ڪٿي ائين نه ٿئي ته پاڪستان جي فتح جيڪا اسان پنهنجي سامهون، پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا هياسين، اُها آخري چند گهڙين ۾ شڪست ۾ نه بدلجي وڃي.

پنجين بال تي معين خان بال جي آڏو هو. جيئن فل ٽاس بال معين خان ڏي آيو ته هن به الله توهار ڪري بال تي هڪ زوردار شاٽ کيڏي ۽ بال هوا سان ڳالهيون ڪندو، بائونڊري ڪراس ڪندو ماڻهن جي مٿان وڃي ڪريو ۽ امپائر پنهنجا ٻئي هٿ مٿي ڪري ڇڏيا. يعني معين خان ڇڪو هِڻ ڪيو هو. معين خان جي ڇَڪي نيوزيلينڊ سان همدردي رکڻ وارن تماشبينن جو وايون بتال ڪري ڇڏيون هيون. ان ڇَڪي سان پاڪستان جو اسڪور 260 تي ويو هو ۽ هاڻي فتح لاءِ فقط 3 رنس جي ضرورت هئي، جڏهن ته هڪ بال ۽ پوري هڪ اووَر اڃا رهيل هئي. پر معين سوچيو ته آخري اووَر به ڇو کيڏجي، سو هن اڻونجاهين اووَر جي آخري بال تي وري زوردار هِٽ کيڏي ۽ بال بندوق جي گولي بڻجي بائونڊري پار ڪري ويو. اهڙي طرح ان چوڪي سان پاڪستان جو اسڪور 264 تي ويو ۽ پاڪستان بظاهر هڪ هارايل راند کٽڻ وڪيٽن تان کٽي ورتي.

پاڪستان ٽيم جا سڀ رانديگر ميدان ۾ لهي آيا، خوشيون ۽ شادمانا شروع ٿي ويا. معين خان ۽ انضمام الحق کي ڪُلهن تي کنيو ويو. ڪجهه ماڻهن پڇيو


Scanned with CamScanner

۽ جاويد ميانداد ڪيڏانهن ويو. اصل هيرو ۽ هن راند جو در حقيقت جاويد ميانداد ئي هو توڙي جو انضمام الحق به اچوڪي ميچ لاءِ هيرو هئڻ جو هڪ جيترو حقدار هو. جاويد ميانداد جي ڳولا شروع ٿي وئي. خبر تڏهن پئي جڏهن ماڻهن ڏٺو ته جاويد ميانداد گرائونڊ تي سجدو ڪري پنهنجي پروردگار جا شڪرانا بجا آڻي رهيو هو. جڏهن جاويد سجدي مان اٿيو ته ڪيس به ڪلهن تي کڻي ميدان ۾ گهمايو ويو. ڪيئن نه اُهي چَنڊ چهرا جيڪي ٿوري دير اڳي ٻهڪيا ۽ مهڪيا ٿئي، پر هاڻي پاڪستان هٿان شڪست سندن ٽهڪ ڪسي ورتا هيا. ڪين پڪ هئي ته نيوزيلينڊ نه رڳو سيمي فائنل کٽندو پر ورلڊ ڪپ به سندن ئي هو. ان سمجهڻ ۾ هو گهٽي ياڳي حق بجانب به هٿا. ورلڊ ڪپ جي 9 ٽيمن منجهان، نيوزيلينڊ پوائنٽس ٽيبل ۾ سيني ڪان اڳتي هو.

ڪرائيسٽ چرچ ۾ پاڪستان جي مقابلي ۾ نيوزيلينڊ جيڪا آخري فيلڊ ميچ هارائي ويو هو ته ان لاءِ به عام تاثر اهو هو ته نيوزيلينڊ اُها ميچ ڄاڻي ٻجهي فقط ان ڪري هارائي هئي ته ميچ کٽڻ جي صورت ۾ ڪين سيمي فائنل سڊني ۾ کيڏڻو پوي ها جيڪو اُنهن نٿي چاهيو، ڇو ته شروعات واريون ست ئي ميچون جيڪي نيوزيلينڊ کٽيون هيون ته اُهي سڀ پنهنجن هوم گرائونڊس تي کٽيون هيون. بهرحال ان تاثر ۾ سچائي هجي يا نه، پر تماشبينن کي تقريباً يقين هو ته نيوزيلينڊ سيمي فائنل کٽي ويندو.

توڙي جو پاڪستان جي کٽڻ جي بيحد خوشي هئي، پر نيوزيلينڊ جي جذباتي، سهڻن ۽ پيارن ماڻهن جي مغموم چهرن ڄڻ مون کي به مغموم ڪري ڇڏيو هو. جيڪي سهڻا ۽ خوبصورت ڇوڪرا ۽ حسين ۽ دلفريب ڇوڪريون، توڙي عام ماڻهو، ٿورڙو اڳ مخمور مسڪراهٽن ۽ ٽهڪڙن سان بيحد خوش نظر ٿي آيا، اُهي هاڻي ڏاڍا مايوس ۽ مغموم ٿي لڳا. ڪيترائي جوان، جوانڙيون توڙي ٻار مون کي سڏڪا ڀريندي نظر آيا. ٻيو ته ڇڏيو پر نيوزيلينڊ جا ڪجهه رانديگر پڻ زارو قطار روئي رهيا هيا.

ميچ ۾ فتح کانپوءِ مون ڪوشش ڪئي ته ڪرڪيٽ ڪنٽرول بورڊ جي چيئرمين، پريزيڊنٽ، پاڪستان مان آيل ٻن وزير صاحبان مسٽر اجمل چوڌري، راندين ۽ ثقافت جي مملڪتي وزير ۽ راجا اشفاق سرور پنجاب جي ٻيلي کاتي جي وزير، سيڪريٽري ۽ اسان جي ٽيم جي ڪپتان عمران خان جا تاثرات ريڊيو پاڪستان تان ضرور نشر ٿين. VVIP پئويلين ۾ وينل جنرل زاهد اڪبر، سيڪريٽري BCCP،

چيئرمين ۽، شاهد رفيع ملي ويا. ڪين تاثرات ڏيڻ لاءِ چيم ته فوراً مون سان گڏ اسانجي ڪمينٽري باڪس ۾ هليا آيا. منير حسين ۽ افتخار احمد کي مون چيو ته هو ٻنهي سان ريڊيو پاڪستان تان سڌي سنئين نشر ٿيندڙ ڪمينٽري ۾ گفتگو ڪندا رهن تيستائين مان عمران خان کي وٺي اچان. عمران خان مبارڪون ڏيندڙن جي هڪ هجوم ۾ وڪوڙيل هو ته مان وڃي ٻانهن کان ورتو مانس ۽ چيو مانس، ”اڄ اوهان کي هرگز نه وڃڻ ڏيندس، اوهان هلو ۽ پنهنجا تاثرات نشر ڪرايو.“ مان خوش ٿيس جو چيائين ته، ”بلوچ صاحب اڄ اوهانجي خواهش ضرور پوري ڪندس.“ ائين چئي مون سان گڏ هليو آيو ۽ پنهنجا ڀرپور تاثرات ڏنائين جيڪي ريڊيو پاڪستان تان براهِ راست نشر ٿيا. ان ڪانپوءِ چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ BCCP جي پريزيڊنٽ جسٽس سيد نسيم حسن شاهه کي تاثرات ڏيڻ جي گذارش ڪيم جنهن فوراً منهنجي ڳالهه مڃي ۽ ڪمينٽري باڪس ۾ هليو آيو ۽ پنهنجا تاثرات بيان ڪندي زوردار لفظن ۾ چيائين، ”انشاءَالله فائنل ۾ به فتح اسان جي ٿي ٿيندي ۽ ورلڊ ڪپ اسان ئي کٽنداسون.“ ساڳئي خيالن جو اظهار جنرل زاهد اڪبر ۽ شاهد رفيع صاحب پڻ ڪيو.

جڏهن سڀني جا تاثرات نشر ٿي ويا ته ڪراچي ڪنٽرول وارن هاٽ لائين تي ڳالهايو. نثار ميمڻ ۽ اسلم بلوچ ڪراچي ڪنٽرول روم ۾ هيا. انهن اسان جي ان وقت جي ڊائريڪٽر جنرل آغا ناصر طرفان مبارڪباد جو پيغام ڏنو ته آغا صاحب منهنجي ڪارڪردگي تي بيحد خوش ٿيو هو جو مان هيترين سارين اهم شخصيتن کي ڪمينٽري باڪس ۾ وٺي آيو هوس ۽ سندن تاثرات ريڊيو پاڪستان تان نشر ڪيا جن کي پاڪستان ۾ لکين ماڻهن ٻڌو.

پنهنجن مهربانن کي ٻڌائيندو هلان ته مئچ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ گرائونڊ ۾ ايڏو ته تفسا نفسي جو عالم هوندو آهي جو ماڻهن جي پيهه ۾ مورڳو گهمڻ ڦرڻ، چرڻ پرڻ به عذاب هوندو آهي. هينئَر به جڏهن تصور ٿو اچيم ته ماڻهن جي هيڏي ساري پيهه ۾ هيترن سارن ماڻهن کي ريڊيو پاڪستان جي ڪمينٽري باڪس تائين ڪيئن وٺي آيو هوس ته يقين نٿو اچيم ته اهو ڪارنامو ڪيئن سرانجام ڏنو هوم. پر ان وقت مئچ کٽڻ جي خوشيءَ ۽ جذبات جي ڪيفيت ئي ڪجهه اهڙي هئي جو سڀ ڪجهه ممڪن ٿي سگهيو ٿي. افتخار احمد ۽ منير حسين پڻ دل کولي داد ڏنو ته مان ايترين سارين اهم شخصيتن کي ڪمينٽري باڪس تي وٺي اچڻ ۾ ڪامياب ڪيئن ٿي سگهيو هوس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوٽل تي موٽي آياسين. سيمي فائنل ۾ پاڪستان ٽيم جي فتح جي خوشيءَ ۾ جنرل زاهد اڪبر طرفان زبردست ڊنر جو اهتمام ڪيو ويو. مبارڪن جو هر طرف ڪان وسڪارو هو. ٿوري دير ۾ اڳوڻو چيف جسٽس آف پاڪستان جناب سيد نسيم حسن شاهه منهنجي ير ۾ اچي ويٺو. جنرل زاهد ۽ جاويد ميانداد به منهنجي پرسان ويٺا هئا. چيف جسٽس صاحب چيو، ”عنايت صاحب! مون کي تعجب آهي ته ٽيليويزن ۽ ڊش اينٽينا جي هن دؤر ۾ به ريڊيو کي ان قدر ٻڌو وڃي ٿو.“ مون وضاحت گهري ته جسٽس صاحب چيو، ”مون ٿوري دير اڳ پاڪستان ۾ پنهنجي گهر ڳالهايو ته منهنجي گهر جي سيني ٻاتين ٻڌايو ته هن جسٽس صاحب ۽ ٻين جا تاثرات ريڊيو پاڪستان تان ٻڌا هيا.“ مون اڳوڻي جسٽس صاحب کي چيو، ”سر، گهٽائي اسان کي ٻڌي ٿي، البت ٿورا ماڻهو ٿي وي ڏسن ٿا.“ ڪافي دير تائين ڳالهيون ٻولهيون ۽ خوشيءَ ۾ ڪِلَ ٻوڳَ ۽ ڪچهريون ٿينديون رهيون.

ڊنر کان پوءِ ڪمرن ۾ اچي هڪدم سمهي پياسين جو صبح جو سوير سڊني لاءِ جهاز ۾ سوار ٿيڻو هو.

## آڪلئنڊ کان سڊني Auckland to Sydeny

اڄ 22 مارچ هئي، صبح جو 6 وڳي هوٽل ڇڏي ايئرپورٽ تي آياسين ۽ 8 وڳي جي فلائيٽ ۾ سوار ٿي سوا ٽن ڪلاڪن ۾ صبح جو سوا يارهين وڳي اچي سڊني ايئرپورٽ پهتاسين. پِٽ اسٽريٽ (Pitt Street) تي ساڳي ويسٽ اينڊ هوٽل تي آيس جنهن لاءِ مون بوڪنگ اڳ ئي ڪرائي ڇڏي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٻي سيمي فائنل

## انگلنڊ ۽ سائوٿ آفريڪا آمهون سامهون

## سڊني ڪرڪيٽ گرائونڊ

## Second Semi- Final
## England v/s South Africa
## Sydney Cricket Ground (SCG)

اڄ سڊني ۾ سڊني ڪرڪيٽ گرائونڊ تي انگلنڊ ۽ سائوٿ آفريڪا جي ٽيمن جي وچ ۾ ٻي سيمي فائنل مئچ ٿيڻي هئي. هن سيمي فائنل لاءِ اسان جي لاءِ ٻه نيون ڳالهيون هي هيون:

هيءَ پهرين مئچ هئي جنهن ۾ پاڪستان نه ٿي کيڏيو پر ان جي باوجود اسان ريڊيو پاڪستان تي ڪمينٽري نشر ڪرڻ لاءِ سڊني پهتاسون. ٻين سڀني گرائونڊس تي جتي به ڪمينٽري نشر ٿي ته اُتي پاڪستان کيڏي رهيو هو سوا اڄوڪي مئچ جي.

اڄوڪي مئچ بابت اسان جي لاءِ ٻي نئين ڳالهه هيءَ هئي ته ٻين سڀني شهرن ۾ جتي جتي به اسان پهچندا هئاسين ته ٻه ٽي ڏينهن نه، ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن آرام جو رکيل هوندو هو ته ماڻهو جڏهن نئين شهر پهچن ته اُتي پهچي ڪجهه ان شهر سان مانوس ٿين، ٿڪ پٽين، آرام ڪن ۽ پوءِ مئچ تي وڃن، پر اڄ اسان جي ٻچ ٻچان واري حالت هئي. شڪر جو صبح جي فلائيٽ ملي وئي نه ته اڄوڪي مئچ تي اسان رننگ ڪمينٽري نشر نه ڪري سگهون ها.

بهرحال هوٽل تي سامان رکي، فقط هٿ منهن ڌوئي فوراً سڊني ڪرڪيٽ گرائونڊ پهتاسين.

اڄوڪي مئچ ڊي اينڊ نائيٽ مئچ هئي. مئچ شروع ٿي. ٻنهي ٽيمن جا ڪپتان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گراهم گوچ (G. Gooch) ۽ ڪيپلر ويسلز (Kepler Wessels) ميدان تي آيا. ٽاس سائوٿ آفريڪا جي ڪپتان ويسلز کٽيو ۽ انگلنڊ کي بئٽنگ جي دعوت ڏني.

انگلنڊ بئٽنگ شروع ڪئي ته ٿوري ئي دير ۾ آسمان تي ڪارا بادل ڇانئجڻ شروع ٿي ويا ۽ برسات وسڻ جو پورو امڪان پيدا ٿي ويو. سائوٿ آفريڪا جا بولرز گهربل وقت ۾ 50 اووَرز پوريون نه ڪرائي سگهيا ۽ فقط 45 اووَرز تي سگهيون، تنهنڪري هاڻي ٻنهي ٽيمن کي 45 اووَرز جي مئچ کيڏڻي پئجي وئي.

اهڙي طرح انگلنڊ 45 اووَرز ۾ ڇهن رانديگرن جي آئوٽ ٿيڻ تي 252 رنس ٺاهيون. سائوٿ آفريڪا جي خطرناڪ فاسٽ بولرز ڊونلڊ ۽ پرنگل جي زبردست بولنگ جي آڏو انگلنڊ جي ٽيم پوريءَ طرح جمي نه کيڏي سگهي. سواءِ هِڪ (Hick) جي ٻيو ڪوبه رانديگر اڌ سينچري به نه ٺاهي سگهيو. اسٽيو ورٿ 33 رنس ٺاهيون. فيئر بردر 28 جي اسڪور تائين پهتو ۽ ربو 25. باقي هِڪ (Hick) ڪمال جي راند کيڏي. ڊونلڊ ۽ پرنگل جي تمام تيز بولنگ به ڪيس هيسائي نه سگهي ۽ هو 83 جي اسڪور تي سنيل جي بولنگ تي جانٽي رهوڊس هٿان ڪئچ آئوٽ ٿي ويو.

رات جي ماني جي وقفي کانپوءِ سائوٿ آفريڪا جي بئٽنگ شروع ٿي.

سائوٿ آفريڪا جي ٽيم به جمي ته نه کيڏي سگهي پر ان جي باوجود بهتر راند جو مظاهرو ڪيو. سندن ڪپتان ڪيپلر ويسلس 17 جي اسڪور تي آئوٽ ٿي ويو. هڊسن تمام سٺي بئٽنگ ڪئي پر بدقسمتي سان اڌ سينچري ٺاهڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو ۽ 46 جي اسڪور تي اِلنگورٿ جي بال تي LBW ٿي ويو. ان کانپوءِ ڪائيپر ۽ ڪرونيي بهتر راند جو مظاهرو ڪندي، هر هڪ 36 ۽ 24 رنس ٺاهيون. سائوٿ آفريڪا جي خوبصورت ۽ ورزشيءَ بئٽسمين ۽ مايه ناز فيلڊر جانٽي رهوڊس 43 رنس ٺاهي سائوٿ آفريڪا جي اسڪور کي وڏي مدد ڏني. پر سائوٿ آفريڪا جي بدقسمتيءَ جي هاڻ شروعات ٿي چُڪي هئي جو زوردار برسات پوڻ لڳي. راند بند ڪئي وئي. ٿوري دير کانپوءِ راند ٻيهر شروع ٿي ته وري برسات وسڻ لڳي.

نيٺ جڏهن ٽيون دفعو راند شروع ٿي ته برسات جي سلسلي ۾ پنجين ورلڊ ڪپ جي نوَن قانون قاعدن موجب سائوٿ آفريڪا جي ٽيم کي 13 بالن ۾ 22 رنس ٺاهڻ جو ٽارگيٽ ڏنو ويو. ان وقت اسان کي تقريباً يقين ٿي ويو ته اُهو ٽارگيٽ سائوٿ آفريڪا جهڙي ٽيم لاءِ حاصل ڪرڻ آسان هو ۽ اها مئچ سائوٿ آفريڪا ئي کٽندو. پر بدقسمتي سندن قدم چُمي رهي هئي. جيئن راند شروع ٿي ته وري ان

کي فوراً بند ڪرڻو پيو جو وري زوردار برسات وسڻ لڳي. نيٺ جڏهن مينهن بند ٿيو تہ وري ٽيمون ميدان تي آيون ۽ هاڻي لائوڊ اسپيڪر تي اعلان ڪيو ويو ۽ اليڪٽرانڪ اسڪور بورڊ تي بہ لکيو ويو تہ برسات جي قانون موجب هاڻي سائوٿ آفريڪا کي ساڳيون رنس فقط هڪ بال تي ٺاهڻيون هيون. تماشبين جڻ سڪتي ۾ اچي ويا. سيني لاءِ اهو اعلان حيرت ۾ وجهندڙ هيو تہ آخر هڪ بال تي 22 رنس ڪهڙي طرح ٺهي سگهن ٿيون.

سائوٿ آفريڪا جي ٽيم جهڙي اسپرٽ ۽ جذبي سان کيڏي رهي هئي تہ يقيني طور تي محسوس ٿي رهيو هو تہ هو مئچ کٽي ويندا پر سندن بدقسمتي جو وقفي وقفي کان پوءِ برسات جي وسڪاري سندن اُميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. وري جيڪو ڪرڪيٽ جي تاريخ ۾ هڪ انوکو ۽ گندو قانون مٿن لاڳو ڪيو ويو تہ فقط هڪ بال تي 22 رنس ٺاهين، تہ ان احمقانہ فيصلي تي سائوٿ آفيڪا جي ٽيم تہ پريشان ٿي ئي سهي پر سڄي گرائونڊ ۾ چريٽ راجا واري هن عجيب و غريب ۽ بيحد غير مهذب قانون لاڳو ڪرڻ تي چؤٻول مچي ويو تہ "ڇا هڪ بال تي 22 رنس ٺهي سگهن ٿيون؟" .... ها جي اهڙو ڪو قانون هجي تہ وقت پوڻ تي هڪ بال تي 22 يا 30 رنس بہ ٺهي سگهن ٿيون تہ اهو قانون لاڳو ڪري ٿو سگهجي. بهرحال سيني کي بيحد ڏک ٿيو ۽ سائوٿ آفريڪا جي ٽيم جي هن طرح اڻ وڻندڙ طريقي جي "ٽيڪنيڪل ناڪ آئوٽ" تي سيني جون همدرديون سائوٿ آفريڪا جي ٽيم سان ٿي ويون.

بهرحال "قهر درويش برجان درويش" چوڻيءَ مطابق سائوٿ آفريڪا وارن هڪ مهذب قوم جو مظاهرو ڪيو ۽ هڪ بال تي 22 رنس ٺاهڻ لاءِ ڪريز تي آيا ۽ هڪ بال تي هڪ رن ٺاهياٿون.

43 اووَرز ۾ سائوٿ آفريڪا 6 رانديگرن جي آئوٽ ٿيڻ تي 232 رنس ٺاهيون.

سائوٿ آفريڪا وارن راند هارائڻ ڪانپوءِ ڊبل مارچ ڪندي گرائونڊ جو چڪر لڳايو ۽ سڄي گرائونڊ ۾ موجود چاليهہ هزار ماڻهن تاڙيون وڄائي سندن استقبال ڪيو ۽ سندن مرحبا ڪئي جو تہ سندن ٽيڪنيڪل شڪست کي بين الاقوامي ناانصافي جو نالو ڏنو ويو جنهن جو مثال ڪرڪيٽ جي دنيا ۾ نٿو ملي.

اسان هن ڊي اينڊ نائٽ مئچ ڪانپوءِ رات جو يارهين وڳي ڌاران هوٽل تي پهتاسين. ڪمري ۾ اچي ٽيليويزن کوليم تہ اعلان ٿيو تہ ڏهن منٽن ڪانپوءِ آسٽريليا


Scanned with CamScanner

جي وزيراعظم "پال ڪيٽنگ" جو انٽرويو ڏيکاريو ويندو.

# آسٽريليا جي وزيراعظم پال ڪيٽنگ جو انٽرويو

## TV Interview of Mr. Paul keating (Prime Minister of Australia)

آسٽريليا ۾ رهندي هڪ مهيني ڪان ٻه وڌيڪ عرصو ٿي ويو هو ۽ جڏهن ٻه وقت ملندو هو تہ ريڊيو يا ٽيليويزن کولي هتان جون خبرون چارون پيون ٻڌيون ۽ ڏسبيون هيون ۽ ان ڪانسواءِ آسٽريليا جي تاريخ، جاگرافي ۽ ثقافت جي باري ۾ بہ ڏاڍا دلچسپ ۽ معلوماتي پروگرام پيا ڏسبا هيا.

ڪيتري وقت کان وٺي آسٽريليا ۾ اهو موضوع ڇڙيل هو تہ آسٽريليا کي هاڻي برطانيہ جي تاج جي ميجتا کي ختم ڪرڻ گهرجي ۽ مڪمل طرح آزاد ملڪ جي حيثيت سان رهڻ گهرجي. توڙي جو آسٽريليا مڪمل طرح آزاد آهي پر آئين مطابق اڃا بہ برطانيہ جي راڻي جي فرمانبرداريءَ هيٺ آهي.

آسٽريليا جو گورنر جنرل بہ اڃا تائين برطانيہ جي راڻي طرفان پنجن سالن جي مدي لاءِ مقرر ٿيندو آهي. وڏي ڳالهہ تہ آسٽريليا جي جهنڊي جي ڪابي ڪنڊ ۾ برطانيہ جو يونين جئڪ (Union Jack) لڳل آهي، جنهن کي ڏسي آسٽريليا جو نئون نسل تمام گهڻي خار ٿو کائي.

ٿوري دير ۾ ٽيليويزن تي آسٽريليا جي وزيراعظم پال ڪيٽنگ Mr. Paul keating جو انٽرويو شروع ٿيو جيڪو پوري ڪلاڪ تائين ٽيليويزن تي ڏيکاريو ويو. انٽرويو جا تفصيل تہ تمام گهڻا آهن پر مختصر طور هن هيٺيان نقطا تمام زوردار نموني دهرايا.

1- منهنجي وڏي ۾ وڏي خواهش آهي تہ آسٽريليا جهڙي عظيم ملڪ کي اهڙو جهنڊو هجي جنهن کي اسان پنهنجو جهنڊو ڪوٺي سگهون.

2- جنهن جهنڊي ۾ برطانيہ جو يونين جئڪ (Union Jack) اڃا تائين موجود آهي، ان کي اسان پنهنجو جهنڊو ڪيئن ٿا ڪوٺي سگهون؟

3- منهنجي گورنمينٽ پنج ڪروڙ آسٽريلين ڊالر خرچ ڪري پنهنجو جهنڊو حاصل ڪندي.

پنج ڪروڙ آسٽريلين ڊالر خرچ ڪرڻ مان اها مراد هئي تہ فقط ان ڳالهہ تي هڪ رفرينڊم يا اليڪشن ڪرائجي تہ نئون جهنڊو حاصل ڪجي يا نہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

4- منهنجي اها به خواهش آهي ته جيڪڏهن اڳ ۾ ممڪن نه هجي ته گهٽ ۾ گهٽ ايڪهين صدي جي شروعات تائين ته آسٽريليا هڪ ريپبلڪ ٿي وڃي جنهن ۾ گورنر جنرل جي بجاءِ اسان جو پنهنجو چونڊيل صدر هجي ۽ آسٽريليا هڪ مڪمل طرح خودمختيار ملڪ بڻجي وڃي.

آسٽريليا ۾ گهڻي وقت کان وٺي هڪ مووومينٽ هلي پئي جنهن کي آسٽريلين ريپبلڪن مووومينٽ (Australian Republican Movement) (ARM) چون ٿا. ان مووومينٽ جو مکيه ماڻهو ٿامس ڪينلي آهي جيڪو پال ڪيٽنگ جو ساٿو هٿ آهي.

پال ڪيٽنگ جنهن جا ابا ڏاڏا آئرلينڊ جا هئا ۽ ڪيس به (Irish heritage) تي فخر آهي، مون کي ڏاڍو جذباتي ۽ صاف سٽرو ليڊر نظر آيو. سندس تقرير مدلل به هئي ته جذباتي به. سندس چهرو پرڪشش آهي ۽ ڳالهائڻ ۾ تمام تيز ۽ قابل نظر آيو. انٽرويو کان پوءِ ڪيترن صحافين طرفان ڪجهه سوال به ڪانئس پڇيا ويا جن جا جواب به تمام ماناتي ۽ مدلل نموني ۾ ڏنائين.

جيئن هر جڳهه ۽ هر ملڪ ۾ ٿيندو آهي ۽ ٿيندو آيو آهي ته ڪنهن به نئين خيال يا نئين ڳالهه جي مخالفت ضرور ٿيندي آهي ته هتي آسٽريليا ۾ به لبرل پارٽي جا ليڊر ۽ ٻيا ڪجهه اهم ماڻهو پال ڪيٽنگ جي مخالفت ۾ آهن. سندن چوڻ آهي ته "موجوده جهنڊي تحت هزارين جانيون قربان ٿيون ته ڇا اسان اُنهن ماڻهن جي قربانين کي رائگان ڪري ڇڏيون؟ وغيره وغيره."

پر مون محسوس ڪيو ته آسٽريليا جي اڪثريت خاص طرح نوجوان نسل برطانيه جي نالي ماتر تسلط يا اثر رسوخ کي به هاڻي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي.

اسان جڏهن برسبين ۾ هئاسون ته انهن ئي ڏينهن ۾ برطانيه جي راڻي ايلزبيٿ (Queen Elizabeth II) آسٽريليا جي دوري تي آيل هئي. توڙي جو ڪيترن پراڻي جڳ جي ليڊرن طرفان آسٽريليا جي وزيراعظم جناب پال ڪيٽنگ کي گذارشون ڪيون ويون هيون ته جئن ته راڻي ايلزبيٿ گهڻن سالن کانپوءِ معزز ترين مهمان جي حيثيت ۾ آسٽريليا جي دوري تي آئي هئي ته ڪوبه اهڙو مطالبو حڪومت طرفان نه ڪيو وڃي جنهن سان راڻي صاحبه ناراض ٿئي. مگر آسٽريليا جي وزيراعظم پال ڪيٽنگ وزيراعظم هائوس ۾، ڊنر جي موقعي تي اُهي سڀ ڳالهيون ڏاڍي شائسته ۽ مهذب لهجي ۾ چيون جيڪي هن پنهنجي ٽيليويزن انٽرويو ۾ چيون هيون. ڊنر اسپيچ به مون ٽيليويزن تي ڏٺي هئي، ۽ پال ڪيٽنگ جو هينيون جملو مون کي ڏاڍو پسند آيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راڻي ايلزبيٿ کي مخاطب ٿيندي چيو هيائين، ”اسان آسٽريليا جا رهواسي توهان جا نيازمند ۽ دعاگو آهيون ۽ رهنداسون پر هڪ ڳالهه جيڪا ادب ۽ احترام ۾ رهندي مان چوندس، اُها هيءَ ته اسان پنهنجي جهنڊي کي اهڙو جهنڊو بنائڻ گهرون ٿا جنهن کي ڦڙڪندو ڏسي اسان فخر مان ڪنڌ اوچو ڪري چئي سگهون ته اهو اسان جو پنهنجو جهنڊو آهي.“

راڻي ايلزبيٿ کي يقين سان مايوسي ٿي هوندي جڏهن پال ڪيٽنگ جي چيل مٿين جملي تي ڊنر ۾ شريڪ ٿيندڙ معززن ڀرپور تاڙيون وڄايون هيون.

جڏهن راڻي ايلزبيٿ انگلنڊ موٽي ويئي ته ريڊيو، ٽيليويزن ۽ اخبارن ۾ ڪيترا ڏينهن ڏاڍا مزيدار ۽ گرما گرم ڪالم ۽ تبصرا ايندا رهيا ته پال ڪيٽنگ کي هيئن چوڻ کپندو هو يا هيئن نه چوڻ کپندو هو وغيره وغيره.

## سڊني ڪان ميلبرن Sydney to Melbourne

اڄ 23 مارچ هئي. ساڍي اٺين وڳي هوٽل ڇڏي 9 وڳي ايئرپورٽ پهتاسين ۽ انسيٽ ايئرلائين جي فلائيٽ ۾ فقط هڪ ڪلاڪ ۾ ميلبرن پهچي وياسين. اڄ سڊني ۾ امتياز سپرا سان طئي ٿيل هو ته ميلبرن پهچي هوٽل ۾ گڏجي رهنداسين. ميلبرن ايئرپورٽ تان سڌو ڊومين موٽيل آياسين جيڪو (MCG) جي ٺيڪ بارلنگ اسٽريٽ تي آهي.

امتياز سپرا ٺيڪ پراڻو صحافي آهي ۽ اڄڪلهه اخبار دي نيوز لاهور جو اسپورٽس رپورٽر آهي. سپرا صاحب به ورلڊ ڪپ جي مئچن کي ڪَور ڪرڻ جي سلسلي ۾ هتي آيل هو. ڏاڍو مزيدار ماڻهو آهي، ٺيڪ قابل صحافي ۽ هڪ زنده دل شخص آهي.

سپرا صاحب موٽيل ۾ اچڻ شرط پنهنجن ڪيترن ئي دوستن کي ٽيليفون ڪيا ۽ ٿوري دير ۾ سندس هڪ دوست نديم صديقي ساڻس ملڻ آيو. نديم صديقي جو تعارف مون سان به ٿيو. هي صاحب به ڪرڪيٽ جو عاشق هو ۽ گهڙي گهڙي پيو پڇي، ”يلا هالي جا ٿيندو، فائنل ته ڪنداسون نه؟“ ته مون ۽ سپرا کيس تسلي ڏياري ته ”فائنل انشاءَالله ضرور ڪنداسون.“ ته ڏاڍو خوش پيو ٿئي. نديم صديقي اسان کي سڀاڻي لاءِ ڊنر جي دعوت ڏني. منير حسين کي به ٽيليفون تي ٻڌايوسين ته گڏجي ڊنر تي هلبو.

اڄ ننڍ اکين ۾ مهمان ٿي آئي هئي، ڏاڍو ٿڪ محسوس ٿي رهيو هو ڇو تہ آڪلنڊ کان سڊني پهچڻ کان پوءِ آرام نصيب نہ ٿيو هو ۽ سامان ڪمري ۾ رکي سڌو يڪا هئاسين سڊني ڪرڪيٽ گرائونڊ جتي انگلنڊ ۽ سائوٿ آفريڪا جي وچ ۾ ٻي سيمي فائنل مئچ کيڏي وئي هئي. ان ڪري سوچيوسين تہ اڄ خوب آرام ڪريون ۽ پوءِ سياڻي گهمجي ڦرجي جو 25 مارچ تي ميلبرن ڪرڪيٽ گرائونڊ تي پاڪستان ۽ انگلنڊ جي وچ ۾ آخري رائونڊ هو.

لنچ ڪري سمهي پياسين ۽ شام جو ستين وڳي جاڳ ٿي. مان جاڳيس تہ ڏٺم تہ امتياز سپرا اڳي ئي جاڳيل هو پر چانهہ نہ پيتي هئائين، منهنجي انتظار ۾ هو تہ مان ننڊ مان اُٿان تہ پوءِ گڏجي چانهہ پيئجي.

مون سندس شڪريو ادا ڪيو. اوجاڳن کان پوءِ گهڻ ننڊ مان اُٿي جڏهن ذاتي واري چانهہ ملندي آهي تہ ڏاڍو سُرور ايندو آهي. ڊومين موٽيل واري بہ اهڙي تہ سٺي چانهہ آندي جو مون بہ ڪوپ پيتا تہ امتياز سپرا ٻن ڪوپن پيئڻ کان پوءِ بہ چئي رهيو هو تہ، ”يار بلوچ! چانهہ پيئڻ تي اڃا بہ موڊ آهي.“ مون کيس چيو، ”ٻئرو ٽوڪون نہ ڪري تہ سندس چانهہ جي ڪيٽلي ۾ ڪجهہ بچايوسين تہ ڪونہ، پر سندس ڪيٽلي خالي ڪرڻ کانپوءِ ٻي چانهہ بہ طلب وڻا ڪريون.“ تہ سپرا صاحب چيو، ”يار تون مون کي گهڻن تڪلفات وارو ماڻهو ٿو لڳين.“ ائين چئي ٽيليفون کيائين تہ، ”بہ چانهيون هيون بہ موڪلي ڏيو.“ ٿوري دير کانپوءِ چانهہ آئي تہ سپرا بہ ڪوپ ٻيا بہ پيتا ۽ مون کي بہ چوڻ لڳو تہ مان بہ چانهہ پيئان. کيس انڪار ڪيم تہ چيائين، ”يار ڪمپني ڏيڻ خاطر يلا هڪڙو ڪوپ تہ ٻيءُ نہ.“ مجبوراً ٽيون ڪوپ بہ پيئڻو پئجي ويو. ان کانپوءِ سپرا صاحب چيو، ”اڄوڪي رات جيئڻ مان چوندس تيئن ڪندين.“ مان ڊجي ويس تہ خدانخواستہ ڇا چوڻ وارو هو. چيائين، ”بس فوراً تيار ٿي وڃ. اڄ رات تون منهنجي حوالي آهين.“

تيار ٿي 30-9 وڳي رات جو موٽيل ڇڏيوسين، ڊائون ٽائون آياسين ۽ مئڪڊونلڊ ۾ ماني کاڌيسون. ان کانپوءِ امتياز سپرا مون کي هڪ وڏي ڪئسينو ۾ وٺي ويو، جيڪا ايڪڙن ۾ هئي. چيائين، ”جيڪڏهن قسمت آزمائين تہ گُرَ تو کي مان ڏسيان.“ مون کيس چيو ”پهريون اوهان کيڏو، ڏسون تہ نتيجو ڇا ٿو نڪري.“ فقط 15 منٽ ۾ سپرا 3 سئو ڊالر هارائي ويو. جڏهن بہ سئو ڊالر ٻيا بہ هارايائين تہ مون کي چوڻ لڳو:

”بلوچ صاحب، منهنجو اڄ زبردست پروگرام هو تو کي وِندرائڻ جو، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجو ته ڊينگو ٿي ڊيري ٿي ويو آهي. دُعا ڪر ته ڪو چاڙهو ٿئي."

مون کيس چيو، "جُوا کيڏڻ ۾ به دعا لڳندي آهي ڇا؟" ته هڪدم چيائين، "يار جو نه لڳندي آهي، تون ڪجهه دُعا ته ڪر."

سپرا کيڏندو رهيو، مُني ڪلاڪ کان پوءِ هڪڙي ئي ڏڪ ۾ ڏيڍ هزار ڊالر کٽي ورتائين. ته مون کيس چيو، "بس هاڻي ته مٿان هزار ڊالر ڪمايا اٿئي، هل ته هلون." چوڻ لڳو، "هاڻي ئي ته ڀاڳ کليو آهي، ڏس ته ڇا ٿو ٿئي." وري کيڏيو ته پنج سئو ڊالر ٻيا به ڪمايائين. اچا کيڏيو ته سَت سئو ڊالر هارائي ويو. مون کٽي ٻانهن کان ورتو مانس ۽ زوريءَ ڪئسينو مان ٻاهر گهلي آيو مانس. بهرحال امتياز سپرا پوءِ به 1300 ڊالر ڪمائي ويو.

ان کانپوءِ مون کي هڪ نائيٽ ڪلب ۾ وٺي ويو جتي جي لاءِ ڪا خاص ڳالهه ڪانهي جيڪا هتي لکجي. نائيٽ ڪلبن جي لائيف سڄي دنيا ۾ ٿوري گهڻي فرق سان ذري گهٽ هڪجهڙي آهي. البت پئرس ۾ شانزي ليزي جي اردگرد مان ڪجهه سال اڳ هڪ نائيٽ ڪلب ۾ ويو هوس جتي جو منظر ڏسي. "الامان وَ الحفيظ" جو ورد پڙهيو هوم. اُها نائيٽ ڪلب ٻين ڪلبن کان ڪافي مختلف هئي.

رات جو ڇئين وڳي موٽيل تي موٽي آياسين ۽ صبح جو يارهين ڏاران اک کلي.

اڄ 24 مارچ هئي. منجهند جو هلٽن هوٽل ۾ هڪ دوست لنچ تي سڏيو هو. هن لنچ ۾ ٽيم جا ميمبر يا ٻيو ڪوئي به دوست ڪونه هو. بس فقط مان هوس ۽ منهنجو دوست. ڪافي دير ڊائننگ هال ۾ ويهي ڪچهريون ڪندا رهياسين.

شام جو پنجين وڳي مان وري ڊائون ٽائون هليو ويس ۽ ميلبرن جون بازارون ۽ شاپنگ سينٽر ۽ پلازا ڏسندو رهيس، ڪجهه شاپنگ به ڪيم.

ستين وڳي موٽيل تي موٽي آيس جو ساڍي ستين ڏاران نديم صديقي صاحب اچڻو هو جنهن اسان کي ڪالهه ڊنر جي دعوت ڏني هئي.

پوڻين اٺين ڏاران نديم صديقي صاحب آيو. مان، امتياز سپرا ۽ منير حسين گڏجي سندس گهر وياسون. سندس گهرواري به ڏاڍي مانائتي مائي لڳي. هتي اسان وٽ اڪثر اهو سوچيو ويندو آهي ته جيڪي ماڻهو آمريڪا، يورپ يا ٻاهرين دنيا ۾ وڃن ٿا ته اهي اتي ويهڻي ۽ تهذيب و تمدن ۾ اوهڙا ٿي وڃن ٿا جهڙا اُن ملڪ يا شهر جا ماڻهو. پر ائين نه آهي. ڪيترا ماڻهو اثر وٺن ٿا ۽ ترقي يافته ملڪن جي تيز ۽ ثقافتي لحاظ کان بلڪل مختلف زندگي ۾ پاڻ کي حل ڪري ٿا ڇڏين، پر مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيترا ماڻهو ۽ ڪيترِيون فيمليون يورپ ۾ توڙي آمريڪا ۾ اهڙيون به ڏٺيون آهن جن پنهنجو مشرقي انداز برقرار رکيو آهي. عورتن سان ملبو ته ساڳيو حياءُ شرم ۽ مشرقي انداز سنڌن ملڻ جو هوندو. نديم صديقي جي گهرواري به ساڳي مشرقي مائي نظر آئي. سندس ٻارڙا توري دير ۾ اهڙا ته مانوس ٿي ويا جو ڄڻ اڳ کان سڃاڻندا هجن! اُهي مون کان ڪرڪيٽ متعلق تمام گهڻا سوال ڪري رهيا هيا.

ماني آئي، برياني، ڪوفتا، ٻگهڙون، تورو ٻانڊ، روسٽ، مطلب ته سڀ پاڪستاني کاڌا تيار ٿيل هو ايو. ١١ وڳي ڌاري ڪچهري ڪري هوٽل تي آياسين ۽ سوير ئي سمهي پياسين جو صبح جو پنجين ورلڊ ڪپ جي آخري مقابلي کي منهن ڏيڻو هيو.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH


Scanned with CamScanner

# ورلڊ ڪپ فائنل

## پاڪستان - انگلنڊ آمهون سامهون

### ميلبرن ڪرڪيٽ گرائونڊ

(25 مارچ 1992ع)

World Cup Final
Pakistan v/s England
Melbourne Cricket Ground (MCG)
(25 March 1992)

اڄ سال 1992ع جي تاريخ 25 مارچ هئي. اربع جو ڏينهن هو. ڪنهن کي خبر هئي ته مارچ 1992ع جي 25 تاريخ ۽ اربع جو ڏينهن پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم لاءِ ۽ خود پاڪستان جي لاءِ فتح، ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جو پيغام آڻيندو. اهو موضوع بذات خود هڪ دلچسپ داستان آهي جيڪو اوهان پوين صفحن ۾ به پڙهي چڪا آهيو. في الحال اڄوڪي فائنل مئچ جي احوال ٻڌائڻ لاءِ اوهان کي ميلبرن جي تاريخي ۽ دنيا جي وڏي ۾ وڏي ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ وٺي ٿو هلان.

اڄوڪي فائنل ڊي ائنڊ نائٽ مئچ هئي. مان ڪمينٽيٽر حضرات کان اڳي ئي ميلبرن ڪرڪيٽ گرائونڊ پهچڻ لاءِ موٽيل کان روانو ٿيس. فقط ڏهن منٽن ۾ "يارا پارڪ" جنهن جو ميلبرن گرائونڊ هڪ حصو آهي، ۾ پهچي ويس. توڙي جو مئچ شروع ٿيڻ ۾ اڃا به ٽي ڪلاڪ دير هئي پر تنهن هوندي به سڄي پارڪ ۾ جيڏانهن به نظر ٿي وئي ته رڳو ماڻهو ئي ماڻهو نظر ٿي آيا. پارڪ ۾ اڃا ٿورو اڳيرو ٿيس ته ڪار پارڪنگ جو بورڊ نظر آيو. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته 7 هزار ڪارن جي پارڪ ڪرڻ جي گنجائش رکي وئي هئي. غير سرڪاري انگن اکرن موجب ورلڊ ڪپ فائنل ۾ ماڻهن جو تعداد هڪ لک جي لڳ ڀڳ هو پر سرڪاري طرح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان کي باقاعدي لکي ٻڌايو ويو ته ميلبرن ڪرڪيٽ گرائونڊ تي اجوڪي فائنل مئچ ۾ 182، 87 تماشبين موجود هيا، جيڪو هڪ تمام وڏو تعداد آهي. رستي تي ڪيترا پاڪستاني مليا جيڪي منهنجي ڳچي ۾ لڙڪيل ميڊيا پاس ڏسي مونڏانهن وڌي آيا ۽ لِيلائيندي مون کي چيائون، ”اوهان پاڪستاني آهيو ۽ اسان به پاڪستاني آهيون، اسان کي ٽڪيٽ وٺڻ ۾ ڏاڍي پريشاني ٿي رهي آهي، مهرباني ڪري اسان جي مدد ڪريو.“ توڙي جو مون کي دير ٿي رهي هئي پر سڄڻ – ائين نوجوان پاڪستاني ڇوڪرن جو شوق ۽ بيوسي ڏسي مون کي رحم آيو. مون کين آڱر جي اشاري سان ٽئين نمبر اسٽينڊ جو ڏس ڏنو جتان ٽڪيٽ آسانيءَ سان ملي سگهي ٿي.

ويچارا منهنجو بيحد شڪريو ادا ڪندا ان اسٽينڊ ڏانهن روانا ٿي ويا. مون کي خطرو ٿيو ته جي پاڪستانين جا اهڙا به ٽي گروپ ٻيا به مليا ته مان پئويلين تائين پهچي به نه سگهندس، ان ڪري تڪڙو تڪڙو پئويلين ۾ پهچي ڪمينٽري باڪس ۾ هليو ويس. اڄڻ شرط اي بي سي (آسٽريلين براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن) جي انجنيئرن کي سٽلائيٽ جي لائن چيڪ ڪرڻ لاءِ چيم، جن ٻڌايو ته لائنون اڳ ئي چيڪ ٿيل هيون پر تنهن هوندي به مئچ شروع ٿيڻ کان اڌ ڪلاڪ اڳ ۾ هو ٻيهر به چيڪ ڪري وٺندا. هڪ وڳي تائين افتخار ۽ منير حسين به ڪمينٽري باڪس ۾ اچي ويا ۽ ٿوري دير ۾ عمر قريشي پڻ پهچي ويو.

هر طرف ماڻهن جي هجوم، پيهه ۽ رش جو منظر هو. هڪ وڳي تائين سيٽي اسٽنڊ ذري گهٽ پرجي چُڪا هئا. ماڻهن جي هٿن ۾ جهنڊا هئا، بئنر هئا جن تي ڪيترن ئي قسمن جا نعرا لکيل هئا. پاڪستاني به تمام گهٽي تعداد ۾ نظر ٿي آيا. سندن هٿن ۾ جهنڊن ۽ بئنرز کي ڏسي سڃاڻي ٿي سگهياسون ته پاڪستاني هئا.

انگلنڊ جي ٽيم جا سپورٽر پڻ ڪافي تعداد ۾ مختلف اسٽنڊس تي موجود هئا. بس هر طرف انتظار ۽ بي چيني جي ڪيفيت هئي ته ورلڊ ڪپ مئچ شروع ٿئي ۽ تمام جلد شروع ٿئي. اڄ ائين ٿي لڳو ته وقت گذريو ئي نه ٿي. اسان جي پئويلين ۾ اڄ اسان جي کاڌي پيتي جو بهترين انتظام رکيو ويو هو. ڪافي، چانهه، چاڪليٽ، قسمين قسمين بسڪوٽ، سئنڊ وچز، طرحين طرحين بيئر جا دٻا (شراب قطعي نه جنهن کي مئچ دوران پئويلين يا اسٽنڊس تي واپرائڻ جي سخت منع هوندي آهي) مطلب ته کاڌي پيتي جون جهجهيون شيون ۽ ڊرنڪس رکيل هئا ۽

جيستائين مئچ شروع ٿئي، اسان به هڪ اڌ دفعو وڃي چاڪليٽ کاڌا ۽ ڪافي پيتي.

## پاڪستان جي فتح جو راز Secret of Pakistan's Victory

ٺيڪ 20-2 وڳي امپائرز مسٽر بڪنر (ويسٽ انڊيز) ۽ الرج (نيوزيلنڊ) ۽ ٻنهي ٽيمن جا ڪپتان عمران خان ۽ گراهم گوچ ميدان ۾ آيا. ٽاس ٽيو جيڪو عمران خان کٽيو ۽ پاڻ بئٽنگ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اسان سڀني هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏنيون ته مئچ جي شروعات سٺي شگون سان ٿي آهي، يعني ٽاس پاڪستان کٽيو آهي ته انشاءالله مئچ به اسان ئي کٽنداسون. اسان جا اوپنر عامر سهيل ۽ رميز راجا ميدان تي آيا. گرائونڊ ۾ موجود هزارن جي تعداد ۾ پاڪستان جي ماڻهن تاڙيون وڄائي سندن مرحبا ڪئي. نه رڳو پاڪستان جي ماڻهن پر اڄ قدرت جي طرفان ميلبرن ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ موجود 70 سيڪڙو ماڻهن جون همدرديون پاڪستان سان هيون. ان جا سبب هي هُيا:

1- اڄڪلهه آسٽريليا جي ماڻهن طرفان هڪ مهم پئي هلي جنهن کي آسٽريليا جي موجوده حڪومت جي وزيراعظم پال ڪيٽنگ جي مڪمل حمايت حاصل آهي. هن مهم ۾ آسٽريليا کي هڪ آزاد ريپبلڪ بنائڻ لاءِ ڪوششون تيز ٿي ويون آهن. هي ڳالهه ظاهر آهي ته برطانيه وارن کي هرگز نٿي وڻي. جيڪڏهن آسٽريليا مڪمل طرح آزاد ريپبلڪ بنجي وئي ته آسٽريليا جي جهنڊي مان انگلنڊ جو "يونين جئڪ" نڪري ويندو ۽ برطانيه طرفان هر پنجن سالن جي مدي لاءِ گورنر جنرل جي تقرري به ختم ٿي ويندي. بهرحال توڙي جو آسٽريليا جو نسل ساڳيو ئي انگريز نسل آهي، آسٽريليا وارا، انگريزن جا پُٽ پوٽا ۽ ڏوهٽا وغيره آهن پر سياسي طرح اڄڪلهه ٻنهي ملڪن ۾ ڇڪتاڻ تمام وڌي وئي آهي. تنهنڪري آسٽريليا جي ماڻهن جي اڪثريت جون همدرديون پاڪستان سان هيون.

2- سائوٿ آفريڪا جي ٽيم ۽ سائوٿ آفريڪا جي هزارها ماڻهن جون سئو فيصد همدرديون پاڪستان سان هيون ڇو ته سيمي فائنل ۾ جيڪا ساڻن تاريخي زيادتي ٿي هئي، ان سبب هنن کي انگلنڊ جي ٽيم کان جڻ نفرت ٿي وئي هئي. توڙي جو اهو ناانصافي وارو فيصلو انگلنڊ جي ٽيم نه پر امپائرز ڪيو

هو، پر سائوٿ آفريڪا وارن کي جڻ يقين ٿي ويو هو تہ ان فيصلي ۾ انگلنڊ جي ٽيم جي مئنيجر ۽ ڪپتان جو يقيني هٿ هو. سائوٿ آفريڪا جو ريڊيو پروڊيوسر ۽ انهن جا بہ ڪمينٽيٽر منهنجا دوست بڻجي ويا هئا. گهڙي گهڙي مون وٽ پيا اچن ۽ خوش ٿي "V" يعني (وڪٽري) فتح جي نشاني ڏاهي مون کي پيا چوَن، "فتح اسان جي آهي." (يعني پاڪستان جي فتح جڻ اسان جي فتح آهي).

3- انڊيا ۽ پاڪستان جي ازلي دشمنيءَ جي باوجود ڪيترا هندستاني مليا جن جون پڻ همدرديون اسان سان هيون، چوَن پيا، "اسان سياسي دشمن ضرور آهيون پر جي پاڪستان وٽ 'ڪپ' وڃي ٿو تہ اسان کي خوشي ان ڪري ٿيندي تہ گهٽ ۾ گهٽ 'ڪپ' ايشيا ۾ تہ رهندو."

4- رمضان جو مبارڪ مهينو هو. لکين ماڻهن پاڪستان جي فتح لاءِ هردم دعائون ٿي گهريون، انڪري شايد پاڪستان جون مشڪلون ميٽبيون ويون ۽ ٽيم لاءِ هر طرف کان آسانيون ۽ سهولتون پيدا ٿينديون ويون.

قدرت طرفان جڏهن ڀلائي لکيل هوندي آهي تہ هر طرف کان مدد ملندي آهي، هر زاويي کان حمايت ۽ پنيرائي حاصل ٿيندي آهي. اڄ جي فائينل ۾ مختلف اسٽئنڊس ۾ ويٺل ماڻهن طرفان نعرن ۽ تاڙين جي پنيرائي (Crowd Support) جاري هئي، ان جي ڪري پاڪستان جي ٽيم جا حوصلا وڌيا ۽ نئين جوش، عزم ۽ ولولي سان راند ڪيڏڻ لڳا. توڙي جو اسان کي سڊني ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ سائوٿ آفريڪا جي ظالمانہ نموني شڪست تي ڏاڍو ڏک ۽ افسوس ٿيو هو، پر هر ڳالهہ ۾ قدرت جي ڪا مصلحت ۽ ڀلائي رکيل هوندي آهي. جيڪڏهن سڊني واري سيمي فائنل ۾ سائوٿ آفريڪا مئچ کٽي وڃي ها تہ اڄ ميلبرن ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ ماڻهن جي سڄي انبوهہ جي حمايت سائوٿ آفريڪا جي حق ۾ هجي ها ۽ ڪرائوڊ سپورٽ جو راند تي وڏو اثر ٿو پوي.

پاڪستان ۽ انگلنڊ جي ٽيمن جو سيمي فائنل ۽ فائنل ۾ پهچڻ جو رڪارڊ ڪجهہ هن طرح آهي. پاڪستان موجوده ورلڊ ڪپ کٽڻ کان اڳ فقط ٻہ دفعا سيمي فائنل تائين پهچي سگهيو هو. پهريون ڀيرو انگلنڊ ۾ ٿيندڙ ٽئين ورلڊ ڪپ جي موقعي تي جڏهن پاڪستان ۽ ويسٽ انڊيز سال 1983ع ۾ 22 جون تي اوول جي ڪرڪيٽ گرائونڊ تي سيمي فائنل ۾ آمهون سامهون ٿيا، پر ويسٽ انڊيز سيمي فائنل کٽي ورتي هئي. ٻيو ڀيرو 1987ع ۾ 4 نومبر تي لاهور جي قذافي اسٽيڊيم ۾


Scanned with CamScanner

پاڪستان ۽ آسٽريليا جي وچ ۾ سيمي فائنل کيڏي وئي پر بدقسمتيءَ سان ان سيمي فائنل ۾ به پاڪستان هار کاڌي ۽ آسٽريليا کٽي ويو. پاڪستان ۽ جي برعڪس انگلنڊ سيمي فائنل ته ڪيئي ڀيرا کٽي چڪو هو پر موجوده ورلڊ ڪپ کان اڳ ٻي ۽ چوٿين ورلڊ ڪپ ۾ به انگلنڊ جي ٽيم فائنل ۾ پهتي هئي ۽ هاڻي هن پنجين ورلڊ ڪپ ۾ پڻ فائنل ۾ پهچي وئي. اها انتها درجي جي بدقسمتي چئجي جو انگلنڊ جي ٽيم ٽي دفعا فائنل تائين پهچڻ کان پوءِ به، ڪنهن هڪ ورلڊ ڪپ ۾ به فتح حاصل نه ڪري سگهي.

## فائنل مئچ شروع ٿي وئي

راند شروع ٿي. عامر سهيل فقط 4 جي اسڪور تي پرنگل جي بال تي اسٽيورٽ جي هٿان ڪئچ آئوٽ ٿي ويو. ٿوري ئي دير ۾ رميز راجا به پرنگل جي بال تي Lbw ٿي ويو. عامر فيلڊ مئچ هجي ها ته شايد ايترو فڪر نه ٿئي ها، پر فائنل مئچ ۾ جڏهن ورلڊ ڪپ جي بيشمار ڪيڏيل مئچن جي نتيجي نڪرڻ جو ڏينهن هجي ۽ پاڪستان کي پنجين اوور ۾ عامر سهيل ۽ نائين اوور ۾ رميز راجا جهڙن اعتماد وارن رانديگرن کان هٿ ڌوئڻا پون ته اها صورتحال پاڪستان لاءِ ڏاڍي تشويشناڪ هئي. پر اڄ اسان جي ڪپتان پاڻ ملهايو، جاويد ميانداد ته سدائين سرس سوڀارو هوندو ئي آهي. بهرحال عمران خان ۽ جاويد ميانداد جي پارٽنر شپ ۾ 139 رنس جو اضافو ٿيو جنهن نا اُميدي مان پاڪستان کي ڪڍي اُميد جي راهه تي گامزن ڪيو. عمران خان جي هڪ زوردار هٽ تي ٻن ٽن منٽن تائين سڄي ميدان ۾ تاڙين جي گونج ۽ غوغاءُ پکڙجي ويو. اسپنر رچرڊ النگورٿ جي بال تي عمران خان هڪ زوردار هٽ لڳائي، بال هوا سان ڳالهيون ڪندو بائونڊري پار ڪري ويو ۽ امپائر جا ٻئي هٿ مٿي کڄي ويا، يعني ڇڪو لڳو هو. تاڙين ۽ نعرن جو وسڪارو ٿي ويو ۽ پاڪستاني جهنڊا هوا ۾ ڦڙڪڻ لڳا. اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائڻ ضروري آهي ته ميلبرن ڪرڪيٽ گرائونڊ تي ڇڪو ڏاڍو مشڪل سان لڳندو آهي ڇو ته هن جي بائونڊري تمام ڪشادي ۽ ڦهليل آهي. ان ڪري جڏهن هن گرائونڊ تي ڪو بئٽسمين ڇڪو هڻندو آهي ته ان کي تماشائين طرفان ڀرپور داد ملندو آهي.

عمران خان ۽ جاويد ميانداد جي 139 رنس جي پارٽنر شپ چاليهين اوور ۾ تڏهن ختم ٿي جڏهن جاويد النگورٿ جي بال تي بوٿم هٿان ڪئچ آئوٽ ٿي ويو.

ان وقت پاڪستان جو اسڪور 163 هيو ۽ جاويد مياندا جو ذاتي اسڪور 58 هو. جاويد کان پوءِ انضمام الحق آيو جنهن اڄ بہ تمام سٺي بيٽنگ جو مظاهرو ڪيو ۽ تمام تيز کيڏيو. عمران خان سان گڏجي فقط ڇهن اوورز ۾ هن 34 رنس جو اضافو ڪيو جنهن ۾ 27 رنس انضمام ناهيون. چوٽيتاليهين اوور ۾ عمران خان بہ 72 قيمتي رنس ٺاهي بوٿم جي بال تي النگورٿ هٿان ڪيچ آئوٽ ٿي ويو. ان وقت پاڪستان جو اسڪور 197 هو.

انضمام الحق وري پنهنجي طرفان سيمي فائنل واري مثالي ڪارڪردگي کي دهرايو ۽ فقط 35 بالن تي 42 رنس ٺاهي، پرنگل جي بال تي ڪلين بولڊ ٿي ويو. هنجي 42 رنس ۾ سندس چار چوڪا بہ شامل هيا. وسيم اڪرم ڇهون رانديگر هو جيڪو فقط 18 بالن تي 33 رنس ٺاهي، پنجاهين يعني آخري اوور جي آخري بال تي رن آئوٽ ٿي ويو. اهڙي طرح پاڪستان جي ٽيم 50 اوورز جي راند ۾ ڇهن رانديگرن جي آئوٽ ٿيڻ تي 249 رنس ٺاهيون. اسان جي ڪمينٽري باڪس ۾ اسان سڀني جي آرزو هئي تہ پاڪستان 300 تائين پنهنجو اسڪور ٺاهي وجي تہ پوءِ فتح يقيني آهي، بهرحال 249 جو اسڪور بہ بيحد اُميد افزا اسڪور هو.

ماني جي وقفي کانپوءِ هاڻي انگلنڊ جي بيٽنگ شروع ٿي. اسان جا ٻئي اوپنر پنجين ۽ ناوين اوور ۾ آئوٽ ٿيا تہ انگلنڊ وارا اسان جي رانديگرن کان گوءِ کڻڻ جي شوق ۾ ٽين ۽ ائين اوور ۾ ٿي آئوٽ ٿي ويا. ٽين اوور ۾ وسيم اڪرم جي بولنگ تي بوٿم، معين خان هٿان ڪيچ آئوٽ ٿيو تہ وري ائين اوور ۾ فقط 7 جي اسڪور تي اسٽيورٽ، عاقب جاويد جي بال تي وري بہ معين خان هٿان ڪيچ آئوٽ ٿي ويو. معين خان کي لڳاتار ٻہ ڪيچن وٺڻ تي تماشائين طرفان تاڙيون وڄائي خوب داد ڏنو ويو.

ٿوري ئي دير ۾ ننڍي قد جي يلوڙ بولر مشتاق جي بولنگ تي هِڪ (Hick) بہ Lbw ٿي ويو. ايڪيهين اوور ۾ انگلنڊ جي ڪپتان گراهم گوچ بہ مشتاق جي بولنگ تي 29 جي اسڪور تي عاقب جاويد هٿان ڪيچ آئوٽ ٿي ويو.

ايڪيهين اوور جي خاتمي تي فقط 69 جي اسڪور تي انگلنڊ جا چار رانديگر آئوٽ ٿي چُڪا هيا. توڙي جو ڪرڪيٽ راند ۾ آخر تائين بہ ڪجهہ نٿو چئي سگهجي تہ ڪير کٽندو ڪير هارائيندو پر تنهن هوندي بہ ظاهري طرح پاڪستان جي فتح ۽ انگلنڊ جي شڪست جا آثار پيدا ٿي چڪا هيا.

ان کان پوءِ پنجين وڪيٽ جي پارٽنر شپ ۾ آلن لئمب ۽ فيئر بردر 84



برسبين جي گابا گرائونڊ ۾ ليکڪ ڪپتان عمران خان سان گڏ



پرٿ جي شيريٽن هوٽل ۾ ليکڪ جاويد مياندادؔ ۽ ٻه مهمان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ميلبرن ڪرڪيٽ گرائونڊ جي پئويلين ۾ (ساڄي کان کاٻي) سابق ڪپتان آصف اقبال، عنايت بلوچ ۽ هينري. دنيا جو مشهور ڪرڪيٽ ڪمينٽيٽر.



گابا ڪرڪيٽ گرائونڊ برسبين جي ڪمينٽري باڪس ۾ عنايت بلوچ ۽ افتخار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner




ٻہ دوست ۽ ٻہ ساٿي منير حسين ۽ عنايت بلوچ هوبرٽ جي بازار ۾



پرٿ جي واڪا گرائونڊ ۾ (کاٻي کان ساڄي) افتخار احمد، عنايت بلوچ، امتياز سپرا (برک صحافي) بين لارينس ۽ ٻيا دوست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner




پاڪستاني ڪرڪيٽ ٽيم جو اڳوڻو ڪپتان عمران خان، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اسٽوڊيوز ۾ انٽرويو رڪارڊ ڪرائيندي




ورلڊ ڪپ فائنل ۾ پاڪستان جي فتح کان پوءِ پاڪستان هار ٻهڪيل چهرن سان ليکڪ سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ٻزني لئنڊ ٽوڪيو جي سبزه زار اڳيان ليکڪ پنهنجي جِيوَن ساٿي سان گڏ



عنايت بلوچ ۽ سندس بيگم ٽوڪيو جي بليٽ ٽرين ۾ ويٺل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ٽوڪيو ڊزني لئنڊ ۾ عنايت بلوچ، زينب عنايت، حُسنه فيض ۽ ننڍڙو طارق



ٽوڪيو ۾ عنايت بلوچ ۽ انور ڪُبر، وچ ۾ فيض جو فرزند طارق



ٽوڪيو ڊزني لئنڊ جي سامهون سبزه زار وٽ ۾ پائر فيض ۽ عنايت بلوچ ۽ ننڍڙو طارق



ٽوڪيو جي هڪ وڏي هال ۾ ليکڪ ۽ فيض عيد نماز ۾ شريڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ھانگ ڪانگ ۾ ليکڪ،مسٽر طارق سومرو ۽ سندس بيگم ماريہ طارق




ھانگ ڪانگ ۾ پاڪستان جي سفارتخاني ۾ طارق سومرو، وائيس
ڪونسل،سڪندري علي ڪيريو ڪونسل جنرل، ليکڪ ۽ رضوان احسن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



پنجين ورلڊ ڪپ ۾ فتح حاصل ٿيڻ کان پوءِ ليکڪ کي ٻه ڪرڪيٽ جي شاندار ڪمينٽري جو فاتح قرار ڏنو ويو ۽ حيدرآباد پهچڻ تي سندس شاندار استقبال ۽ مٿس گلن جي ورکا ڪئي وئي.





ميلبرن ۾ ليکڪ، نديم صديقي جي گهر ۾ سندس ٻارن سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ليکڪ، عمر قريشي ۽ قمر احمد ميلبرن ڪرڪيٽ گرائونڊ جي پئويلين ۾



سڊني ۾ ليکڪ انور گهانچي جي گهر ۾ سندس فيملي سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ٽوڪيو توچو بلڊنگ ۾ ليڪڪ پنهنجي ياءَ فيض سان گڏ. جيڪو ٽوڪيو ۾ پاڪستان جي سفارتخاني ۾ ڪائونسلر هو.



ٽوڪيو جي وينو پارڪ ۾ فيض،عنايت، مسز فيض، مسز عنايت بلوچ ۽ ننڍڙو طارق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ٽوڪيو توچو بلڊنگ اڳيان ليکڪ، انور ۽ فيض



ٽوڪيو ۾ عنايت بلوچ فيض جي ٻارڙن انيتا ۽ طارق سان گڏ


Scanned with CamScanner

بالن ۾ 72 رنس ناهيون جنهن جي نتيجي ۾ انگلنڊ جو اسڪور پنجٽيهين اووَر ۾ 141 تي ويو. جڏهن عمران خان ڏنو ته فيئر بردر ۽ لئمب جي پارٽنر شپ خطرناڪ روپ اختيار ڪندي پئي وڃي ته هن وسيم اڪرم کي بولنگ ڪرڻ لاءِ بيهر آندو. الن لئمب جنهن 31 رنس ناهيون هيون، وسيم اڪرم جي ٻي دفعي واري پهرين اووَر ۾ ئي ڪلين بولڊ ٿي ويو. وسيم جي ٻي بال تي ڪرس ليوس بغير ڪنهن رن ناهڻ جي زيرو تي آئوٽ ٿي ويو. هاڻي وسيم اڪرم ٽين ڪاميابي Hat - Trick لاءِ منتظر هو پر وسيم اڪرم جي ٽئين بال تي نئون بيٽسمين رِيو، وسيم جي سَٽ سهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ وسيم هيٽ ٽرڪ نه ڪري سگهيو پر پوءِ به ٻن رانديگرن کي لڳاتار آئوٽ ڪرڻ تي وسيم کي ڀرپور داد مليو ۽ سندس ڪارنامي تي ٻه ٽي منٽ تاڙيون وڄنديون رهيون. فيئر بردر تمام بهترين راند جو مظاهرو ڪندي 62 رنس ناهيون پر سندس قسمت وڏيڪ سات نه ڏئي سگهي جڏهن هو عاقب جاويد جي بولنگ تي معين خان هٿان ڪيچ ٿي ويو.

ٿوري ئي دير ۾ 15جي اسڪور تي رِيو به مشتاق جي بولنگ تي رميز راجا هٿان ڪيچ آئوٽ ٿي ويو. ڊفريٽس 10 جي اسڪور تي رن آئوٽ ٿي ويو ۽ انگلنڊ جو آخري بيٽسمين اِلنگورٿ جڏهن 14 جي اسڪور تي عمران خان جي بولنگ تي رميز راجا هٿان ڪيچ ٿيو ته انگلنڊ جي راند جو خاتمو باالخير ٿي ويو. هزارين تماشائين طرفان، "الله‌اڪبر" ۽ "پاڪستان زنده باد" جا اُڀ ڏاريندڙ نعرا ميدان ۾، فضائن ۾، هوائن ۾ ۽ هر طرف گونجڻ لڳا.

انگلنڊ 49.2 اووَرز ۾ سيني رانديگرن جي آئوٽ ٿيڻ تي 227 رنس ناهيون ۽ اهڙي طرح پاڪستان 22 رنس تان فائنل مئچ ۾ فتح حاص ڪري پنجين ورلڊ ڪپ کٽڻ جو عظيم الشان اعزاز حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

"مئن آف دي مئچ" جو انعام ۽ اعزاز وسيم اڪرم حاصل ڪيو، توڙي جو اڄوڪي مئچ ۾ گهٽي ۾ گهٽو اسڪور عمران خان جو هو. هن پنجن چؤڪن ۽ هڪ ڇڪي جي مدد سان 72 رنس ناهيون هيون پر وسيم اڪرم کي به اعزاز حاصل هئا. هڪ ته 49 رنس ڏئي 3 قيمتي وڪيٽس ورتيون هيائين، ٻيو وري بيٽنگ ۾ پڻ فقط 18 بالن تي 33 رنس ناهيائين. اسان پنهنجي ڪمينٽري باڪس ۾ اڳ ۾ ئي اهي تبصرا ويني ڪيا ته ڏسون ته مئن آف دي مئچ جو ايوارڊ ڪنهن کي ٿو ملي.

اسان سيني جو اهو خيال هو ته توڙي جو عمران خان به 72 رنس ناهي وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو هو پر وسيم اڪرم بولنگ ۽ بيٽنگ ٻنهي ۾ ڪمال جا

جوهر ڏيکاريا هيا. تنهنڪري اهو اعزاز ڪيس ئي ملڻ گهرجي. ٿيو به بلڪل اسان جي خيال ۽ اُميدن مطابق.

جاويد مانداد اڄوڪي ورلڊ ڪپ فائنل مئچ ۾ 58 رنس ٺاهڻ سان ورلڊ ڪپ ٽورناميٽس جو وڏي ۾ وڏو اسڪورر بڻجي ويو. ورلڊ ڪپ مئچن ۾ سندس اسڪور 1032 رنس ٿي ويو جيڪو ويسٽ انڊيز جي ماسٽر بئٽسمين وِوين رچرڊس جي ورلڊ ڪپ ٽورناميٽس جي اسڪور 1013 کان به وڌي ويو.

پاڪستان طرفان ورلڊڪپ کڻڻ کانپوءِ سيڪو سمجهي سگهي ٿو ته ڇا نه شادمانا ٿيا هوندا. خوشيءَ جو اظهار ماڻهن ڪهڙن ڪهڙن طريقن سان ڪيو هوندو. هي ڳالهيون، ماڻهن جا جذبا، پاڪستاني تماشبينن جو جوش وخروش، نندڙن ٻارڙن طرفان پاڪستاني جهنڊا کڻي جلوس ڪڍڻ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ڳالهيون ايتريون ته گهڻيون آهن جو انهن جي تفصيل لکڻ سان تمام گهڻا پنا ڪارا ڪرڻا پوندا. دراصل ورلڊ ڪپ جا مختلف زاوين سان ايترا ته گهڻا تفصيل آهن جو هڪ ڳالهه مهربانن ڪي ٻڌائجي ٿي ته ٻي ڳالهه رهجيو وڃي.

اوهان کي اها ڳالهه اڳ ۾ ٻڌائڻ مون کان وسري وئي ته اڄ اسان پنهنجي ڪمينٽري باڪس ۾ پاڪستان جي مايه ناز رانديگر ۽ پاڪستان ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان آصف اقبال کي سڏيو هو جيڪو مهرباني ڪري هليو آيو. پاڻ نه رڳو ڪجهه دير لاءِ رننگ ڪمينٽري ڪيائين پر ورلڊ ڪپ جي مئچن تي ۽ خاص طرح اڄوڪي مئچ جي باري ۾ پنهنجي ماهرانه راءِ به ڏيندو رهيو.

”آصف قبال کان علاوه اسان ويسٽ انڊيز جي اڳوڻي باڪمال ڪپتان ڪلائيو لائيڊ کي به پنهنجي ڪمينٽري باڪس ۾ دعوت ڏني. هن صاحب وڏي خوشيءَ سان دعوت قبول ڪئي ۽ ڪافي دير تائين اسان جي ڪمينٽري باڪس ۾ ويهي پنهنجي ماهرانه راءِ کان اسان جي سامعين کي واقف ڪندو رهيو. ڪلائيو لائيڊ مون کي بيحد تعاون وارو ۽ تمام سٺي طبيعت جو مالڪ نظر آيو.

پنجون بينسن اينڊ هيجر ورلڊ ڪپ کڻڻ ۽ اسان جي ڪپتان عمران خان طرفان ڪرسٽل جو عاليشان ڪپ حاصل ڪرڻ کانپوءِ عمران خان تقرير ڪئي. پر سندس تقرير ڪيترن ماڻهن کي خوش ڪرڻ جي بجاءِ مايوس ڪيو. سندس تقرير تمام مختصر هئي ۽ ان مختصر تقرير ۾ به اهو چيائين ته، ”پنجين ورلڊ ڪپ کڻڻ بعد سندس ڪئنسر اسپتال جي پروجيڪٽ جي تڪميل ۾ ڪيس مدد ملندي.“ عمران خان پنهنجي ٽيم جي ڪارڪردگيءَ لاءِ به ڪي خاص تعريفي جملا نه چيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪي سيني کي بري طرح محسوس ٿيا.

البت انگلنڊ جي ٽيم جي ڪپتان گراهم گوچ پنهنجي تقرير ۾ ماڻهن جون دليون موهي ڇڏيون. هن ڀريون پنهنجي طرفان پاڪستان جي ٽيم کي ورلڊ ڪپ کٽڻ لاءِ دلي مبارڪون ڏنيون. ان کانپوءِ چيائين ته، ”پاڪستان جي ٽيم ورلڊ ڪپ کٽڻ ۾ حق بجانب آهي جو سندن ٽيم اسان جي مقابلي ۾ هر طرح سان بهتر راند ڪيڏي. بئٽنگ، بولنگ ۽ فيلڊنگ ۾ پاڪستان جي ٽيم، اسان جي ٽيم کان تمام بهتر ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو. تنهنڪري ورلڊ ڪپ کٽڻ جو حق به سندن ئي هو.“

تقريرن ۽ ورلڊ ڪپ حاصل ڪرڻ جي ڪارروائي کانپوءِ پاڪستان جي ٽيم ڪرسٽل ڪپ کي کڻي ميلبرن ڪرڪيٽ گرائونڊ جو ”ڊبل مارچ“ جي انداز ۾ گول چڪر لڳايو. واري واري سان ڪپ هر ٽيم جي ميمبر کي ڏنو ويو ۽ هر رانديگر ڊبل مارچ ڪندي ”ڪرسٽل ڪپ“ کي مٿي کڻي تماشبينن کي ڏيکاريو ٿي. هر انڪلوير ۽ هر اسٽينڊ کان تاڙيون وڄائي، پاڪستان زنده باد جا نعرا هڻي ۽ گلن جي ورکا ڪري، اسان جي ٽيم سان تماشائين طرفان داد، محبت ۽ جذبات جو اظهار ڪيو ويو. گرائونڊ جي گول چڪر لڳائڻ ۾ ٽيم کي 20-25 منٽ لڳي ويا.

مئچ شروع ٿيڻ کان اڳ سابق چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ ڪرڪيٽ بورڊ جي صدر جسٽس نسيم حسن شاهه، بورڊ جي سيڪريٽري ۽ ان وقت جي پاڪستان ٽيليويزن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر جناب شاهد رفيع سان طئي ٿيل هو ته مئچ کٽڻ جي صورت ۾ هو ٻئي صاحبان مهرباني ڪري پاڻ ڪمينٽري باڪس ۾ ايندا ۽ پنهنجا تاثرات ريڊيو پاڪستان تان نشر ڪرائيندا. ڪين به احساس هو ته مئچ ختم ٿيڻ کان پوءِ افراتفري واري وڏي هجوم ۾ ڪنهن کي ڳولڻ ڪيڏو نه وڏو مسئلو هوندو آهي تنهنڪري هو ٻئي صاحب ڪمينٽري باڪس ۾ پهچي ويا. مون منير حسين کي چيو ته هو ساڻن گفتگو جاري رکي ته مان ۽ افتي وڃي عمران خان، جاويد مياندا ۽ انتخاب عالم (ٽيم جي مئنيجر) کي تاثرات لاءِ وٺي اچون. اسان جي ٽيم جي ڊريسنگ روم اسان جي ڪمينٽري باڪس کان چڱي خاصي پنڌ تي هئي. ويتر ماڻهن خاص طرح نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي بي تحاشا هجوم باعث افتخار ته خبر ناهي ڪيڏانهن غائب ٿي ويو. مان ڊڪندو، ڊوڙندو ۽ هجوم کي ڌڪيندو ۽ پاسا هٽندو ڪنهن طرح ڊريسنگ روم ۾ پهچي ويس ۽ عمران خان، انتخاب ۽ جاويد مياندا کي تاثرات ڏيڻ لاءِ چيم. اڄ عمران خان اصل انڪار نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيو ۽ ٿورو پنڌ مون سان گڏ هليو تہ جوانن ۽ جوانڙين جي هڪ هجوم مٿس توڙي جاويد مٿان چڙھ حملو ڪري ڏنو. سڀني پنهنجا آٽوگراف بوڪ ڪٽي ڪڍيا ۽ عمران خان ۽ جاويد مياندادکان آٽو گراف وٺڻ لاءِ کين پريشان ڪري ڇڏيائون. عمران خان تمام ويچارڙو ٿيندي مون کي چيو، ”عنايت دل ۾ نہ ڪجان، تنهنجي ڪمينٽري باڪس تائين پهچندي پهچندي مون کي هي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اڌ مئو ڪري ڇڏينديون، تنهنڪري مون کي معافي.“ ائين چئي عمران خان واپس ڊريسنگ روم ۾ هليو ويو ۽ مان، انتخاب عالم ۽ جاويد ميانداد کي ڪمينٽري باڪس تائين وٺي اچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. جاويد ۽ انتخاب کي ڪمينٽري باڪس تائين وٺي اچڻ ۾ مون کي گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ لڳو.

اسان جي اچڻ کان اڳ سابق چيف جسٽس سيد نسيم حسن شاھ ۽ شاهد رفيع پنهنجا تاثرات ريڊيو پاڪستان جي لهرن جي حوالي ڪري وڃي چڪا هئا ۽ هينئر افتخار ۽ منير حسين پنهنجي طرفان وقت گذارڻ لاءِ تبصرا نشر ڪري رهيا هئا. جيئن اسان ڪمينٽري باڪس ۾ گهڙياسون تہ منير حسين ريڊيو پاڪستان تي اعلان ڪيو، ”سامعين مان اوهان کي ورلڊ ڪپ کٽڻ کان پوءِ ہي خوشخبري اها ٿو ٻڌايان تہ عنايت بلوچ - ماسٽر بئٽسمين جاويد ميانداد ۽ اسان جي ٽيم جي مئنيجر انتخاب عالم کي وٺي هاڻي ڪمينٽري باڪس ۾ داخل ٿيو آهي.“ ائين چئي منير حسين ٻنهي کي ريڊيو پاڪستان جي ڪمينٽري باڪس ۾ اچڻ تي مرحبا چئي ۽ ساڻن گفتگو شروع ڪئي. جاويد ميانداد جا ڪجھ لفظ جن مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو هو، مون کي اڃا تائين ياد آهن، سي مهربان پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ هتي لکان ٿو:

جاويد ميانداد چيو:

”سڀ کان پهريون تہ مان الله تعاليٰ جا شڪرانا ادا ٿو ڪريان جنهن هڪ هاريل ٽيم کي ڪاميابي عطا ڪئي ۽ شرمندگي کان بچائي اسان جو ۽ اسانجي سڄي قوم جو منهن ۽ مان مٿاهون ڪيو، ورنہ پهرين پنجن مئچن کانپوءِ مان سوچيندو هوس تہ ڪهڙو منهن کڻي وطن واپس ويندا سون. مون تہ اهو بہ سوچي ڇڏيو هو تہ واپسي تي اسان ٽيم جي شڪل ۾ نہ، پر ٻہ ٽي، يا صفا هڪ هڪ ٿي، ڇُپ چاپ ۾ ڪو لاهور ويندو تہ ڪو اسلام تہ ڪو ڪراچي ويندو، ڇو تہ مون کي خبر آهي تہ اسان جي قوم بيحد جذباتي آهي ۽ اسان جو گهيراءُ ٿيندو. پر الله تعاليٰ شايد اسان جون التجائون اگهايون ۽ اسان جي ٽيم کي مشڪل حالتن ۾ بہ ڪاميابين تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاميابيون عطا ٿينديون رهيون. نتيجو اهو نڪتو جو 14 پوائنٽس حاصل ڪندڙ ٽيم فائنل ۾ به نه پهچي سگهي ۽ اسان 9 پوائنٽس وارا ورلڊ ڪپ کٽي ويا آهيون. اهو سڀ پروردگار جو ڪرم آهي، جنهن اسان جي رانديگرن کي حوصلو ڏنو ۽ هنن بعد ۾ سٺي راند جو مظاهرو ڪيو."

جاويد مانداد تمام گهڻو ڳالهايو ۽ ان ڪانپوءِ انتخاب عالم به لڳ ڀڳ ساڳيا لفظ دهرايا..... ان ڪان اڳ جڏهن اسان جي ٽيم ورلڊ ڪپ کٽي وئي ته مون ريڊيو پاڪستان جي نشرياتي لهرن ذريعي سڄي قوم کي هيٺين لفظن سان مبارڪباد ڏني:

"پينرون ۽ پائرو! اوهان ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان ٻڌو ۽ ڏٺو ته پنجون بينسن ۽ هيجز ورلڊ ڪپ پاڪستان کٽي ورتو آهي. ان عظيم الشان ڪاميابي تي اوهان سان گڏ مان به الله تعاليٰ جا لک شڪرانا بجا ٿو آڻيان. هن وقت تائين اوهان کي وڏن وڏن ماڻهن طرفان مبارڪباد جا پيغام ملي چُڪا هوندا. پر مان توڙي جو ننڍو ماڻهو آهيان پر ساڳي وقت هتي ريڊيو پاڪستان جي نمائندي يعني اوهان جي نمائندي جي حيثيت ۾ اوهان سڀني پينرن ۽ پائرن کي هن عظيم ڪاميابيءَ تي دل جي گهرائين مان مبارڪباد ڏيان ٿو. منهنجا جذبات هينئر لفظن جا محتاج نه آهن، ان ڪري هينئر مون کي مناسب لفظ ملن ئي ڪونه ٿا جيڪي ورلڊ ڪپ ڪرڪيٽ جي جنگ ۾ فتح حاصل ٿيڻ کي صحيح طرح بيان ڪري سگهن. تنهنڪري دل جي خلوص ۽ اندر جي اٿاهه محبتن مان اوهان کي هڪ دفعو وري مبارڪون ڏيان ٿو، تمام گهڻيون مبارڪون. انشاءالله تعاليٰ چند ڏينهن ۾ پنهنجي وطن ۾ پهچي وري هڪ ڀيري ڪي مبارڪون ڏيندا سون. الله نگهبان!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ميلبرن کان هانگ ڪانگ

## Melbourne to Hong Kong

خوشين، شادمانن، ڪل يوڳ، ٿهڪڙن ۽ جائز ناجائز تبصرن جي طويل ڏي وٺ کان پوءِ موٽيل تي موٽياسين ۽ موٽيل جي آپريٽر کي چٽين وڳي جاڳائڻ جو چئي مان سمهي پيس. پر اڄ هڪ ته ورلڊ ڪپ کٽڻ جي خوشي ۽ هاڻي ٽوڪيو ۾ ياءُ فيض، سندس فيملي ۽ منهنجي وَني (جا اڳ ۾ ئي ٽوڪيو پهچي چڪي هئي) سان ملاقات جي خوشي ۾ ننڊ ئي نٿي آئي. پاسا اُٿلائيندي پٿلائيندي وقت گذريو. نيٺ صبح جو 3.45 وڳي ننڊ مان اُٿي تيار ٿي، 4.45 تي موٽيل ڇڏيم ۽ اڌ ڪلاڪ ۾ ايئرپورٽ پهچي ويس. صبح جو 6.40 تي "ڪئنٽس" جي فلائيٽ ۾ هانگ ڪانگ لاءِ روانو ٿيس. پوين صفحن ۾ ٻڌائي آيو آهيان ته ڪيڏا نه جتن ۽ جفائون ڪرٽيون پيون هيم ٽڪيٽ جو روٽ بدلائڻ لاءِ. ٽوڪيو وڃڻ لاءِ مونکي تمام گهڻا پئسا پرٽا پون ها تنهنڪري وڏي ڊوڙ ڊُڪ ۽ ويرونيڪا جي خاص عنايت ڪاپنوءِ منهنجي ٽڪيٽ ميلبرن– سينگاپور جي بجاءِ ميلبرن– هانگ ڪانگ جي ٺهي هئي. هانگ ڪانگ– ٽوڪيو ۽ ٽوڪيو– هانگ ڪانگ جي ٽڪيٽ مون اسلام آباد مان، آسٽريليا رواني ٿيڻ وقت ئي ٺهرائي ڇڏي هئي جيڪا ڪئٿي پئسفڪ ايئرلائين جي هئي.

فقط هڪ ڪلاڪ ۾ سڊني ايئرپورٽ تي پهتاسون. هتي اسانکي سوا ٻه ڪلاڪ ڪن ترسڻو هو، تنهنڪري سوچيم ته ايئرپورٽ جي بهترين ريسٽورنٽ ۾ ڪافي جو ڪوپ به پي اچجي ۽ آسٽريلين ڪرنسي مٽائي هانگ ڪانگ جي ڪرنسي وٺجي، جيڪا هانگ ڪانگ ۾ ڪم ڏيندي. سڊو ايئر پورٽ جي ڏوڪڙن جي مٽا سٽا واري هنڌ (Bureau De Change) ۾ هليو ويس، جتان آسٽريلين ڪرنسي مٽائي هانگ ڪانگ جا ڊالر ورتم جيڪي اٺ سئو ڪن هُيا. ڪرنسي مٽائي باٿ روم ۾ هليو ويس. 15 منٽ باٿ روم ۾ رهيس ته اوچتو خيال آيو ته مون پرس ته ڪائونٽر تان کنيو ئي نه هو. پنهنجي ڀُل ۽ غير ذميواري تي ڏاڍي ڪاوڙ آيم پر هاڻي ڪري به ڇا ٿي سگهيس. ٽڪڙو ٽڪڙو باٿ روم مان نڪري ڪائونٽر ڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڃڻ لڳس جتي ڏنم ته Bureau De Change تي ڪرنسي مٽائڻ لاءِ مردن ۽ عورتن جي وڏي قطار لڳل هئي. دل ۾ آيو ته خير ڪونهي. هيترن سارن ماڻهن مان ڪنهن نه ڪنهن پرس ضرور ڪنيو هوندو. قطار کان اڳتي وڌيس ته هڪ ماڻهوءَ گرجدار آواز ۾ چيو، ”مهربان، قطار ۾ ٿي بيهُه.“ ڪيس پنهنجي مجبوري ٻڌايم ته ماٺ ٿي ويو. جيئن ئي ڪائونٽر تي پهتس ته منهنجو پرس بلڪل اُنهيءَ حالت ۾ اُتي ئي پيو هو جيئن رکي ويو هوس. تعجب اِهو ٿيو ته ڪائونٽر تي ويٺل ڇوڪري به شايد اهو پرس نه ڏٺو هو، نه ته سيلز گرل پرس کڻي پنهنجي حفاظت ۾ رکي ڇڏي ها. بهرحال پرس کڻڻ وقت ڪائونٽر تي ويٺل ڇوڪري جو توجه ڇڪرايم ته ڪٿي هوءَ مونکي پرس کڻندو ڏسي چور نه سمجهي. جيئن سندس توجه ڇڪرايم ته ڏاڍي خوش ٿي ۽ چيائين، ”تون خوش قسمت آهين جو پرس ملي ويئي، نه ته هتي ڪڏهن ڪڏهن اهڙا حادثا به ٿيندا آهن جڏهن ڪي ماڻهو پئسا وڃائي ويندا آهن پر اڪثريت تو جهڙن خوش قسمت ماڻهن جي هوندي آهي ۽ گهڻا ماڻهو ڪنهن جي لڌل مُوڙي هتي ڇڏي ويندا آهن.“ ٿوري دير کان پوءِ مون سان مخاطب ٿي، پرس کڻڻ کان اڳ يقين ڪرڻ لاءِ ته مان ساڳيو ماڻهو هوس، مونکي منهنجي سڃاڻپ ڪرائڻ لاءِ چيائين. مون ساڳئي پرس مان شناختي ڪارڊ سميت ٻه ٽي ٻيا ڪارڊ به ڪڍي کيس ڏيکاريا ۽ پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي جنهن تي ويٺل ڇوڪري ٻه ٽي ڀيرا مونکي Thank you چيو.

پرس هٿ ڪرڻ بعد VIP ريسٽورنٽ ۾ هليو ويس جتي فقط VIP ڪارڊ رکندڙ ماڻهن کي اندر وڃڻ ڏيندا آهن. پر مون آسٽريلين ڪرڪيٽ بورڊ طرفان مليل خاص، ميڊيا پاس، جيڪا اسانکي ڪرڪيٽ مئچن جي ڪوَريج لاءِ مليل هئي، کين ڏيکاري جنهن تي آسانيءَ سان VIP ريسٽورنٽ ۾ وڃڻ ڏنائون. هڪ سئنڊوچ، هڪ چاڪليٽ ۽ ڪافي جو ڪوپ پيتم، جڏهن بل آيو ته چڪر اچڻ لڳا. پورا چاليهه آسٽريلين ڊالر يعني اندازي موجب پاڪستاني -/950 رپيا. آسٽريليا ۽ نيوزيلئنڊ ۾ مون ڪجهه قناعت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته ڪجهه پئسا بچائجن ته جيئن هانگ ڪانگ ۽ جپان ۾ رهائش دوران ڪجهه خرچي نڪري اچي. پر اجوڪي عياشي ڪجهه قدر مهانگي پئجي وئي. بهرحال پوءِ به ايترو ارمان ڪونه ٿيو جو ريسٽورنٽ جو شان ئي ڪجهه اهڙو هو جو ان ۾ فقط وڃي ويهڻ لاءِ به ماڻهو 40 ڊالر ڏئي اچي ته به گهٽ آهن. پوين صفحن ۾ مون اوهانکي ٻڌايو آهي ته ڪيئن نه افتخار احمد (اسانجو انگريزي زبان جو مايه ناز ڪمينٽيٽر ۽ سِنگر ڪمپنيءَ جو ورلڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پريزيڊنٽ) هن ٺي ريسٽورنٽ ۾ ڪجھ ڏينهن اڳ اسان کي وٺي ويو هو ۽ ڏاڍيون شاهي دعوتون ڪارايون هئائين.

سڊني ايئرپورٽ تي سوا ٻه ڪلاڪ ترسي ڪئنٽس جي هڪ ٻي فلائيٽ ذريعي صبح جو ساڍي ڏهين وڳي روانا ٿي، فقط هڪ ڪلاڪ ۾ ٺيڪ 11.30 وڳي برسبين ايئرپورٽ تي پهتاسين. ٿوڙي جو هتي فقط اڌ ڪلاڪ رڪڻو هو، پر پوءِ به ڪوشش ڪيم ته ويرونيڪا سان ڳالهايان. بيحد پياري، سٺي ۽ سهڻي ويرونيڪا جنهن برسبين ۾ مون سان دوستيءَ جو هٿ وڌايو هو، جنهن منهنجي ٽڪيٽ جي منجهيل ۽ اُلجهيل مسئلي کي سلجهائي مون کي شڪرگذاري جو موقعو ڏنو هو. ٽيليفون ڪيم ته ويرونيڪا هيلو ڪئي، مون به ساڻس هيلو هاءِ ڪئي ۽ ڪيس ٻڌايم ته واپس پيو وڃان ته فورا پڇيائين، ”جي تنهنجي فلائيٽ وڃڻ ۾ ڪجھ دير هجي ته گهڙي ڪن لاءِ مان ايئرپورٽ تي توسان ملڻ اچان.“ ڪيس ورائيم، ”اها منهنجي بدقسمتي آهي جو سڊني ۾ ته جهاز سوا ٻه ڪلاڪ رڪيو پر هتي فقط اڌ ڪلاڪ لاءِ ترسڻو آهي، جنهن مان پندرنهن منٽ اڳي ئي گذري چڪا آهن.“

بهرحال ويرونيڪا سان ٽيليفون تي ڳالهائي ڏاڍو سڪون ۽ قرار اچي ويو. اڃان اسان ٽيليفون تي ڳالهايوئي پئي ته اسان کي جهاز ۾ ويهڻ لاءِ سڏ ٿيو. ويرونيڪا کي ٽيليفون تي خدا حافظ چئي، اچي جهاز ۾ ويٺس.

## ائن ڪلاڪن جو سفر- دلچسپ اتفاق

برسبين ايئرپورٽ تان هانگ ڪانگ لاءِ جهاز ٺيڪ 12.00 وڳي اڏاڻو. ٿوري دير ڪانپوءِ جهاز جي ڪپتان اعلان ڪيو ته، ”اسان آئن ڪلاڪن ۾ هانگ ڪانگ پهچنداسون.“ ائن ڪلاڪن جو انگ مونکي جهاز ۾ سفر ڪرڻ دؤران ڏاڍو دلچسپ ۽ حيران ڪندڙ لڳندو آهي. اهو عجيب اتفاق چئجي جو مون بين الاقوامي پروازن ذريعي هڪ منزل کان ٻي منزل تائين اڪثر ڪري ائن ڪلاڪن اندر سفر ڪيو آهي. اهو اتفاق مونکي ڏاڍو عجيب، انوکو ۽ دلچسپ لڳندو آهي. ائن ڪلاڪن جي وقت اندر طئي ٿيل مسافريون هن طرح پيون ياد اچن:

(1) 1983ع ۾ جڏهن ٽئين ورلڊ ڪپ جي ڪوريج لاءِ انگلنڊ وڃي رهيو هوس ته KLM جي فلائيٽ جي پهرئين مرحلي ۾ ڪراچي کان سڌي فلائيٽ ۾ ائمسٽرڊم ايئرپورٽ تائين پورا اٺ ڪلاڪ لڳا هئا. ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪان پرواز ڪرڻ وقت اعلان بہ اِهوئي ٿيو هو تہ ”اسان انشاءَ الله 8 ڪلاڪن ۾ ائمسٽرڊم ايئرپورٽ پهچنداسون.“ پهتا بہ پورن اٺن ڪلاڪن ۾ هئاسون.

(2) 1986ع ۾ جڏهن آمريڪا تي ويس تہ هيڏو سارو سفر ٻن قسطن ۾ طئي ٿيو هو. پهرين قسط ۾ ايئر فرانس (Air France) ذريعي ڪراچي کان پئرس پورن اٺن ڪلاڪن ۾ پهتو هوس ۽ وري ٻئي ڏينهن تي ٽرنس ورلڊ ايئرلائينز (TWA) ذريعي پئرس کان واشنگٽن پهچڻ تائين بہ 8 ڪلاڪ لڳا هيا.

(3) وري 21 فيبروري 1992ع تي هانگ ڪانگ کان سڊني پهچڻ تائين بہ اٺ ڪلاڪ لڳا، تہ

(4) اڄ وري برسبين کان هانگ ڪانگ پهچڻ تائين بہ اٺن ڪلاڪن جو وقت انائونس ڪيو ويو. آهي نہ عجيب و غريب ۽ دلچسپ اتفاق!

اڄ جهاز ۾ ڪافي سيٽون خالي هيون ان ڪري مان چار سيٽون فولڊ ڪري، انهن کي هڪڙو ننڍو بيڊ بڻائي، چادر تاڻي سمهي پيس ۽ پورا پنج ڪلاڪ ننڊ ڪيم. جيڪا پروازن دؤران منهنجي وڏي ۾ وڏي ننڊ هئي. هونئن تہ جڏهن جهاز مڪمل طرح ڀريل هوندو آهي تہ پوءِ بہ ماڻهو ڊگهي سفر دؤران سيٽ پوئتي ڪري آرام ڪندا آهن، پر اجوڪي ننڊ جو مزو ئي نرالو هو. پوئين رات ورلڊ ڪپ کٽڻ جي خوشيءَ ۾ هڪ لمحي لاءِ بہ ننڊ نہ ٿي آئي ۽ اها منهنجي خوش قسمتي هئي جو جهاز ۾ ڪجهہ سيٽون خالي هئڻ سبب مون ان جو پورو فائدو ورتو. جڏهن هانگ ڪانگ پهچڻ ۾ ڏيڊ ڪلاڪ باقي وڃي بچيو هو تہ ايئر هوسٽيس اچي اٿاريو ۽ نهايت مهذب ۽ وڻندڙ انداز ۾ چيائين، ”ساري سَر، مون اوهان کي ننڊ مان اٿاريو جو چانهہ تيار آهي ۽ ٿوري دير ۾ هانگ ڪانگ بہ پهچڻ وارا آهيون.“ مون کيس ”ٿئنڪ يو“ چيو تہ فورا هڪ خوشبودار گرم گرم ٽوال مون ڏانهن وڌايائين جنهن سان منهن ڌوتم تہ صفا فريش ۽ چست ٿي ويس، ڄڻ ننڊ ئي ڪانہ ڪئي هيم. ٿوري دير ڪانپوءِ چانهہ آئي. سئنڊوچ سان گڏ چانهہ پيتم تہ لطف اچي ويو. ٿوري دير ۾ اعلان ٿيو تہ ”اسان هانگ ڪانگ ايئرپورٽ تي لئنڊ ڪرڻ وارا آهيون.“ ”هانگ ڪانگ ايئرپورٽ تي لئنڊنگ ڪرڻ وقت ماڻهو جي صبر جو امتحان هوندو آهي. بس جڏهن سمجهبو آهي تہ هاڻي جهاز رن وي کي ڇهڻ وارو آهي تہ ان وقت بہ محسوس ٿيندو آهي تہ شايد پائلٽ کان ڪا غلطي ٿي آهي ۽ اسان سڌو سمنڊ ۾ پيا لئنڊ ڪريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوءِ الائي ڪٿان اوچتو رن- وي ظاهر ٿيندو آهي. هونئن اِها يوڳ چرچي جي ڳالهه نہ، پر حقيقت آهي تہ هانگ ڪانگ ايئرپورٽ تي هڪ اڌ دفعا جهاز سمنڊ جي ڪناري تي گپ ۾ لئنڊ ڪري چڪو آهي، پر خوش قسمتيءَ سان مسافر محفوظ رهيا هيا.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# هانگ ڪانگ ۾

## In Hong Kong

جيئن هانگ ڪانگ ايئرپورٽ کان ٻاهر آيس تہ پري کان ئي هڪ بئنر نظر آيو جنهن تي لکيل هو:

(سنگر. مسٽر عنايت بلوچ لاءِ) Singer. For Mr.Inayat Baloch.

سمجهي ويس تہ افتي جو ماڻهو پهچي ويو. ورلڊ ڪپ فائنل ۾ افتي بيحد خلوص جو مظاهرو ڪندي چيو هو تہ هانگ ڪانگ پهچڻ تي سندس ماڻهو مونکي ايئرپورٽ تي وٺڻ ايندو، جتي رهائش جو سڄو انتظام افتخار جي ٻلي هوندو. سنگر ڪمپنيءَ جو ايگزيڪيٽو آفيسر مسٽر ڊگلس مونکي وٺڻ لاءِ، رولس رائس، گاڏي ڪاهي آيو هو، جيڪا افتخار جي ذاتي استعمال ۾ رهندي آهي. افتخار احمد- جنهن لاءِ پوين صفحن ۾ ٻڌايو اٿم تہ هانگ ڪانگ ۾ سنگر ڪمپنيءَ جو ورلڊ پريزيڊنٽ آهي، سندس پگهار شايد ٻن کان اڍائي لکن تائين آهي ۽ ڪيس اُهي سهوليتون ميسر آهن جن جو تصور ڪرڻ بہ پاڪستان ۾ ناممڪن آهي، ان جي باوجود هڪ فقير تن ماڻهو آهي، اندر جو صاف ۽ هڪ درويش صفت انسان. سڄي ڄمار ۾ پهريون ڀيرو 'رولس رائس' گاڏي ۾ سوار ٿيو هوس، جيڪا شايد دنيا جي سڀ کان مهانگي گاڏي آهي. سڄي پاڪستان ۾ چون ٿا تہ رولس رائس جون 5-6 گاڏيون بہ مس هونديون. ڇا تہ گاڏي جون سيٽون هيون ۽ ڇا وري ان جي اندر سهوليتون هيون، آرام سان ويهڻ لاءِ، سمهڻ لاءِ وغيره. ايئرپورٽ کان شهر ڏانهن ويندي هڪ سُرنگ (Tunnel) مان لنگهياسين جنهن لاءِ مسٽر ڊگلس ٻڌايو تہ اِها سمنڊ جي هيٺيان ٺهيل آهي. يعني گونان گون سمنڊ مٿان پيو وَهي ۽ اسان ان جي هيٺان مزي سان ٻاءِ روڊ ڪار ڪاهيو پئي هلياسين. حضرت انسان هن دنيا ۾ ڇا ڇا نہ حاصل ڪيو آهي. عقل دنگ رهجي ٿو وڃي تہ اِهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ مٿان سمنڊ ۽ سمنڊ جي اندران ئي اندران روڊ رستا ٺهيل هجن، جنهن تي ڪارون، موٽرون ۽ بسون پيون هلن. هيءَ سُرنگ بہ اڍائي ڪلوميٽر ڊگهي آهي. پندرنهن ويهن منٽن ۾ مسٽر ڊگلس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مونکي وارني هوٽل (Wharny Hotel) تي وٺي آيو جيڪو هانگ ڪانگ جي بهترين فور اسٽار هوٽلن مان هڪ آهي. ڪمرو اڳ ۾ ئي بُڪ ٿيل هو. ڪمرو وٺي افتخار سان ٽيليفون تي ڳالهايم ۽ سندس طرفان منهنجي آدرڀاءُ ڪرڻ تي سندس شڪريو ادا ڪيم ته پاڻ افسوس جو اظهار ڪندي چيائين ته هو مونکي هوٽل جي بجاءِ پنهنجي گهر رهائي ها پر پاڪستان کان آيل مهمانن سبب سندس گهر پريو پيو هو ۽ مان اُتي گهڻن مهمانن جي موجودگيءَ ۾ شايد آزادي محسوس نه ڪريان ها، ان ڪري مونکي هُن هوٽل ۾ رهائڻ مناسب سمجهيو هو. وارني هوٽل هانگ ڪانگ جي چهل پهل واري علائقي ونچاءِ (Wanchai) ۾ آهي ۽ لاڪ هارٽ (Lock Hart Road) تي واقع آهي. بيحد ڪشادو ۽ آرامده ڪمرو هو، ۽ منجهس تمام گهٽيون سهوليتون ميسر هيون. جڏهن ڪمري ۾ آياسين ته ان وقت هانگ ڪانگ جي وقت مطابق رات جا 30-8 ٿيا هيا، بک به لڳي هئي. اٽينڊنٽ کان پڇا ڪرڻ تي خبر پئي ته وارني هوٽل جي ٽين منزل تي هڪ زبردست ريسٽورنٽ آهي جتي ماني کائي سگهجي ٿي. وهنجي سهنجي، تيار ٿي ريسٽورنٽ ۾ ويس. وڏي رونق لڳل هئي ۽ هڪ عاليشان ريسٽورنٽ هو. ڪافي ماڻهو ويٺا هئا. پر ذري گهٽ مڪمل خاموشي لڳل هئي. ٽيبل تي ويٺل ماڻهن هڪ ٻئي سان تمام آهستي ويٺي ڳالهايو. مونکي هن ريسٽورنٽ جي اِها ڳالهه ڏاڍي وڻي ته شورو غُل يا ڏاڍيان ڳالهائڻ واري ڳالهه ڪٿي به نظر نه آئي.

هاڻي مونکي اِها اچي ڳڻتي لڳي ته خبر ناهي افتخار رڳو مونکي هوٽل تي رهائڻ جو بندوبست ڪيو هو يا کارائڻ پيارڻ جو به. سوچيم جي آخر ۾ هڪ ٻن ڏينهن جي لنچن ۽ ڊنرن جو بل به ڏيڻو پيو ته پوءِ ايئن سمجهندس ته ٻشني ڪيسو ڪتري ويو. بهرحال جڏهن ويٽر آرڊر وٺڻ آيو ته وڏي دل ڪري ٻن ٽن ڊشن جو آرڊر ڏنم ۽ دل ئي دل ۾ سوچيم ته ڊنر جي بل اچڻ وقت اچ وزن جي خبر پئجي ويندي، پوءِ سياڻي اُنهيءَ حساب سان ڪائبو. چائنيز ۽ ڪانٽينينٽل ڊشز اچي ويون جيڪي ڏاڍيون لذيذ هيون ۽ خوب مزي سان ماني کادم. بل آيو پر هرو پرو اهڙو به نه جيڪو ڏسڻ شرط بيهوشي طاري ڪري ڇڏي. 150 هانگ ڪانگ ڊالر يعني اندازي موجب پاڪستان جا پنج سئو روپيا. مون في الحال ته بل صحيح ڪري ڇڏيو. رات جا ڏهه وڄي چُڪا هيا، انڪري هاڻي گهمڻ ڦرڻ جو نه وقت ئي ڪونه هيو. فقط هيٺ لهي ان خيال کان پرپاسي گهميس ڦريس ته هڪ ته ڪجهه ماني هضم ڪري وٺان ٻيو هانگ ڪانگ جي رات جو ڏسي سگهان. مڙئي فرلانگ کن پنڌ ڪيم جنهن ۾ رات جو فقط ايترو محسوس ٿي سگهيو ته 70-80 منزله عمارتن جي

شيشن مان روشني ڦوهارا ڪري ٻاهر نڪري رهي هئي ۽ عظيم الشان عمارتن جي چوطرف چمڪ دمڪ هڪ خوبصورت نظارو پيش ڪري رهي هئي. مونکي سينگاپور ۽ هانگ ڪانگ جي عمارتن ۾ ڪو خاص فرق محسوس ڪونہ ٿيو. ذري گهٽ ساڳئي نموني ۽ ساڳي تعمير جي فن جي ٻنهي شهرن ۾ هڪ جهڙائي آهي. البت نيويارڪ جي مئنهٽن (Manhattan) جي علائقي ۾ پڻ وڏيون عمارتون آهن جيڪي هانگ ڪانگ ۽ سينگاپور جي عمارتن کان گهڻيون وڏيون آهن ۽ اُتي طرز تعمير بلڪل نرالي آهي، صفا نيويارڪ اسٽائيل. ڪافي دير تائين گهمندو رهيس، جڏهن رات جا سوا ٻارنهن ٿيا تہ هوٽل تي موٽي آيس. ٿوري دير لاءِ ڊش انٽينا تي ڪجهہ رنگ برنگي پروگرام ڏسي سمهي پيس تہ جلدي ننڊ اچي وئي.

صبح جو 9 وڳي جاڳ ٿي. سادي ڏهين تيار ٿي ويس جو مسٽر ڊگلس سان اڳواٽ ئي طئي ٿيل هو تہ هو مون وٽ صبح جو 11 وڳي ڌاران ايندو تہ گڏجي ڪجهہ هانگ ڪانگ جي بازارن جو سير بہ ڪبو، ڪي شاپنگ سينٽر بہ ڏسبا ۽ وڏي ڳالهہ تہ مونکي فيض لاءِ وڊيو ڪئميرا وٺي وٺڻي هئي، جنهن لاءِ فيض روز پيو ٽوڪيو مان ٽيليفون ذريعي چوندو هو تہ "ادا وڊيو ڪئميرا ضرور ورتيون اچجو."

## ڪليڪٽ ڪال Collect Call

آسٽريليا ۽ نيوزيلنڊ کان ٻي ٽئين ڏينهن ڪليڪٽ ڪال (Collect Call) ذريعي، ٽوڪيو ۾ فيض، سندس فيملي ۽ پنهنجي گهرواريءَ سان پيو ڳالهائيندو هوس. ڪجهہ مهربانن کي ممڪن آهي ڪليڪٽ ڪال جي باري ۾ ڄاڻ نہ هجي تہ ان جي باري ۾ بہ ٻڌائيندو هلان. توهان ڪنهن بہ ملڪ ۾ آهيو ۽ اوهان جو دوست، ياءُ يا عزيز ٻي ملڪ ۾ آهي، اوهان کي تمام ضروري ڳالهائڻو آهي، اوهان وٽ پئسا بہ گهٽ آهن تہ اوهان ان دوست جي نمبر تي 'ڪليڪٽ ڪال' بوڪ ڪرائي سگهو ٿا. جڏهن ڪليڪٽ ڪال ملندي تہ آپريٽر ان ماڻهو (جنهن لاءِ ڪليسٽ ڪال بوڪ ڪرائي وئي آهي) کان پڇندي تہ "فلاڻي ماڻهوءَ طرفان اوهان لاءِ ڪليڪٽ ڪال آهي، اوهان ان ڪال وٺڻ لاءِ راضي آهيو؟" ظاهر آهي جيڪڏهہ اڳيون شخص اوهان جو ڪو گهاٽو دوست يا عزيز آهي تہ پوءِ اهو ڪال وٺڻ لاءِ راضي ٿي ويندو، ان صورت ۾ پوءِ بل بہ کيس ئي ڀرڻو پوندو، يعني ان ماڻهو

ڪي جنهن لاءِ ڪليڪٽ ڪال بوڪ ڪرائي وئي آهي.

.......... ته ڳالهه پئي ڪيم ته هر ٽئين چوٿين ڏينهن تي فيض سان پيو ڳالهائيندو هوس. فيض ويچاري سمجهيو ته جي ادا هر ٽئين چوٿين ڏينهن تي ڪليڪٽ ڪال ذريعي ڳالهائيندو رهندو ته جپان جهڙي بدترين مهانگائي واري شهر ٽوڪيو ۾ فيض جي خدانخواسته اها حالت نه ٿئي جو روڊن رستن تي ڪيس صدا بلند ڪرڻي پئي ته، "ڏي ڙي بندا، ڏي نالي الله جي ڏي." تنهن ڪري مون کان هڪ ڏينهن فيض پڇيو، "ادا اوهان جا هوٽل ته مختلف شهرن ۾ اڳواٽ ئي بوڪ هوندا، پوءِ جي اتان جا ٽيليفون نمبر اوهان وٽ هجن ته مونکي ڏئي ڇڏيو." مون فيض کي مختلف شهرن جي هوٽلن جا نمبر ڏئي ڇڏيا جتي اسان کي ترسڻو هو ۽ ڪيس تاريخون به ٻڌائي ڇڏيم ته ڪهڙين تاريخن تي اسان ڪٿي هونداسون. پر ان سسٽم به صحيح ڪم نه ڪيو ڇو ته هڪ اڌ دفعا ته فيض جي ٽوڪيو مان ڪيل ڪال ضايع وئي. مان ڪڏهن هوٽل تي هجان ته ڪڏهن دعوتن ۾، تنهنڪري مون فيض کي هڪ ٻيو پروپوزل ڏنو جنهن بهتر ڪم ڪيو. اُهو هي ته جنهن به شهر ۾ مان پهچان ته فقط هڪ دفعو هڪ يا ٻن منٽن لاءِ ڪليڪٽ ڪال ذريعي مان فيض سان ڳالهايان، پوءِ فيض پاڻ ۾ طئي ٿيل وقت تي پاڻهي پيو ڳالهائيندو. ان ڳالهه جي وضاحت به مهربان پڙهندڙن لاءِ ڪري ڇڏيان ته آخر ڇو ان ڳالهه جي ضرورت پيش آئي ته مان هر ٽئين چوٿين ڏينهن تي فيض سان ڪليڪٽ ڪال ذريعي نه ڳالهايان پر هو ٽوڪيو مان پاڻ ڳالهائي. اهو فقط ان ڪري جو ڪليڪٽ ڪال جو بل زياده ايندو آهي، ۽ هوڏانهن فيض مونکي ٽوڪيو مان ٽيليفون گهٽ ڪري ته ان وقت تي ڪري ها جڏهن ڪال چارجز اڌواڌ گهٽجي ويندي آهن. پر جي نارمل وقت تي ڪال ڪجي ٿي ته به شايد ڪليڪٽ ڪال جي بل کان گهٽو گهٽ ريٽ چارج ٿئي ٿو. بهرحال آئنده لاءِ پوئتي ٻڌايل طريقي تي عمل ڪيوسين پر ان جي باوجود جڏهن بعد ۾ مان ٽوڪيو پهتس ته منهنجي هوندي ئي منهنجي ڪليڪٽ ڪالن جو بل فيض ڏانهن آيو ۽ هُن به دير نه ڪئي مونکي بل ڏيکارڻ ۾ ته "ادا اوهان پنهنجين مهربانين جي تصوير ڏسو" ڏٺم ته چڱو خاصو بل هو جيڪو پاڪستاني پئسن جي حساب موجب ذري گهٽ ستَ هزار (7000/=) روپيا ٿي ٿيو.

بهرحال مون آسٽريليا کان به ٻئي پيرا فيض کي چيو هو ته آئنده لاءِ مان ڪيس ٽيليفون ڪونه ڪندس جو سندس چڱو خاصو بل اچي ويندو ته فيض نه رڳو منهنجي ڳالهه نه مڃي هئي پر هر دفعي پيو چوندو هو ته جڏهن به مان آسٽريليا يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيوزيلنڊ جي هڪ شهر کان ٻي شهر پهچان ته هڪ دفعو سائڻ، ضرور ڳالهايان جو ان بهاني سان ٽيليفون تي ڪچهري ٿي ويندي هئي.

اهڙي طرح سواءِ هڪ ٻن شهرن جي مان هر شهر کان فقط هڪ دفعو ٽوڪيو ۾ فيض سان ڳالهائيندو هوس ۽ بعد ۾ فجن اڳوات طئي ٿيل وقتن تي پاڻهي پيو مهربانيون ڪندو هو، نه رڳو هو پاڻ ڳالهائيندو هو پر سندس بيگم، سندس ٻارڙا ۽ منهنجي بيگم، سڀ مونسان واري واري سان وينا ڳالهائيندا هئا.

....... سچ چونڊا آهن ته شل ڳالهه مان ڳالهه نه نڪري پئي پوءِ اُها ڳالهه الائي ڪٿي تي وڃي دنگ ڪري. ڳالهه نڪتي ڪليڪٽ ڪال جي ته مون کي فيض سان ڪليڪٽ ڪال ذريعي ڳالهائڻ جو سجو ۽ سربستو احوال ٻڌائڻو پيو اوهان مهربان پڙهندڙن کي، اُميد ته معلومات به ملي هوندي ۽ محظوظ به ٿيا هوندا.

....... نيڪ 11 وڳي مسٽر ڊگلس آيو جنهن سان گڏجي شاپنگ لاءِ نڪتس. ڊگلس کي اڳوات اشارو ڏئي ڇڏيو هيم ته مونکي عرب شهزادو نه سمجهي پر هڪ مسڪين ماڻهو سمجهي اُتي وٺي هلي جتان فيض جي وڊيو ڪئميرا سستي ملي. وڊيو ڪئميرا هئي ته (Made in Japan) پر جپان جي شيءِ جپان ۾ مهانگي ته هانگ ڪانگ يا ڪيترن ٻين فري پورٽس (Free Ports) تي سستي ملندي آهي. اهو گورک ڌنڌو رڳو جپان سان نه پر ڪيترن ٻين ملڪن سان به لاڳو آهي. مثلا انگلنڊ جون شيون لنڊن ۾ مهانگيون ته ٻين ملڪن خاص طرح هانگ ڪانگ، سينگاپور يا دبئي ۾ سستيون.

مسٽر ڊگلس به شايد قصي کي سمجهي ويو ۽ هڪ اهڙي علائقي ۾ وٺي ويو جتي سنهڙيون ڳُتيل گهٽيون هجن، خاص صفائي سنائي به نه هئي. ننڍڙا وڏا دڪان گڏوگڏ، مونکي خيرپور جي بازار ياد اچي وئي. نيٺ ڊگلس سان احتجاج ڪيم ته هو ڪهڙي اڌنگي، ٻي سُري ۽ فضول علائقي ۾ مونکي وٺي ويو هو ته ويچاري نماڻائيءَ مان وراڻيو، ”هتي هانگ ڪانگ ۾ يا ته اهڙا علائقا آهن يا وري وڏا وڏا شاپنگ پلازا، جي شاپنگ پلازا تان ڪئميرا خريد ڪبي ته ڏري گهٽ ٻيڻ تي مهانگي ملندي ۽ هتي تمام سستي ملندي.“ بهرحال به ٽي دڪان جاچي ڪئميرا خريد ڪئي سون جيڪا شايد M-10 هئي. جڏهن اها ڪئميرا بعد ۾، فيض ٽوڪيو ۾ ڏني ته ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اطمينان جو اظهار به ڪيائين ته هانگ ڪانگ ۾ ڪئميرا ڪافي سستي ملي هئي نه ته ٽوڪيو ۾ شايد ڏري گهٽ ٻيڻ تي پئسا ڀرڻا پون ها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انيتا ۽ طارق (فيض جي ٻارڙن) لاءِ ڪجھ سوکڙيون ورتم باقي مون هانگ ڪانگ مان ٻيو ڪجھ بہ خريد نہ ڪيو، فقط انهيءَ خيال کان تہ واپسيءَ تي بہ هانگ ڪانگ ۾ ٻہ ڏينهن کن رهڻو هو تہ ان وقت پنهنجي لاءِ جيڪو ڪجھ خريد ڪرڻو هوندو تہ واپسيءَ تي خريد ڪندس.

اُن ڪانپوءِ ڊگلس مونکي ڪولون وٺي ويو جتي ٽڙ تڪڙ ۾ ننڍا وڏا شاپنگ پلازا ڏيکاريائين. هانگ ڪانگ ۽ ڪولون دراصل بہ جدا جدا شهر آهن پر ٻاهرين دنيا ۾ هانگ ڪانگ ئي مشهور آهي. هانگ ڪانگ ۽ ڪولون کي سمنڊ ورهائي ڇڏيو آهي، بلڪل ايئن جيئن سکر ۽ روهڙي. سڄو ڏينهن پنجن پنجن منٽن جي وقفي سان فيريون پيون هلن ۽ ماڻهو سڄو ڏينهن پيا هانگ ڪانگ ۽ ڪولون جي وچ ۾ گهمن ڦرن.

اڄ شام جو هوٽل تي مسٽر طارق اقبال سومرو مون سان ملڻ آيو جيڪو هانگ ڪانگ ۾ پاڪستان جي سفارتخاني ۾ وائيس ڪونسل (Vice Consul) آهي. در اصل ميلبرن ۾ مون کي انتي ٻڌايو هو تہ ”سائين! هڪڙو سائين اسان وٽ هانگ ڪانگ ۾ بہ آهي جيڪو اوهان کي سڃاڻي ٿو.“ مونکي تجسس ٿيو هو تہ اِهو سائين ڪهڙو هو. پوءِ انتي نالو ٻڌايو هو.

مون ڪالھ سومري صاحب کي ٽيليفون ڪري ڇڏيو هو ۽ اڄ هو ڏنل وقت تي آيو. هڪ نوجوان، سمارٽ ۽ خوبصورت ماڻهو. اچڻ شرط جهيڙو ڪيائين تہ سندس هوندي مان هوٽل ۾ ڇو رهيل هوس. ڪيس ٻڌايم تہ هوٽل ۾ رهائش جو بندوبست افتخار احمد ڪيو هو تنهنڪري مونکي ڪا بہ تڪليف ڪانہ هئي. جڏهن ڪيس ٻڌايم تہ منهنجي وطن واپسي بہ هانگ ڪانگ کان ئي ٿيندي تہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ، ”مهرباني ڪري واپسيءَ تي مون سان گڏ رهجو، گهر ۾ هونداسين ۽ ڪچهريون بہ پيا ڪنداسين.“

مونکي هيڪاري ان وقت بيحد خوشي ٿي جڏهن مونکي ٻڌايائين تہ پاڻ نہ رڳو منهنجو ڳوٺائي يعني خيرپور جو آهي پر خيرپور جي مشهور وڪيل ۽ نامياري شخصيت جناب عبدالجبار سومري جو فرزند آهي. بابا (مرحوم) ۽ جناب عبدالجبار سومرو (مرحوم) پاڻ ۾ گهاٽا دوست هئا ۽ مونکي ياد آهي تہ جڏهن بہ بابا اسان جي ڳوٺ احمدپور مان پاڻ سان گڏ مونکي خيرپور وٺي ويندو هو تہ سائين عبدالجبار سومري صاحب وٽ ضرور ويندا هئاسون. جڏهن طارق صاحب سان بابا غلام نبي اداسي (مرحوم) ۽ سندس والد بزرگوار (مرحوم) جي دوستي جو ذڪر ڪيم تہ


Scanned with CamScanner

ڪجن. نہ رڳو منهنجي آس هئي پر سندن پنهنجي بہ زوردار خواهش هئي تہ مان ڪنهن طرح ڪئنابرا پهچي وڃان... ڪئنابرا اڳ ۾ پنهنجي منهن تہ گهمي آيو هوس پر جڏهن فيض پوسٽنگ تي ڪئنابرا پهتو تہ ڪوشش ڪرڻ جي باوجود بہ نہ وڃي سگهيس.

هن دفعي خوش قسمتيءَ سان ورلڊ ڪپ لاءِ آسٽريليا وڃڻ جو موقعو مليو تہ ڪوشش ڪيم تہ فيض ڏي بہ وڃجي. توڙي جو ٽوڪيو پهچڻ تائين بيشمار رڪاوٽون هيون جن جو ذڪر تفصيل سان پوين صفحن ۾ ڪيو اٿم، پر ٻنهي طرفن ڏي هڪ ٻئي لاءِ ڪشش هئي، خلوص هو، سِڪ هئي، ملڻ لاءِ بيچيني وارو اضطراب هو، دلين ۾ محبت جو مهراڻ موجزن هو، تنهنڪري الله سائين آس پوري ڪئي. منهنجي گهرواري ڪراچي مان سڌو ٽوڪيو پهتي ۽ مان آسٽريليا ۽ نيوزيلنڊ کان ورلڊ ڪپ ڪٽڻ جون واڌايون وٺندو، اچ پنهنجن پيارن ڏانهن ٽوڪيو وڃي رهيو هوس. جهاز هانگ ڪانگ جي وقت مطابق ٺيڪ 3 وڳي ۽ جپان جي وقت مطابق 4 وڳي شام جو ٽوڪيو نريتا انٽرنيشنل ايئرپورٽ (Tokyo Narita International Airport) تي لئنڊ ڪري ويو.

## In the Glitters of Japan جڳ مڳ جوت جپان جي

هوائي جهاز کان ٻاهر اچي جيئن مسافرن جي آمد جي جڳهہ (Arrival Area) تي پهتس تہ فيض ۽ حُسنہ بہ شايد ويجهڙا پهتا هيا، مان اڳتي وڌڻ لڳس تہ "ابا" جو مانوس ۽ مٺڙو لفظ ڪنن ۾ گونجيو. پاسي تي ڏٺم تہ ٻئي پيارا منهنجي انتظار ۾ بيٺا هيا. وڏا ڀاڪر پائي ملياسين. فيض منٽن ۾ اميگريشن ۽ ڪسٽم ڪليئرنس ڪرائي ورتي. اميگريشن ۽ ڪسٽم جي علائقي کان ٻاهر آياسين تہ پري کان ڏٺم تہ منهنجي بيگم، انيتا، ننڍڙو طارق ۽ انور ڪُبر (جنهن جو تعارف فيض ڪرايو) ايئرپورٽ تي موجود هئا. سيني سان ملي ڪري تن من ۾ تمام گهڻي خوشي ۽ سرهائي محسوس ٿي. ٻاهر اچي فيض ۽ حُسنہ هڪ دفعو ٻيهر سِڪ مان ڳل ڳيراٽڙيون پائي مليا. ٽوڪيو نريتا ايئرپورٽ تي ماڻهن جي هجوم ۾ نہ مونکي ڪو خيال ٿيو ۽ نہ فيض وارن کي تہ هي جو ٻِنا ٻِنا ڀاڪر پائي هڪ ٻئي سان ٿي ملياسون تہ ٻيا ماڻهو اسان بابت ڪهڙي راءِ قائم ڪندا يا ڇا چوندا. ان وقت هڪ ٻئي سان فقط سِڪ ۽ محبت جي اظهار ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ تڪلف يا بناوٽي خيال ذهن ۾ نہ هو. اچ مونکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايئن ٿي محسوس ٿيو جڻ گهڻو وقت اڳ جي خواب جي تعبير سچي ثابت ٿي هجي.

لاڪيٽو لطيف ياد پيو ۽ دل ۾ چيم ته جڏهن گهر پهچنداسون ۽ ڪچهري شروع ٿيندي ته لطيف جو هي بيت جهونگاريندس:

ڳالهيون پيٽ ورن ۾، وڏي وڻ ٿيون،
سي تان مون نه ڪيون، گوشي پرين نه گڏيا.

فيض جي هُنڌا اڪارڊ ۾ چڙهي سندس گهر لاءِ روانا ٿياسين. گاڏي انور ڪُپر هلائي رهيو هو. انور مونکي رستي تي جاين جڳهين ۽ روڊن رستن بابت معلومات ڏيندو هليو. ايئرپورٽ جي رستي جي آس پاس ڪجهه عمارتون تعمير جي مرحلن مان گذري رهيون هيون ته انور مونکي عمارتن ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌايو: ”بلوچ صاحب ڏسو، في الحال عمارت جو سجو ڍانچو اسٽيل اسٽرڪچر جو ٺهي. جڏهن اسٽيل اسٽرڪچر مڪمل ٿي ويو ته پوءِ پٿيون يا دَر دروازا ٺاهيندا.“ منهنجي سوال پڇڻ تي انور ٻڌايو ته جپان ۾، اسٽيل اسٽرڪچر فقط انڪري اڳ ۾ ٺاهيندا آهن ته جيئن عمارت زلزلي جي چڱي خاصي لوڏي کي به برداشت ڪري وڃي. فيض وڌيڪ وضاحت هن طرح ڪئي ته ”زلزلي جا لوڏا ۽ جهٽڪا جيڪي جپان ۾ معمول بنجي چڪا آهن (مونکي خشڪيون چڙهڻ لڳيون) ته جڏهن به لوڏو اچي ته سجي جي سجي عمارت پٽي لڏندي پر مضبوط اسٽيل اسٽرڪچر سبب نه ته اُها ٽٽندي ڀڄندي ۽ نه ڪرندي يا ڊهندي.“ اڳتي هلياسين ته اسٽيل اسٽرڪچر جون بيشمار عمارتون نظر آيون. رستي تي هڪ خاص ڳالهه مون محسوس ڪئي ته ٽوڪيو ۾ وڏيون 20-30 يا 40 منزله عمارتون مونکي نظر نه آيون جن لاءِ پڻ اندازو به لڳايم ۽ پڇي پڪ به ڪيم ته وڏيون عمارتون فقط انڪري نٿيون ٺهن ته زلزلي جو خطرو هميشه رهي ٿو جيڪو وڏين عمارتن لاءِ وڌيڪ خطرناڪ ٿئي ٿو. بهرحال ٽوڪيو ۾ ڪجهه ڏينهن رهيس ته چڱيون خاصيون اوچيون عمارتون به ڏٺيوسين جن جو ذڪر اڳين صفحن ۾ ايندو. برائيو ڪندا وياسين ته هڪ ٽول پلازا آيو، جتي رڪياسين ۽ فيض وارن ٽول ٽيڪس ڀري. وري ڪجهه پنڌ ڪيوسين ته ٻيو ٽول پلازا آيو. اُتي وري ٻيهر فيض ٽيڪس ڀري. فيض وضاحت ڪندي چيو ته ايترائي پئسا ايئرپورٽ ڏانهن ويندي به ڀريا هئاسون. يعني اوٽ موٽ ٽوٽل 4300 ين (yen) ڀرياسون. معنيٰ ته فقط ايئرپورٽ تائين وڃڻ ۽ موٽڻ جو ٽيڪس پاڪستاني روپين ۾ هڪ هزار ۽ پنجاهه ربيا ٿي ٿيو. مون فيض کان پڇيو ته ڪو سندس پيارو دوست ٽوڪيو ايندو هوندو ۽ ڪيس ايئرپورٽ تان وٺي وڃڻ لاءِ ٽيليفون ڪندو هوندو ته


Scanned with CamScanner

ڪيس (فيض کي) هلڪڙو بخار ته لڳڻ ۾ ضرور محسوس ٿيندو هوندو. فيض فورا وراڻيو "ادا جنهن بخار جو اوهان ذڪر ڪريو ٿا اُهو هاڻي فِلوءَ ۾ بدلجي ويو آهي ۽ مونکي دائمي فِلو ٿو رهي." ڏاڍا ڪلياسون. فيض ويچاري کي واقعي فِلو جي تڪليف به هئي. وڌيڪ چيائين، "ادا ٽئڪسن چيلهه ئي ڇڃي ڪري ڇڏي آهي. اصل لاهه ڪڍي ڇڏيا اٿس. نه رڳو ٽئڪسون پر فيسون ۽ ٻيا مختلف ڀاڙا ڪِرايا، مطلب ته جپان اصل لڏڻ جهڙو ڪري ڇڏيو آهي."

فيض ٽول ٽئڪس بابت وڌيڪ وضاحت ڪندي ٻڌايو ته جپان ۾ اڪثر ڪري روڊ پرائيويٽ ڪمپنيون ۽ ادارا ٺاهيندا آهن انڪري گورنمينٽ سان مذڪرات ڪرڻ بعد، ٽئڪس جو ريٽ طئي ٿيندو آهي، جيڪو پرائيويٽ ڪمپنين جي هَڙ ۾ ويندو آهي. مون ڪاٽئس وڌيڪ وضاحت چاهي ته "ٻه دفعا ٽئڪس جو ڏنوسين؟" انور وراڻيو، "اهو انڪري جو ٻهريون روڊ هڪڙي ڪمپنيءَ جو هوندو ته وري جتان ٻيو ٽئڪس پريوسين، اتان ٻي روڊ جي شروعات ٿي هوندي جيڪو ڪنهن ٻي ڪمپنيءَ ٺهرايو هوندو."

جڏهن ٽول پلازا تان ٽئڪس ڀري روانا ٿياسين ته فيض پلازا تي ٽئڪس وصول ڪندڙ ماڻهو کي جپاني ٻولي ۾ ڪجهه چيو ۽ مونکي فقط آخري لفظ "مشتا" سمجهه ۾ آيو ته مون ڪاٽئس پڇيو ته هن جپاني ٻوليءَ ۾ ڇا چيو، ته فيض وراڻيو ته هن کيس چيو هو، "ماري تو گذائي مشتا" يعني "اوهانجي وڏي مهرباني." ته انور کان اوچتو ٽهڪ نڪري ويو، چيائين، "ادا فيض هن وقت تائين جپاني ٻولي جو فقط اهو هڪڙو جملو سکيو آهي پر سوبه پوريءَ طرح صحيح نه ڳالهائيندو آهي." انور ان جملي يعني "اوهانجي تمام گهڻي مهرباني" جو جپاني جملو ٻڌايو جيڪو هيئنئن آهي "دو ماري گتو گذائي مشتا" هاڻي اسان سيئي فيض جي جپاني ٻولي ڳالهائڻ تي زور زور سان کلڻ لڳاسين. ان کانپوءِ جيترو وقت مان جپان ۾ رهيس ته فيض جڏهن به واٽ ويندي، رستي تي، ڪنهن هوٽل يا جاءِ جڳهه تي ڪنهن جپاني جو شڪريو ادا ڪندو هو ته ساڳيا لفظ يعني "ماري تو گذائي مشتا." چوندو هو ۽ سندس زور رڳو لفظ مشتا تي گهڻو هوندو هو. "مشتا" جو لفظ ايڏو ڇڪو ۽ وڏي آواز سان چوندو هو جو جپاني ماڻهو کيس حيرت مان گهوري گهوري ڏسندا رهجي ويندا هئا.

ايئر پورٽ کان گهر ڏانهن ڊرائيو ڪندي اسانجون ڳالهيون ته ڪٿي ويون پر رستو نه پيو کٽي. رڳو هل هلان هئي. مون فيض کان پڇيو، "گهر پهچڻ کان اڳ ئي اسان کي ٽوڪيو جوسير ٿا ڪرايو ڇا؟". وراڻيائين، "ادا ايئن ئي سمجهو، نريتا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايئرپورٽ کان گهر پهچڻ، اڌ ٽوڪيو ڏسڻ جي برابر آهي." ڏيڍ ڪلاڪ جي ڊرائيو کان پوءِ اچي فيض جي گهر پهتاسين جيڪو هتان جي مشهور علائقي روپنگي (Roppangi) جي بلڪل لڳو لڳ آهي. ٽوڪيو ٽاور بہ فيض جي گهر کان ٿوري پنڌ تي آهي ۽ ڏاڍو نمايان ڏسبو آهي. جنهن علائقي ۾ فيض جو گهر ۽ پاڪستان جو سفارتخانو آهي انجو نالو مونکي ڏاڍو پيانڪ لڳو. علائقي جو نالو آهي موتو عذابوُ (Moto Azabu) مون فيض کي چيو "هن علائقي جو نالو پڪ ڪنهن عرب رکيو هوندو. جنهن کي هتي ڪا تڪليف پهتي هوندي تہ هن نالو بہ عذابُو رکي ڇڏيو." فيض کلندي ورائيو، ڪيس ان نالي رکڻ جي بئڪگرائونڊ جي خبر نہ هئي پر ايترو اعتراف ضرور ڪيائين تہ نالو واقعي عرب نما هو. هاڻي اسان فيض جي گهر ۾ داخل ٿياسون. مون صوفا سيٽ تي ويهڻ شرط پنهنجي پروردگار جا لک شڪرانا بجاَ آندا جنهن هڪ آس پوري ڪئي تہ هن دفعي هر صورت ۾ ٽوڪيو ويٺو آهي ۽ فيض وارن سان ضرور ملاقات ڪرڻي آهي.

جڏهن سِڪ جو سمونڊ اُٿلون ڪائيندو هو تہ رکي رکي لطيف جو هيئيون بيت دل ئي دل ۾ پيو جهونگاريندو هوس ۽ پورو اعتماد هو تہ مان هڪ ڏينهن ان بيت جي معنيٰ ، مفهوم ۽ مقصد کي ضرور ماڻيندس ۽ پنهنجن پيارن سان پرڏيهہ ۾ ضرور ملاقات ٿيندي، ڪچهريون ۽ روح رچنديون رهاڻيون ٿينديون ۽ ضرور ٿينديون.

لطيف هن بيت ۾ سِڪَوَندن جو ويتر ساهہ سُڪائي ٿو ڇڏي. جيسين ملاقات جو چنڊ ڏسجي تيسين مورـ دل انسان کان تہ بيت پڙهڻ سان ئي دانهون نڪري ٿيون وڃن.

سڪَ سـڪنديـن لاهہ، وڇوڙيا مـيـڙ پريـن،
ايـَڏي سـگهہ سـچا ڏٺي، تـوهـر کـي جُڳاءِ،
تَنُ جنـين جو طـالـبـو، مهـرَ تـنـين کـي پـاءِ،
مـيـڙائي جو مـاءِ، ڪـانگ لـنوَنـدو ڪـڏهـين.

(شاهہ رح)

## ماضيءَ ۾ جهاتيون

ٽوڪيو ۾ جتي رهائش جو مسئلو سڄي دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ سنگين آهي، ماڻهو ويچارا ڪُڏڙين ۾ پيا آهن. ڪيترن ئي ماڻهن کي تہ 10x10 فوٽ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪمرو به نصيب ڪونه آهي. ننڍڙي ڪٽ جيتري جڳهه سندن سجو گهر آهي، اُتي فيض ۽ حُسنه جو گهر ڏسي بيحد خوشي ٿي. ٽي بيحد ڪشادا بيڊروم، ڊرائنگ، ڊائنگ، ڪچن وغيره ۽ سڄي گهر ۾ قالين وڇايل، سڄو گهر صاف سٿرو، سينگاريل ۽ سجايل هو. جنهن لاءِ مون حُسنه کي داد ڏنو جنهن کي مان پيار مان آمي حُسنه چوندو آهيان. ٿوري جو گذريل رات هانگ ڪانگ ۾، جپان وڃڻ جي خوشيءَ ۾ ننڊ نه آئي هئي پر ان جي باوجود مجال آهي جو ڪچهري ۾ ويٺي اکين ۾ ڪو ننڊ جو نالو نشان به هجي. بس اوياريون لهواريون شروع ٿي ويون. ڪڏهن ڪنهن ڳالهه تي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي پيا کلون.ته اتي ئي وري ڪا اهڙي ڳالهه به نڪري پئي جو سڀ وينا ڳوڙها ڳاڙيون.

خاص طرح ڪراچيءَ ۾ پاڪستان ڪوارٽرس ۾ رهائش جو زمانو ڏاڍو ياد ڪيوسين، جتي هدايت ۽ سندس فيملي، فيض ۽ سندس فيملي ۽ مان پنهنجي فيملي سميت، سڀ گڏجي رهندا هئاسون. هدايت کي انوقت ٻه ٻار هئا، منهنجا ٽي ٻار هئا ۽ فيض کي تڏهن اولاد ڪانه هئي.

ڏاڍو پيار ۽ محبت سان وقت گذرندو هو. ٿوري جو اسان ٽنهي جي مالي پوزيشن تڏهن ايتري بهتر ڪانه هئي، پر ٽنهن هوندي به اسانجو هڪ ٻئي سان سِڪ ۽ قرب جو رشتو هو ۽ آهي، انڪري وقت ايڏو ته ميٺ محبت ۽ هڪ ٻئي لاءِ عزت ۽ چاهت جو گذرندو هو جو ائين پيو محسوس ٿيندو هو ته خوشين جا خزانا اسان کي هٿ لڳي ويا هجن. هونئن به منهنجو ذاتي مشاهدو آهي ته جتي ظاهري مال دولت جو وڻج واپار گهٽ هوندو آهي ته اُتي پيار محبت جهڙيون جنسون اڻ لپ هونديون آهن.

الله سائين جي مهربانيءَ سان اسان ٽنهي ڀائرن ۾ هن ماده پرست، نفسانفسي ۽ ڊش اينٽينا جي دوَر ۾ به روحاني رشتو اڳي کان اڳرو مضبوط ۽ مستحڪم آهي.

ڪراچي ۾ گڏ رهائش واريون ڪيتريون ئي ڳالهيون ياد پيون. مثلاً هڪ ڳالهه تي سڀ کلي کلي کيرا ٿي پياسين. شروع ۾ اسان ٽنهي مان ڪنهن وٽ به گاڏي ڪانه هوندي هئي، ان هوندي به باقاعدگي سان هر آچر تي (تڏهن آچر موڪل هوندي هئي) ڪلفٽن جو چڪر ضرور هڻندا هئاسون. وڃڻ وقت ته ٽيڪسي آساني سان ملي ويندي هئي، پر جڏهن موٽندا هئاسون ته مشهور چوائي "ميلي جي موٽ بڇڙي" وانگر ٽيڪسي نه ملندي هئي. مان، هدايت ۽ فيض هرڪو پنهنجي پنهنجي ڪُنڊ وٺي بيهي رهندو هو. بس ڪا ٽيڪسي خالي ٿي ناهي

۽ اسان ٻوڙ پاتي ناهي. جڏهن ٻوڙ پائي ٽيڪسي تائين وڃي پهچون ته چا ڏسون ته ٽي چار ٻيا ماڻهو به ٽيڪسي واري جي متان اڳ ۾ ئي نرا ڏيو بيٺا هجن، پوءِ جنهن جو پنڌ پري هجي ته ٽيڪسي ڊرائيور مائڙي ڪري اُنکي ويهاري چڏي ۽ اسان پيلو مُنهن ڪري ٽيڪسي واري کي ڏسندائي رهجي وڃون. ڪڏهن ڪڏهن ته اڌ- منو ڪلاڪ به ٽيڪسي لاءِ بيهڻو پوندو هو. توڙي جو اِهي انتظار، ٿوريون گهڻيون پريشانيون ۽ مالي مشڪلاتون به هونديون هُيون پر پوءِ به خوش رهنداهئاسين ۽ ڏاڍا کلندا، ٽهڪندا هئاسين. اجڪلهه الله جي مهرباني سان ظاهري طرح حالتون اڳي جي مقابلي ۾ تمام بهتر آهن، پر پوءِ به الائي چو ماڻهن جي پريشانين ۾ اضافو ٿيندو وڃي. خوشيون به ختم ٿينديون پيون وڃن، ان حد تائين جو عيد جو ڏينهن به جڻ عيد جو ڏينهن نه لڳندو آهي. بهرحال پوءِ به الله جي مهرباني آهي جو اسان ۾ اڃان تائين محبت جي مشعل روشن ٿيل آهي جا نه ته اُجهاڻي آهي نه وسامي آهي ۽ نه ئي وري ان جي روشني جهڪي ٿي آهي. رات جو دير تائين ڪچهري ڪندا رهياسين. نيٺ فيض چيو ” ته ادا ٿڪل هوندو تنهن ڪري آرام ڪرڻ گهرجي.“ اهڙي طرح رات جو 3 وڳي ڌاران سمهياسين.

اڄ 29 مارچ هئي، صبح جو ڏهين ڌاران جاڳ ٿي. اَمي حُسنه ته طرحين طرحين طعام پچائي ريفريجريٽر ۾ رکي ڇڏيا هيا. جڏهن به ماني کائڻ ويهون ته حُسنه طعامن سجائڻ جي سلسلي ۾ منهنجو امتحان ضرور وٺندي هئي. پڇندي هئي، ”ادا!“ تون ٻڌاءِ ته مون چا پچايو هوندو ۽ زينب (منهنجي پٽني) چا پچايو هوندو؟“ مان ڪيس چيڙائڻ لاءِ چوندو هوس، ”جي صحيح سڃاڻي ويس ته انعام طور ٻي ويلي ته هڪ وڌيڪ ڊش اوهان کي ٽيبل تي رکڻي پوندي.“ حُسنه فورا کڻي ها ڪندي هئي ۽ مان اڪثر سڀ طعام سڃاڻي ويندو هوس ته ڪهڙيون ڊشون ڪنهن پچايون هونديون. مثال طور مونکي ڄاڻ آهي ته منهنجي گهرواري، حُسنه وانگر هوشڻ ته سڀ طعام سٺا تيار ڪندي آهي پر مڇي ۽ روسٽ خاص طرح سان وڌيڪ سٺا پچائيندي آهي. اهڙي طرح حُسنه وري ٻاهرين ملڪن ۾ رهڻ ڪري ڪڏهن چيني طعام پڻ پچائيندي هئي ته هتي وري هڪ ٻن جيپنيز ڊشز جو واڌارو به هو ته طعامن سڃاڻڻ ۾ آساني هوندي هئي. هڪڙي دفعي ٻنهي ڀاڻ ۾ سازش ڪري مونکي شڪست ڏيڻي چڏي، ٿيو هيئن جو حُسنه جا پسنديده طعام منهنجي گهرواريءَ تيار ڪيا ۽ منهنجي گهرواري جون دلپسند ڊشز حُسنه تيار ڪيون، نتيجو اهو نڪتو جو مان شرط هارائي ويس ۽ ڏنڊ ۾ مونکي سيني کي آئيس ڪريم


Scanned with CamScanner

ڪارائتي پئجي وئي.

# گوشت، گرام ۽ مهانگائي

مونکي جپان جي مهانگائي جي خبر هئي. سڄي دنيا ۾ جپان سڀني کان وڌيڪ مهانگو ملڪ آهي. کائڻ پيئڻ ۾، رهائش ۾ توڙي گهمڻ ڦرڻ ۾ جنهن جو تفصيل سان ذڪر اوهان سان وقت بوقت ڪندو رهندس. مثال طور حُسنه مونکي ٻڌايو ته جڏهن شروع ۾ هو ٽوڪيو ۾ آيا ته پهريون ڀيرو حُسنه گوشت وٺڻ وئي. ڪائنس پڇيائون ته، "ڪيترا گرام گوشت کپي؟" ته ويچاري وائڙي ٿي وئي ته گوشت جو گرامن سان ڪهڙو تعلق، هن به ڪٿي چيو، "يلا ڏهه گرام ڪٽي ڏيو،" هڪڙي ننڍڙي ٻوٽيءَ جيترو گوشت ڪٽي ڪيس ڏنائون ته بقول حُسنه جي هن کي اچي کل ڇُٽي ته گوشت وارو به پيو کلي. نيٺ حُسنه چيَن ته"يلا مونکي 300 گرام گوشت ڏيو." ته ڇهن پنجن ٻوٽين جيترو گوشت پلاسٽڪ ۾ بند ڪري کيس ڏنائون جنهن لاءِ کيس هڪ هزار کن يين ڏيڻا پيا يعني اندازي موجب اسان جا ادائي ٽي سئو رپيا.

هاڻي فيض کي اچي سِرَ جي لڳي ته جپان ۾ جي هزار يين جون چار ٻوٽيون مليون ته مهانگ ته مهانگ جي ماڳ، زندهه ڪئين رهبو؟ سو ويچاري ڍُڪي ڊوڙي آسٽريليا وارن کي منٿون ڪيون ته اُهي آسٽريليا مان، هڙئي ڪڪڙيون فيض ڏي موڪليندا رهن ته جيئن فيض انهن کي ڊيپ فريزر ۾ اسٽاڪ ڪندو رهي. بهرحال جڏهن مان پهتس ۽ سندن ڊائننگ ٽيبل تي 6-7 ڊشز ڏٺم ته فيض وارن سان سخت جهيڙو جوڙيم ته ايتري مهانگي ملڪ ۾ ايترن طعامن ناهڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي ته فيض مونکي سڄو قصو ڪري ٻڌايو ۽ چيائين ته "آسٽريليا جي مال بچائي وڌو آهي نه ته لاهه نڪري وڃن ها ۽ وڌيڪ چيائين ته هاڻي آسٽريليا کان گوشت توڙي ڪڪڙيون جپان جي ڀيٽ ۾ ڪافي سستيون ٿيون پون، تنهنڪري هاڻي گهبرائڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي." پر ڳاٽي ٽوڙ مهانگائيءَ جو ڪه هڪ طرفو يا هڪ پهلو هجي ته اُن کي جپان ۾ منهن ڏجي. فيض ٻڌايو ته سندس ڳڏڙي انيتا جي اسڪول جي هڪ سال لاءِ داخلاءِ ٽيوشن جي في 1.3 ملين يين (Yen) يعني 13 لک يين ڀريا هئائين، جيڪي تلهي ليکي پوڻا چار يا چار لک روپيا ٿين ٿا.

ڪجهه پئسا ته سفارخانو ڀري ٿو ۽ باقي پئسا مالڪ کي ڏيڻا پون ٿا. جيتري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قدر مون کي ياد اچي ٿو تہ فيض پنهنجي ڪاڪيءَ جي داخلا جي لاءِ مٿي ڄاڻايل فيس جا بہ حصا ٻاڻ ڀريا هيا ۽ فقط ٽيون حصو سفارتخاني ڀريو هو. جپان جي مهانگائي جا سور روئيندي فيض ٻڌايو تہ "ادا جاپانا ۾ پوسٽنگ دؤران خوب ڏوڪڙ بچايم جيڪي پاڪستان اچڻ وقت عزيزن، قريبن، مٽن مائٽن ۽ دوستن يارن لاءِ سوڪڙيون پاڪڙيون خريد ڪرڻ لاءِ ڪم آيا. ڪئنادا ۾ بہ ڏاڍو خوش هوس، جيڪي الائونس ملندا هيا تہ عياشي وارو خرچ ڪري بہ ڪجهہ ڏوڪڙ بچندا هئا. پر هتي تہ مورڳو اويل سويل لاءِ بچايل موڙيَ تہ ڪڏوهڪو چٽ ٿي چڪي آهي، پر هاڻي رڳو سفيد پوشي وارو گذر ٿي وڃي تہ بہ شڪرانا بہ آئيندا سون."

مون ڪجهہ ڏينهن فيض وارن سان رهي ڪري محسوس ڪيو تہ جپان تہ خير مهانگو آهي ئي سهي، پر فيض وارن جا خرچ بہ شاهي آهن. ٻاڻ پاڪستاني سفارتخاني ۾ ڪائونسلر جي اهم عهدي تي فائز هئڻ سبب ڪيس مان شان ۽ معيار سان رهڻو پوي ٿو. سندن گهر ۾ مهيني ۾ بہ ٽي دعوتون ٿين ئي ٿين. پر وقت ڏاڍي عزت مان ۽ مرتبي سان بيٺا گذارين.

اڄ شام جو فيض مون کي هڪ جڳهہ وٺي ويو جنهن کي چيبا يا شيبا پريفئڪچر (Chiba Prefacture) چون ٿا. فيض سان سندس دوست رياض ڪوکر بہ ساڻ هو جيڪو پڻ حيدرآباد جو رهاڪو نڪري پيو. ڏاڍو قربائتو شخص لڳو پر افسوس جو ساڻس ملاقاتون گهٽ رهيون. پريفئڪچر ۾ ڪجهہ پاڪستاني رهن ٿا جيڪي پاڪستان مان قالين آڻي هتي وڪرو ڪن ٿا ۽ چڱو خاصو ڪمائي ٿا وڃن، فيض بہ پنهنجي گهر لاءِ بہ ٽي ننڍي سائيز جا ڪارپيٽ ورتا.

30 مارچ تي منجهند ٽائين گهر ۾ رهياسين شام جو اوسي پاسي جا شاپنگ سينٽر گهمي ڏٺاسين خاص طرح هڪ ڊڪيل مارڪيٽ مَساسيڪوياما (Musasikoyama) جو چڪر لڳايوسين جتي حُسنہ ٻڌايو تہ هتي شيون ٻين مارڪيٽن جي مقابلي ۾ ڪافي سستيون ملنديون آهن. ڪلاڪ ڏيڍ هن مارڪيٽ ۾ گهمندا رهياسين ۽ ڪجهہ شيون خريد پڻ ڪيونسين. جيڪي ڪافي مناسب اگهن تي مليون.

مساسيڪوياما جو چڪر لڳائي هاڻي اسان ٽوڪيو جي هنڌين ماڳين مشهور علائقي گِنزا (Ginza) ۾ هليا وياسين . گِنزا جو سڄي علائقو ڪشادو، بيحد خوبصورت، صفائي سُٺائيءَ وارو ۽ شاپنگ جي لحاظ سان تمام گهڻي چهل پهل ۽ رنگ رونق وارو آهي. هتي وڏا وڏا ڊپارٽمينٽل اسٽورَ، پلازا ۽ ڪامپليڪسز آهن جتي


Scanned with CamScanner

شاپنگ ڪرڻ کان ڇڱا خاصا ڊِنگَ ماڻهو به ڊڄندا آهن ڇو ته گِنزا جڻ ٺهيل ئي مالدار ۽ وڏن ماڻهن لاءِ آهي. هتي اسان پارو غريب غريو گهمي ڦري ۽ ڏسي وائسي ته مزا ماڻي سگهي ٿو، باقي گنزا ۾ خريداري ڪرڻ اسان جي وَسَ جي ڳالهه نه آهي.

هتي گهمندا گهمندا هڪ وڏي - تمام وڏي (HUGE) شاپنگ پلازا ۾ هليا وياسين جيڪو مَتسوزُڪايا (MATSUZAKAYA) جي نالي سان مشهور آهي. ڇا ته هن شاپنگ ڪامپليڪس جو شان هو ۽ ڇا وري سندس خوبصورتي هئي، ڳالهه بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. لنڊن، آمريڪا يا هانگ ڪانگ ۾ جيڪي به وڏا وڏا ۽ تعريف جوڳا شاپنگ ڪامپليڪس مون ڏٺا ته مستوزڪايا جو شاپنگ پلازا مونکي جڻ ڪي قدر اُنهن کان به وڌيڪ سرس سهڻو نظر آيو.

هن پلازا جي خاص عمارت (Main Building) ستن منزلن جي آهي، اٺين منزل ڇِت آهي جتي باغ باغيچا ۽ گُلَ ٻوٽا نه رڳو اُتي جي سينگار ۽ خوبصورتيءَ لاءِ موجود آهن پر هزارن جي تعداد ۾ ڪونڊين ۾ رکيل گل ۽ ٻوٽا وڪري لاءِ به موجود آهن. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هن بلڊنگ جي ڇِت ڪيڏي نه ڪُشادي ۽ وڏي هوندي.

ستن منزلن تي ڇا ڇا آهي، تفصيل بيان ڪبو ته وڏي ديگهه ٿي ويندي. فقط ايترو ٻڌائڻ ڪافي آهي ته هر منزل ڪنهن خاص قسم جي شين لاءِ وقف ٿيل آهي. ستن منزلن کان سواءِ هن بلڊنگ ۾ ٻه تهه- خانا (Basements) به آهن جتي جي وري دنيائي نرالي آهي. خاص عمارت جي لڳو لڳ هن بلڊنگ جي شاخ به آهي جيڪا مَتسُو زڪايا جي (Annexe) آهي جنهن ۾ پڻ الائي ڇا ڇا پيو آهي جو ڏسي ماڻهو دنگ رهجي وڃي ٿو.

جڏهن ٻه ڪلاڪ ڪن مَتسُوزڪايا جي شاپنگ ڪامپليڪس ۾ گهميا ڦرياسين ۽ نه چاهيندي به ڪجهه خريد ڪري ٻاهر ڪي ڦرايوسين ته خبر پئي ته اجان ته اسان هن بلڊنگ جو اڌ به نه ڏٺو هو. گهمي گهمي هاڻي ٿَڪُ محسوس ٿيڻ لڳو هو، تنهنڪري گِنزا مان تڪڙا تڪڙا نڪري، گاڏيءَ ۾ چڙهي اچي گهر پهتاسين.

سڀاڻي جي لاءِ اڳ ۾ ئي پروگرام طئي ٿي چُڪو هو ته مائونٽ فيوجي (Mount Fuji) جو چڪر لڳائڻ هلبو.

## مائونٽ فيوجي جو سير A Visit to Mount Fuji

اڄ اڱارو ۽ مارچ جي 31 تاريخ هئي. اڳ ئي ٺاهيل پروگرام موجب صبح جو ساڍي نوين ڌاران ٽوڪيو مان مائونٽ فيوجي (Mount Fuji) لاءِ روانا ٿياسون. ياٺو

انور 9 وڳي ٿي پهچي ويو. فيض وارن سفر ۾ ٻه چار ڊشز ڪٽي پچايون، پورا ٻه ٽفن طعامن سان پرجي ويا. ٻه وڏا ٿرماس پيئڻ جي پاڻي جا ڪنياسين. ڪوڪا ڪولا جون وڏيون بوتلون ان ڪان علاوه هيون. فيض جي هنڌا اڪارڊ ۾ چڙهي روانا ٿياسون. اڪارڊ چڱي خاصي ڪشادي گاڏي آهي نه ته اچ سفر ۾ ناهوڪي تڪليف اچي ها. مان، فيض، حُسنه، انور، منهنجي گهرواري ۽ فيض جا ٻه ننڍا ٻارڙا هيا. يعني پنج وڏا ماڻهو ۽ ٻه ننڍڙا ٻار. انهيءَ حساب سان گاڏي مڪمل طور تي ڀريل هئي پر ٽوڪيو ۾ چڱي خاصي سردي سبب سوڙهه ۾ ٻه ڄڻ ٻارن کي ڪا خاص تڪليف ڪانه پئي محسوس ٿي.

## ياءُ انور جو ساٿ

گاڏي انور هلائي رهيو هو. بهتر ٿيندو ته ياءُ انور جو مهربان پڙهندڙن سان مختصر تعارف ڪرائي ڇڏجي. انور ذات جو ڪُٻر آهي ۽ پاڻ ۽ سندس مِٺَ مائٽ اصل سيٺارجن جا رهاڪو آهن ۽ اجا به سندس تعلق سيٺارجن سان آهي، پر سندس ڪافي عزيز حيدرآباد ۾ به رهن ٿا. انور سان اڳ منهنجو ڪو تعلق ڪونه هو، هتي فيض جي ذريعي سائس تعارف ٿيو پر انور مون کي ٻڌايو ته هو مون کي گهٽي وقت کان وٺي سڃاڻندو هو. ايترو به ٻڌايائين ته مون سندس سئوٽ اشرف ڪٻر جي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ ڪافي مدد ڪئي هئي تنهنڪري هيڪاري منهنجون مهربانيون ۽ ٿورا ڳائڻ لڳو.

انور گذريل ڇهن ستن سالن کان روزگار سانگي جپان ۾ رهي ٿو، پر جپان ملڪ ۽ جپاني ماڻهن سان ان ٿورڙي عرصي ۾ ايترو ته هري مِري ۽ انهن جهڙو ٿي ويو آهي جو جڏهن جپاني ٻولي ڳالهائي ٿو ته سندس ٻوليءَ جي لهجي مان جپانين کي به خبر نٿي پوي ته هو ڪو ڌاريو هو جنهن ٽوڪيو ۾ رهي ٻولي سکي هئي. هو سمجهن ٿا ته انور شايد ڄائو نپنو به جپان ۾ هو، تنهنڪري سندس ٻولي هوبهو اوهڙي آهي جهڙي جاپانين جي. اهو انور جو ڪمال آهي، حالانڪ ٻيا به ڪيترائي پاڪستاني جپان ۾ سالن کان رهيا پيا آهن. پر انهن ٻولي ڳالهائڻ ته سکي ورتي آهي پر سندن لهجو جپانين کان مختلف آهي.

فيض به انور جي ڪمپنيءَ ملڻ سبب ڏاڍو خوش هيو ڇو ته جڏهن اسان ٽوڪيو پهتاسين ته فيض وارن کي هتي آئي سال به مس ٿيو هو. ٽوڪيو هڪ ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گوناگون شهر، بيو رستن ۽ ٻوليءَ جو وڏي ۾ وڏو مسئلو. حرام جو جپاني ماڻهو انگريزي سمجهن. جڏهن اوهان کنهن جپاني ماڻهوءَ کان انگريزيءَ ۾ ڪو ڏس پتو پڇندا تہ هو وڏا قرب ڪري بيهي رهندو ۽ گهُوري گهُوري اوهان ڏي ڏسي مُرڪي ڏيندو. اوهان سمجهندا ۽ خوش ٿيندا تہ اوهان جي مدد ضرور ڪندو، پوءِ اوهان ان خيال کان پنهنجو اڳ ڇيل جملو دهرائيندا جيڪو اوهان ڪنهن ڏس پتي پڇڻ لاءِ چيو هو تہ هو سِرَ کي نهڪر ۾ لوڏي مرڪي ڏيندو ۽ پوءِ تکڙو تکڙو هلي پوندو ۽ هليو ويندو ۽ اوهان رستي تي جوڪر بڻجي بيهي رهندا ۽ روئڻهارڪا ٿي ويندا. هو ويچارو پنهنجو سِرُ نهڪر ۾ ان ڪري لوڏيندو تہ هن اوهان جي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ سمجهي هئي، انهيءَ ڪري انور جي سنگت اسان لاءِ بيحد ڪار آمد ٿي. ان ڪانسواءِ بہ انور هڪ بيحد پيارو نوجوان آهي. سلڇڻو، قربائتو ۽ بيحد حيادار شخص آهي. ....... ها اها ڳالهہ تہ ٻڌائڻ وسري وئي جيڪا هينئر تو اوهان کي ٻڌايان تہ انور هتي جپان سان پختا پيَوند وجهڻ لاءِ هڪ جپاني ڇوڪريءَ سان شادي بہ ڪئي آهي. هڪ دفعي پنهنجي جاپاني گڏيءَ کي فيض جي گهر وٺي آيو هو ۽ پوءِ جڏهن اسان پاڪستان واپس آياسين ۽ ڪجهہ مهينن ڪانپوءِ انور پنهنجي گهر واري سميت جڏهن پاڪستان آيو هو تہ اسان جي جاپاني ڀاڄائي کي بہ اسان جي گهر وٺي آيو هو.

سندس گهر واري تمام نازڪ، نفيس ۽ اندر جي صفا درويش ڇوڪري آهي. انور ٻڌايو پئي تہ مسز انور سندن سينارجن واري گهر ۾ سجو ڏينهن پئي ڪم ڪندي هئي، ماني پچائيندي هئي، ڪپڙا ۽ ٿانءَ ٿِپا بہ پاڻ ڌوئيندي هئي. مجال آهي جو جپانڻ هئڻ جي حساب سان نالي ماتر بہ رعب تاب ٻين تي ڄمائي. انور کيس بہ چار سنڌي جا لفظ بہ سيکاري ڇڏيا آهن. جڏهن اسان جي گهر دعوت کائڻ آيا تہ ادي مسز انور چڪن روسٽ ۽ برياني جڏهن کاڌي تہ منهنجي گهر واري کي گهڙيءَ گهڙيءَ پئي چئي "زبردست" پوءِ انور وضاحت ڪئي تہ سندس گهرواري جو مطلب هو تہ طعام زبردست طريقي سان پڪل آهن.

جيئن اڳ ٻڌايو اٿم تہ فيض جي گهران صبح جو 30-9 وڳي روانا ٿياسين. پورو ڪلاڪ تہ اسان کي ٽوڪيو جي حدن کي پار ڪرڻ ۾ لڳو. آمريڪا جي روڊن، رستن ۽ موٽر ويز تي بہ مان ڏاڍو گهميو ڦريو آهيان. آمريڪا جا رستا، ڪشادگي ۽ بهتري جي لحاظ سان سڄي دنيا ۾ مشهور آهن پر جيڪو هيٺ مٿي ۽ ورن وڪڙن وارو رستن جو جار مون ٽوڪيو ۾ ڏٺو، اهو دنيا ۾ ٻئي هنڌ ورلي نظر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايندو.

عجيب اتفاق اهو جو فيض ۽ سندس فيملي به اڄ پهريون ڀيرو مائونٽ فيوجي ڏسڻ پئي هليا. جڏهن ٽوڪيو جي ورو ڪڙ رستن مان گذري هاءِ وي تي چڙهياسين ته فيض انور کي چيو، ”انور تون نه هجين ها ته مان ته ادا وارن کي ٽوڪيو کان ٻاهر ڪيڏانهن به شايد نه وٺي وڃان ها ڇو ته مون کي اڃا تائين هتي جي پُر پيچ ۽ منجهائيندڙ رستن جي خبر ئي نٿي پوي.“

مون کي ڪلّ ان وقت ايندي هئي ته خود ٽوڪيو ۾ به جڏهن اسان گهمڻ نڪرندا هئاسين ته فيض پنهنجي گهر جو رستو به ڪڏهن ڪڏهن ڀلجي ويندو هو ۽ پوءِ موٽندا هئاسين پوئتي. ڊرائيو ڪندي فيض جي نظر هوندي هئي ٽوڪيو ٽاور ۾، ڇو ته ٽوڪيو ٽاور ڏسڻ سان کيس پنهنجي گهر جي رستي جو طرف ۽ گس معلوم ٿي ويندو هو. جڏهن ٻه ٽي دفعا پيٽوءَ وارين ڦيرين پائڻ کانپوءِ به ٽاور نظر نه ايندو هو ته فيض تنگ ٿي چوندو هو، ”ادا! مار پوي ٽوڪيو ٽاور کي ويو ڪيڏانهن؟“ ۽ جڏهن ٽوڪيو ٽاور نظر ايندو هو ته فيض جي چهري تي سرهائي نظر اچي ويندي هئي ۽ ان وقت هو چوندو هو، ”ادا ڏسجو ته هاڻي پنهنجو گهر ڪيئن نه ٿو ڳولي ڏيکاريان اوهان کي.“

مان کيس چوندو هوس، ”فيض شڪر ڪر جو هدايت جُوءِ ۾ ڪونهي نه ته تو سان ڏاڍي جُٺ ٿئي ها.“ در اصل هدايت ۽ فيض ٻئي هڪ جيڏا ۽ هم عمر آهن. پليا، پڙهيا ۽ ڪيڏيا ڪڏيا به ننڍپڻ کان وٺي گڏ آهن. ان ڪري هڪ ٻئي سان بيحد فري ۽ فرئنڪ آهن ۽ ٿوري گهٽي ڳالهه تي هڪ ٻئي سان ڏاڍيون جُنيون ڪندا آهن. منهنجو ٻئي ادب ڪندا آهن تنهنڪري مون سان سوير ۽ منهنجي آڏو ڏاڍا مانيٽا ۽ معتبر رهندا آهن.

ٽوڪيو جي سرحدن کان جڏهن ٻاهر نڪتاسين ته روٽ نمبر 20 اختيار ڪيوسين. ڪجهه پنڌ 20 نمبر روٽ تي هلڻ کانپوءِ ”چُوئو ايڪسپريس وي“ (Chuo Express way) ورتوسين جيڪو ڏاڍو ڪشادو ۽ بهترين روڊ آهي. ڪلاڪ سوا هن رستي تي ڊرائيو ڪيوسين. رستي تي ننڍڙا ننڍڙا شهر ايندا ويا جن جي باري ۾ ياٿو انور اسان سيني کي ٻڌائيندو ويو ته ڪهڙي شهر، واهڻ يا وسنديءَ مان گذري رهيا هئاسون. البت ٻه ٽي جايون اهڙيون به آيون جن جي انور کي به ڄاڻ ڪانه هئي. پوءِ جپاني زبان ۾ بورڊ پڙهي انور ان شهر جي باري ۾ ٻڌائيندو پئي ويو. ڪافي دير ڊرائيو ڪرڻ کانپوءِ ڪاواگچ ڪو موٽر وي (Kawaguch Ko) ۾ داخل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي وياسون. اوسي پاسي ننڍن ننڍن شهرن جون آباديون ٿوري پنڌ ڪرڻ کانپوءِ اينديون ٿي ويون. هر ننڍڙو شهر به جڻ ننڍڙو ٽوڪيو پئي نظر آيو. جاين جڳهن جي تعمير ۽ نمونو ذري گهٽ ساڳيو. هر جڳهه تي ڪارخانا نظر آيا ۽ ننڍا وڏا ڪمن ڪارين ۾ مصروف ڏٺم.

اسان جي ملڪ ۽ خاص طرح سنڌ جي ڀهراڙين جو رنگ ڪٿي به نظر نه آيو، جتي نِڪما ماڻهو ڪنهن ٻاڪڙا هوٽل تي هڪ روپئي واري ڊوڊ - پتي واري چانهن جو ڪوپ پي، ٻنچن تي ڪانپ ڪڍي، سڄو ڏينهن واندا ويٺا رهندا آهن. نه گهر جا رهندا آهن نه گهاٽ جا. نه ڪنهن ڪم جا نه ڪار جا. پر هتي هر ماڻهو مصروف ٿو نظر اچي. جپان جي ماڻهن محنت ۽ مشقت جا اُهي ڪارناما ڏيکاريا آهن جو سندن محنت کي ڏسي دنيا دنگ رهجي وئي آهي. ٻي عالمي جنگ ۾ جيڪي دنيا جي تاريخ ۾ اڄ تائين ائٽم بم استعمال ٿيا ته اُهي به فقط جپان جي ٻن شهرن هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ڪيرايا ويا، جنهن ۾ لکين بي گناهه انسان اک ڇنڀ ۾ اجل جو شڪار ٿي ويا. عربن کربن جو مالي نقصان ٿيو. جايون جڳهيون، ڪارخانا، انڊسٽريون ڊهي ڍير ٿي ويون ۽ هر شئي تباهه ٿي وئي. جيڪو ملڪ ٻي عا ي جنگ ۾ سڀ کان وڌيڪ تباهه ٿيو ته اُهو به جپان ئي هو. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ جن ملڪن کي ترقي ڪرڻ ۽ نئين سر ملڪ جي تعمير ڪرڻ جي راهه ۾ رنڊڪون ۽ رڪاوٽون وڌنديون ويون ته اُهي به فقط جرمني ۽ جپان هيا. مگر ايڏي تباهه حالي، رنڊڪن ۽ رڪاوٽن جي باوجود به جپان جي ماڻهن جنهن عزم ۽ همت سان پنهنجي ملڪ کي ٺاهيو آهي، سينگاريو ۽ سنواريو آهي اهو جذبو ساراهڻ جهڙو ۽ بيحد تعريف جوڳو آهي.

ڳالهه نڪري ٿي ته الائي ڪٿي وڃي ٿي پهچي. هاڻي وري اچون ٿا مائونٽ فيوجي ڏانهن سفر جي احوال تي. ڪاواگچ کو اچڻ بعد وڌ ۾ وڌ اڌ ڪلاڪ جي ڊرائيو ڪرڻ کانپوءِ اسان "فيوجي سُبارو لائين ٽول پلازه (Fuji Subaru line Toll Plaza) وٽ آياسين جتي شايد آخري ٽئڪس ڀريسين. ان کان اڳ ٻن جڳهن تي به دفعا فيض ٽيڪس ڏئي چڪو هو. رستي ويندي روڊ ٽئڪسن ذريعي پاڻ ڦرائڻ جو ايڏو ناحق فقط جپان ۾ ڏٺم. دنيا ۾ شايد ڪو اهڙو ملڪ هجي جتي ايئرپورٽ وڃڻ لاءِ به گهر ڦوڪي ڏياري ڪرڻو پوي ۽ چڱا خاصا پئسا ڀرڻا پون روڊ ٽئڪس ڏيڻ لاءِ.

فيوجي ٽول پلازه کان ٿورو اڳتي ٿياسين ته بورڊ نظر آيو جنهن تي لکيل هو

”مائونٽ فيوجي 25 ڪلوميٽر“. 10-15 منٽن جي ڊرائيو ڪرڻ ڪانپوءِ انور هڪ ڍنڍ جي پر ۾ گاڏي اچي بيهاري، جتي چڱي خاصي رونق لڳل هئي. ٻيڙيون پئي هليون، لانچون ۽ ٻيا ڪيئي قسم جا چرخا ۽ رونقون لڳل هيون. توڙي جو هيءَ ڍنڍ، جنهن جو نالو، يماناڪا (Yamanaka Lake) ڍنڍ آهي ڪا خاص ڪانه هئي. اسانجي منڇر کي ته ڇڏيو، ڪينجهر جي مقابلي ۾ به يماناڪا تمام ننڍي ڍند آهي، پر ٻاهر جي ماڻهن پنهنجن دريائن، ڍنڍن، ڍورن ۽ عام جاين جڳهين کي به اهڙو ته خوبصورتيءَ سان سينگاريو سنواريو آهي جو اُهي جڳهون سياحن جي گهمڻ ڦرڻ ۽ وندر وروندن ڪرڻ (Tourist Attraction Spots) جو مرڪز بڻجي ويون آهن. پاڪستان کي جيڪي خوبصورت نظارا قدرت طرفان عطا ٿيل آهن، اُهي گهڻ ملڪن جي حصي ۾ آيا آهن پر اسان اُتي ڪجهه به نه ڪري سگهيا آهيون. جيڪي ڪجهه ڪيو اٿئون، اُهو نه ڪرڻ جي برابر آهي. هتي اسان اڌ ڪلاڪ ڪن ترسياسين. ڍنڍ جي ارد گرد چڪر لڳايوسين ۽ خاص طرح انيتا ۽ طارق (فيض جا ٻارڙا) رانديڪن سان کيڏيا ۽ لانچ تي سواري ڪري ڏاڍا خوش ٿيا. هتي ڪافي فوٽا ڪڍياسين ۽ فيض پنهنجي وڊيو ڪئميرا به آن ڪري ڇڏي. اڌ ڪلاڪ ڪن هتي ترسي مائونٽ فيوجي لاءِ روانا ٿياسين. منجهند جو هڪ ٿي رهيو هو. پيٽ ۾ ٻڪ جا چڪَ لڳڻ شروع ٿي ويا. انور چيو، ”بس ٿورڙوئي اڳتي هڪ اسپاٽ آهي جتي هلي ٿا لنچ ڪريون.“ فقط ڏهن منٽن جي ڊرائيو ڪرڻ ڪانپوءِ انور هڪ ٽڪريءَ تي اچي ڪار بيهاري ته هتان مائونٽ فيوجي صاف نظر اچي رهيو هو. هڪ وڏو جبل هو جيڪو هر طرف کان برف جي ڪُنب جهڙي پوشاڪ ۾ ڍڪيل هو. هي اسپاٽ جتي اچي رڪياسين، مونکي لڳو ته جڻ هيوئي مائونٽ فيوجي جي پانڌيئڙن جي ٿڪَ پٽڻ لاءِ، ٿورو آرام ڪرڻ لاءِ ۽ ماني ٽِڪي کائي تازو توانو ٿيڻ لاءِ. ويڪرا ويڪرا ڪاٺ جا بُندَ ڪٽي هتي رکيا ويا آهن، جن ڪرسين جو ڪم ٿي ڏنو. هر طرف ساوڪ سبزي هئي، هتان جپان جي ڀهراڙي جو نظارو به تمام سٺو پئي لڳو. اسان جيئن ته ڪافي متي ٽڪريءَ تي هياسين ته هيٺ نهارڻ سان روڊ رستا ۽ وڻ ٽڻ، گل غنچا، ولين ۽ ساوڪون، رند ۽ رستا صاف نظر پئي آيا جيڪي ڏاڍا سهڻا پئي لڳا.

هالي ماني کائڻ جي تيارين ۾ لڳي وياسين. جهڙالي جي موسم هئي، سنهڙين بوندن بهار جهڙو هڳاءُ پيدا ڪري ڇڏيو هو. ٻڪ به واهه جو لڳي هئي، ويتر طعام ايترا ته لذيذ هئا جو ڏاڍو ڍؤ ڪري ماني کاڌيسون. گهروارن کي به شايد اسان جي ٻڪ جو اڳواٽ ئي احساس هو جو ڍؤ ڪري کائڻ کان پوءِ به ڪافي ماني بچي پئي


Scanned with CamScanner

جنهن کي وري ٽفن ۾ بند ڪرايوسين ته پيٽ جي مُوڙ ۽ انگل تي ڪهڙو ڀروسو؟ متان موٽ تي اويل سويل ڪٿي رستي تي تنگ نه ڪري.

هن جڳهه تي ڪافي فوٽو به ڪڍياسين. پورو ڪلاڪ رڪٽو پيو پر هتي ڏاڍو لطف آيو ۽ ڪلاڪ سوا هتي ترسڻ خوب سجايو ٿيو.

ماني ڪائي مائونٽ فيوجي طرف روانا ٿياسين. ڏهه منٽ به مشڪل سان هلياسين ته مائونٽ فيوجي جون سرحدون شروع ٿي ويون. جاڏي ڪاڏي برف هئي. مائونٽ فيوجي جي پاسي ۾ وري ڪار تان لٿاسون ۽ ٻارن واري راند ڪرڻ شروع ڪري ڏنيسون. برف جا بال ٺاهي هڪٻئي کي هڻڻ شروع ڪياسين ۽ سيني سان چڱي خاصي ويڙهه ٿي. هتي به فيض پنهنجي مووي ڪئميرا سان اسانجون شرارتون پنهنجي مووي ۾ بند ڪيون. مون سوچيو ته سيائي فيض مووي ڏسي رڳو مونکي طعنا نه ڏئي ته، ”ادا پنهنجا ڀرڪار ڏسو، اچي ڏاڙهي ۽ اٺو خراب.“ سو مون ڪائنس ڪئميرا وٺي ننڍڙي انيتا کي ڏني ته هوءَ شاٽس وٺي.

مون پنهنجي گهرواري ۽ حُسنه کي چيو ته فيض کي برف جا بال ٺاهي هڻن، جيئن فيض کي برف جا بال لڳا ته هن به انتقامي ڪاروائي شروع ڪري ڏني ۽ مون ۽ انيتا اُهي شاٽس وڊيو ۾ محفوظ ڪري ڇڏيا، جڏهن گهر موٽي آياسين ۽ وڊيو ڏٺيسين ته ڏاڍو لطف آيو ۽ ڏاڍا کلياسين. پر ساڳي وقت بيحد خوش ٿياسين ته مائونٽ فيوجي جو چڪر هڪ بيحد خوشگوار پڪنڪ ۾ بدلجي ويو.

پنجن منٽن ۾ اسان آخري اسپاٽ تي پهچي وياسين جتي ڪارون موٽرون پارڪ ڪري مائونٽ فيوجي ۽ ان جي آس پاس جو چڪر هڻبو آهي. هتي سياحن لاءِ هوٽل، موٽيل، ريسٽورنٽ ۽ ننڍا ننڍا ڪئبن ٺهيل آهن.

## مائونٽ فيوجي Mount Fuji

هاڻي مناسب ٿيندو ته مختصر طور اوهان کي ٻڌائجي ته مائونٽ فيوجي آهي ڇا؟.

مائونٽ فيوجي جو اصل نالو فيوجي ياما (Fuji yama) آهي جنهن کي اڳ مختلف نالن سان سڏيندا هئا. فيوجي ياما، فيوجي سن (Fuji San) پر هاڻي فقط مائونٽ فيوجي (Mount Fuji) جي نالي سان مشهور آهي. هي هڪ ٻرندڙ جبل (Volcano) هوندو هو جنهن هڪ ٻه ڀيرا ڦاٽ (Eruption) ڪاڍو، جنهنڪري اوسي پاسي به ڪافي نقصان ٿيو. آخري ڀيرو 8- 1707ع ۾ مائونٽ فيوجي ڦاٽو ۽ پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اوسي پاسي ايتري تہ تباهي مچايائين جو ڪيترو علائقو زمين جي اندر ڌهن فوٽن تائين رڳو خاڪ ٿي ويو. ان ڪان پوءِ ڪيترائي سال ماڻهو خوف ۽ حراس ۾ رهيا ۽ فيوجي ياما جي آس پاس 20-25 ڪلوميٽرن تائين ماڻهن کي منع هوندي هئي تہ اُتي نہ گهر ناهين ۽ نہ ڪو ڪاروبار ڪن. پر قدرت جا بہ عجيب ڪرشما آهن، جنهن جڳهہ کي بہ شرف بخشي تہ وس وارو آهي. 1707ع کانپوءِ جڏهن 50-60 سالن تائين وري هتي ڪو ڌماڪو نہ ٿيو تہ ماڻهو آس پاس ڪجهہ جُهڳا آباد ڪرڻ لڳا. جڏهن پوري صدي گذري وئي تہ پوءِ هتان جي سائنس دانن بہ کوجنا ڪرڻ شروع ڪئي تہ هڪ خطرناڪ ٻرندڙ جبل ڪيئن سانتيڪو ٿي ويو؟ نيٺ سائنس دان ان نتيجي تي پهتا تہ اِڳتي لاءِ مائونٽ فيوجي بلڪل خطري کان خالي آهي ۽ هن ۾ هاڻي آئينده ڪنهن بہ ڌماڪي ٿيڻ جو انديشو ڪونهي. بس پوءِ تہ ماڻهن جي اچ وڃ ۽ آس پاس آباديون وڌڻ لڳيون ۽ هاڻي تہ مائونٽ فيوجي جپان جي ماڻهن لاءِ نہ رڳو هڪ سير سفر ۽ گهمڻ ڦرڻ لاءِ هڪ بهترين جڳهہ آهي پر ڪيترن جپانين لاءِ هي هڪ مقدس مقام بہ آهي جتي هو ڪن خاص ڏينهن تي باقاعدگيءَ سان پهچندا آهن ۽ پنهنجي عقيدت جو نذرانو پيش ڪندا آهن. مائونٽ فيوجي- هاڻي جپان جي آرٽ ادب ۽ ثقافت جو هڪ اٽوٽ انگ بنجي ويو آهي.

مائونٽ فيوجي سڄي جپان ۾ سڀني پهاڙن کان وڌيڪ اوچو جبل آهي جنهن جي آخري چوٽي 3776 ميٽريا 12,388 فوٽ آهي. جبل فيوجي ٽوڪيو جي ڏکڻ اولهہ طرف هونشو(Honshu) جي علائقي ۾ آهي ۽ ٽوڪيو کان سرڪاري انگن اکرن موجب تہ 96 ڪلوميٽر پري آهي پر اسان جنهن رستي سان ٽوڪيو کان مائونٽ فيوجي پهتاسين تہ اسان کي 130 ڪلوميٽر ڊرائيو ڪرڻي پئي. منهنجي وڏ ۾ وڏ اِها ڪوشش رهندي آهي تہ پنهنجن مهربانن کي ڪتابن ۽ چوپڙين ۾ ڇپيل معلومات ڏيڻ جي بجاءِ پنهنجي ذاتي مشاهدي ۽ تجربي مان ڪجهہ ٻڌايان. هينئر بہ جڏهن هي سٽون لکان ويٺو تہ هڪ اڌ ڪتاب سامهون پيا آهن جن ۾ لکيل آهي تہ مائونٽ فيوجي، ٽوڪيو کان 50 ميل يا 96 ڪلوميٽر پري آهي، پر مون هلڻ وقت ڪار جو ميٽر نوٽ ڪيو هو جنهن مطابق ٽوڪيو ۾ فيض جي گهر کان مائونٽ فيوجي جو مفاصلو پورا 130 ڪلوميٽر هيو.

مزو تہ وڌيڪ تڏهن اچي ها تہ برف سان ڍڪيل پهاڙن تي چڙهڻ وارا بوٽ پاڻ سان گڏ آڻيون ها جو مائونٽ فيوجي جي چوٽيءَ تي نہ ٿي سهي، مڙئي اڌ يا سندس چوٽين حصي تائين تہ چڙهي وڃجي ها. پر هر طرف برف ئي برف ڇانيل


Scanned with CamScanner

هئي. سڏي سنئين رستي تي ٻه زمين تي وڇايل برف مٿان هلندي اسان جا پير گهڙي گهڙي ٿي ترِڪيا. ٻه ٽي ڀيرا ته صفا ڪرندي ڪرندي بچياسين. ٻه ڪلاڪ ڪن مائونٽ فيوجي جي اردگرد گهمي ڦري، فوٽا ڪڍرائي، خوشين ۽ مسرتن جي پاڻ ۾ روح رهاڻ رچائي شام جو پنجين ڌاران واپس ورياسين.

موٽڻ وقت انور ٻيو رستو اختيار ڪيو ۽ چيائين، ”منهنجي هوندي ساڳئي رستي سان موٽ ڪجي ته پوءِ مون تي حيف آهي، ڪجهه نوان رستا ۽ نظارا رستي تي اوهان کي ڏيکاريندو هلان“. اسان سندس مهربانيون مڃيون.

واپسيءَ تي اسان شروع ۾ ته فيوجي گوڪو هاءِ وي (Fuji Goko High way) هاءِ وي سان هلياسين. ان کانپوءِ ٽومي ايڪسپريس وي Tomi Express Way اختيار ڪيوسين. بظاهر جيئن مونِ انگريزي ۾ لکيو آهي ته ان جو نالو ٽومي ايڪسپريس وي هئڻ گهرجي پر انور ٻڌايو ته ان جو اُچار ٽومي ايڪسپريس وي آهي. منو ڪلاڪ ڪن هن رستي سان هلياسين ان کانپوءِ ”شوتو ايڪسپريس وي“ (Shuto Express Way) ورتوسين. اوهان سوچيندا ته اهي هيترا سارا نالا رستن تي ڇو رکيا ويا هيا جڏهن ته ٽوڪيو کان ويندي يا ٽوڪيو واپس ٿيندي بظاهر ته هاءِ وي هڪڙو ئي هيو پوءِ هيترا سارا نالا ڇو؟ ان جي وضاحت پوين صفحن ۾ ٿيل آهي ته جپان ۾ روڊ اڪثر ڪري پرائيويٽ طور تي ٺهيل آهن. مثال طور هڪڙي جڳهه کان ٻي جڳهه تائين 50 ڪلوميٽر رستو هڪڙي پرائيويٽ ڪمپني يا ادارو ٺهرائيندو ته ٻيا 50 يا 100 ڪلوميٽر ٻي ڪمپني يا ادارو ٺهرائيندو. هر ڪمپني گورنمينٽ سان طئي ٿيل ريٽ جي حساب سان پنهنجي پنهنجي روڊ جو ٽيڪس وٺندي. جپان ۾ روڊن جو ٽيڪس ڀرڻ وقت ٺيٺ سنڌي پهاڪو ياد پيو ته، ”وڙهن سانَهه، پٽجن ٻوڙا“ جپان ۾ ٿوري ٿوري پنڌ تي ٽول ٽيڪس ڀرڻ جو بوجهه پوي ايندڙ ويندڙ مسافرن تي ۽ ڪٿيو ڪائڻ ڪمپنيون يا وڏا وڏا ٺيڪيدار. مون حساب لڳايو ته ٽوڪيو کان مائونٽ فيوجي تائين ۽ وري واپسيءَ تي مائونٽ فيوجي کان گهر تائين ٽوٽل 18,500 ين روڊ ٽئڪس ڏيڻو پيو جنهن جو ٿُلهي ليکي پاڪستاني روپين ۾ ان وقت حساب ٿيو پئي ساڍا چار هزار روپيا. هنيئر ته شايد روپيو، ين جي مقابلي ۾ ڪافي هيٺ هليو ويو آهي، تنهنڪري اڄ ڪلهه جي مٽاسٽا موجب اهو حساب ٿيندو تقريباً ڇهه هزار روپيا. مون جيئن مٿي ٻه ٻڌايو آهي ته روڊن سان سفر ڪرڻ جي سلسلي ۾ ظالمانه ٽئڪس جو نسورو ناحق مون فقط جپان ۾ ڏٺو، ٻيو ڪٿي به نه.

شوتو ايڪسپريس وي سان ڊرائيو ڪندي جڏهن ڪلاڪ ڪن گذريو ته انور


Scanned with CamScanner

هڪ اهڙي جڳهه تي اچي گاڏي بيهاري جتي ڪافي رونق نظر آئي. پوءِ بورڊ پڙهيم جيڪو جپانيءَ ٻوليءَ سان گڏ خوشقسمتيءَ سان انگريزي ۾ به لکيل هو. "ايبينا سروسز ايريا" (Ebina Services Area) هڪ شاندا سيلف سروس هوٽل ۾ وڃي ويناسين جتي سئنڊوچز ۽ ڪافي پيتيسون. ڪافي پيئڻ کانپوءِ ٿوري دير آس پاس گهمياسين ڦرياسين. ڏاڍو صاف سٿرو اسپاٽ هو. هتي مُنو ڪلاڪ ترسي، ٿورو تازا توانا ٿي وري گاڏي ۾ چڙهي پنهنجي منزل طرف روانا ٿياسين.

ايبينا سروسز ايريا کانپوءِ ٽوڪيو مشڪل سان 40 ڪلوميٽر تي هيو. مُني ڪلاڪ جي ڊرائيو کانپوءِ شبيا (Shibuya) جي خوبصورت علائقي وٽ ٽوڪيو شهر ۾ داخل ٿياسين. ٿوري دير کانپوءِ موتو عذابُو (Moto Azabu) جي علائقي ۾ اچي نيض جي گهر پهچي وياسين.

مائونٽ فيوجي کان واپس ايندي جڏهن اسان ٽوڪيو ۾ شبيا جي علائقي کان داخل ٿياسين ته مون کي هن علائقي سان لاڳاپيل هڪ مشهور قصو ياد اچي ويو جيڪو مون کي انور ٻڌايو. مهربانن جي دلچسپي لاءِ اُهو قصو مختصر ڪري هتي لکان ٿو.

## قصو هچڪو ڪتي جو Tale of Dog Hachiko

هڪڙو ڪتو هوندو هو جنهن جو نالو هو "هچڪو" (Hachiko) جيڪو مالڪ سان بي حد وفادار هوندو هو. ڪُتو ته خير هونئن به وفادار جانور آهي، پر جيئن قدرت واري انسانن ۾ به واضح فرق رکيو آهي تيئن ئي جانورن ۾ پڻ گڻ ۽ اوگڻ چٽا نظر ايندا آهن. خود منهنجي ذاتي مشاهدي ۾ اسان جي پنهنجي گهر جي پاليل ڪتن جا به ڪيترائي حيرت ۾ وجهندڙ واقعا مون کي ياد آهن، پر هتي مناسبت موقعو ناهي انهن واقعن لکڻ جو.

..... ها ته قصو پڻ هليو جاپاني ڪتي هچڪو جو. هن جي پنهنجي مالڪ سان وفاداري ۽ محبت سڄي ٽوڪيو ۾ مشهور هئي. ڪتي جي مالڪ جو گهر شبيا جي علائقي ۾ هو ۽ جڏهن سندس مالڪ گهر ۾ داخل ٿيندو هو ته ڪتو طرحين طرحين لاڏ ڪوڏ ۽ ناز نخرا ڪري مالڪ سان پنهنجي محبت ۽ وفاداري جو اظهار ڪندو هو. هڪڙي دفعي مالڪ ڪتي کي چيو هو ته هو ساڳي شام جو نه پر ٻي ڏينهن تي گهر واپس ٿيندو. ڪتي جو مالڪ جڏهن ٽوڪيو کان ٻاهر ويو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مجبوريءَ سبب ڪجهه ڏينهن گهر واپس اچي نه سگهيو. نتيجو اهو نڪتو ته جڏهن ستين اٺين ڏينهن مالڪ گهر پهتو ته ڪتو مالڪ جو انتظار ڪري ڪري مري چڪو هو. مالڪ زارو قطار روئڻ لڳو ۽ اها ڳالهه سڄي ٽوڪيو ۾ مشهور ٿي وئي ته هجڪو، مالڪ جو انتظار ڪري ڪري مري ويو. ٻين چيو ته، ”ڪتو مالڪ جي پنجن، ڇهن ڏينهن جي جدائي برداشت نه ڪري سگهيو ۽ مري ويو.“ جن جن ماڻهن کي ڪتي جي وفاداري جي خبر هئي اُهي سڀ زارو قطار روئڻ لڳا ته اهڙو وفادار جانور پنهنجي مالڪ جي بي وفائي ۽ بيپرواهي جي ڪري مري ويو. مالڪ بهرحال هاڻي ڪجهه به نه ٿي ڪري سگهيو سواءِ هن جي ته هن پنهنجي وفادار ڪتي جي ياد ۾ هڪ يادگار تعمير ڪرايو. هن يادگار ۾ هجڪو (ڪتي) جو پتلو رکيل آهي ۽ ڪيترائي ماڻهو يادگار کي ڏسڻ ايندا آهن:

هن يادگار جي خاص ڳالهه اڄڪلهه اها آهي ته نئين عشق ۾ گرفتار ٿيل جوڙا، شادي ڪرڻ کان اڳ ۾ هن يادگار تي ايندا آهن ۽ هڪ ٻئي سان وفادار رهڻ جا وَچن ۽ واعدا ڪجهه هن طرح ڪندا آهن.

”مون کي هجڪو جي وفاداري جو قسم ته مان تو سان وفا ڪنديس/ ڪندس، بلڪل اهڙي طرح جيئن هجڪو ڪتي پنهنجي مالڪ سان وفاداري ڪئي هئي.“

روزانو شام جو ڪيئي نوجوان ۽ خوبصورت ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪتي جي يادگار تي اچن ٿا ۽ وفاداريءَ جا واعدا ۽ پيار جا پيوَند پختا ڪري رات جو دير تائين پنهنجن پنهنجن گهرن ڏي موٽن ٿا. اهو سلسلو روز جو معمول بڻجي چڪو آهي ۽ شبيا ۾ هجڪو جو يادگار هاڻي جوڙن جي ميلاپ، پيار ۽ وفاداري جي علامت بڻجي ويو آهي.

جپان ۾ اچڻ کانپوءِ اڄوڪي ڏينهن کي مون پنهنجي لاءِ بيحد سڄايو سمجهيو. هڪ ته ٽرپ تمام شاندار رهي. ڏاڍا چرچا گهٻا ڪياسين، روئنشا ۽ روح رهاڻيون ٿيون ۽ سيني تمام گهڻو Enjoy ڪيو. ٻيو: مائونٽ فيوجي جهڙي تاريخي ۽ ثقافتي هنڌ ڏسڻ لاءِ تمام گهڻي وقت کان وٺي دل ۾ هڪ تمنا هئي جيڪا اڄ پوري ٿي. ٽيون: اوهان مهربانن کي ڏيڻ لاءِ به ڪجهه مواد ملي ويو جيڪو اميد ته اوهان ڪافي ذوق شوق سان پڙهيو هوندو. رات جو دير تائين مائونٽ فيوجي جي سفر جي مختلف پهلوئن تي تبصرا هلندا رهيا. پر جڏهن رات جا ٻارنهن وڳا ته تبصرا ڪرڻ وسري ويا ۽ سيني کي اوٻاسيون اچڻ لڳيون ۽ هاڻي پڪنڪ جو ٿڪ اکين مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جهاتيون پائڻ لڳو. اسان ڪيس وڌيڪ جهاتين پائڻ جو موقعو نہ ڏنو ۽ روزانو رات جو 3-2 وڳي سمهڻ وارا اڄ ساڍي يارهين ٿي سوڙيون تاڻي سمهي پياسين. خبر تڏهن پئي جڏهن منهنجي بيگم بي ڏينهن صبح جو 11 وڳي بيڊ ٽي آفر ڪئي ۽ سيني کي ننڊ مان جاڳايو.

اڄ پهرين اپريل هئي پر ڪنهن بہ گهر جي ڀاتي ڪنهن بہ کي اپريل فول نہ ٺاهيو، ڇو تہ ڪالهوڪي پڪنڪ واري ٿڪ، اسان سيني کان اپريل فول جي شرارت (Activity) ڪرڻ جو حوصلو ئي کسي ڇڏيو هو. تنهنڪري اڄ فيصلو ڪيوسين تہ گهر کان ٻاهر نہ نڪربو ۽ سڄو ڏينهن گهر ۾ ڪچهريون پيا ڪنداسين. نيض بہ منهنجي ڪري بہ چار ڏينهن موڪل وٺي ڇڏي هئي. سڄو ڏينهن گهر ۾ رهياسين. ٻاهر برسات ٿي پئي. ڪڏهن سنهڙي تہ ڪڏهن تيز. جيئن تہ سيئي گهر ۾ موجود هياسين تہ مون سيني کي سڏي گڏ ويهاريو ۽ کين پنهنجي نظم ٻڌائي جيڪا مون هانگ ڪانگ کان ٽوڪيو پهچڻ تائين هوائي جهاز ۾ لکي هئي. هن نظم ۾ گذريل زماني جون يادگيريون بيان ٿيل آهن تہ ڪيئن نہ فيض، حُسنہ ۽ اسان سڀ ڪراچي ۾ گڏجي هڪڙي گهر ۾ رهندا هئاسون ۽ خوب ڪچهريون ۽ روح رهاڻيون ٿينديون هيون.

## ماضيءَ جي ياد (نظم)

تن پيارن جي گهر پهتا سون، جن سان گڏ گذاريو هو.
جن جي تانگهہ طلب هئي دل ۾، تن سڄڻن ڀي ساريو هو.
جن لئي ماندا ٿيندا هاسون، اکڙيون آليون ٿينديون هون،
تن جي ويڙهي وينا آهيون، جن جي پيارَ پڪاريو هو.
ڏينهنَ ڪچهريون، رات رهاڻيون، ظالم وقت وڃائي ويو،
شل سي لمحا موٽن پَرَ، جن تن من جيءُ جياريو هو.
ظالم ماضي ياد ڪري مان اڪثر روئي ڏينلو هان،
خالقَ منهنجو اندر شايد الفت سان اجاريو هو.
ڌن دولت، زر زيور سان ٿي روح کي راحت ڪين اچي،
پيار محبت اصل کان مون کي دلبن سان ڌتاريو هو.
حُسنہ، فيض، انيتا، طارق، ڪين عنايت کان وسرن،
تن جا دائم ديرا دل ۾، جن کي ساهہ سنڀاريو هو.

جڏهن شعر پڙهي پورو ڪيم تہ ڏٺم تہ نہ رڳو سيني جون اکيون آليون هيون پر ڳوڙها اکين مان قطارون ڪري ڳلن تي ڳڙي پيا هئا. شعر پڙهندي منهنجي بہ دل پرجي آئي هئي ۽ مون بہ روئي ڏنو.

بيٺي ويٺا رون، ڏکي ڏونگر پاڙ ۾.
ڪنهن کي ڪين چون، منجهن جو پريتڙو.
(لطيف رحہ)

جپان ۾ اچڻ ڪانپوءِ هتي موسم جي زبردست تبديلي محسوس ڪئي هيم. آسٽريليا ۾ موسم تمام نارمل هئي. نہ سردي نہ گرمي. البت نيوزيلئنڊ ۾ ڪافي ٿڌ هئي. هانگ ڪانگ ۾ بہ معتدل موسم هئي پر هتي ٽوڪيو ۾ تقريباً روزانو برسات پوندي هئي ۽ ڪافي ٿڌ هوندي هئي. اسان جرسيون ۽ جيڪيٽ ڪٽي ڪديا تہ ڇٽيون پيو. بس هتي تہ جڻ لنڊن واري موسم هئي. لنڊن جو تہ اهو ڪلچر ٿي ويو آهي تہ توڙي بادل هجن يا نہ هجن پر ڇٽي ۽ ڪوٽ (جنهن کي اسان عام محاوري ۾ رين ڪوٽ چوندا آهيون) ضرور پاڻ سان ڪٽڻو هوندو آهي، ڇو تہ برسات اوچتو ايندي آهي ۽ پوءِ ماڻهو ڇٽي ۽ ڪوٽ ڪانسواءِ ڏاڍو پريشان ٿيندو آهي.

فيض کي تہ مستقل قسم جو ليس ۽ زڪام ٿي رهيو ۽ ڪيس گهڙي گهڙي ڇِڪون ٿي آيون. عجيب اتفاق اهو ٿيو جو جڏهن مان پاڪستان کان آسٽريليا پئي ويس تہ ان وقت مون کي بہ ٿوري کنگهہ زڪام ۽ بخار جسم ۾ محسوس ٿي رهيو هو. انڪري ٻين دوائن سان گڏ کنگهہ جا ٻہ شربت بہ پاڻ سان کنيا هيم جن مون کي فوراً فائدو پهچايو هو ۽ کنگهہ ۽ فلو بلڪل ختم ٿي ويو هو. اُهي ٻئي شربت ڪڍيم ۽ فيض کي چيم تہ "اسان پاڪستانين کي پنهنجي پاڪستاني دوا لڳندي. تنهنڪري تون ڇڏ جپاني دوائن کي ۽ پاڪستاني سِرپ استعمال ڪر." فيض بہ بسم الله ڪري کنگهہ وارا پاڪستاني شربت استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏنا ۽ فقط ٻن ڏينهن ۾ ڪيس آرام اچي ويو. ڪاڏي وئي فيض جي کنگهہ ۽ فِلو، سڀ ختم ٿي ويا. پر پوءِ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ وري فيض کي تڪليف ٿي پئي. جنهن لاءِ هڪ ٻن ڏينهن ڪانپوءِ ٽوڪيو جي سينبائي اسپتال (Govt, Senbai Hospital) ۾ فيض ويو تہ مون کي بہ ساڻ وٺي ويو. سٺي اسپتال هئي، صفائي سٺائي بہ تمام سٺي هئي. ماڻهن جي ويهڻ جو بہ تمام عمدو انتظام هو پر مون لنڊن ۾ هڪ ٻہ اسپتالون ڏٺيون هيون، جن جي مقابلي ۾ ٽوڪيو واري سينبائي اسپتال مون کي متاثر نہ ڪيو. پوءِ ويچار ڪيم تہ ائين ڇو؟ ڇو جو جواب مون کي لفظ Govt ۾

خود بخود ملي ويو. سوچيم ته هتي به جيڪي پرائيويٽ اسپتالون هونديون ته ڀَڪ سان بهتر هونديون. جيئن ته سينبائي سان لفظ گورنمينٽ لڳل آهي ته ممڪن هو ان ڪري اُهو اوچو معيار نه هجي. بهرحال پوءِ به صفائي سٿائي تمام اعليٰ درجي جي هئي ۽ مريضن توڙي ٻين ماڻهن لاءِ ويهي انتظار ڪرڻ لاءِ ڪرسين جو انتظام به سٺو هو.

پندرهن منٽن جي انتظار ڪرڻ ڪانپوءِ فيض کي سڏ ٿيو ۽ ڏهن پندرهن منٽن جي چڪاس ڪانپوءِ فيض دوائون وٺي ٻاهر آيو ۽ اسان ٿوري ئي دير ۾ گهر موٽي آياسين.

## ٽڪيٽن ۾ رُوٽ جي تبديلي جو مسئلو

آسٽريليا واري احوال ۾ اوهانکي اڳ ئي ٻڌائي چُڪو آهيان ته مونکي ڪيڏي نه تڪليف آئي هئي پنهنجي ٽڪيٽ جي تبديلي ڪرائڻ ۾ يعني فقط ايتري تبديلي ته:-

ميلبرن کان سينگاپور روٽ جي بجاءِ. ميلبرن هانگ ڪانگ روٽ تبديل ڪري ڏين.

هاڻي وري هتي به مسئلا هئا:

(1) منهنجي ٽڪيٽ ۾ اِها تبديلي ٿئي ته مان بئنڪاڪ مان ڪراچي تائين پي آءِ اي جي ساڳي فلائيٽ ۾ سفر ڪريان، جنهن ۾ منهنجي گهرواري جي بڪنگ ٿيل هئي، جو ته، جيئن پوين صفحن ۾ ٻڌايو اٿم ته هوءَ پنهنجي منهن ڪراچي کان ٽوڪيو وئي هئي، ۽ مان آسٽريليا، ۽ هانگ ڪانگ کان ٿيندو ٽوڪيو پهتو هوس. هتي منهنجا مهربان شايد سوچيندا ته منهنجي بئنڪاڪ کان بڪنگ ڇو؟ سڌي سنئين ٽوڪيو کان ڇو نه؟ ته جيئن اسان ٻئي ٽوڪيو کان ئي گڏجي ڪراچي تائين اچون ها. ان جو جواب هي آهي ته منهنجي ٽڪيٽ سرڪار نامدار ڀري هئي جنهن ۾ ٽوڪيو شامل ئي ڪونه هو ۽ منهنجي گهرواريءَ جي ٽڪيٽ مون ڀري هُئي. تنهنڪري مان چاهيندي به سرڪار جي ٽڪيٽ تي ٽوڪيو مان سڌو سنئون واپس نه ٿي پئي سگهيس. ٻيو وري پاڻ جاڻي واڻي چاهيو هئم ته واپسي تان هانگ ڪانگ مان ڪجهه خريداري ڪبي، نه ته جيڪڏهن مان پنهنجي کيسي مان چڱا خاصا ڏوڪڙ وڌيڪ ڏيان ها ته سڌو سنئون ٽوڪيو مان به واپسي ممڪن ٿي سگهي ها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيو مسئلو هو منهنجي هانگ ڪانگ مان بئنڪاڪ واري رُوٽ جو.

پهريون مرحلو تہ تمام جلد ۽ آساني سان طئي ٿي ويو، جڏهن فيض پنهنجي دوست آغا اعظم کي پي آءِ اي ۾ ٽيليفون تي مسئلي حل ڪرڻ لاءِ چيو. آغا اعظم تمام پيارو ماڻهو نظر آيو هيو وري فيض سان تعلق ٿي ڪجهہ اهڙو هئس جو بنا دير منهنجي ٽڪيٽ ۾ تبديلي ڪري 14 اپريل واري پي آءِ اي جو فلائيٽ ۾ بئنڪاڪ - ڪراچي سيڪٽر جي سيٽ ڪنفرم ڪري ڏنائين، يعني انهيءَ فلائيٽ ۾ جنهن ۾ منهنجي گهرواري جي سيٽ اڳ ئي ڪنفرم ٿيل هئي.

هاڻي باقي آخر ۾ ڏکيو مسئلو هو منهنجي هانگ ڪانگ- بئنڪاڪ سيڪٽر جو. آغا اعظم ۽ فيض گڏجي ڪوششون ڪيون، پر ڪاميابي نہ پئي ٿي. هن سلسلي ۾ پي آءِ اي وارا ڪجهہ بہ نٿي ڪري سگهيا. هي مسئلو هو ڪئنٽَس وارن جو، جن اسلام آباد ۾ والجيز ٽريولز کي تمام گهڻا ٽيليڪس موڪليا تہ هو اسلام آباد مان اجازت نامو ڪئنٽَس کي فيڪس ڪن تہ جيئن منهنجي ٽڪيٽ ۾ تبديلي ڪري سگهن. پر والجيز وارن ڪئنٽس وارن کي جواب ئي نہ ڏنو.

هڪ نہ ٻئي ڏينهن جيئن تہ پيو ڪئنٽَس وارن جو سلام ڪندو هوس پنهنجي ٽڪيٽ ٺهڻ جي سلسلي ۾ تہ انهن ويچارن کي بہ مون سان همدردي ٿي وئي هُئي ۽ ان ڳالهہ تي پيا افسوس جو اظهار ڪندا هئا تہ پنجن ڇهن فئڪس ميسيجز جي باوجود بہ اسلام آباد مان ڪو جواب نہ آيو هو، جيڪا حيرت ۽ ڏک جي ڳالهہ هُئي. هتي اِها وضاحت بہ ڪندو هلان تہ والجيز ٽريولز کي فقط ان ڪري پئي فئڪس موڪلياٿون تہ انهن ئي منهنجي سڄي سفر جي ٽڪيٽ ٺاهي هئي ۽ اُنهن جي مرضي ۽ اجازت ڪانسواءِ ڪئنٽَس وارا ڪا تبديلي نٿي ڪري سگهيا. بهر حال اِهو معاملو ٽوڪيو ۾ طئي نہ ٿي سگهيو. مون بہ توڪل جو ٽُرهو ڪٽي ٻڌو ۽ سوچيم تہ مؤلا مالڪ ۽ ڏاڍو مهربان آهي، جنهن اڳ ۾ بہ وڏيڪ مشڪل ۽ پيچيده مسئلا حل ڪيا هيا تہ اڳتي لاءِ بہ منجهيل يا مشڪل ۾ نہ ڇڏيندو، رب رحمان طرفان پاڻهي مسئلا حل ٿي ويندا.

اڄ جمعي جو ڏينهن هو، تاريخ 3 اپريل هئي. اسان سيئي ساٿي اڄ ٽوڪيو جا خاص خاص ڏسڻ وائسڻ وارا هنڌ گهمڻ ڦرڻ نڪتاسين. انور جنهن کي مان جپان لاءِ گائيڊ ڪوٺيندو هوس اُهو بہ ساڻ هو. انور ٽوڪيو ۾ سندس دوستن وٽ انور جوني مشهور آهي. ان ڳالهہ جي خبر تڏهن پئي جڏهن هڪ بہ ڀيرا انور مونکي اڪيلو ٽوڪيو جي مختلف جاين جڳهين تي گهمائڻ وٺي ويو. جيئن سندس دوستن


Scanned with CamScanner

جي نظر مٿائنس پئي تہ کيس پڪارڻ لڳا (Hello Johny!) هيلو جوني، پوءِ ڪائنس پڇيم تہ ٻڌايائين تہ هو هتي ٽوڪيو ۾ انور جوني جي نالي سان مشهور هو پر پوءِ مون کيس جوني مان انور جاني بنائي ڇڏيو هو.

اسان اڄ هيٺ ڏنل هنڌ ڏٺا:

## (1) اڪيابارا Akiyabara

اڪيابارا (Akiya bara) ٽوڪيو جو مشهور معروف اليڪٽرانڪ مارڪيٽ آهي، جتي اسان ٻن، ٽئن ڊپارٽمينٽل اسٽورز تي .وياسين. پر اُهي شيون نظر آيون جو ڏسي دنگ رهجي وياسين. وري جو قيمتون پڇيونسين تہ چڪر اچڻ لڳا. جپان ۾ الائي ڇا ڇا پيو ٿهي، اليڪٽرانڪس ۾ جپان سڄي دنيا کي پوئتي ڇڏي ويو آهي. اهو ٻڌائڻ اجايو ٿيندو تہ اڪيابارا ۾ ڇا ڇا ڏٺوسين. هينئر تہ رڳو ڪراچي ۾ بہ جيڪي اليڪٽرانڪس جي ڪاروبار جا دڪان آهن اُتي بہ الائي ڇا ڇا پيو آهي تہ رڳو مهربان پڙهندڙ تصور ۾ اِهو سوچي ڏسن تہ جنهن ملڪ ۾ اِهي شيون ٺهي اسان جي ملڪن تائين پهچن ٿيون تہ اُتي ڇا نہ رنگ هوندو ۽ ڇا نہ شيون هونديون. مثال طور ڪجهہ ٽيليويزن سيٽ اهڙا بہ ڏٺاسين جن ۾ 150 مختلف چئنلس ڏسڻ جي گنجائش هئي. بهرحال اڪيابارا اليڪٽرانڪ مارڪيٽ اسان کي ڦيراٽيون ڏياري ڇڏيون.

## (2) اوڪاچي ماچي بازار Okachi Machi

اڪيابارا مان نڪري هاڻي اسان اوڪاچي ماچي بازار (Okachi Machi) گهمڻ وياسين جيڪا اڪيابارا جي بلڪل پر ۾ آهي. اوڪاچي ماچي ۾ وري عام استعمال جون شيون تمام گهٽيون نظر آيون. هي مارڪيٽ ڏسي مونکي ڪراچي جي بوهري بازار ياد اچي وئي. گهٽيون تنگ ۽ ماڻهن جي تمام گهڻي پيهہ هئي. اوڪاچي ماچي ۾ روزمرهہ جي استعمال جون شيون ٻين مارڪيٽن جي مقابلي ۾ ڪافي سستيون آهن، انڪري ماڻهو هتي جو رُخ ڪن ٿا. ڪافي وقت اوڪاچي ماچي جي مارڪيٽ ۾ گهمندا رهياسين. پر هن مارڪيٽ جي تنگ گهٽين ۽ ماڻهن جي رش جي ڪري مارڪيٽ مان ٿوري ئي دير ۾ ٻاهر نڪري آياسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## (3) وينو پارڪ جو سير Visit To Ueno Park

ان ڪانپوءِ وينو پارڪ گھمڻ وياسين. مان تہ هن پارڪ جو اُچار بہ نہ ڪندي سگھان ها ڇو تہ انگريزي ۾ (Ueno Park) لکيو ويندو آهي جنهن ڪي هونئن مان يوئنو پارڪ چوان ها پر انور ان جو صحيح اچار ٻڌايو.

هن پارڪ ۾ داخل ٿيڻ شرط جنهن ڳالهہ سڀ کان اڳ ۾ اسان ڪي پاڻ ڏي متوجه ڪيو سي هيا چيري (Cherry) جا خوبصورت وڻ جيڪي تازو ڦوٽهڙو ڪري پنهنجي مٿان چاندي جهڙي چادر پائي ايڏا تہ خوبصورت لڳي رهيا هيا جو اُنهن ڏي ماڻهو ڏسندو ئي رهي.

چيري جي وڻن تان نظرون هٽيون ئي نٿي. چا نہ اڇا اُجرا (Gray) رنگ، نازڪ نفيس گُونچ ۽ پوشاڪي پنَ هُيا چيري جي وڻن جا. خالق مالڪ ياد اچي ويو جنهن وڻن کي بہ ايڏي سونهن بخشي هئي. جنهن ڪائنات جي هر شئي حسين ٺاهي هئي. پر ڪٿي ڪٿي جڏهن ڪي فطري نظارا پنهنجي حُسن ۽ خوبصورتيءَ سبب اُمالڪ پاڻ ڏي توجه ڇڪرائين ٿا ۽ دل تي اوچتو گهرو – تمام گهرو اثر ڪن ٿا تہ دل ۽ دماغ ساڳي ئي لمحي ۾ ڪائنات جي خالق جي يقيني گواهي ڏيندا آهن. فطرت جي سُونهن ۽ تخليق جي حُسن سان ڪائنات ڀري پئي آهي ۽ هر شئي مان صاف نظر پيو اچي تہ انجو خالق بہ اُهوئي آهي جنهن سڄي ڪائنات جي حُسن، سونهن ۽ سُندرتا جو سنسار پيدا ڪري اُن ۾ چوڏس چانداڻ رکي ڇڏي آهي.

وينو پارڪ بابت خاص ڳالهہ هيءَ آهي تہ سڄي جپان ۾ هي پهريون پارڪ آهي جيڪو 1873ع ۾ قائم ڪيو ويو. شروع وارن سالن ۾ هي پارڪ ثقافت، روحانيت ۽ فيشن جي ڪري مشهور ٿيو. يعني هن پارڪ ۾ ثقافتي شوبہ ٿيندا هيا تہ وري ڪيترائي ساڌوُ ۽ درويش بہ هن پارڪ ۾ اچي گوشہ نشيني اختيار ڪري، شهر جي گوڙ گهمسان کان پري ٿي، هتي اچي بسيرو ڪندا هئا. جڏهن جپان ۾ ڪجهہ سجاڳي ۽ آزادي جون خوشگوار هوائون لڳيون تہ تمام گهڻي تعداد ۾ عورتون بہ هن پارڪ کي زينت بخشڻ لاءِ اچڻ لڳيون. ان ڪانپوءِ هن پارڪ کي باقاعدگي سان هڪ لقب عطا ڪيو ويو تہ هي پارڪ 'سڀني ماڻهن لاءِ وندر ۽ تفريح جو هنڌ آهي'.

(A place of enjoyment of all people)

وينو پارڪ ۾ ماڻهو فرش تي وڏيون وڏيون چادرون يا پلاسٽڪ وڇائي


Scanned with CamScanner

ڪچهريون ڪري رهيا هيا. ڪن تاس ويٺي کيڏي، ڪن شطرنج تہ ڪن وري اهڙيون رانديون ويٺي کيڏيون جو اسانجي سمجهہ ۾ ئي نہ ٿي آيون. هتي هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو هُيا. هڪ جشن جو سمو ۽ ميلي وارو ماحول هو. مون انور کان پڇيو، "روزانو ايترائي ماڻهو اچن ٿا يا هي ڪو خاص موقعو هو"، تہ انور وراڻيو، "هن پارڪ ۾ اوهان جڏهن بہ ايندا تہ توهان کي ذري گهٽ اهڙي رونق نظر ايندي جيڪا اڄ ڏسو پيا پر خاص طرح هن موسم ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ ماڻهو هن پارڪ جو رُخ ڪن ٿا. جڏهن چيري جا وڻ نئون ڦوٽهڙو ڪري ايئن نظر اچن ٿا جيئن اوهان اڄ ڏسو پيا." گهمندي گهمندي وينو پارڪ جو انفرميشن سينٽر نظر آيو جتان وينو پارڪ متعلق هڪ اڌ ڇوپڙيون ورتم، جن جي پڙهڻ کان پوءِ مون انور کي چيو، "اوهان اهو تہ ٻڌايو ئي ڪو نہ وينو پارڪ ۾ چيري بلوزم جو جشن (Cherry Blossom Festival) جون تياريون شروع ٿي ويون آهن." تہ انور چيو تہ ان ڳالهہ جي کيس بہ خبر ڪانہ هئي تہ چيري بلوزم جي جشن جون تياريون شروع ٿي چڪيون هيون. مون خوشيءَ ۾ فيض سان تاڙي ملائيندي چيو، "ڏسو مون انور کي ان معلومات حاصل ڪرڻ ۾ شڪست ڏيئي ڇڏي." ايئن چئي مون فيض ۽ انور کي وينو پارڪ بابت ڇپيل معلومات ڏيکاري تہ مارچ جيَ آخري تاريخن کان وٺي اپريل جي ويهين تاريخ تائين هن پارڪ ۾ هر سال باقاعدگيءَ سان چيري بلوزم جو جشن ڌوم ڌام سان ملهايو ويندو آهي، جنهن ۾ روزانو ڏهہ لکن کان وڌيڪ ماڻهو هن پارڪ ۾ اچن ٿا.

جيئن شروع ۾ ٻڌايم تہ پارڪ ۾ داخل ٿيڻ شرط سڀ کان اڳ چيري جي خوبصورت وڻن اسان کي متوجہ ڪيو هو تہ بعد ۾ پارڪ بابت ڇپيل مواد مان خبر پئي تہ هن پارڪ ۾ 1300 چيري جا وڻ آهن جيڪي سڄي پارڪ جي ديکهہ ۽ ويڪر ۾ جاڏي ڪاڏي پکڙيا پيا آهن.

هن پارڪ ۾ ٻيو ڇا ڇا آهي؟ اهو بہ اوهانکي ٻڌائيندو هلان. ٽوڪيو ڪلچرل هال، جپان آرٽ اڪيڊمي، وينو رايل ميوزيم، وينو چڙيا گهر، ٽوڪيو ميٽرو پوليٽن آرٽ ميوزم، ٽوڪيو يونيورسٽي آف آرٽس ميوزم، ڪرودا ميموريل هال، ٽوڪيو نيشنل ميوزيم، نيشنل سائنس ميوزيم، نيشنل ميوزيم آف ويسٽرن آرٽ ۽ اهڙا بہ ڪيترائي ٻيا ثقافت ۽ آرٽ جا ادارا هن پارڪ جي اندر موجود آهن. پر افسوس جو وقت گهٽ هئڻ سبب، مٿي بيان ڪيل ميوزيم ۽ ٻيا سائنسي توڙي ثقافتي ادارا نہ ڏسي سگهياسين. منهنجا مهربان پڙهندڙ اندازو لڳائي سگهن ٿا تہ هي

پارڪ ڪيترو نه وڏو هوندو جنهن ۾ هيترا ثقافتي ادارا ۽ ميوزيم موجود آهن جيڪي مٿي بيان ڪيا اٿم. پر هن پارڪ جو وڏو هٽڻ ڪا وڏائي واري ڳالهه ناهي پر هتي چيري جي دلڪش ۽ دلفريب وڻن جي موجودگي ۽ قسمين قسمين ۽ رنگ برنگي گلن جي گهٽائي، ترتيب ۽ خوبصورتي واري سجاوٽ ئي در اصل هن پارڪ جي حُسن ڪي وڌائي ٿي. پارڪ گهمندي گهمندي جڏهن لکن جي تعداد ۾ رنگ برنگي ۽ بيحد خوبصورت ٻوٽا ترتيب سان رکيل نظر آيا ۽ هزارين ماڻهن کي گلن ٻوٽن جي ارد گرد چڪر هڻندي ڏٺم ته وري پارڪ جي باري ۾ ڪتاب ڏسڻ شروع ڪيم. خبر پئي ته گلن ٻوٽن جو جشن (Peony Festival) به شروع ٿيڻ وارو هو 16 اپريل کان، جنهن جون تياريون هاڻي سان ئي شروع ٿي چڪيون هيون.

مون، فيض، حُسنه ۽ پنهنجي گهر واري کي چيو ته ”اسان ڏاڍا خوش قسمت آهيون جو اسان کي وينو پارڪ ۾ اچڻ ۽ ان کي گهمڻ جو موقعو اتفاق سان انوقت مليو هو جڏهن هن پارڪ ۾ به ساليانه جشن ڌوم ڌام سان ٿي رهيا هيا.

وينو پارڪ گهمڻ جو مزو اچان وڌي ويو هو، جڏهن انيتا ۽ طارق (فيض جا ٻلونگڙا) نينگ ٽپا ڏيڻ ۾ مصروف هُيا. ننڍڙو طارق ڪڏهن ڀڄندو ڀڄندو اسانجي نظرن کان اوجهل ٿي پئي ويو ته اسان فوراً سندس ڳولا ۾ مصروف ٿي وياسون ٿي. پر طارق ايترو ته تيز ۽ چالاڪ آهي جو هر دفعي هو پاڻ هجوم مان نڪري اسان سان اچي ٿي مليو. فيض هر دفعي سندس چيچَ مان وٺي هلي ته جيئن هو هجوم ۾ وڃائجي نه وڃي. پر جڏهن طارق ڏسي ته مان ۽ فيض ڪچهريءَ ۾، ڪنهن ڪِل يوڳ واري ڳالهه ۾ مست ۽ محو ٿي وڃون ته طارق موقعي جو فائدو وٺي هيڏانهن هوڏانهن گهميون هڻڻ شروع ڪري. انيتا به خوب Enjoy ٿي ڪيو، پر هوءَ اسان کان پري نٿي وئي. پلا جپان جي ڳوڙهيل ۽ گهٽيل ماحول ۾ اهڙو ڪشادو ۽ حسين پارڪ ٻارن کي گهمڻ ڦرڻ لاءِ ملي وڃي ته پوءِ ان موقعي کي ٻارڙا غنيمت سمجهن ٿا ۽ خوب خوشيون ۽ شادمانا ٿا ڪن. مون ڏٺو ته جيڏانهن ڪيڏانهن ننڍڙا ٻارڙا خوب خوشيون ڪري رهيا هئا، ڪيڏي رهيا هيا ۽ راندين روندين ۾ مصروف هُيا ۽ انهن جا والدين پنهنجن ٻارڙن کي ڪيڏندو ڪُڏندو ڏسي ڪيترا مسرور ۽ ٻهڪيل نظر اچي رهيا هُيا. ان جو اندازو مونکي فيض ۽ حُسنه مان به ٿي رهيو هو ته هو ٻئي انيتا ۽ طارق کي ڪيڏندو ڪڏندو ڏسي ڪيڏا نه خوش هُيا.

گهمندي گهمندي هڪ عجيب ڦوهارو (Shower) ڏٺوسين. جيڪو پنهنجي نموني جو ٻهريون ڦوهارو مون ڏٺو. هن ڦوهاري ۾ پاڻيءَ جو لارون آهستي آهستي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مٿي چڙهڻ ٿيون. مٿي چڙهنديون چڙهنديون جڏهن چوٽيءَ تي پهچڻ ٿيون تہ اُتان پاڻي جي هيٺ ڪرڻ سان هڪ تمام خوبصورت منظر پيدا ٿي وڃي ٿو، جنهن جو تعلق ڏسڻ سان زياده هتي بيان ڪرڻ سان گهٽ آهي. ٿوهارو جڏهن آخري حد تائين وڃي ٿو تہ اُتي اڌ منٽ ڪن لاءِ تماشبينن کي پنهنجو خوبصورت نظارو پسائي وري هيٺ لهي اچي ٿو. ٿوري دير ۾ پاڻيءَ جون لارون ٻيهر مٿي چڙهڻ شروع ٿيون ڪن. اسان تہ اِهو منظر ڪيتري دير تائين ڏسندا رهياسين ۽ هتي بيهي ڪجهہ فوٽو بہ ڪڍياسين.

مطلب تہ وينو پارڪ ۾ اهڙو تہ مزو آيو جو هتان نڪرڻ تي ئي روح نہ پيو ٿئي. بہ اڍائي ڪلاڪ اسان هن پارڪ ۾ موجود رهياسين. ٿڪُ بہ محسوس پئي ٿيو سو ٻارڙن تہ موج ۾ اچي ڪولڊ ڊرنڪس پيتا باقي مون فيض ۽ انور ڪافي جا وڏا مگ پري پيتا تہ ٿڪ لهي ويو. البت بہ بيگمات پنهنجي منهن ڪجهہ ڪائڻ پيئڻ ۾ لڳيون پيون هيون. بهرحال پوءِ بہ ڪافي گهميا ڦريا هياسين. اڪيابارا اليڪٽرانڪ مارڪيٽ، اوڪاچي ماچي مارڪيٽ ۽ وينو پارڪ ٽيئي هنڌ ساڳي ئي ڏينهن ڏسڻ ۽ گهڻو گهمڻ ڦرڻ سبب هاڻي ڪافي ٿڪ محسوس ٿي ٿيو. واپس موٽڻ جي ڪئي سون پر انور چيو تہ هتي وينو پارڪ وٽ انڊر گرائونڊ ٽيوب اسٽيشن بہ هئي، چو نہ اُن ۾ چڙهي هلجي. اِها تجويز ڏاڍي وڻي، تنهنڪري فيض ۽ انور تہ ٻئي فيض جي گاڏي ۾ چڙهي گهر هليا ويا ۽ مان، منهنجي گهرواري، مسز فيض، انيتا ۽ طارق گڏجي انڊر گرائونڊ ٽرين ۾ سوار ٿي اچي هيرو اسٽيشن تي لٿاسين، جتان گهمندا گهمندا فيض جي گهر اچي پهتاسين. هيرو اسٽيشن کان فيض جو گهر مشڪل سان فرلانگ ڏيڍ ڪن پنڌ تي هو.

اڄ چوٿين اپريل هئي، ڇنڇر جو ڏينهن هو، صبح جو يارهين وڳي ڌاران گهر ڇڏيوسين. ۽ هڪ مارڪيٽ ۾ آياسين جيڪو کليل ميدان تي هو. مون فيض کان پڇيو، "هتي بہ جمع بازار لڳندي آهي ڇا؟" تہ فيض ورائيو، "جمع بازار نہ، باقي ڇنڇر بازار هر ڇنڇر تي لڳندي آهي. هن کليل مارڪيٽ کي، فلي مارڪيٽ چون ٿا جتي ماڻهو پنهنجن گهرن جو نئون پراڻو سامان اچي وڪڻندا آهن ۽ پوءِ ايندڙ ويندڙ ڪافي سستي اگهہ تي هتان شيون خريد ڪندا آهن.

اسان بہ ڪجهہ ننڍڙيون شيون ۽ سوکڙيون پاکڙيون هتان خريد ڪيون. ڪلاڪ ڏيڍ هن مارڪيٽ جو چڪر لڳائي، اسان شنجوڪُو پهچي وياسين.


Scanned with CamScanner

## شنجوڪُو (Shinjuku)

شنجوڪو جي علائقي ۾ جڏھن پھتاسين تہ مون اُمالڪ فيض ۽ انور کي چيو، "يار ٽوڪيو جيڪو ٻڌندا ھئاسين تہ صاف ۽ سھڻو شھر آھي اُھو ڇڻ مون ھتي اچي ڏٺو آھي." تہ انور ھائو ڪندي وراڻيو، "ٽوڪيو جو ھي علائقو الٽرا ماڊرن آھي جتي توھان کي ھر شيءِ جديد ۽ خوبصورت نظر ايندي."

سڀ ڪان پھريون جنھن ڳالھہ متوجہ ڪيو اُھي ھُيون ھتان جون بلند عمارتون. پوين صفحن ۾ بيان ڪري چڪو آھيان تہ ٽوڪيو ۾ زلزلي جي جھٽڪن جي عام ھجڻ ڪري عمارتون گھٽيون اوچيون ٺھيون ٺھن ڇو جو شديد جھٽڪن جي ڪري بلند و بالا عمارتن کي ٿي نقصان رسڻ جو گھڻو انديشو رھي ٿو. پر ھتي شنجوڪو ۾ مون اڪثر عمارتون 40،35،30 ۽ 45 منزل واريون بہ ڏٺيون، ممڪن آھي ان ڪان بہ وڌيڪ اوچائي تي ھجن مون کي پوري طرح ياد نہ آھي.

شنجوڪو جي علائقي جي ٻي خصوصيت ھيءَ ھُئي تہ ھتي بجلي جون تارون، لنڊن، فرانس، آمريڪا ۽ ٻين مھذب ملڪن وانگر ڪليل نہ پر زمين جي اندر ڍڪيل ھُيون، جڏھن تہ باقي ٽوڪيو ۾ بجليءَ جون تارون ايئن ئي ڪليل آھن جيئن اسان جي ملڪ ۾.

ٽوڪيو بابت ھڪ ڳالھہ جيڪا مون اجان تائين اوھان کي نہ ٻڌائي آھي سا ھيءَ تہ ٽوڪيو جي شھر مون کي شروع ۾ تہ قطعي متاثر نہ ڪيو. فيض جنھن علائقي ۾ رھي ٿو يعني "موتوعذابُو"، آھي تہ بظاھر ڏاڍو مھانگو ۽ مرڪزي علائقو، پر نہ مونکي ھتان جا روڊ رستا پسند آيا ۽ نہ وري بجليءَ جي ٿنين جو انتظام ۽ نظام. ڪي ڪي روڊ ايترا تہ وَر وڪڙ، تنگ ۽ سوڙھا آھن جو آمھون سامھون بہ گاڏيون تہ ڇڏيو پر جي سامھون ڪا موٽرسائيڪل بہ اچي تہ اُھا بہ شايد گاڏيءَ سان ٽڪرجي پوي. ھڪ سوڙھا رستا ٻيو وري نانگ جيان ور وڪڙ. بھرحال پوءِ جڏھن ٽوڪيو ۾ ھيڏي ھوڏي گھمياسين ڦرياسين تہ پوءِ ڪجھہ مزو آيو. اھا ٻي ڳالھہ آھي تہ ھيٺ مٿي ڪٿي بہ- منزلہ تہ ڪٿي ٽي منزلہ جيڪو وڏن مفاصلن تائين روڊن رستن جو جار ٽوڪيو ۾ آھي، اُھو دنيا ۾ ٻيو ڪٿي بہ نہ آھي. ھوندئن تہ ٻين ملڪن ۾ بہ جتي پُليون يا چوُواٽا آھن تہ اُتي بہ ٽوڪيو وانگر ڪيترين ئي منزلن تي رستا رستن ۾ ڳتيل نظر ايندا پر ٽوڪيو ۾ اِھو سلسلو ميلن جا ميل ٺھيل آھي جنھن کي ڏسي ڏندين آڱريون اچيو ٿيون وڃن.

بھر حال شِنجوڪو جا روڊ تمام ڪشادا ۽ تمام سھڻا ٺھيل آھن. پاسن ڪان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويڪرا ۽ اسٽائلش فوٽ پاٿ آهن. فوٽ پاٿن جي لڳولڳ وري رنگ برنگي گلن جون جڳ مڳ قطارون ايڏو ته حسين منظر پيش ڪن ٿيون جو هتي اچڻ ڪانپوءِ جلد واپس وڃڻ تي دل نه چوندي.

شنجوڪو جي علائقي ۾ گهمندي گهمندي هڪ عظيم الشان عمارت کي ڏسڻ وياسين جيڪا ٽوڪيو توچو (Tokyo Tocho) جي نالي سان مشهور آهي. هن عمارت کي ڏسڻ لاءِ ماڻهن جا انبوهه لڳا پيا هُيا. تنهنڪري وڏي قطار ۾ بيهڻو پيو. قطار به سڌي نه پر انگريزي اکر يوُ (U) وانگر هئي. پر يوُ به هڪ نه. قطار ۾ بيهي بلڊنگ جي پهرين منزل تي پهچڻ تائين هڪ به U وچ ۾ اچي ويا. پهرين منزل تي آياسين ته عجيب نقشا نمونا لڳا پيا هئا. اليڪٽرڪ بلبن جي ذريعي ٽوڪيو جو نقشو پڻ ڏيکاريل هو. ٽوڪيو جو جيڪو به علائقو ڳولڻو هجي ته ان علائقي جو بٽڻ آن ڪبو ته اُهو علائقو پاڻهي نقشي تي نمايان ٿي بيهي رهندو. ڪمال ڪاريگريءَ سان نقشو ٺاهيو ويو آهي. بيا به ڪيئي نقشا ٺهيل هيا پر اسان وٽ وقت ايترو نه هو جو هر شيءِ سڻي نموني سان ۽ چڱيءَ طرح ڏسي سگهجي ها. ٿوري دير هن منزل تي گهمي ڦري پوءِ لفٽ ذريعي آخري منزل تي پهچي وياسين جيڪا چاليهين - پنجيتالين منزل هئي. هتان ٽوڪيو جو نظارو تمام خوبصورت هو. هن منزل تي هر طرف ماڻهن جو چؤبول ۽ چهچٽو لڳو پيو هو. هتي ئي ريسٽورنٽ به هيا.

بوڪ شاپ، جنرل اسٽور ۽ مختلف قسمن جا اسٽور موجود هيا. هن ئي بلڊنگ ۾ ڪيترين ئي اهم آفيسون آهن، جهڙوڪ ٽوڪيو ميونسپل ڪارپوريشن، پاسپورٽ آفيس ۽ ٻيون ڪيترين ئي آفيسون، پر سڀ بند هيون ڇو ته اڄ ڇنڇر جو ڏينهن هو. ڪلاڪ ڏيڍ ٽوڪيو توچو بلڊنگ اندر گهمي ڦري هيٺ لهي آياسين جتي هن بلڊنگ جي پرسان ئي ٻارڙن جي کيڏڻ جون رانديون، گِسڪٽا ۽ وندر وِرونهن جو سامان رکيل هو. هتي انيتا ۽ طارق ڪافي ڪيڏيا ۽ اسان سندن فوٽا ڪڍيا. اسان پنهنجن ٻارڙن جي راند روند ڏسڻ ۾ مشغول هئاسين ته هڪڙي ننڍڙي ٻارڙي پنهنجي ڪمال ڪرتب سان نه رڳو اسان جو توجهه ڇڪرايو پر انيتا ۽ طارق به پنهنجي راند روند کي ڇڏي ڪيس گهوري گهُوري ڏسڻ لڳا. ٻارڙي جي عمر مشڪل سان چار سال کن هئي. هو هڪ پير واري ننڍڙي سائيڪل کي هلائيندو اسان جي پاسي مان گذري ويو. وري جڏهن اسان ڪيس غور سان ۽ گهُوري گهُوري نهارڻ لڳاسين ته ٻارڙي به اسان جي نفسيات کي شايد سمجهي ورتو ۽ هڪ پيرِي سائيڪل کي پٺتي پٺبل هلائيندي اسان وٽ ڪاهي آيو ۽ ٻارڙي اسان سيني کي حيران ڪري ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نندڙو طارق کيس غور سان ڏسڻ لڳو ۽ مون محسوس ڪيو ته جڻ طارق دل ۾ چئي رهيو هجي ته، "مونکي به اهڙي سائيڪل وٺي ڏيو ته هلائي ڏيکاريانوَ." مونکي حيرت فقط ان ڳالهه تي ٿي ته چئن سالن جي نينگر اهڙي ڪمال جي ٽريننگ ڪٿي ۽ ڪيئن ورتي هوندي جو ذري گهٽ پنهنجي کير پيئڻ جي عمر ۾ ئي ايترو مڪمل (Perfect) ٿي لڳو پنهنجي حرفت بازي ۾.

شنجوڪو جي علائقي ۾ ڪافي شاپنگ مالز آهن جتي تمام وڏا وڏا ۽ عاليشان ڊپارٽمينٽل اسٽور پڻ آهن. هتي جا ڊپارٽمينٽل اسٽور ٽوڪيو جي مشهور معروف شاپنگ ايريا گِنزا جي مقابلي جا اسٽور نظر آيا جن ۾ تمام گهڻي گهما گهمي ۽ رونق هئي ۽ خريداري جي پرمار لڳل هئي ۽ بيشمارماڻهن جو ڳاهٽ لڳو پيو هو.

ڊپارٽمينٽل اسٽورن جا نالا هوندئن ته ڳڻائڻ کان گهڻا آهن پر مکيه ۽ مشهور اسٽور جيڪي اسان گهمي ڏٺا، سي ڳڻايان پيو. ڪِيو، ليومني، ماءِ سٽي، اوڊا ڪيو، ماءِ لارڊ ۽ سبناڊ (Keio, Lumine, My City, Odakyu, My Lord & Subnade) متي بيان ڪيل سيئي ڊپارٽمينٽل اسٽور شنجوڪو سب وي اسٽيشن جي آس پاس آهن.

سيئي ڏاڍا لطف اندوز ٿياسين. اندازي موجب چار ڪلاڪ ڪن اسان شنجوڪو جي علائقي ۾ رهي رات جو ڪافي دير سان گهر موٽياسين ۽ اچڻ شرط بسترن تي اچي ڪرياسين ته ننڊ ته جڻ بستري تي اڳ ئي اسانجو انتظار پئي ڪيو ۽ سمهڻ شرط لوليون ڏيئي پنهنجي جهوليءَ ۾ سمهاري ڇڏيائين.

## ٽوڪيو ۾ عيد نماز

گهري ننڊ ۾ ستل هوس ته فيض اچي دروازو کڙڪايو، جاڳيس ته چيائين، "ادا عيد نماز تي هلڻو آهي، اٿو جلدي تيار ٿي وٺو." پهريون ته دل ۾ آيو ته هاڻي ڪير ٿو ٽوڪيو ۾ عيد نماز پڙهي، پر پوءِ وري خيال آيو ته هڪ ته ٻارهين مهيني وارو سجدو هو جيڪو ضرور ادا ڪجي، ٻيو اهو به ڏسجي ته ٽوڪيو ۾ مسلمان عيد نماز ڪهڙي طرح ٿا ادا ڪن. جلدي تيار ٿي وياسون. انور به پهچي ويو ۽ هرُومي (Harumi) جي علائقي ۾ هڪ تمام وڏي هال ۾ آياسين جتي وڏي رش ۽ گهما گهمي نظر آئي. مولانا صاحب، جنهن خطبو ڏنو ۽ بعد ۾ نماز پڙهائي سو ڪو عرب پئي ڏٺو، جنهن چڱو خاصو ڊگهو خطبو پڙهيو. سمجهه ۾ ڪجهه به نه ٿي آيو.

بهرحال ڪلاڪ ڪن ۾ نماز پڙهي فارغ ٿي وياسين. منهنجي ۽ فيض جي اندازي موجب ٽي چار هزار کن ماڻهو هُيا جيڪي عيد نماز ۾ شريڪ ٿيا. ڪيترائي پاڪستاني به مليا، سنڌي به ڪافي تعداد ۾ نظر آيا. مونکي بيحد خوشي محسوس ٿي جڏهن ٻن ٽن سنڌي نوجوانن مونکي ادب جي حوالي سان سڃاتو. ڪن وٽ منهنجي شاعري جو ڪتاب هو ته ٻين وٽ منهنجا سفرناما موجود هُيا.

ٽوڪيو ۾ عيد نماز ادا ڪندي ڪجهه عجيب و غريب ڪيفيت هئي منهنجي. هتي عيد نماز ڪانپوءِ فقط چند ماڻهن سان ڀاڪر پاتوسين، پر جڏهن پنهنجي ڳوٺ وجي عيد نماز پڙهندا آهيون ته ڪلاڪ ڏيڍ ته رڳو ڀاڪرن پائڻ جي ٻلي هوندا آهيون. وري پنهنجي ٻچڙن ڏي خيال ويو ته اکين مان، روڪڻ جي باوجود به، ڳوڙها ڳڙي پيا. پوري جمار ۾ هيءَ پهرين عيد هئي جنهن ۾ منهنجن ٻارن کان پيءُ ته پري هو پر سندن ماءُ به وٽن موجود ڪانه هئي. جڏهن گهر موٽي آياسين ته منهنجي گهرواري به ڏاڍي اُداس ۽ مونجهي نظر آئي. نيٺ فيض ۽ حُسنه اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪري ڪجهه دل تان بار لاٿو نه ته طبيعت ڪافي ويڳاڻي ۽ مغموم هئي.

اڄ صبح کان وٺي زوردار برسات پئجي رهي هئي. توڙي جو ڇٽيون به ساڻ هيون ته به ڪار مان لهي هال تائين پهچڻ جي وقفي ۾ به تيز مينهن جي ڪري اسانجا ڪپڙا پِجي ويا هُيا. در اصل ٽوڪيو ۾ اسان کي ٿڌ ۽ بارشن ڏاڍو پريشان ڪري رکيو هو. ذري گهٽ روزانو بارش پوندي هئي ۽ بارش جي ڪري وري ٿڌ وڌي ويندي هئي، تنهنڪري ڪوٽ، جرسيون ۽ ڇٽيون سدائين ساڻ هونديون هُيون. البت ڪجهه ڏينهن خوش قسمتيءَ سان اهڙا به ضرور آيا جو صبح سان ئي سج جا سونهري ڪرڻا، بيڊ روم جي درين مان ليئا پائي اچي سجاڳ ڪندا هيا. مونکي لڳندو هو ته جڻ پيغام ڏيئي رهيا هجن ته، ”توهان کي گهمڻ ڦرڻ لاءِ نڪرڻو آهي ته اڄ نڪرو، جو اڄ سج سرڪار جو پيغام آهي ته اوهانجو آتر ياءُ اهڙو ڪجي جو مسلسل برسات جي ٻُجڙائين جو اثر ختم ڪري ڇڏجي ته جيئن اوهان سير سفر جو لطف ماڻي سگهو.“ اسان سج جي سونهري ڪرڻ جي آڇ قبول ڪري گهران نڪري ويندا هئاسون ۽ اُهو ئي اسان لاءِ لطف ۽ مزي جو ڏينهن هوندو هو. جڏهن برسات جي بوندن بجاءِ سورج جون سونهري شاخون ٿڌ کي ٽڙي، مهربان ۽ معتدل موسم ۾ تبديل ڪري، اسان جو استقبال ڪنديون هُيون. پر آسماني ڳالهين تي ڪهڙو ڀروسو؟ اسان سج- سردار جي ايلچين يعني سندس سونهري ڪرڻ جي دلبن دلاسن تي گهران نڪري ته ويندا هئاسون پر ڪڏهن ايئن به ٿيندو هو ته سجَ

جو ساٿ اسان سان ٿوري دير لاءِ هوندو هو، وري ساڳي برسات ۽ ساڳي ٿڌ اسان جا ساٿي هوندا هئا. اُس، ڪرٽا ۽ سج، سڀ الائي ڪٿي لڪي ويندا هئا. شايد انڪري ته مٽان اسان سان ڪٿي ملن ته ڪين ميار نه ڏئي وجهون.

بهرحال اج عيد وارو سڄو ڏينهن گهر ۾ رهياسين ۽ ڏاڍيون ڪچهريون ڪيونسين. ٻيو ڏينهن به گهر ۾ ڪچهرين جي ٻلي هو جو ٻاهر برسات به واندڪائي نٿي ڏي، ٻيو وري فيض چيو ته اج پنهنجي ڪچهريءَ جي وڊيو پريندا‌سين. ڏينهن جو البت فيض ٿوري دير لاءِ مونکي سفارتخاني ۾ وٺي ويو. اُتي پنهنجي سفير ۽ پنهنجن ٻين ساٿين سان ملاقات ڪرايائين. ڏيڍ ٻه ڪلاڪ پاڪستان جي سفارتخاني ۾ گذاري موٽي آياسين.

رات جي ماني ڪانپوءِ وڊيو پرڻ شروع ڪئي سون. هونئن به گهمڻ ڦرڻ لاءِ جيڏانهن به ويندا‌هئاسين ته فيض هميشه وڊيو ڪئميرا ساڻ کڻندو هو. اسان هونداهئاسين گهمڻ ڦرڻ ۽ پوز بنائڻ جي ٻلي ۽ فيض مختف هنڌن تي شاٽس وٺندو ويندو هيو. جڏهن انور اسان سان گڏ هوندو هو ته پوءِ فلم ٺاهڻ جي ٻلي اڪثر اُهو هوندو هو. جڏهن انور ساڻ نه هوندو هو ته پوءِ فيض ۽ انيتا گڏجي وڊيو پريندا هئا.

## زلزلي جا جهٽڪا

جيئن ته سڀ گهر ۾ موجود هياسين ته فيض، وڊيو ڪئميرا کي اسٽئنڊ ۾ فڪس ڪري، چڱي طرح زومنگ ۽ فوڪسنگ جو مڪمل اطمينان ڪري پاڻ به اسان سان گڏ اچي صوفا سيٽ تي ويٺو ۽ ڪچهري ڪرڻ ۾ شامل ٿي ويو.

جڏهن گفتگو جو سلسلو ڏاڍي دلچسپ ۽ سنجيده مرحلي ۾ داخل ٿي ويو ته اوچتو فيض اسان سيني کي اشاري سان چُپ رهڻ لاءِ چيو. مان ته ٻنهه ڏجي ويس پر خود بخود ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي جڏهن درين ۽ دروازن ۾ ڪڙڪو پئجي ويو. فيض چيو، "زلزلي جا جهٽڪا آهن." بس پوءِ ته آية الڪرسي ڪان وٺي جيڪي به قرآني آيتون ياد هئم سيئي پڙهڻ شروع ڪيم ۽ سيني الله پاڪ کي ياد ڪرڻ ۽ خير جون دُعائون گهرڻ شروع ڪيون.

جيئن ته ننڍڙو طارق ٻي ڪمري ۾ گهري ننڊ ۾ ستل هو، حُسنه هڪدم ان کي کڻي آئي ۽ ڪيس پنهنجي هنج ۾ سنڀاريائين. اسان صوفن تي ويٺا هئاسون ۽ اسان جا صوفا جهومڻ ۽ جهولڻ لڳا ته ننڍڙي انيتا سڀ ڪان وڌيڪ پريشان ٿي وئي ۽

سندس اکين مان ڳوڙها قطارون ڪري هيٺ وهڻ لڳا. ان موقعي تي منهنجي گهر واريءَ کيس پنهنجي جهوليءَ ۾ ڪٽي سمهاريو ۽ سندس مٿي ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳي، توڙي جو هو پاڻ به تمام گهڻي ڊنل هئي. جهٽڪن جو سلسلو مشڪل سان منٽ ڏيڍ هليو پر ان منٽ ڏيڍ ۾ ائين محسوس ٿيو ڄڻ جند، جان ۽ جسم ساٿا ۽ بيجان ٿي ويا هئا. ساهه سَت ڄڻ اسان مان نڪري ويو هو ۽ اسان فقط ڏيڍ منٽ ۾ بيجان بوتا وڃي بچيا هئاسون. جڏهن جهٽڪا ختم ٿيا ته فيض ۽ حُسنه رب پاڪ جا شڪرانا بجا آندا پر مان اجان محتاط هوس. فيض کان پڇيم، "يلا جهٽڪا ختم ٿيا يا اجا پوئتي رهيل آهن؟" منهنجي ان چريائپ واري سوال تي ڪنهن کي به کل نه آئي جو زلزلي جي جهٽڪن ۾ سيني جو ساهه ئي سُڪي ويو هو ۽ کل ۽ ٽهڪ ان وقت صفا وسري ويا هيا. فيض سوبر ٿيندي جواب ڏنو، "ادا بس هاڻي شڪر ڪيو جو گهٽ ۾ گهٽ اڄ ٻيهر جهٽڪا نه ايندا." تڏهن وڃي مون رب جا شڪرانا ادا ڪيا جڏهن سمجهيم ته خطرو بلڪل ٽري ويو آهي.

پوءِ ته ڪچهري واري ماحول مان زلزلي ۽ جهٽڪن جي گفتگو نڪري پئي. فيض وارن ٻڌايو ته هو انهن زلزلي جي جهٽڪن سان مانوس ٿي ويا هئا، جو مهيني ۾ هڪ ٻه دفعا زلزلي جا جهٽڪا ته ٽوڪيو ۽ ان جي آس پاس ضرور اچن ٿا. فيض وڌيڪ ٻڌايو ته زلزلو ته بهرحال زلزلو هو. اِها خبر ته فقط خدا کي هئي ته ڪڏهن ۽ ڪهڙا جهٽڪا وڌيڪ شدت اختيار ڪري انساني زندگي لاءِ خطري جو باعث ٿي سگهيا ٿي. تنهنڪري هر دفعي جڏهن به زلزلي جا جهٽڪا اچن ٿا ته انوقت هر انسان رب کي ٿو ياد ڪري ۽ سلامتيءَ لاءِ دُعا ٿو گهري.

اَمي حُسنه ٻڌايو ته هڪ رات سيئي گهري ننڊ ۾ سُتل هُيا، اندازي موجب اڌ رات ٽري چڪي هئي. ڪين جاڳ انوقت ٿي جڏهن سندن بيڊ روم ۾ رکيل ڪرسيون ۽ ٻيو سامان ابتو سبتو ۽ اُونڌو ٿي هيٺ ڪري پيو، دريون دروازا زور سان ڪڙڪڻ لڳا ۽ سندن بيڊ روم بري طرح ڏُڏڻ لڳو. سيئي جاڳي پيا هيا ۽ حسنه ٻڌايو ته ان رات هوءَ بيحد ڊڄي وئي هئي ۽ سمجهيو هيائين ته خدانخواسته اُها رات ڪٿي سندن آخري رات ته نه هئي، پر رب العزت رحم ڪيو ۽ چند منٽن ۾ جهٽڪا بلڪل ختم ٿي ويا.

جڏهن فيض ڏنو ته سڄي ماحول تي پٿو ۽ ڊپ ڇانئجي ويو هو ته هاڻي مشڪريون ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين ته مون به سندس ساٿ ڏنو ۽ ٿوري ئي دير ۾ وري سڀ چست تازا ۽ نوبنو ٿي وياسين.


Scanned with CamScanner

ڪلاڪ ڪن ڪانپوءِ وري ڪچهري رڪارڊ ڪرڻ شروع ڪئي سين ۽ رات جو ٽين وڳي تائين ڪچهري ڪندا رهياسين.

## ٽوڪيو ۾ مفت ٽيليفون جا مزا.

هڪ اڌ دفعو فيض کي تڪليف ڏنم. سندس گهر جي ٽيليفون تان حيدرآباد ۾ پنهنجي ٻچڙن سان فون تي ڳالهايم ۽ ٻي دفعي فيض جي آفيس مان.

انور کي جڏهن ٻڌايم ته حيدرآباد ۾ هڪ اڌ دفعا ٽيليفون تي ڳالهايو هوم ته مونکي چيائين، ”خواهه مخواهه ادا فيض کي تڪليفون ڏيندا وتو، جيترو وقت حيدرآباد ڳالهائڻو هجيوَ ته مفت واري ٽيليفون تان ڳالهايو.“ مون کي حيرت لڳي ته اهڙي ملڪ جي گاديءَ جي هنڌ ۽ شهر، جنهن کي سڄي دنيا ۾ اليڪٽرانڪ ٽيڪنالاجي جو ابو ٿو ڪوٺجي، مان به جيڪڏهن ٽيليفون سان هٿ چُراند ٿي سگهي ٿي ته پوءِ دل ۾ چيم ته جپان وارا اُنهن آرٽيڪاپ جوانن اڳيان هٿ ٻڌي جيڪر ڪين چَون ته ”بابلا! اوهان جي ٽيڪنالاجي، اسانجي ٽيڪنالاجيءَ کي زوريءَ مات ڏئي وئي جو اسانجي ڪمپيوٽرائزڊ ٽيليفون سسٽم مان به اوهان پنهنجي مطلب جو گسُ ڳولي لڌو.“

بهرحال انور مونکي هڪ ڏينهن ڪنهن پرانهين پنڌ تي وٺي ويو. هڪڙي ٽيليفون بوٿ ۾ گهڙي وياسين ۽ مزي سان پندرنهن ويهه منٽ حيدرآباد ۾ ٻچڙن سان ڳالهايم. جڏهن ٽيليفون بند ڪيم ته انور چيو، ”بس فقط پندرنهن ويهه منٽ ڳالهايوَ– اسان ته پاڪستان ۾ ڪلاڪ سوا نه ڳالهايو ته پوءِ باقي هن ٽيليفون جو مزو ته ڇڻ آيو ئي ڪونه.“

مان دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ گهميو ڦريو آهيان پر ٽيليفون جا مفت وارا مزا ٻيو ڪٿي به مونکي نظر نه آيا سواءِ ٽوڪيو جي. يا ائين به ٿي سگهي ٿو ته دنيا جي ٻين شهرن ۾ به ڪن شاهينگن ٽيليفون جي نظام ۾ خلل وجهي پنهنجو مطلب تاريو هجي جنهن جي بهرحال مونکي خبر نه آهي.

منهنجي پڇڻ تي انور ٻڌايو ته ”ٽوڪيو ۾ ٽيليفون جي نظام ۾ حرفت بازي ۽ هٿ چُراند سڀ کان ٻهريون ايراني ماڻهن ڪئي جيڪي ايراني انقلاب جي وقت اُتان ڀڄي نڪتا هُيا، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙي ويا هيا ۽ جپان ۾ به ڪافي تعداد ۾ پهتا هُيا.“ ايراني ماڻهن ذريعي اِها ڪاميابيءَ جي ڪُنجي پاڪستاني ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هندستاني ماڻهن جي هٿ ۾ چڙهي وئي ۽ اُنهن به مفت ٽيليفون جا مزا ماڻڻ ۾ ڪا ڪسر پوئتي ڪانه ڇڏي. مونکي پوءِ خبر پئي ته ڪيترائي ماڻهو روزانو ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيا ٽيليفون بوٿن مان پنهنجن پنهنجن ملڪن ۾ پنهنجي گهر، ماٽن، عزيزن ۽ دوستن سان ڳالهائيندا رهندا هيا.

## ٽوڪيو ڊزني لئنڊ جو سير

## A Visit to Tokyo Disney Land

اڄ 8- اپريل هئي. اسان ڪالهه ئي پروگرام ٺاهي ڇڏيو هو ته سڀاڻي ٽوڪيو ڊزني لئنڊ جو سير ڪبو. اهو عجيب اتفاق هو جو فيض وارن به اڄ تائين ڊزني لئنڊ جو سير نه ڪيو هو، نه آمريڪا ۾ نه وري ٽوڪيو ۾. فيض ٻڌايو ته هڪ ٻه مهينا اڳ سندن پروگرام ٺهيو هو ڊزني لئنڊ جي گهمڻ جو، پر جڏهن اسان جي جپان وڃڻ جو پروگرام ٺهيو ته پوءِ هنن ڊزني لئنڊ وڃڻ جو پروگرام اسان جي پهچڻ تائين ملتوي ڪري ڇڏيو هو. وڏيڪ مٺي زبان استعمال ڪندي فيض چيو، "اسان سوچي ڇڏيو هو ته جڏهن "ادا ۽ ادي" ٽوڪيو ايندا تڏهن ۽ فقط تڏهن اُهي جڳهون ۽ دلچسپيءَ وارا هنڌ وڃي ڏسنداسون جيڪي اسان ٽوڪيو ۽ ان جي پسگردائي ۾ اڃان تائين نه ڏسي سگهيا هُيا."

سيئي گهر جا ياتي روانا ٿياسين ڊزني لئنڊ ڏسڻ لاءِ، اڄ انور ڪنهن مجبوري سبب ڪمپني نه ڏئي سگهيو. ڊزني لئنڊ چڱي خاصي پنڌ تي هو. جيتري قدر مونکي ياد آهي ته ڪلاڪ سوا جي ڊرائيو ڪرڻ ڪانپوءِ ڊزني لئنڊ پهچي وياسين.

مون ڊزني لئنڊ بابت تفصيلي ذڪر پنهنجي آمريڪا واري سفرنامي ۾ ڪيو آهي جيڪو اڃا ڇپيو نه آهي. تفصيلي ذڪر هئڻ ڪري آمريڪا واري سفرنامي ۾ ئي ڪپي ڇاڪاڻ ته ڊزني لئنڊ سڀ کان اڳ ٺهيو به ڪيليفورنيا اسٽيٽ جي شهر لاس اينجلس ۾. پر تڏهن به ضروري آهي ته تمام مختصر معلومات هتي به ڏجي ته جيئن جپان وارا ۽ خاص طرح فيض ۽ انور ڏک نه ڪن يا وري سڀ کان وڏي ڳالهه ته منهنجا مهربان پڙهندڙ ميار نه ڏين.

ڊزني لئنڊ جو باني ۽ خالق هڪ مشهور آمريڪي ڪارٽون ٺاهيندڙ (Cartoonist) ۽ دنيا جي مشهور ڪارٽون مِڪي مائوس (Micky Mouse) جو خالق والٽر ڊزني آهي جيڪو والٽ ڊزني جي نالي سان مشهور آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دنيا ۾ پهريون ڊزني لئنڊ ڪئليفورنيا اسٽيٽ جي آرينج ڪائونٽي (Orange county) ۾ ٺهيو جيڪو هاڻي فلمي دنيا جي جڳ مشهور ۽ معروف شهر لاس انئجلس جو حصو آهي.

ڊزني لئنڊ جي خالق ۽ باني پنهنجي خواب کي پاڻ ئي حقيقت ۾ تبديل ڪيو، جڏهن هن صاحب 1955ع ۾ ڪئليفورنيا اسٽيٽ جي شهر لاس اينجلس ۾ دنيا جي پهرين ڊزني لئنڊ جو افتتاح پنهنجي هٿن سان پاڻ ڪيو. ان ڪانپوءِ هن جيئري ئي وصيت ڪري ڇڏي هئي ته دنيا ۾ ڪٿي به ڪو ماڻهو يا ادارو ڊزني لئنڊ جي ڪاپي ڪندو ته ان لاءِ والٽ ڊزني تمام گهڻا شرط رکيا آهن جن کي هٿي ورجائڻ ڪو ضروري ڪونهي. پر سندس خاص شرط هي هو ته دنيا جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ جتي به ڊزني لئنڊ ٺهندو ته ان جي ڊيزائن، ٻاهريون ۽ اندريون ڊيڪ ويڪ، اسٽائيل، روڊ رستا سئو فيصد اوهڙا هوندا جهڙا اصلي ڊزني لئنڊ جا آهن. سندس چوڻ هو ته جڏهن ڊزني لئنڊ جي مين گيٽ وٽ ماڻهو پهچي ته ٽِر جيترو به ڪيس احساس نه ٿئي ته هو ڪنهن ٻي جڳهه تي آيو هو. پر ايئن سمجهي ته هو آرينج ڪائونٽي واري ڊزني لئنڊ جي سامهون بيٺو هو.

واقعي مون سان به ايئن ٿيو. جڏهن هڪ وڏي ۽ وسيع ميدان ۾ جتي هزارن جي تعداد ۾ ڪارون بيٺيون هيون، ڪار پارڪ ڪري ٽڪيٽون وٺي مين گيٽ وٽ آياسين ته مون کي هر گز محسوس نه ٿيو ته هي ڪو ٻيو ڊزني لئنڊ هو. سچو نقشو نمونو، گيٽ جي ٻيهڪ وغيره صفا اُها جيڪا لاس انئجلس واري اصلي ڊزني لئنڊ جي هُئي. دل ۾ چيم "واهه ڙي ڊزني واهه! نه رڳو آمريڪا ۾ پر سڄي دنيا ۾ پاڻ کي زنده ڪري ڇڏيئي."

مونکي پوري خبر ناهي ته هن وقت تائين دنيا جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ ڪيترا ڊزني لئنڊ ٺهي چُڪا آهن. ٽن جي ته مونکي به خبر آهي، ٻن جي باري ۾ ته اوهان هاڻي هاڻي پڙهي چڪا يعني پهريون ۽ اصلي ڊزني لئنڊ آمريڪا جي ڪئليفورنيا اسٽيٽ جي شهر لاس انئجلس ۾ ٺهيو، ٻيو جيڪو هينئر گهمون پيا يعني ٽوڪيو ۾ ۽ ٽيون جنهن جو نالو ڊزني لئنڊ نه پر ڊزني ورلڊ(Disney world) آهي اُهو به آمريڪا جي اسٽيٽ فلوريڊا ۾ آهي.

ڊزني لئنڊ جو ٻيو نالو (Majic land) آهي جنهن کي سؤلي سنڌيءَ ۾ جادو نگري چئجي ته مناسب ٿيندو.

ڊزني لئنڊ هڪ پر اسرار جڳهه آهي جنهن کي ڏسي حيرت ۽ اچرج وچان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏندين آڱريون اچيو وڃن. هيءَ هڪ عجيب و غريب جادونگري، طلسمي دنيا ۽ سائنسي ڪمال جو عظيم ڪرشمو آهي. ڊزني لئنڊ ۾ هڪ ڪامياب ڪوشش ڪئي وئي آهي ته اُهي ڪارناما يا حقيقتون جن جو سائنسي، روايتي يا وهمن، وسوسن ذريعي هن دنيا ۾ ڪو وجود رهيو آهي ته اُنهن ڪارنامن ۽ ڏندڪٿائن کي نه رڳو اُنهيءَ روپ ۾ ڏيکاريو وڃي پر اُنهن کي ڪجهه وڌيڪ پُر اسرار، ڀيانڪ، زياده دلچسپ ۽ طلسماتي ڪري پيش ڪيو وڃي. هتي مان فقط ٻه مشاهدا پيش ڪندس. ڊزني لئنڊ ۾ هڪ ڀُوت خانو، جنات محل يا جنن جو آستان (Haunted Mansion) ٺاهيو ويو آهي. والٽ ڊزني (ڊزني لئنڊ جي خالق) محسوس ڪيو ته جيڪي روح (Ghost) مرڻ کان پوءِ بيچين، مضطرب ۽ بي گهر رهن ٿا، انهن کي به سڪون ۽ آجهي جي ضرورت رهي ٿي. ان خيال کي ذهن ۾ رکندي هن جِنن جو آستان (Haunted Mansion) 1963ع ۾ تعمير ڪرايو. هن ڀوت خاني ۾ گهڙڻ شرط ئي لِڱَ ڪانڊراجي وڃن ٿا ۽ جسم کي جڻ هڪ ڊپ جو ڀوت وڪوڙي وڃي ٿو. ننڍا ٻار ته تمام گهڻو ڊڄن ٿا. ڪمرن ۾ گهڙندي ئي نه رڳو هر جڳهه تان ڊيڄاريندڙ ۽ ڀوائتا آواز اُڀرن ٿا پر ڪڏهن ڪڏهن ته محسوس ٿو ٿئي ته اجهو ٿيون ديوارون هڪ ٻئي سان ٽڪرائن ۽ ڇت به جاءِ تہ مٿان ڪري. پٿين جي ڪنڊن وٽ ايڏا ته وڏا وڏا ڪوريئڙي جا ڄار ۽ خود ڪوريئڙا آهن جو لڳي ٿو ته اهي ڄار ۽ ڪوريئڙا صدين کان اتي قائم آهن. هن ڀوت خاني جي ڀوائتي هجڻ جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته اُهي چؤڪيدار ۽ رکوالا جيڪي هن ڀوت خاني کي ٺيڪ ٺاڪ رکڻ تي مقرر ٿيل آهن اُهي خود ڪيترا ڀيرا ڀوائتن آوازن ۽ خوفناڪ ماحول کان هراسجي رڙيون ڪندا ٻاهر نڪري ويندا آهن.

مهربان پڙهندڙ اندازو لڳائي سگهندا هوندا ته ڇا ته ڪمال جي فنڪاري رکيل هوندي هن ڀوت خاني ۾ جو ورهين کان وٺي ان ماحول کان واقفيت رکندڙ ۽ مانوس ماڻهن کي به ڪڏهن ڪڏهن ڊيڄڙو ٿي پوي ٿو.

هتي اوهان جي معلومات ۾ واڌاري ڪرڻ لاءِ اهو ٻڌائيندو هلان ته ڊزني لئنڊ جي ڀوت خاني ۾ جنهن فنڪار ڀوت (Ghost) جي آواز ۾ صداڪاري ڪئي آهي سو هڪ ريڊيو جو عظيم صداڪار پال فريس (Paul Frees) آهي.

ٻيو مشاهدو آهي (Pirates of Caribbean) جو. يعني ڪئريبين جا سامونڊي ڦورو ۽ لٽيرا. هي جڳهه ته وري هڪ نهايت ئي انوکي جادونگري آهي. جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته گهڻو زمانو اڳ ڪيئريبين سمنڊ (ويسٽ انڊيز ۽ سائوٿ


Scanned with CamScanner

آمريڪا جي وچ وارو سمنڊ) جا لٽيرا مشهور هوندا هئا ۽ مسافرن کي ڦري ناس ڪري ڇڏيندا هئا.

اهو منظر ڏيکارڻ لاءِ هتي ٻيڙين ۾ سوار ٿجي ٿو. ٻيڙي پاڻيءَ ۾ ٿورڙي ئي اڳتي وڌي ٿي ته ائين ٿو لڳي ته مٿان آسمان آهي ۽ هيٺان ڪارا- صفا اٿيهين اونداهي جهڙا ڪارا ڪڪر وسڻ جا ويس ڪيون بيٺا آهن. ٻيڙيون اڳتي وڌن ٿيون ۽ سامونڊي ڦورو ماڻهن کي لٽڻ ڦرڻ لاءِ حملو ڪن ٿا. ماحول کي ڀوائتو ۽ خوفناڪ بنايو ويو آهي جنهن ۾ وحشي ماڻهو ۽ ڀوائتا جهنگلي جانور ڏيکاريا ويا آهن. ويتر ڦورو ۽ لٽيرا ته وڏيڪ وحشي ڏيکاريا ويا آهن جيڪي ڀالا، بندوقون، لٺيون ٻاڻا ۽ تير ترارون کنيون، هر ٻيڙيءَ تي سوار تي فائر ٿا ڪن. لڳي ٿو ته بس جاڻ گولي لڳي. ٻيڙيون ڪارن ڪڪرن جي انڌاري ۾ تيز وهندڙ پاڻيءَ جي لاهين چاڙهين ۾ ايتريون ته تيز ٿيون هلن جو جڏهن ٻيڙي ڪنهن اُتاهينءَ تان تيز رفتاريءَ ۾ هيٺاهين طرف صفا گهت هٽي ٿي ته ان وقت اندر ئي اندر ۾ ”مولا بچائجان“ جي رڙ نڪري وڃي ٿي.

ٻزني لئنڊ جي جادونگري جون ڪيتريون ڳالهيون ڪري ڪيتريون ڪجن. هيءَ جادونگريءَ آهي ئي گهمڻ ۽ ڏسڻ وائسڻ وٽان باقي بيان ڪرڻ، جيترو منهنجي وس ۾ هو ته ڪري ڇڏيم.

اڄ هتي اچي مون کي وڏيڪ خوشي ان ڳالهه جي ٿي ته جپان ۾ هر جڳهه تي منهنجا رهبر هوندا هئا انور ۽ فيض پر اڄ هتي ڊزي لئنڊ ۾ مان سيني جي رهبري ڪري رهيو هوس ته ڪٿي هلڻو ۽ ڇاڇا ڏسڻو هو. جڏهن هڪ جادونگري گهمي ٻاهر نڪرون ته حُسنه ۽ فيض ٻئي پڇن، ”ادا ٻلا هاڻي ڪهڙي طرف هلجي؟“ ڪڏهن ڪڏهن فيض وارن کي مان تنگ ڪريان ۽ چوانِ ته ڪجهه ڪارايو پياريو ته تازا توانا ٿي اڳتي وڌون ته وري وڃي فيض ڪجهه نه ڪجهه وٺي اچي. اڄ مسين مسين موقعو مليو هو سو چڱو خاصو پريشان ڪيم فيض ۽ حُسنه کي. منهنجي گهرواري ان تماشي تي کلڻ ۽ ٽهڪن ڏيڻ ۾ پوري هئي.

ٻزني لئنڊ ۾ جادو، تماشا ۽ سائنسي ڪمالات جا ايترا ته گهڻا ڪرتب ۽ جايون جڳهيون آهن جو انهن سيني کي جيڪڏهن سرسري طرح به ڏسجي ته هڪ هفتو به گهٽ آهي. تنهنڪري مون فيصلو ڪيو ته اُهي جايون ته ضرور ڏسجن جيڪي مون 6 سال اڳ لاس انجلس جي ڊزي لئنڊ ۾ ڏٺيون هيون ۽ پوءِ جي وقت بچي ته ڪجهه ٻيون جادو نگريون به ڏسجن. جيڪي حيرت انگيز ڪمالات ٽوڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊزني لئنڊ ۾ ڏناسون اُهي آهن:

| | |
|---|---|
| 1- ڪئريبين سمنڊ جا لٽيرا. | Pirates of Caribbean. |
| 2- ننڍڙن جي دنيا. | It is a Small world. |
| 3- جنات محل (ڀوت خانو). | Haunted Mansion. |
| 4- خلائي سفر. | Space Mountain. |
| 5- دلچسپ ۽ تفريحي ٽِڪي روم. | The enchanted Tikki Room. |
| 6- جابلو سفر. | Big thunder Mountain. |
| 7- پيٽر پين جي اُڏام. | Peter Pan's Flight. |
| 8- عجيب و غريب ريلوي. | Western River Rail Road |

جيڪي به دلچسپ جادونگريون مون مٿي بيان ڪيون آهن انهن جي باري ۾ تفصيل سان لکبو ته تمام گهڻو لکڻو پوندو ۽ وري آخر ۾ ساڳي ڳالهه دهرائڻي پوندي ته مٿي بيان ڪيل هر جاءِ جڳهه ۽ جادو نگري جو تعلق ڏسڻ سان وڌيڪ، هتي بيان ڪرڻ سان گهٽ آهي. تنهنڪري مان هي صفحا لکندي سيني مهربان پڙهندڙن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي اُنهن لاءِ دُعا ٿو ڪريان ته انشاءَ الله اوهان به ضرور آمريڪا يا جپان گهمندا ۽ هين دلچسپ تفريحي جاين جڳهين ڏسڻ سان گڏ ڊزني لئنڊ به ضرور ڏسندا.

ڊزني لئنڊ ٽوڪيو جي باري ۾ البت هڪ وضاحت ضروري آهي ته هتي به وڌيڪ حصا جيڪي آرينج ڪائونٽي ڪئليفورنيا واري اصلي ڊزني لئنڊ ۾ آهن، اُهي ٽوڪيو واري ۾ نه آهن. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته اصلي ڊزني لئنڊ ستن مکيه حصن ۾ ورهايل آهي جيڪي هي آهن:

| | |
|---|---|
| 1- مين اسٽريٽ يو ايس اي. | Main Street U.S.A. |
| 2- ايڊوينچر لئنڊ. | Adventure Land. |
| 3- نيو آرلينس اسڪوائر. | New Orleans Square. |
| 4- بيئر ڪنٽري. | Bear Country. |
| 5- فرنٽيئر لئنڊ. | Frontier land. |
| 6- فئنٽسي لئنڊ. | Fantasy land. |
| 7- ٽومارو لئنڊ. | Tomorrow land. |


Scanned with CamScanner

هئي. مون ڪانئس پڇيو، ”سنڌي هندو آهي يا ڪو ٻيو“ ته انور ورائيو، ”ٽوڪيو ۾ هڪ به تمام وڏا ۽ عاليشان ريسٽورنٽ سنڌي هندن جا آهن ۽ اُهي هتان ڪان ڪافي پري آهن پر جنهن ريسٽورنٽ ۾ اسين آيا آهيون اهو مدراسي هندو آهي.“

هن ريسٽورنٽ جو نالو سمرات (Samarat) آهي ۽ ماني جڏهن ڪاڏيسون ته ڏاڍي لذيذ ماني هئي. بلڪل اهڙي جهڙي گهرَ جي هوندي آهي. ڀوڙ، اُڦراٽا، پاپڙ، آچار ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه. اڌ منو ڪلاڪ هن هوٽل ۾ ويهي اٿياسين ته انور چيو، ”هاڻي هلون ٿا اُها عمارت ڏسڻ جيڪا اوچائي ۾ ٽوڪيو ۾ سڀ کان وڏي عمارت آهي.“

ويهَن منٽن جي ڊرائيو ڪانپوءِ سن شائن (Sun Shine Builiding) بلڊنگ پهچي وياسين جيڪا 60 ماڙ عمارت آهي ۽ انور ٻڌايو ته ٽوڪيو ۾ هيءَ عمارت سڀني عمارتن کان اوچي آهي. عجيب اتفاق ٿيو جو جڏهن هي سفر نامو لکان ويٺو ته هڪ ڏينهن ٽوڪيو کان انور جو ٽيليفون آيو، ٽيليفون تي ڪچهري ڪندي ڪانئس مون هڪ اڌ ڳالهين بابت وضاحت چاهي ته انور پاڻهي ٻڌايو ته ”تازو هتي ٽوڪيو ۾ لئنڊ مارڪ ٽاور (Land Mark Tower) ٺهيو آهي جنهن جي اوچائي سن شائن بلڊنگ کان به تمام مٿي آهي. گهڻو ڪري اهو به ٻڌايائين ته لئنڊ مارڪ ٽاور 70- منزلن تي مشتمل آهي.“ بهرحال اها ڳالهه انور مون کي ٽوڪيو کان ٽيليفون تي ٻڌائي ۽ مون به پنهنجن مهربانن کي فوراً هتي ٻڌائي ڇڏي. جڏهن قسمت سانگي ٻيهر ٽوڪيو ويس يا انور گهرائي ورتو ته انشاءَ الله لئنڊ مارڪ ٽاور ۽ ٻين نين جاين جڳهين بابت اوهان کي تفصيلي معلومات ڏيندس.

سن شائن بلڊنگ به ڏاڍو مزو ڏنو. صفائي، سٺائي اعليٰ درجي جي هئي. لفٽ تي چڙهي 59 منزل تي آياسين جتي هڪ عاليشان طرز تي تعمير ٿيل چائنيز ريسٽورينٽ آهي. ريسٽورينٽ ته عاليشان آهي ئي سهي پر هتي رات جو ويهي ٽوڪيو شهر جي روشنين جي ڇوڏس چانداڻ ڏسڻ وٽان آهي. سن شائن بلڊنگ جي اوچائيءَ تان سڄو ٽوڪيو صاف نظر پئي آيو ڇو ته ٻي ڪا اهڙي بلڊنگ ڪانه هئي جيڪا نظرن آڏو اچي، نظارن کي اکين کان اوجهل ڪري ڇڏي. مثال طور: جڏهن مان نيويارڪ ۾ هوس ته ورلڊ ٽريڊ سينٽر جيڪو 110 ماڙ آهي يا ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ جيڪا 103 ماڙ آهي، ايڏين وڏين عمارتن تان توڙي جو نيويارڪ جو شهر سڄو پيو ڏسبو هو ته به ڪٿي ڪٿي ٻيون وڏيون عمارتون نظرن آڏو اچي ونديون هيون ڇو ته نيويارڪ جي منهٽن کي اوچين عمارتن جو جهنگ چوندا آهن. پر هتي ٽوڪيو ۾


Scanned with CamScanner

60 ماڙ سن شائن بلڊنگ تان سجو ٽوڪيو جو شهر سؤلائي سان ڏسي سگهبو آهي. ڪلاڪ ڏيڍ چائنيز ريسٽورنٽ ۾ ويناسين. هڪ تہ ريسٽورنٽ تمام اعليٰ درجي جو بيو وري هتي ٽوڪيو جو ايڏو تہ خوبصورت نظارو هو جو هتان اُٿڻ تي دل ئي نٿي چيو. پر انور چيو، ”اجا توهان کي گهمائڻو آهي جو تہ وري اوهان اڄ وانگر اڪيلا هٿ ايندائي ڪونہ.“ رات جو يارهين ڌاران مس سن شائن بلڊنگ جي ريسٽورنٽ مان اٿياسين ۽ وري اڌ ڪلاڪ ڪن جي ڊرائيو ڪرڻ ڪانپوءِ انور هڪڙي هنڌ اچي گاڏي بيهاري.

انور هڪ ڪلب ۾ وٺي ويو جنهن جو نالو ’پب ويسٽ‘ (Pub West) آهي ۽ هي ڪلب نِشي ماگومي (Nishi Magome) جي علائقي ۾ آهي. هتي مون کي بي ڪا خاص ڳالهہ نظر نہ آئي سواءِ ان جي تہ ماڻهن خوب پئي پيتو. ڪجهہ جوڙا بہ نظر آيا جيڪي پڻ پيئڻ جو شغل ڪري رهيا هيا. مون انور کي چيو، ”مون کي غلط جڳهہ تي وٺي آيو آهين.“ انور چيو، ”هيءَ جڳهہ بہ ڏسي ڇڏجي تہ بهتر آهي.“ مون کيس چيو، ”مون ٻاهرين ملڪن ۾ تہ خطرناڪ قسم جون نائٽ ڪلبس ڏٺيون آهن هيءَ تہ ڪجهہ بہ نہ هئي.“ بهرحال پوءِ مون ڏٺو ۽ محسوس ڪيو تہ انور جاني جو هن ڪلب تي جڻ راڄ هو. ڪلب جي مالڪياڻي سندس تمام گهڻو خيال ٿي رکيو. ٿوري دير ۾ ڪلب جي مالڪ جي نوجوان ۽ خوبصورت ڌيءَ اسان وٽ اچي ويٺي ۽ ڪجهہ دير لاءِ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪمپني ڏنائين. هتيءَ ٻولي جو وڏو مسئلو آهي. انور سان تہ ڇوڪريءَ فرفر پئي ڳالهايو جپانيءَ ٻولي ۾ پر مون سان هبڪي هبڪي ٿي ڳالهائين جو تہ انگريزي کيس ايتري نٿي آئي.

ڪجهہ ماڻهن ڪلب ۾ ڳايو بہ پئي ۽ انور اچي زور ڀريو تہ ”هلو تہ پاڻ بہ ڪنهن ڌن تي ڳائي اچون.“ مون کيس چيو، ”جي مون کي ريڊيو جو ماڻهو سمجهي اُنهيءَ حساب سان ڳارائين ٿو تہ سخت غلط فهميءَ ۾ مبتلا آهين جو تہ مان سخت بي سُرو آهيان.“ پر پوءِ بہ انور نہ مڙيو ۽ زوريءَ اسٽيج تي وٺي ويو. مڙئي ٽي چار منٽ انور جي آواز جي پٺيان ڌيمي آواز ۾ سُر ملائي موٽي آياسين.

رات جي ڏيڍ وڳي ڪلب مان اُٿي اڍائين ڌاران اچي گهر پهتس. مون انور جا ٿورا مڃيا جو مون کي گهمائڻ ڦيرائڻ جو خاص خيال رکيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## بليٽ ٽرين Bullet Train

11 اپريل تي صبح جو ڏهين ڏاران ننڊ مان اٿيس. فيض به گهر ۾ موجود هو. ڇنڇر جو ڏينهن هو ۽ فيض آفيس وڃڻ کان آجو هو. اڄ ٽوڪيو ۾ منهنجو آخري ڏينهن هو ڇو ته مون کي سڀاڻي يعني 12 تاريخ ٽوڪيو کي خدا حافظ چوڻو هو.

ٽوڪيو ۾ ڏاڍو گهميو ڦريو هوس ۽ تمام گهڻيون جايون جڳهيون، تاريخي ۽ تفريحي مقام ڏٺا هيم جن جو ذڪر اوهان پوين صفحن ۾ پڙهي چڪا آهيو، پر جيڪڏهن ڪو افسوس ۽ ارمان رهجي ويو هو ته فقط هڪ ڳالهه جو ته ٽوڪيو ۾ اچي ڪري به بُليٽ ٽرين (Bullet Train) ۾ جيڪڏهن سوار نه ٿي سگهيس ته، فيض کي چيم ته بيحد ارمان رهجي ويندو. تنهنڪري اجوڪي ڏينهن لاءِ به پڪا پروگرام ناهياسين. هڪ ته شِنڪانسن (بُليٽ ٽرين) ۾ چڙهنداسون، ٻيو ٽوڪيو ٽاور به ڏسنداسون. مان فيض کي روز پيو چوندو هوس ته، "جنهن نشاني کي ذهن ۾ رکي تون پنهنجو گهر ڳولي تو وڃين، اُها شئي ڏيکار ته سهي." پوين صفحن ۾ ٻڌايو اٿم ته فيض اڪثر پنهنجي گهر جو رستو ڀلجي ويندو هو پوءِ جڏهن ٽوڪيو ٽاور تي نظر پوندي هيس ته آسانيءَ سان ڪيس پنهنجي گهر جو ڳس ملي ويندو هوس.

منجهند جي ماني کائي گهران نڪتاسين ۽ ٽوڪيو اسٽيشن تان شنڪانسن (Shinkansin) ۾ سوار ٿي ٿورڙي ئي پنڌ تي يعني مشڪل سان 15-20 ميلن جي مفاصلي تائين مس سفر ڪيوسين ۽ شِن يوڪو هاما (Shin Yokohama) اسٽيشن تي لهي پياسين. بليٽ ٽرين اهڙي ته تيز هلندي آهي جهڙي بندوق جي گولي، تنهنڪري نالو ئي بليٽ ٽرين مشهور اٿس. بهرحال اڄ ٽوڪيو کان يوڪوهاما تائين سائيڪل سوار به بليٽ ٽرين کان زور تي اڳ ڪڍي وڃي ها. پر ان ۾ ويچاري بليٽ ٽرين جو ڪهڙو قصور! جنهن ٽرين کي اسپيڊ وٺڻ ۽ پوري عروج ۾ اچڻ لاءِ سئو ميل به ٿورا هجن اُها پندرهن ميلن تائين ڇا هلندي پر پوءِ به نفسياتي طور خوش ٿياسين ۽ قسم ڪٽڻ جهڙا ضرور ٿياسين ته اسان شنڪانسن (Bullet Train) ۾ سوار ٿيا هياسين.

بليٽ ٽرين جي گاڏن ۾ صفائي سٿرائي جي جيتري تعريف ڪجي اوتري گهٽ ٿيندي. نه ڪٿي سگريٽ يا بيڙي جو اڌڙ نظر آيو. نه ڪا ٽُڪ يا ڪانگهارو، نه پان جو پِڪون نه ٻي گندگي، سيٽون هوائي جهاز جهڙيون. سيٽن اڳيان فولڊنگ ٽيبل


Scanned with CamScanner

فٽ ٽيل جنهن تي اخبار يا ڪتاب رکي پڙهي سگهجي ٿو ته لکي به سگهجي ٿو.

هتي مهربان پڙهندڙن جي لاءِ هڪ ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته اسان ماڻهن ۾ عام تاثر اهو آهي ته ٽوڪيو جي بليٽ ٽرين دنيا جي تيز ترين ٽرين آهي، پر ائين ناهي. دنيا جي تيز ترين ٽرين فرانس ۾ آهي جنهن کي ٽي جي وي (TGV Trains) چيو وڃي ٿو. هي ٽرينون پئرس ۽ مئڪن (Paris & Macon) جي وچ ۾ هلن ٿيون. TGV ٽرين جي رفتا 135.4 ميل في ڪلاڪ آهي جڏهن ته جپان جي بليٽ ٽرين جي رفتار 127.6 ميل في ڪلاڪ آهي.

اسان شن يوڪوهاما اسٽيشن تي لهي هيٺ آياسين جتي ڪافي رونق هئي ۽ وڏا وڏا ڊپارٽمينٽل اسٽور پڻ هئا. پر ۾ هڪ ننڍڙو خوبصورت باغيچو پڻ هيوجتي چند گهڙين لاءِ وجي ويٺاسين ۽چار چوڌارڳالهين جا ويهي ڪياسين. اڌ منو ڪلاڪ هتي ترسي پوءِ بي عام ٽرين ۾ سوار ٿي واپس گهر آياسين.

## ٽوڪيو ٽاور Tokyo Tower

گهر پهچي، ڪافي جو ڪوپ نوش ڪري وري نڪتاسين ٽوڪيو ٽاور گهمڻ لاءِ. هتي پهچڻ ۾ ويرم ئي ڪانه لڳي ڇو ته فيض جي گهر کان فقط ڪي ٽي فرلانگ پري هو. ٽوڪيو ٽاور جيڪو پئرس جي آئفل ٽاور جي طرز تي تعمير ڪيو ويو آهي، مون کي پري کان ائين محسوس ٿيندو هو ته آئفل ٽاور کان اوچائي ۾ گهٽ هوندو پر جيئن جيئن ويجها ٿيندا وياسين ته ٽوڪيو ٽاور جي اوچائي اجا اتاهين ٿيندي وئي ۽ جڏهن اُتي پهچي وياسين ته مون فيض کي چيو، ”مون کي ٽوڪيو ٽاور، آئفل ٽاور کان به وڌيڪ اوچو ٿو لڳي“ ته فيض ٺهه پهه پنهنجي مخصوص انداز ۾ وراڻيو، ”ادا، ٽاور جي اوچائي ۽ ٻيگهه ويڪر جي خبر اوهان کي، باقي اسان جو ڪم آهي هر شيءِ کي ڏسڻ، وڌيڪ ڪجهه نه.“ فوراً ٽوڪيو ٽاور جو لٽريچر هٿ ڪيم ۽ منهنجو اندازو صحيح نڪتو ته ٽوڪيو ٽاور آئفل ٽاور کان 108 فوٽ وڌيڪ اوچو آهي. آئفل ٽاور جي اوچائي 300 ميٽر يا 984 فوٽ آهي، جڏهن ته ٽوڪيو ٽاور 333 ميٽر يا 1092 فوٽ اوچو آهي.

ٽوڪيو ٽاور 1958ع ۾ ٺهي راس ٿيو ۽ انهي سال ئي ان جو تمام وڏي پيشماني تي افتتاح ڪيو ويو. ٽاور بلڊنگ ۾ وڏي رونق رکيل آهي. هڪ ٻه نه پر ڪيترائي ريسٽورنٽ آهن ٽاور بلڊنگ جي اندر، پهرين منزل تي ۽ ٻين منزلن تي پڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ ٻن منزلن تي وڏا وڏا شاپنگ آرڪيڊ آهن جتان شيون خريد ڪري سگهجن ٿيون پر بيحد مهانگيون. ڪافي شاپس، ٽي شاپس ۽ سووينر شاپس پڻ جام آهن جتان ننڍڙيون شيون ۽ تحفا خريد ڪري سگهجن ٿا. مون ڪي ڪجھ چابين جا ڇَلا (Key chains) ڏايا وڻيا جيڪي هتان خريد ڪيم. هن ئي ٽاور بلڊنگ ۾ وئڪس ميوزم (Wax Museum) ۽ هڪ مڇي خانو (Aquarium) پڻ آهي پر وقت گهٽ هئڻ سبب انهن کي ڏسي نہ سگهياسون.

ٽوڪيو ٽاور کي براڊ ڪاسٽ ٽاور بہ چيو ويندو آهي جو تہ تمام ٽي وي چئنلس، ايف ايم ريڊيو (TV & Radio Channels) هن ٽاور تان ڪنٽرول ٿين ٿيون. ٽوڪيو ۾ آٺ ٽيليويزن جون اسٽيشنون، ۽ چار FM جون ريڊيو اسٽيشنون آهن ۽ ان کان علاوه ڪيترين ئي AM ريڊيو اسٽيشنون پڻ آهن، انهن سڀني اسٽيشنن جا سگنل (Transmission Signals) ٽوڪيو ٽاور جي ذريعي ڪنٽرول ٿين ٿا. جيتري قدر مون کي معلوم آهي سڄي دنيا ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن جو، هوائي لهرن ذريعي نشريات جو سڄو نظام ايڏو منظم ۽ ڪمال ڪاريگري سان، هڪ ٽاور ذريعي مربوط ٿيل هجو ڪٿي بہ مون کي نظر نہ آيو آهي. هونئن تہ سڊني ۾ سڊني ٽاور يا شڪاگو جي سيئرس ٽاور ۾ ڪجھ قدر اهڙا سگنل موجود آهن پر تمام ٿوري انداز ۾ آهن. ٽوڪيو ٽاور شايد هن سلسلي ۾ دنيا جو واحد ٽاور هجي جنهن سان ٽوڪيو جو پورو نشرياتي نظام لاڳاپيل آهي.

اسان تمام تيزهلندڙ لفٽن جي ذريعي ٻهرين خاص رصدگاهہ(Observatory) تي پهتاسين. هتي اسان ٽوڪيو جو نظارو ڪيو. مختلف شاپنگ آرڪيڊس جي ڪشادگي جو اندازو هن ڳالھ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ فيض، منهنجي گهر واري ۽ حُسنہ جيڪي پاڻ ۾ گڏ ڪچهريون ڪري رهيا هيا ۽ فيض جا ٻارڙا ،نيتا ۽ طارق مون سان گڏ هيا، هڪ ٻئي کان نکڙي وياسون. هو اسان کي ڳولي رهيا هئا ۽ اسان انهن کي. نيٺ ڪجھ دير کانپوءِ هڪ ٻئي سان ملياسون ۽ خوب کلياسون، تہ هي ڪا ٽوڪيو جي بازار ڪانہ هئي جتي هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويا هياسون پر ٽوڪيو ٽاور جي اڌ اوچائي جي پليٽ فارم تان هڪ ٻئي کان وڃائجي ويا هئاسون. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ٻيهر لفٽ تي چڙهي ٽاور جي مٿانهين رصد گاهہ تي پهتاسين جيڪا 250 ميٽرن يعني 820 فوٽن جي بلندي تي آهي. هتان تہ ٽوڪيو جو نظارو تمام خوبصورت هو. پر بدقسمتيءَ سان آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانيل هيا ۽ ٽوڪيو شهر تي نظرن جڏهن ٿورو پريرو سفر ڪرڻ شروع ڪيو تہ هر شيءِ ڌونهاٽيل ۽ ڌنڌلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نظر آئي.

اسان کي ٻڌايو ويو تہ جڏهن جُهڙ نہ هوندو آهي ۽ سج جي روشني تيز هوندي آهي تہ پوءِ مائونٽ فيوجي (Mt: Fuji) بہ ٽوڪيو ٽاور تان صاف نظر ايندو آهي. بهرحال ٻن ٽن ميلن جي دائري ۾ جيسٽائين نظرن ڪم ڪيو ٿي، ٽوڪيو جو شهر ڪنوار جيان سينگاريل سنواريل ۽ سهڻو نظر آيو. هن منزل تي بہ منو ڪلاڪ کن ترسي ۽ خوب چڪر ڏئي گهمي ڦري پوءِ گهر موٽي وياسين. شام ٿي چڪي هئي، ٽڪجي بہ پيا هياسين ۽ ان کان علاوه پئڪنگ بہ ڪرڻي هئي جو مونکي سڀاڻي ٽوڪيو کي ڇڏڻو هو.

## ٽوڪيو ۾ آخري رات

اڄ شام طبيعت تي اوچتو ڏاڍي مونجهہ ۽ ملال جا ڪڪر ڇانئجي ويا. سڀاڻي صبح جو مون کي ٽوڪيو مان هانگ ڪانگ لاءِ روانو ٿيڻو هو. هڪ طرف پنهنجن ٻچڙن لاءِ ڏاڍي ماندڪائي من کي وڪوڙي ويئي هئي جو زندگي ۾ هي پهريون موقعو هو جو سندن ماءُ بہ ڪانئن پري هئي. ان ڪري اندر ۾ بس آتڻ مانڊ ۽ تانگهہ جو ڪو انت ئي ڪونہ هو تہ اها ئي گهڙي هجي جو ٻچڙن سان وڃي ملجي. هوڏانهن فيض ۽ حُسنہ جي اڻ ميي خلوص، محبت ۽ پيار ۽ سندن ٻچڙن سان روح رهاڻين جڻ سڄي وجود کي ونگ وجهي ڇڏيا هيا جو ٽوڪيو ڇڏڻ تي جڻ دل ئي نٿي چيو.انيتا تہ روئي روئي پنهنجيون اکيون سُڄائي ڇڏيون هيون. مونکي ۽ منهنجي گهرواريءَ کي جڏهن هڪ ڏينهن ڳوڙها ڳاڙيندي چيائين، "ماما- ڦُڦي، پليز! اوهان نہ وڃو، موکي ڇڏي نہ وڃو." انيتا جي انهن لفظن سان اسان ٻنهي اوچنگارون ڏيئي رُنو ۽ دل ڦاٽڻ تي اچي وئي هئي، پر حقيقتون پنهنجي جڳهہ تي اٽل ٿين ٿيون ۽ مون کي صبح جو بهرحال ٽوڪيو کي خداحافظ چوڻو هو. جدائي ۽ محبتن جا مليل جليل جذبا ٻن چئن سٽن جي صورت ۾ ٻاڦ ٿي ٻاهر اچي ويا جيڪي بر وقت پنهنجي ڊائري ۾ نوٽ ڪري ورتم. فقط شروعات واريون چار سٽون هتي لکان ٿو.

الائي ڇو عنايت اڄ وڃڻ جي مونجهہ ماري ٿي،
پيارن کان جدا ٿيندس، اها ڳڻتي بہ ڳاري ٿي.
هُتي پروين ۽ پرويز، *ڪَمرُو لاءِ مَن ماندو،
هدايت ۽ سندس اولاد کي پيي دل سنياري ٿي.

* ڪامران: منهنجو ننڍو پٽ، جنهن کي اسان گهر ۾ ڪڏهن پيار مان ڪمرو بہ سڏيندا آهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ رات ڪافي دير تائين ڪچهريون ڪندا رهياسين. حُسنہ چيو، "ادا اڄ پنهنجي جا بيت تہ ٻڌاءِ تہ ڪجهہ دل تان بار هلڪو ٿئي." مون کي تہ جڻ بهانو ملي ويو اندر جي اوٻر ڪڍڻ جو. ٻہ چار بيت بہ مشڪل سان پڙهيا هوندم جو هر ڪا اک آلي ٿي وئي، ڪِيسن مان رومال نڪري آيا، بيت بہ پڙهندو رهيس تہ نيڻن جا نيرَ بہ اگهندا رهياسين. فيض جي حالت اچا بہ وڌيڪ خراب هئي. هو ڏاڍو ويڳاڻو ۽ نماڻو نظر اچڻ لڳو. تنهنڪري مون کي بيت پڙهڻ بند ڪرڻا پيا. غالب جو هڪ غضب جو شعر ياد پيو:

غالب ہمیں نہ چھیڑ کہ اب جوشِ اشک سے
بیٹھے ہیں ہم تہیۂ- طوفان کئے ہوئے.

خوب ڪچهريون ۽ روح رهاڻيون ڪري رات جو ڪافي دير سان سمهياسين.

## ٽوڪيو کان هانگ ڪانگ Tokyo to Hong Kong

اڄ 12 اپريل هئي. منجهند جو هڪ وڳي واري اُڏام ۾ مون کي هانگ ڪانگ وڃڻو هو، ان ڪري صبح جو 10- وڳي گهران نڪتاسين ۽ 30-11 وڳي ڌاران ايئرپورٽ پهچي وياسين. منهنجي گهر واري، فيض، حُسنہ ۽ سندن ٻارڙا انيتا ۽ طارق مون کي ايئرپورٽ تائين ڇڏڻ آيا. منهنجي گهر واري جي فلائيٽ جي بوڪنگ اڄ کان فقط ٻہ ڏينهن پوءِ 14 اپريل تي PIA ۾ ٿيل هئي ۽ مونکي بئنڪاڪ ايئرپورٽ تي سائنس جوائن ڪري گهر گڏجي اچڻو هو تہ ماڻهو ائين نہ سمجهن تہ خدانخواستہ اسان پاڻ ۾ هڪ ٻئي کان ناراض هئاسون يا پاڻ ۾ تعلقات ٺيڪ نہ هئا. مهربان پڙهندڙن جي ذهن ۾ اهو سوال بہ اچي سگهي ٿو تہ مان ويچاريءَ کي هانگ ڪانگ پاڻ سان گڏ ورتيون وڃان ها ۽ پوءِ اُتان اسان گڏجي پاڪستان اچون ها. ان سوال جو جواب هي آهي تہ اهو بلڪل ممڪن هو ۽ مان ڪيس هانگ ڪانگ تہ ڇا پر آسٽريليا بہ پاڻ سان گڏ وٺي وڃي ٿي سگهيس پر شرط اهو هو تہ مون وٽ آل جال دولت هجي ها ۽ خزاني جا مُنهن مون لاءِ کليل هجن ها تہ پوءِ سڀ ڪجهہ ٿي سگهيو ٿي. ان ڪانسواءِ فيض ۽ حُسنہ وارن بہ ڪيس نٿي ڇڏيو، ڇوَن پيا تہ سندن پيڻ بہ ڏهاڙا وڌيڪ بہ وٽن چو نہ رهي، تہ اها بہ مجبوري هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# هانگ ڪانگ ۾ طارق سومري جا قرُب

ٽوڪيو نريتا انٽر نيشنل ايئرپورٽ تي، آلين اکين سان هڪ ٻئي کان موڪلايوسين. ڪئٿي پسئفڪ جي فلائيٽ پوري سوا هڪ وڳي اڏامي ۽ سڌي سنئين اُڏام ذريعي فقط ساڍن ٽن ڪلاڪن ۾ اچي هانگ ڪانگ ايئرپورٽ تي پهتس، جتي افتخار احمد (افتي) گاڏي موڪلي ڏني هئي پر ڀاءُ طارق سومري افتخار کي اڳ ۾ ئي چِٽي چِڙيو هو ته، "عنايت هن دفعي مون سان رهندو." تنهنڪري گاڏي سڌو مون کي طارق جي گهر وٺي وئي جيڪو هانگ ڪانگ شهر جي چيڙي تي هو. طارق صاحب هڪ ڪشادي فليٽ ۾ رهيل هو ۽ سندس ڀاءُ نوشاد ۽ سندس دوست خالد به اتي ئي رهيل هئا. وڏا وڏا ڀاڪر پائي مليا ۽ ڏاڍيون محبتون ڏنائون.

رات جي ماني، تي مون کي ان وقت تعجب لڳو جڏهن ٻين ديسي طعامن سان گڏ هڪ ڏونگهي ۾ پاوا رکيل نظر آيا. پاوا بيحد لذيذ ٺهيل هيا. انڪري اڄ ماني کائڻ ۾ ٻوَ جو احساس ڪجهه وڌيڪ ٿيڻ لڳو. طارق صاحب ٻڌايو ته پاوا سندس دوست خالد ٺاهيا هيا. ٻيا به طعام تمام سوادي هئا پر مون کي خوشي پاوَن کائڻ تي گهڻي ٿي خاص طرح هانگ ڪانگ ۾ پاوا کائڻ جي حوالي سان.

هانگ ڪانگ ۾ به منهنجي ٽڪيٽ جو مسئلو اڃا باقي هو، جيڪو ٽوڪيو ۾ حل ٿي نه سگهيو هو. يعني هاڻي مون کي هانگ ڪانگ کان بئنڪاڪ تائين ٽڪيٽ نٿي ملي ته جيئن بئنڪاڪ پهچي 14 اپريل جي PIA جي فلائيٽ ۾ گهر واري سان گڏ روانو ٿي سگهان، جيڪا ٽوڪيو کان ان فلائيٽ تي اچڻي هئي. بهرحال ڀاءُ طارق سومري جي پر خلوص ڪوشش سان اهو مسئلو تڏهن حل ٿيو جڏهن گلف ايئر تي منهنجي سيٽ بوڪ ٿي وئي جنهن لاءِ مون کي 1200 هانگ ڪانگ ڊالر پنهنجي کيسي مان ڏيڻا پيا يعني 3,700 سئو روپيا.

اڄ 13 اپريل هئي ۽ طارق صاحب مون کي پاڪستان جي سفارتخاني ۾ پنهنجي آفيس وٺي ويو جيڪا چائنا رسورسز بلڊنگ (China Resources Building) جي انٽيهين منزل تي آهي. جيئن اُتي پهتاسون ته ڏٺم ته بنگلاديش جو سفارتخانو به ساڳي منزل تي پاڪستان جي سفارتخاني جي بلڪل پاسي ۾ آهي. اهو هڪ دلچسپ اتفاق لڳو. هانگ ڪانگ ۾ پاڪستان جو سفارتخانو هڪ مڪمل سفارتخانو نه پر هڪ ڪنسوليٽ جنرل (Consulate General) آهي. اهو عجيب ۽ حسين اتفاق هو جو هانگ ڪانگ جي سفارتخاني جا ٻئي اعليٰ آفيسر سنڌي هيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪونسل جنرل مسٽر سڪندر علي ڪيريو آهي ۽ ياءُ طارق سومرو وائيس ڪونسل آهي. طارق صاحب مون کي ڪيريي صاحب سان ملايو. ڪيريو صاحب بہ هڪ ملٺو جُلٺو خوش مزاج ۽ دلچسپ شخص نظر آيو. ڪجھ دير لاءِ ويناسين تہ ڪيريي صاحب ٻڌايو تہ ٿوريءَ دير ۾ وفاقي محتسب پنهنجي ٽيم سان گڏ سفارتخاني پهچندو. بس پندرهن منٽ بہ مشڪل سان گذريا هوندا جو وفاقي محتسب جسٽس (رٽائرڊ) عثمان علي شاهہ صاحب، پنهنجي ٽيم جي ٽن ميمبرن سان گڏ سفارتخاني ۾ پهچي ويو. جڏهن منهنجو ساڻس تعارف ٿيو تہ وفاقي محتسب صاحب ڪان چڻ چرڪ نڪري ويو ۽ مون سان هن طرح مخاطب ٿيو، "هڪ عنايت بلوچ ورلڊ ڪپ جي مئچن ۾ ڪمينٽري دوران ڪجھ تبصرا پيو ڪندو هو، اوهان اُهي تہ نہ آهيو؟." بجاءِ مان ڪو جواب ڏيان، ياءُ طارق سومري ڪين ٻڌايو، "اُوهان صحيح سڃاتو آهي، هي ساڳيو عنايت بلوچ آهي." پوءِ تہ جسٽس صاحب بيهر اُٿي وڌو ڀاڪر پائي مليو ۽ اهڙي ريت سندس ٽيم جا ٻيا ميمبر بہ ڏاڍي چاهہ ۽ قرب مان مليا. جسٽس صاحب پنهنجي محبت ۽ قربن جو اظهار وڌيڪ هن طرح ڪيو، "توهان تہ اسان لاءِ وڏي سوکڙي آهيو، اسان اوهان جو قدر ڪريون ٿا جو اوهان بہ چڻ ورلڊ ڪپ جي فاتحن ۾ شامل آهيو." شيخ شوڪت علي صاحب جيڪو وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ سنڌ جو هڪ اهم ميمبر آهي، ان چيو، "بلوچ صاحب مون کي ٽيليويزن ڏسڻ جو وقت گهٽ ملندو هو تنهنڪري مان اوهان جي ڪمينٽري باقاعدگي سان ٻڌندو هوس. اوهان جا تبصرا ڏاڍا بروقت ۽ دلچسپ هوندا هيا. ڪافي دير وفاقي محتسب جسٽس (رٽائرڊ) سيد عثمان علي شاهہ ۽ سندس ساٿين ۽ سفارتخاني جي دوستن سان ڪچهريون ڪري اٿيس جو مون وٽ وقت تمام گهٽ هو ۽ ڪافي شاپنگ پڻ ڪرڻي هئي.

ياءُ طارق هڪ ماڻهو ساڻ ڪري ڏنو تہ اهو مون کي مناسب اگهن تي شاپنگ ڪرائي.

اهو ماڻهو جيڪو هڪ پاڪستاني هو ۽ ڏاڍو ڀلي مانس شخص تي نظر آيو مون کي هانگ ڪانگ جي مشهور شاپنگ مارڪيٽ "چُنگ ڪنگ مئنشن" (Chung King Mansion) وٺي ويو جتي شاپنگ لاءِ ڪافي دڪان نظر آيا پر صفائي سٿرائي ۽ اردگرد جو ماحول سنڌ جي ڪنهن ننڍي شهر جي شاپنگ مارڪيٽ جهڙو تي لڳو. ڪٿي ڪٿي تہ گند ڪچرو بہ نظر آيو. پوءِ ان دوست (جنهن جو نالو ياد نہ پيو اچيم) ٻڌايو تہ صفائي سٿرائي جو ڪو خاص انتظام ان ڪري ڪونہ هو جو هتي جو


Scanned with CamScanner

واپار اڪثر ڪري پاڪستاني ۽ هندستاني سيٺين جي قبضي ۾ آهي. مون جيڪا شاپنگ ڪئي تہ اُها بہ سنڌي هندوءَ جي دڪان تان ڪئي. اها ڳالهہ بلڪل واضح هئي تہ جيڪي سنڌي هندو اُتي آهن انهن جي دُڪانن تي ماڻهن جي پيهہ لڳل هوندي آهي. اهو فقط ان ڪري جو سنڌدن طرفان شين جا اگهہ ايترا تہ مناسب ۽ سچي مارڪيٽ جي ڀيٽ ۾ سستا آهن جو ماڻهو اڪثر ڪري ڪانئن ئي سامان وٺن ٿا. مان تہ چوندس تہ اسان مسلمانن کي، ۽ خاص ڪري سنڌي مسلمانن کي واپار ڪرڻ جو ڍنگ ۽ ڏانءُ اجا تائين هٿ نہ آيو آهي. برتاءُ ڪرڻ جو طريقو ٺيڪ نہ هوندو، اگهہ ۽ ريٽ ٻين جي مقابلي ۾ مٿي هوندا ۽ نتيجو اهو نڪرندو تہ جي هيڪر ڪو سنڌي هٺ جي ناتي پنهنجي سنڌي ڀاءُ جي دڪان تي چڙهيو تہ ڪَلَ لهرائي پوءِ هيٺ لهندو ۽ ان دڪان تي وڃڻ جو ٻيهر خواب بہ نہ لهندو. بهرحال سڀ ماڻهو هڪ جهڙا نہ آهن، ڪيترا اسانجا دوست پنهنجي بزنس ۾ ڪامياب ويا آهن، پر افسوس سان لکڻو ٿو پوي تہ اهڙن ڪامياب ڌنڌي وارن ماڻهن جو تعداد اٽي ۾ لوڻ برابر آهي.

حيدرآباد ۾ اسان جو دوست ابرار قاضي پنهنجو وسيع ۽ پکڙيل ڌنڌو نہ رڳو انتهائي ڪاميابيءَ سان هلائي رهيو آهي پر سنڌس اهڙي ٿڪ ڪوششون ساراهڻ جوڳيون آهن جن ذريعي هو سنڌي ماڻهن کي ننڍن ننڍن ڌنڌن ڏي مائل ڪري رهيو آهي. سنڌس چوڻ آهي تہ سنڌي ماڻهو ننڍا ننڍا ڌنڌا ۽ مزدوريون جيستائين نہ ڪندا تہ اڳتي هرگز نہ وڌي سگهندا.

مثال طور: ڀاءُ ابرار چوندو آهي تہ سنڌي ماڻهو پنڇر ڳنڍين، پلمبريءَ جو ڪم جاڻن، ويلڊنگ سکن، ورڪشاپن ۾ وڃن، درزڪو ۽ حجامڪو ڪم ڪن تہ جيئن هر ميدان ۾ هر جڳهہ تي ڪين ڪو مِهڻو نہ ملي تہ سنڌي ماڻهو هڏ حرام آهن ۽ ڪو ڌنڌو ڌاڙي هلائي نہ ٿا سگهن.

ڳالهہ ڪٿان ڪان نڪتي ۽ ڪٿي وڃي پهتي. اهو پئي ٻڌايم تہ هانگ ڪانگ ۾ مون کي ڪيترائي وڏا وڏا دڪان نظر آيا جن کي سنڌي هندو تمام ڪامياب نموني هلائي رهيا آهن. مون بہ ڪجهہ شيون خريد ڪيون جيڪي جڏهن پاڪستان ڪٺي پهتس تہ ڏٺم تہ ڪراچيءَ ۾ انهن شين جا اگهہ ڏري گهٽ ٻيڻ تي مٿي هيا.

چُنگ ڪنگ مئنشن ۾ گهمي ڦري ٿڪجي پيو هوس تنهنڪري سامان ڪٺي سڌو طارق صاحب جي گهر آيس. سامان رکي سمهي پيس تہ ننڊ اچي وئي. رات جي ماني اج وڏيڪ تڪلف واري هئي. ست- اٺ طعامَ نهيل هيا. ڪي تہ صفا سنڌي


Scanned with CamScanner

ڪاڌا هيا جيئن پلاؤ، جو ته سنڌي پلاؤ ۽ پاڪستاني برياني ۾ وڏو فرق آهي.

رات جو ڪافي دير تائين ڪچهريون ڪندا رهياسين. ياءُ طارق سومري جي جيون ساٿي هڪ فلپينو ڇوڪري آهي ۽ سندس نالو ماريه آهي. ادي ماريه نه رڳو خوبصورت آهي پر تمام گهڻي خوب سيرت پڻ آهي. ڳالهائڻ ٻولهائڻ منو، تهذيب وارو، اٿڻ ويهڻ ۾ شائستگي ۽ طبيعت ۾ سنجيدگي. مون ياءُ طارق کي، صحيح ساٿي کي ڳولي لهڻ تي ڪيس دل جي گهرائين مان مبارڪباد ڏني، جيڪا هن به پوري خلوص ۽ محبت مان قبول ڪئي.

رات جو هڪ وڳي رهيو هو. سمهڻ جي تياري ڪئي سون. مون کي بلڪل جدا ڪمرو ڏنائون. ٽوڙي جو ڪمري ۾ به بيڊ رکيل هيا ته به خالد ۽ نوشاد صاحب ٻي ڪمري ۾ وڃي سُتا، هڪڙو صوفي تي ليٽي پيو ته ٻيو هيٺ سمهي پيو، فقط ان ڪري ته متان مون کي ڪا تڪليف ٿئي. ٻه ڏينهن ۽ ٻه راتيون هانگ ڪانگ ۾ ياءُ طارق وارن وٽ رهيس پر منهنجو هر لحاظ سان ايترو ته خيال رکيائون جو مان سندن قربن ۽ محبتن کي ڪڏهن به وساري نه سگهندس.

## پئسفڪ پليس ۽ سٽي پلازا
## Pacific Place & City Plaza

اڄ 14 اپريل هئي ۽ مون کي بئنڪاڪ وڃڻو هو پر خوش قسمتيءَ سان منهنجي فلائيٽ جيئن ته شام جي هئي تنهنڪري اڄ هانگ ڪانگ جي مکيه جاين جڳهين کي ڏسڻ جو پروگرام ٺاهيو هيم، جنهن لاءِ به طارق صاحب قرب ڪيا. صبح جو ياڻ سان گڏ مون کي سفارتخاني ۾ وٺي ويو. ڪافي جو ڪوپ پياري هڪ نوجوان چيني مسلمان جيڪو پاڪستان جي سفارتخاني ۾ ملازم آهي، کي چيائين ته هو مون سان گڏجي هلي ۽ ٻن ٽن ڪلاڪن ۾ جيڪي هانگ ڪانگ جا مکيه ۽ مشهور هنڌ ۽ جايون جڳهيون هجن، اُهي ڏيکاري اچي.

چيني مسلمان ڇوڪرو جنهن جو نالو ياد نه پيو اچيم، مون کي سڀ کان پهريون فيري ذريعي ڪولون (Kowloon) وٺي ويو. فيري ۾ سوار ٿيڻ ڪانپوءِ وڏ ۾ وڏ ڏهن منٽن ۾ ڪولون پهتاسين جتي ٽڙ تڪڙ ۾ مکيه شاپنگ سينٽر ڏٺاسين، ڪيترائي وڏا وڏا شاپنگ مال ۽ شاپنگ سينٽر ڪولون ۾ آهن. هانگ ڪانگ ايئرپورٽ پڻ ڪولون ۾ آهي. پي آءِ اي جي آفيس ۽ ٻيون ڪيتريون ئي تمام وڏيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏيون آفيسون پڻ ڪولون ۾ آهن. سچو ڏينهن فيرين توڙي ايم ٽي آر (Mass Transport Railway) ذريعي ماڻهو پيا هانگ ڪانگ ۽ ڪولون جي جاڙن شهرن ۾ گهمن ڦرن ۽ اچن وڃن. ان ڪانپوءِ پئسفڪ پليس (Pacific Place) آياسين، جيڪو هانگ ڪانگ جو شايد وڏي ۾ وڏو شاپنگ مال (Shopping Mall) آهي. پئسفڪ پليس هڪ عظيم الشان بلڊنگ آهي جيڪا هانگ ڪانگ ۾ شاپنگ جي لحاظ سان مشهور علائقي "ائڊمائرلٽي" (Admiralty) جي وچ ۾ آهي. ڪيترين ئي منزلن جي هيءَ عمارت جديد تعمير جي فن جو هڪ نادر نمونو آهي. هن عمارت ۾ خريداريءَ لاءِ سوين نه پر هزارين نمونن جون جدا جدا ڪارنرس آهن. مثال طور ڪپڙي جو سيڪشن جدا آهي. ريڊي ميڊ گارمينٽس، ٿانوَ (ڪراڪري) هار سينگار جو سامان مطلب ته ڪيتريون ۽ ڪهڙيون شيون ڳڻائجن. هتي اهو به واضح ڪندو هلان ته مان اهو هر گز نٿو چوڻ چاهيان ته مختلف شين لاءِ مختلف سيڪشن رڳو هانگ ڪانگ جي پسئفڪ پليس ۾ آهن. مون دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ وڏا وڏا شاپنگ مالز ڏٺا آهن جن ۾ پڻ مختلف قسمن جون شيون جدا جدا جڳهن تي بيحد خوبصورتيءَ سان رکيل، سينگاريل ۽ سنواريل هونديون آهن، پر مختلف جنسن جي جيتري گهڻائي (Abundance of Variety) مون کي هانگ ڪانگ جي پئسفڪ پليس ۾ نظر آئي اُها شايد ئي ٻيو ڪٿي نظر آئي هجي سواءِ لنڊن جي "هئرڊس" (Harrods) جي.

پئسفڪ پليس گهمندي گهمندي هڪ فوڊ فيئر ريسٽورنٽ (Food Fare Restaurant) ڏٺوسين جنهن ۾ نه رڳو هانگ ڪانگ جا يا چيني کاڌا نهن ٿا پر دنيا جي مختلف ملڪن جا مشهور کاڌا به ملن ٿا. مثال طور انڊين برياني يا ڀوڙ (Curry) يا ٻيون ڪيتريون ئي انڊين ڊشز هتي ملن ٿيون. مون اوهان کي پنهنجن اڳين سفرنامن ۾ ٻڌائي ڇڏيو آهي ته پاڪستاني ڊشز جي نالي سان ٻاهرين ملڪن ۾ ڪابه شيءِ نٿي ملي ڇو ته اسان پاڪستاني ماڻهو شروع کان وٺي احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا رهيا آهيون، جنهن ڪري پنهنجين شين توڙي کاڌن کي ٻاهرين ملڪن ۾ مشهور نه ڪرائي سگهيا آهيون. مون اڳين سفرنامن ۾ اوهان کي اهو به ٻڌايو هو ته لنڊن ۾ ڪجهه اهڙا ريسٽورنٽ به ڏٺا هئم ۽ انهن ۾ وڃي ماني به کاڌي هيم جيڪي هيا ته پنجاب ۽ خاص طرح چنيوٽ جي چوڌرين جا پر انهن تي هيٺ ڄاڻايل بورڊ لڳل هيا:

"هي ريسٽورنٽ انڊين ڊشز جي ڪري مشهور آهي." "اندر لنگهي اچو ۽ بيحد لذيذ انڊين برياني ۽ چڪن ڪري واپرايو، وغيره وغيره."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون ته ان وقت ڪائونٽر تي ويٺل هڪ چوڌري صاحب سان چڱو خاصو جهيڙو به ڪيو هو ته هو ڪهڙي قسم جو پاڪستاني هو جيڪو پاڪستاني ڪاڻن جا بورڊ لڳائڻ جي بجاءِ ان ملڪ جا بورڊ لڳايون ويٺو هو جنهن کي هو پاڻ وڏي ۾ وڏو دشمن ڪري ڪوٺيندا آهن. مون کي ياد آهي ته چوڌري صاحب مون کي هي جواب ڏنو هو:

”اسان ديس ڇڏي پرديس فقط پيٽ جي پوڄا ڪرڻ آيا آهيون، جي وطن جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪئي سين ته بک مرنداسون.“

پئسفڪ پليس جي چوٿين منزل تي هڪ بيحد خوبصورت باغيچو پڻ آهي جنهن ۾ اڪيچار قسمن جا گل، ٻوٽا ۽ وليون آهن. باغيچي ۾ وڃي وري هيٺ لهڻ تي دل نٿي چيو. گلن ٻوٽن ۽ ولين جو ايڏو ته جڳ مڳ نظارو هو جو هڪ شاعر لاءِ اها ڳالهه بيحد رنج ڏيندڙ هئي ته مان فقط اڌ ڪلاڪ اُتي ترسي وري هيٺ لهي آيس، نه ته دل پئي چيو ته رنگ برنگي گلن ۽ ڇُهچ ساين ولين جي وچ ۾ ويهي ڪي گيت لکجن ۽ شاعري ڪجي. ڇا ته قدرتي حُسن جي سونهن ۽ سُرهاڻ هئي ۽ ڇا نه دلڪش ۽ خوبصورت نظارو هو.

پئسفڪ پليس جون به بلڊنگس آهن، هڪ پئسفڪ پليس نمبر 1 ٻي پئسفڪ پليس نمبر 2. ٻنهي بلڊنگن کي چڱيءَ طرح گهمڻ ڦرڻ ۽ ڏسڻ وائسڻ لاءِ به ٽي ڏينهن گهرجن ۽ مون وٽ ٽوٽل ٽائيم به چار ڪلاڪ مس هيا جن ۾ هانگ ڪانگ جون ٻيون مکيه جايون جڳهيون به ڏسڻيون هيون. بهرحال ڪلاڪ ڏيڍ پيسفڪ پليس جو نظارو ڪري ايم ٽي آر (Mass Transport Railway) ذريعي ٽائڪو (Taikoo) پهتاسين. هانگ ڪانگ ۾ زير زمين هلندڙ ٻن ڪمپنين جون مشهور ٽرينون آهن جيڪي سڄو ڏينهن پيون هانگ ڪانگ ۾ هلن ۽ مسافرن جي آمدرفت ۾ سهوليت پيدا ڪن. هڪ آهي ايم ٽي آر جيڪا مٿي لکي اٿم ۽ ٻي آهي ڪي سي آر يعني (Kowloon - Canton Railway).

مان ڪي سي آر ۾ سوار ٿي نه سگهيس باقي ايم ٽي آر ۾ سوار ٿيڻ سان ٽي جائزو ورتم ۽ محسوس ڪيم ته پئرس جي ميٽرو وانگر هانگ ڪانگ جي ايم ٽي آر ۾ به صفائي سٿرائي جو تمام سٺو انتظام آهي. سيٽون به ڏاڍيون سٺيون ۽ آرام واريون آهن جن تي ويهي لطف اچي ٿو. ٽائڪو ۾ پهچي هڪ وسيع ۽ ڪشادو شاپنگ مال ٽائڪو شنگ، (Taikoo Shing) ڏٺوسين جيڪو سٽي پلازا (City Plaza) جي نالي سان مشهور آهي. هتي ته وري خريدارن جا هجوم ۽ ماڻهن جا انبوهه لڳا پيا

هيا. هتي بہ الائي ڪيترن قسمن جون شيون ۽ جنسون موجود هيون ۽ ايڏي تہ خوبصورتيءَ سان سينگاريل ۽ سنواريل هُيون جو مون کي هاڻي اهو فيصلو ڪرڻ ۾ ڏکيائي پئي محسوس ٿئي تہ پسئفڪ پليس ۾ خريداري لاءِ ورائٽي زياده هئي يا هتي سٽي پلازا ۾. منهنجو خيال آهي جڏهن منهنجو هي ڪتاب ڇپجي مهربان پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچندو تہ انوقت تائين ياءُ طارق سومرو* بہ هانگ ڪانگ کان واپس ٿي چڪو هوندو ۽ اهو ئي صحيح فيصلو ڏئي سگهندو تہ پئسفڪ پليس ۽ سٽي پلازا شانگ مالز مان وڌيڪ ورائٽي ڪٿي آهي. ڪانٽس اهو بہ پُڇي ڪنهن ٻئي موقعي تي يا ٻي ڪتاب ۾ پنهنجن مهربانن کي ٻڌائبو تہ جي خريداري ڪندي پنهنجي کَلَ نہ لهرائڻي هجي تہ ٻنهي شاپن مالز مان ڪٿي وڃجي. منهنجو مشاهدو تہ اهو ٿو ٻڌائي تہ کَلَ ٻنهي جڳهين تي لهندي ۽ ڏايو سور بہ ٿيندو. بس جي هانگ ڪانگ ۾ خريداري ڪندي کَل بچائڻي آهي تہ پوءِ چُنگ ڪنگ مئنشن (Chung King Mansion) تي وڃي خريداري ڪجي جتي شين جون قيمتون ڪافي حد تائين مناسب آهن. ڪلاڪ ڏيڍ سٽي پلازا گهمندا رهياسين، جتي ڀانت ڀانت جا ماڻهو ۽ طرحين طرحين خريداري جون نيون نيون ۽ جديد شيون ڏسي حيرانگي وٺي وئي.

گهمي ڦري چاڻتا رسورسز بلڊنگ ۾ آيس جتي طارق صاحب منهنجي انتظار ۾ ويٺو هو. طارق صاحب سان گڏجي سندس گهر آيس. جتي چاءِ پي سامان کڻي ايئرپورٽ لاءِ روانا ٿياسين. مان پوين صفحن ۾ اوهان کي ٻڌائي آيو آهيان تہ ڪيڏي نہ مشڪل سان طارق صاحب جي ذاتي دلچسپي ۽ ڪوشش سان، گلف ايئر ۾ منهنجي سيٽ هانگ ڪانگ- بئنڪاڪ سيڪٽر جي بوڪ ٿي سگهي هئي.

## هانگ ڪانگ کان بئنڪاڪ Hong Kong to Bangkok

هانگ ڪانگ کان ايئرپورٽ ويندي رستي تي مون طارق کان پڇيو، ”هانگ ڪانگ ۾ ڏوهہ ٿين ٿا يا نہ ۽ جي ٿين ٿا تہ گهٽي تعداد ۾ يا ڪڏهن ڪڏهن؟“ طارق صاحب وراڻيو، ”ڏوهن جو تعداد تشويشناڪ حد تائين تہ وڌيل ڪونهي، باقي هتي ڏوهہ ٿين ضرور ٿا. مثال طور دڪانن کي لٽڻ ڦرڻ جا واقعا گهڻ ٿين ٿا. زيورن جا دڪان گهڻو ڪري زياده ٿا ڦرجن.“

منهنجي سوال جي جواب ۾ وڌيڪ ٻڌايائين تہ ”لُٽ ڦر جي ڏوهن ۾

* طارق سومرو صاحب تازو هانگ ڪانگ کان واپس ٿي، فارين آفيس اسلام آباد پهچي ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪي ماڻهو ملوث آهن اُهي هانگ ڪانگ ۾ رهندڙ چيني آهن جن کي هتان جي اصطلاح ۾ ٽرائيڊس (Triads) چئجي ٿو. وڌيڪ ٻڌايائين ته ڪجهه سال اڳ ته هانگ ڪانگ ۾ مجرمانه ڪارروايون ان حد تائين وڌيل هيون جو هتي جي حڪومت بيحد پريشان ٿي وئي هئي. اها وڌيڪ وضاحت ڪندي طارق ٻڌايو ته ”هانگ ڪانگ جا (Triads) بين الاقوامي مافيا سان مليل آهن، جيڪي هتي ڌاڙن، چورين، ٻِنڪن کي لُٽڻ ۽ زيورات جي دڪانن کي ڦرڻ کان علاوه مُلڪ سان فراڊ ۽ ڌوڪيبازي جي الزامن ۾ پڻ ملوث آهن.“

ڳالهين ڳالهين ۾ ايئرپورٽ پهچي وياسين. پاڻ طارق سومرو مون کي اندر لائونج تائين ڇڏڻ آيو ۽ منهنجي فلائيٽ جي روانگيءَ تائين ترسڻ ٿي چاهيائين پر جيئن ته اُڏام ۾ اڃا ڪافي دير هئي ته مون کيس چيو ته هو ڀلي واپس ٿئي جو سڄو ڏينهن آفيس ۾ ڪم ڪري ڪجهه ٿڪل ٿي نظر آيو.

هانگ ڪانگ جي وقت موجب شام جو 6 وڳي گلف ايئر جو جهاز اڏاڻو ۽ فقط پوڻن ٻن ڪلاڪن ۾ اچي بئنڪاڪ پهتاسين. بئنڪاڪ ۾ انوقت شام جا 7 وڳا هيا جو ته بئنڪاڪ، هانگ ڪانگ کان هڪ ڪلاڪ پٺتي آهي.

## بئنڪاڪ کان ڪراچي Bangkok to Karachi

بئنڪاڪ ايئرپورٽ تي مون کي پورا ساڍا پنج ڪلاڪ انتظار ڪرڻو هو جو ته پي آءِ اي جي فلائيٽ PK 761 جيڪا ٽوڪيو کان رواني ٿي هئي ۽ جنهن ۾ منهنجي گهرواري اچي رهي هئي، رات جو ساڍي ٻارهين وڳي بئنڪاڪ پهچڻي هئي. اٿين ڪٿي چئجي ته جيڪا فلائيٽ ٽوڪيو کان 14 اپريل تي رواني ٿي هئي سا 15 اپريل واري رات بئنڪاڪ پهچڻي هئي.

انتظار ڪري ڪري لاهه نڪري ويا. مون ڪوشش ڪئي ته ايئرپورٽ کان ٻاهر وڃي ٿورو شهر جو چڪر ڏئي اچان پر اجازت نه ملي. نيٺ مون اميگريشن جي هڪ ٻن ماڻهن سان رابطو ڪيو ته مون کي ٻاهر وڃڻ ڏين. اميگريشن جي هڪ آفيسر نيٺ مون کي چيو، ”ٻاهر وڃڻ جي توکي اجازت ڏيون ٿا پر گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه ڊالر توکي ڏيڻا پوندا.“ مان ڇرڪي ويس، سوچيم شايد 50 ڊالر ڪا سرڪاري فيس هوندي ايئرپورٽ کان ٻاهر وڃڻ جي.

مون اميگريشن واري کان پڇيو، ”پنجاهه ڊالر سرڪاري في آهي ڇا؟“ ورائيائين، ”سرڪاري پوزيشن اها آهي ته تون ايئرپورٽ کان ٻاهر نٿو وڃي سگهين،


Scanned with CamScanner

پر جيئن تہ توکي اسان پنهنجي ذميواريءَ تي ٻاهر وڃڻ ڏينداسين تہ پنجاهہ ڊالر اسانجي غير سرڪاري في هوندي."

مان سڄي ڳالهہ سمجهي ويس تہ هي پاڪستان واري "فضلِ ربي" جا هيراڪ آهن ۽ رشوت ٽا گهرن.

مون کي هونئن بہ ڪيترن ئي ماڻهن اڳ ۾ بہ ٻڌايو هو تہ ٿائلئنڊ جا ماڻهو تمام گهڻا راشي ۽ ڪرپٽ آهن تنهنڪري اُتي هوشيار رهڻ جي ضرورت آهي.

مون اميگريشن آفيسر کي طنزيہ نموني Thank you چيو ۽ وڌيڪ چيو مانس تہ بس هاڻي ٻاهر وڃڻ جي ضرورت نہ هئي. اميگريشن آفيسر ٻُوٿ پيلو ڪري هليو ويو.

مان سڌو ايئرپورٽ جي ريسٽورنٽ ۾ هليو ويس ۽ رات جي ماني کائي آيس. ريسٽورنٽ ڏاڍو سٺو هيو، بک بہ لڳي هئي، انڪري ماني بہ ڏاڍي وڻي. ٻہ ڪلاڪ ڪن ريسٽورنٽ ۾ ويهي رهيس جتي ٽيليويزن آڏو ويهي دلچسپ پروگرام ڏٺم.

سادي ٻارهين جي بجاءِ رات جو ٽيڊ وڳي PIA جي فلائيٽ پهتي. جيئن جهاز ۾ سوار ٿيس تہ منهنجي گهرواري جيڪا دروازي جي پرواري سيٽ تي ويٺل هئي ۽ مون اچا ڪيس نہ ڏٺو هو تنهن فوراً آواز ڏنو.

منهنجي وَني مون کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي چو تہ ڪيس انديشو هو تہ متان مان هانگ ڪانگ ۾ ترسي پوان يا دوست مون کي مبادا بہ ٽي ڏينهن وڌيڪ ترسائي ڇڏين.

جهاز بئنڪاڪ ايئرپورٽ تي هڪ ڪلاڪ رڪيو. رات جو ادائي وڳي ٻيهر جهاز اڏاڻو ۽ پورن چئن ڪلاڪن جي آرام ڪانپوءِ صبح جو سادي ڇهين وڳي اچي ڪراچي ايئرپورٽ تي لٿاسين ۽ لهڻ شرط دل ئي دل ۾ الله پاڪ جا لکين شڪرانا ادا ڪيم، جنهن چئن ڏورانهن ڏيهن جي سير سفر کان پوءِ خيروعافيت سان وطن واپس ورايو.

– شڪر الحمد الله –

نيو فيلڊس طرفان جلد ايندڙ ڪتاب

## ڪيٽي ڪتاب (آتم ڪهاڻي)

جلد پهريون

رئيس ڪريم بخش نظاماڻي

نيو فيلڊس جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

## ڪراچي کان ڪوپن هيگن تائين

الطاف شيخ جي هن نئين سفرنامي ۾ خوبصورت
تصويرون ڏنل آهن- صفحا 200 – قيمت -/70 رپيا.

## ڪٿي ته پهچبو ٿڪ مسافر

آتم ڪهاڻي

شيخ اياز

الطاف شيخ جا يورپ متعلق ٽي نوان سفرناما

* اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا
* مليو کان مالمو
* جت برف پئي ٿي جام

## قيدي (ناول)

مصنف: فخر زمان

ضياءالحق جي دور ۾ هن ڪتاب کي پاڪستان ۾ ڇپڻ جي اجازت نه ملي.
هي ناول دنيا جي مختلف ٻولين ۾ شامل ٿي چڪو آهي.

## مونجهارن ۾ قاتل هڪ شخص

مصنف: ڊاڪٽر صالح

ڪتاب ڪارو ڪاري ۽ حوالي جا راز کان پوءِ
پنهنجي نوعيت جو منفرد ڪتاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اوڙاه

مصنف: غلام نبي مغل

سراج جي ناولن "پڙاڏو سوئي سڏ" ۽ "مرڻ مون سين آءُ" کان پوءِ تاريخ جي پس منظر ۽ موجوده حالتن تي لکيل هڪ اهڙو ناول جنهن ۾ سنڌين کي پنهنجي بقا لاءِ روزانو سوين جوڙا قربان ڪرڻا پوندا هئا. پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏڻا پيا. دربدر جون ٺوڪرون کائڻيون پيون، پنهنجون عزتون اکين اڳيان لٽجنديون ڏسي بيوسي جي عالم ۾ سواءِ رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ جي، ڪجهه نه ڪري ٻي سگهيا. موت جو راڪاس سنڌين سان پاڇي وانگر هر وقت گڏ هوندو هو. ڪابه جاءِ سنڌين لاءِ محفوظ نه رهي هئي. اهڙين حالتن ۾ جڏهن سنڌين متحد ٿي يڪراءِ فيصلو ڪيو ته...... ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل- 410 صفحا- خوبصورت ٽائيٽل- پڪي جلد ۾- قيمت =/150 رپيا.

# ڪيٺي ڪتاب

(آتم ڪهاڻي- جلد پهريون)

رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻيءَ پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ راڳ رنگ، فلم، اداڪاري، سياست، سياحت، ادب، تهذيب و تمدن متعلق ايڏا ته سچا، واقعات ۽ ڳالهيون تفصيل سان لکيون آهن جو ڪتاب پورو ڪرڻ کان اڳ ڇڏڻ تي دل نه چوندي. ادبي، تفريحي، علمي، فني ۽ حقيقي نقط نگاهه کان هن ڪتاب کي وڏو مقام ۽ اهميت حاصل آهي. ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل. صفحا 460- پڪي جلد ۾- خوبصورت ٽائيٽل- 40 کان وڌيڪ اهم شخصيتن جون تصويرون ڏنل- قيمت =/150 رپيا.

# منهنجي سڀ کان پياري ڌيءُ

ذوالفقار علي ڀٽي جيل جي ڪوٺيءَ مان پنهنجي پياريءَ ڌيءُ بينظير ڀٽو کي سندس سالگره جي موقعي تي تحفي طور هيءُ طويل خط لکيو هو، جيڪو دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ترجمو ٿي مقبوليت حاصل ڪري چڪو آهي. هن خط ۾ ملڪي ۽ غير ملڪي حالتن ۽ خارجي پاليسين تي بحث ۽ اڳڪٿيون ٿيل آهن، جيڪي ٿورو وقت گذرڻ کان پوءِ ئي حقيقت جو روپ اختيار ڪري چڪيون آهن- خوبصورت ٽائيٽل- پڪي جلد سان- قيمت =/50 رپيا.

# پياسي ڌرتي، رمندا بادل

سراج جو هيءُ مشهور و معروف ناول ٽن ڪتابن تي مشتمل آهي، جيڪي هي آهن: "منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل"، "تنهنجي دنيا، سڀ رنگ سانول" ۽ "منهنجي دنيا، مرگهه ترشنا". هي ٽئي ڪتاب هڪ ناول جي صورت ۾ آهن. ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل. صفحا 536- پڪي جلد سان- قيمت =/120 رپيا.

# تـــذاچـــب

ايشور چندر موجوده وقت ۾ سنڌي زبان جو وڏو ڪهاڻيڪار آهي. سندس ڪهاڻيون سنڌيءَ جون بهترين ڪهاڻيون آهن ۽ سندس ڪهاڻين جي ڀيٽ ترقي يافته ملڪن جي وڏن ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين سان ڪري سگهجي ٿي. صفحا 208- قيمت =/40 رپيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نيو فيلڊس جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

| | |
|---|---|
| ڪراچيءَ ڪان ڪوپن هيگن (سفرنامو) | الطاف شيخ |
| ڪٿي تہ پڄبو ٽڪ مسافر(سفرنامو/ آتم ڪهاڻي) | شيخ اياز |
| جت برف پئي ٿي جام (سفرنامو) | الطاف شيخ |
| قيدي (ناول) | فخر الزمان |
| مونجهارن ۾ قاتل هڪ شخص (ڪهاڻيون) | ڊاڪٽر صالح |
| ملير ڪان مالمو (سفرنامو) | الطاف شيخ |
| اڄن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا (سفرنامو) | الطاف شيخ |
| اوڙاهہ (ناول) | غلام نبي مغل |
| آواره (ناول) | موهن ڪلپنا |
| هرڻ اکي ڪيڏانهن (شاعري) | شيخ اياز |
| ڪيئي ڪتاب – جلد 1 (آتم ڪهاڻي) | ڪريم بخش نظاماڻي |
| پياسي ڌرتي رمندا بادل (ناول) | سراج |
| منهنجو وطن منهنجا ماڻهو | لوڪ رام ڏوڏيجا |
| سانگهڙ (ناول) | محمد عثمان ڏيپلائي |
| جَرَ ڏيئا – جهمڪن (شاعري) | شيخ اياز |
| مُٺ مُٺ موتين جي | محمد ابراهيم جويو |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book